# قومن جي تباهيءَ جي تاريخ

ليکڪ

**هارون يحيٰ**

سنڌيڪار

**خالد ڀٽي**

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪتاب نمبر
302

سپ حق ۽ واسطا محفوظ

ڇهريون ڇاپو: 2012ع
ڪتاب جو نالو: قومن جي تباهيءَ جي تاريخ
ليکڪ: هارون يحيٰ
سنڌيڪار: خالد ڀٽي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: امتيازعلي انصاري
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
قيمت: 150/= رپيا

"Qoman Jee Tabahi jee Tarekh"
By: Haroon Yahiyaa
Translated by: Khalid Bhatti
Published by: Sindhica Academy,
B_24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi_74400 Phone:021_32737290
www.sindhica.org
Email:sindhica_academy@yahoo.com

## اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 5628368-071،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 —
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 343115-0300
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر- ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين-جنيد بوڪ اسٽور ۽ رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ- ممتاز ڪتاب گهر دادو-حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - سعيد بوڪ اسٽور، گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور- المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- سرتاج ۽ گلزار بوڪ اسٽور، ڪنڌڪوٽ- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- ڪنول ڪتاب گهر، مورو- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ٿر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 3319565-0300، عطار ڪتاب گهر، بدين، جنيد بوڪ اسٽور، دادو، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو،

لکپڙهه ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ
74400ڪراچي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



# سٽاءُ


قومن جي تباهي لاءِ جوڙيل الله جو قانون — مولانا ابوالڪلام آزاد ........ 7
پيش لفظ ........ 17
اڳوڻيون قومون ........ 21

حضرت نوح عليه السلام جي قوم ........ 29
طوفان نوح ........ 29
قرآن پاڪ ۾ حضرت نوح عليه السلام ۽ طوفان جو ذڪر ........ 32
حضرت نوح عليه السلام جو پنهنجي قوم کي حق جي دعوت جي ڏيڻ: ........ 32
حضرت نوح عليه السلام جو پنهنجي قوم کي الله جي پڪڙ کان ڊيجارڻ: ........ 33
حضرت نوح عليه السلام جي قوم جو انڪار ........ 33
حضرت نوح عليه السلام جي قوم جو حق وارن سان سلوڪ ........ 35
الله پاڪ طرفان حضرت نوح عليه السلام کي ڏڪارو نه ٿيڻ جو تاڪيد ........ 36
حضرت نوح عليه السلام جي دعا ........ 36
ٻيڙيءَ جي تياري ........ 37
حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي هلاڪت ........ 37
حضرت نوح عليه السلام جي پٽ جي هلاڪت ........ 38
ايمان وارن جو ڇوٽڪارو ........ 39
طوفان جي نوعيت ........ 39
بلند مقام تي ٻيڙيءَ جو بيهڻ ........ 40
طوفانِ نوح عليه السلام ۾ نصيحت ........ 41
الله سائين وٽ حضرت نوح عليه السلام جو مقام ........ 41
طوفان نوح سان ٿيندڙ تباهيءَ جون حدون ........ 41
ڇا سيئي جانور ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيا ويا؟ ........ 44
طوفان نوح جي اوچائي ڪيتري هئي؟ ........ 46




سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار




طوفان نوح جو هنڌ يا حدون ........ 46
قديم آثار ۽ طوفان نوح ........ 47
سيلاب جو تذڪرو ڪندڙ مذهب ۽ قومون ........ 52
قديم عهد نامي ۾ طوفان نوح جو تذڪرو ........ 53
جديد عهد نامي ۾ طوفان نوح جو تذڪرو ........ 56
ٻين قومن وٽ طوفان نوح جو تذڪرو ........ 57

حضرت ابراهيم عليه السلام جي زندگيءَ جا حالات ........ 61
قديم عهد نامي ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جو تذڪرو ........ 64
قديم عهد نامو ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ولادت جو هنڌ ........ 65
قديم عهد نامي ۾ تحريف ڇو ڪئي ويئي؟ ........ 66

حضرت لوط عليه السلام جي قوم جو احوال ........ 69
قومِ لوط جي ڏيهه جو نشانيون ........ 78
پومپائي (pompeii) جو انجام ........ 82

عاد قوم جو تذڪرو ........ 85
ارم شهر جا قديم آثار ........ 89
قوم عاد ........ 92
عاد جي اولاد ۽ حضر موت وارن جا حالات ........ 93
عاد جا چشما ۽ باغ ........ 96
عاد جي تباهي ........ 98

ثمود جي قوم جا حالات ........ 103
حضرت صالح عليه السلام جون تبليغي ڪاوشون ........ 104
قديم آثار ۽ ثمود قوم ........ 110

ٻڏي مرندڙ فرعون جو تذڪرو ........ 115
مذهبي عقيدا ........ 117
آمن حو تپ چوٿون (Amenhotep_iv) : موحد فرعون ........ 119
حضرت موسيٰ عليه السلام جي بعثت ........ 121

فرعون جي درٻار ........ 124
فرعون ۽ ان جي پيروڪارن تي ايندڙ عذاب........ 125
مصر مان نڪرڻ ........ 129
ڇا اهو واقعو بحيره روم جي ڪناري يا ڳاڙهي سمنڊ ۾ پيش آيو؟ ........ 131
فرعون ۽ سندس لشڪر جو ٻڏڻ ........ 132

اهل سبا ۽ عرم واري ٻوڏ ........ 137
سبا ملڪ تي ايندڙ عرم جي ٻوڏ ........ 140

حضرت سليمان عليه السلام ۽ راڻي سبا ........ 147
حضرت سليمان عليه السلام جو محل ........ 152

اصحاب ڪهف ........ 155
ڇا اصحابِ ڪهف ايفيسس ۾ آهن؟ ........ 161
ڇا اصحابِ ڪهفِ طرسوس (Tarsus) ۾ آهن؟ ........ 163

حاصل ڪلام ........ 165

ڪتابيات، حاشيا ۽ حوالا ........ 170

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار

مهاڳ

# قومن جي تباهي لاءِ جوڙيل الله جو قانون

مولانا ابوالڪلام آزاد

توهان ڌرتيءَ جي ڪنهن به حصي تي ڪنهن به قوم کي ڏسو ته معلوم ٿيندو ته سڄي انساني تاريخ هن ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهي ته وارث ۽ ميراث جو هڪ داستان آهي. يعني هڪ قوم جي جمت ٿي اها متجي وئي ته وري پويان ٻي قوم آئي جيڪا ان جي وارث بڻي. وري اها به مِٽجڻ جي عمل مان گذري ۽ ٽئين وارث جي لاءِ جڳهه خالي ٿي. قرآن چوي ٿو ته هتي وارث ۽ ميراث ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونهي. هاڻي سوچڻ جي ڳالهه هي آهي ته جيڪي ورثو ڇڏڻ تي مجبور ٿين ٿا، سي ڇو ٿا ٿين ۽ جيڪي وارث ٿين ٿا سي وراثت جا حقدار ڪيئن ٿا بڻجن. قرآن چوي ٿو ته انهيءَ لاءِ خدا جو هڪ اٽل قانون ڪم ڪندو آهي ته زمين جو وارث مفيد ماڻهن کي ئي بڻايو ويندو آهي. (انبياءَ 105)

يعني قومن جي زندگيءَ ۾ هي قانون اٽل آهي ته جن ماڻهن ۾ انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ جي صلاحيت هوندي آهي جيڪي صالح قومون هونديون آهن تن کي ئي فرمانروائي ملندي آهي. صلح جي معنيٰ آهي سنوارڻ ۽ فساد جي معنيٰ آهي بگاڙڻ، صالح ماڻهو اهو آهي جيڪو پاڻ کي سنواري وٺي ٿو ۽ ٻين ۾ سنوارڻ جو استعداد پيدا ڪري ٿو. انهيءَ ڪري خدا قانون هي جوڙي ڇڏيو ته زمين جي وراثت سنورجڻ ۽ سنوارڻ وارن انسانن جي حصي ۾ ايندي. انهن ماڻهن لاءِ وراثت جو قطعي حصو ناهي جيڪي ماڻهو اعتقاد توڙي عمل ۾ ڪري وڃن ٿا ۽ سنوارڻ جي جاءِ تي بگاڙڻ وارا بڻجي پوندا آهن.



توريت، انجيل ۽ قرآن ٽنهي زمين جي وراثت جو ورائي ورائي استعمال ڪيو آهي ۽ غور ڪيو ته اتي اها صورتحال ڪيئن قطعي ۽ سچي ڪري ڏيکاري ۽ ٻڌائي وئي آهي. دنيا جي هر حصي ۾ اسان ڏسون ٿا ته هڪ قسم جي بدلجندڙ ميراث جو سلسلو لڳاتار جاري آهي. يعني هڪ فرد يا هڪڙو گروهه طاقت ۽ اقتدار حاصل ڪندو آهي، پوءِ اهو هليو ويندو آهي ته ٻيو فرد يا گروهه اچي انهن سڀني شين جو وارث بڻبو آهي. حڪومتون ڇا آهن، اهي به رڳو هڪ ورثو آهن، جيڪي هڪ گروهه مان نڪري ٻئي گروهه جي حصي ۾ اچي وڃن ٿيون. قرآن چوي ٿو ته ائين ڇو آهي؟ اهو انهيءَ لاءِ آهي زمين جي وراثت لاءِ اصلاح ۽ صلاحيت لازمي شرط آهي. جيڪو صالح نه رهندو ته ان جي پيرن جي هيٺان زمين کسڪي ويندي.

سورت رعد ۾ ٻڌايو ويو آهي اهو جيڪو به آهي سو حق ۽ باطل جي ملهه آهي. پر وري حق ۽ باطل جي حقيقت ڇا آهي؟ ڪهڙو قانون آهي جيڪو حق ۽ باطل جي ملهه ۾ ڪم ڪري ٿو؟ هتي اهو به ٻڌايو ويو آهي ته اهو بقا ۽ انفع يعني انساني نفعي بخشي جو قانون آهي. ليڪن قرآن ڪٿي انفع جي جاءِ تي اصلح جو به لفظ استعمال ڪري ٿو. لفظ ٻه آهن پر معنيٰ هڪ آهي. يعني الله تعاليٰ بقا ۽ هست جي قيام ۽ اصلاح جي لاءِ هي قانون جوڙي ڇڏيو آهي ته هتي اها ئي شيءِ باقي رهي سگهندي، جنهن ۾ انساني نفعي بخشي هجي. جنهن ۾ نفعي بخشي ناهي اها باقي نه رهي سگهندي. ان کي نابود ٿيڻ کپي. انڪري جو نفعي بخشيءَ ڪانسواءِ ڪائنات هستيءَ جي هيءَ جوڙ هي حسن ۽ هيءَ ارتقا قائم نٿي رهي سگهي ۽ انساني قافلو اڳتي هلي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪائنات ۾ خوبيءَ جي بقا ۽ خرابيءَ جي ازالي لاءِ هڪ اٽل قوت سرگرم نٿي رهي ته پوءِ ائين لازم ٿيندو. اها قوت يا سگهه ڇا آهي؟ اها فطرت جو انتخاب آهي. فطرت هميشه ڇاٽيندي رهندي آهي. ان ڇاٽيءَ مان فساد ۽ نقص ڇٽي گم ٿي ويندا آهن ۽ مٿان صرف خوبي ۽ برتري باقي رهندي آهي. قدرت طرفان ماڻهوءَ کي فطرت جي انهيءَ انتخاب کان بي خبر نه رکيو ويو آهي. قرآن چوي ٿو ته قدرت جي عطا ۽ جمال جو نظام ئي اهڙو آهي جو ان روءِ نفعي بخشي واري شيءِ ئي باقي رکي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ جو هتي رحمت ڪارفرما آهي ۽ رحمت جي تقاضا آهي ته رڳو فائدو ۽ فيضان هجي ۽ نقصان انهيءَ رحمت جي ريت ۾ نه هوندو آهي. قرآن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



چوي ٿو تہ جهڙي طرح اوهان مادي شين ۾ ڏسو ٿا تہ فطرت جي ڇاڻيءَ ۾ نفعي بخش شيون باقي رهنديون آهن ۽ جيڪي نفعي بخش نہ هونديون آهن، سي تلف ٿي وينديون آهن. بلڪل ساڳي طرح ساڳيو عمل انساني زندگيءَ جي ڪرت ۾ بہ جاري آهي تہ جيڪي ڪم سچ ۽ حق هوندا سي قائم ۽ ثابت رهندا ۽ جيڪي باطل هوندا سي مِٽجي ويندا. جڏهن بہ حق ۽ باطل جو مقابلو ٿيندو تہ بقا حق جي ٿيندي باطل جي نہ. قرآن انهيءَ کي قضا بالحق جو نالو ڏئي ٿو:

فَاِذَا جَآءَ اَمۡرُ اللّٰهِ قُضِیَ بِالۡحَقِّ وَ خَسِرَ هُنَالِكَ الۡمُبۡطِلُوۡنَ ( المؤمن ـ ٧٨)

يعني جڏهن فيصلي جو وقت اچي ويو تہ حق کي سربلند ڪيو ويو ۽ باطل پرست تباهہ ۽ برباد ڪيا ويا. قرآن چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪائنات اندر فطرت برائي ۽ نقصان کي ڇاٽيندي نہ رهي، چڱائي ۽ خوبيءَ کي بقا ۽ ڇمت نہ ملي تہ جهان جو نظام ئي تاراج ٿي پوي.

وَلَوِ اتَّبَعَ الۡحَقُّ اَهۡوَآءَهُمۡ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الۡاَرۡضُ وَ مَنۡ فِيۡهِنَّ ؕ ( المؤمنون ـ ٧١)

يعني جيڪڏهن حق وارو قانون انهن ڪريل ماڻهن، ڏاڍن ۽ استحصالين جي خواهشن جي پيروي ڪرڻ لڳي تہ پوءِ يقين ڪريو تہ هي زمين ۽ آسمان ۽ جيڪو ڪجهہ انهيءَ ۾ آهي سڀ درهم برهم ٿي رهجي وڃي. قرآن چوي ٿو تہ امتن، ملتن، قومن توڙي جماعتن جو اوج ۽ ادبار، هدايت ۽ ڀٽڪڻ جو معاملو بہ انهيءَ قانون سان لاڳاپيل آهي. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ جيڪو قانون ڪائنات ۾ هر گوشي ۽ هر ذري ۾ پنهنجو عمل ڏيکاريندو هجي، اهو هتي ماڻهن ۾ اچي بيڪار ٿي وڃي. جنهن قانون جي وسعت کان ڪائنات جو ڪو ذرو ٻاهر نہ هجي، قومن جو اوج ۽ ادبار ۽ پستي ۽ تباهي وري ان قانون کان ٻاهر هجي، سو ڪيئن ممڪن آهي! قرآن چوي ٿو تہ اهي قومن جا گذريل اعمال ئي آهن جيڪي انهن جو مستقبل ٺاهئن ٿا.

وري ان جي وڌيڪ تشريح ڪندي چوي ٿو تہ خدا ڪنهن قوم جي حالت ايستائين نٿو بدلائي جيستائين اها پنهنجي حالت پاڻ بدلائڻ جي اڳڀرائي نہ ڪري. يعني جيڪڏهن ڪا قوم بدحال آهي ۽ پنهنجي اندر هڪ اهڙي تبديلي پيدا ڪري وٺي ٿي جنهن سان خوشحالي پيدا ٿي سگهي ٿي، تہ خدا جو قانون هي آهي تہ اها تبديلي فوراً انهيءَ جي حالت بدلائي ڇڏيندي ۽ بدحاليءَ جي جاءِ تي خوشحالي اچي ويندي. اهڙي طرح



خوشحاليءَ مان بدحاليءَ جو ڦيرو بہ ائين ئي ايندو آهي. قرآن چوي ٿو تہ جڏهن هڪ قوم انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ جي عملي صلاحيت وڃائي ڇڏي ۽ ان پٺاندر پوزيشن جي تبديليءَ جي مستحق بڻجي پئي تہ پوءِ ضرور پستي ۾ وڃي رسندي. اها پستي ڪڏهن بہ ٽري نٽي سگهي. ڇاڪاڻ تہ اها خدا جي جوڙيل هڪ نُوس قانون جي ذريعي ملي ٿي. پوءِ ڪير آهي جيڪو خدا جي قانون جي نفاذ کي روڪي سگهي ۽ ڪير آهي جيڪو ان جي رڳڙ کان بچائي سگهي. قرآن انهيءَ کي قومن کي قومن سان بدلائڻ جو نالو ڏئي ٿو ۽ وري وري مسلمانن کي خبردار ڪري ٿو تہ جيڪڏهن اوهان نفعي بخشيءَ جي صلاحيت وڃائي ڇڏي تہ خدا توهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻي قوم کي اوج ۽ ترقي جي عظيم نعمت سان نوازيندو ۽ پوءِ اها قوم اهڙي نہ هوندي جيڪا توهان وانگر صلاحيت ۽ سڌاري کان محروم هجي.

قرآن چوي ٿو تہ اسان انهيءَ طرح سان قومن جا ڏينهن بدلائيندا رهندا آهيون ۽ هڪڙين قومن جي هٿان ٻين قومن جو زوال ايندو آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ جيڪر ظالم قومن جي هٿان مظلوم قومن جي تباهي هميشہ انهن جو مقدر بڻجي وڃي. جيڪڏهن اسان ڪمزور کي سگهاري جي ظلم کان بچڻ جي نصرت عطا نہ ڪريون تہ دنيا جو سُک ۽ سلامتي هميشہ لاءِ نهوڙجي وڃي ۽ قومن جي مٿان سلامتيءَ جا دروازا هميشہ بند ٿي وڃن. الله جي زمين تي عبادتگاهن جا اهي منارا ڪيرايا وڃن، جن عبادتگاهن ۾ الله جو نالو ڪثرت سان ورتو ويندو آهي. اهي سموريون مقدس عمارتون مٽيءَ جو ڍير بڻجي وڃن، جن ۾ پوڄا ۽ ذڪر جون پاڪ صدائون بلند ٿينديون آهن. هيءَ حسين ۽ جميل دنيا هڪ اهڙي ڀيانڪ هلاڪت ۽ بربادي‌ءَ جو منظر ٿي وڃي، جنهن جي مٿاڇري تي رڳو مئل انسانن جا هڏاوان پڃرن ۽ ڊٺل عمارتن جي ڀُريل مٽيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ اچي.

ايار ۽ پستيءَ جا هي انقلاب، جو پراڻيون قومون مات ٿي وڃن ۽ نيون قومون سندن جاءِ والارين، تاريخ جا اهي سڀ حادثا خدا جي انهيءَ هڪ ئي قانون هيٺ وجود ۾ اچن ٿا ۽ اُهو آهي بقاءِ اصلح يا انساني نفعي بخشيءَ جو فطرتي قانون. هي سڀ انهيءَ قانون جا ڪرشما آهن. انهيءَ ڪري جيڪا قوم حق تي آهي، اها ئي نفعي بخش آهي ۽ انهيءَ جي سلامتي ۽ بقا آهي يا اوج ۽

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

عروج آهي. ۽ جيڪا قوم حق پرستيءَ کان انحراف جو رستو وٺي ٿي، اها باطل ۽ غير نفعي بخش آهي، ۽ انهيءَ لاءِ بربادي ۽ فنا ۽ زوال ۾ ميسارجڻ آهي.

قرآن انهيءَ ڳوري حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ ان جو مثال ڪيڏن نه سادن ۽ ڪومل لفظن ۾ ڏنو آهي جو ان جي مشاهدي کان ڪا به اک محروم نٿي رهي سگهي. فرمايو ويو ته جڏهن پاڻي وسي ٿو ۽ زمين جي شادابي ۽ گلن جي ويس پهرڻ جو سامان مهيا ٿيڻ لڳي ٿو ته اهو پاڻي نالن ۽ وادين ۾ نهر بڻجي روان ٿئي ٿو. اهو پاڻي ڪٿي به رڪجي نٿو بلڪ جتي به ميراڻ ۽ ڪچرو موجود آهي ان کي ڌوئيندو گهليندو نالن ۽ ندين مان وڃندو وڃي ٿو. نئين زمين کي اوسر لاءِ جيترو پاڻي گهرجي سو مهيا ڪندو وڃي ٿو. ميراڻ ۽ ڪچرو گج بڻجي ترندا نظر اچن ٿا ۽ اڳتي هلي انهن جو وجود به نظر نٿو اچي. اهڙي طرح اوهان جڏهن سون چاندي يا ڪنهن به ڌاتوءَ کي باهه تي تپايو ٿا ته کوٽ الڳ ٿي وڃي ٿو ۽ خالص ڌاتو نروار ٿي بيهي ٿو. انڪري جو کوٽ جي لاءِ نابود ٿيڻ ۽ خالص ڌاتو لاءِ باقي رهڻ اهو قدرت جو قانون آهي.

اهو انڪري آهي جو اتي بقاءِ انفع/انساني نفعي بخشيءَ جو قانون ڪم ڪري رهيو هوندو آهي. هتي باقي اهو رهندو جيڪو نفعي بخش هجي جيڪو نفعي بخش ناهي اهو ڇاٽيو ويندو. ساڳي حقيقت حق ۽ باطل جي آهي. حق اها ڳالهه آهي جنهن ۾ نفعو هجي، پوءِ اهو ڪڏهن به مٽجڻ وارو ناهي ۽ باقي رهڻ ان جي فطري تقاضا آهي، ڇاڪاڻ ته حق جي معنيٰ ئي جمڻ ۽ باقي رهڻ آهي. ليڪن باطل اهو آهي جيڪو نفعي بخش ناهي، ان ڪري مٽجڻ ئي ان جي فطري تقاضا آهي.

هن حقيقت جو هڪ اهڙو پاسو به آهي جنهن کي اسان بقاءِ اصلح جي شڪل ۾ ڏٺو آهي ۽ قرآن ان کي اصلح به چيو آهي، ڇاڪاڻ ته صالح به اهو ئي آهي جيڪو نفعي بخش هجي. قدرت هستيءَ جي ڪارخاني ۾ بناوت ۽ تڪميل چاهي ٿي ۽ ان لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته نفعي بخش شيون باقي رکيون وڃن. ۽ غير نفعي بخش شيون ميساريون وڃن. انهيءَ ڪري ئي قرآن نافع کي حق ۽ غيرنافع کي باطل سڏيو آهي. جڏهن قرآن نافع کي حق سڏيو ته اهو واضح ڪري ڇڏيو ته حق ان شيءِ کي چوندا آهن. جيڪا ثابت ۽ قائم رهي ۽ ان جي لاءِ مٽجڻ ۽ زوال پذير ٿيڻ ۽ فنا يا ميسارجڻ ممڪن ئي نه هجي. اهڙي طرح باطل جي معنيٰ به وڃي اها ئي ميسارجڻ بيهندي. جڏهن

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڃي پائيوار



اهو ڪنهن شيءِ لاءِ چوي ٿو ته هي حق آهي ته صرف اها دعويٰ ناهي، بلڪ دعويٰ سان گڏ ان جي پرک جو هي معيار به پيش ڪري ٿو ته اها ڳالهه حق هجڻ جي ڪري مٽجڻ ۽ ٽرڻ واري ناهي ۽ ان جي بقا ۽ قيام لاءِ صرف ان جو حق هئڻ ڪافي آهي. ۽ جڏهن چيو وڃي ته هيءَ ڳالهه باطل آهي. ان جي عدم ۽ زوالپذيريءَ جي لاءِ ان جو باطل هئڻ ئي ڪافي آهي. وڌيڪ دليل جي ڪا گهرج ئي ڪونهي. هي ٻئي اصطلاح قرآن جا نرالا معارف آهن. ليڪن افسوس آهي ته جيڪڏهن اسان جا عالم انهيءَ جي ٺوس ۽ غيرمتبدل خدائي قانون جي طور تي غور ڪن ها ته جيڪر هنن کي اوپر ۽ اولهه جي تاويلن جي ضرورت ئي نه پوي ها ۽ قومن جي پستي ۽ اپار جي لاءِ وهمي سببن تراشڻ جي به ضرورت نه هجي ها.

ليڪن افسوس جو قوم جي رهنمائن غور ۽ فڪر کان ڪم جو نه ورتو ته پوءِ وڃي اپار جا وهمي نقشا چٽيا، ڪن وڃي يورپ جي تقليد کي اوج جي ڏاڪڻ سمجهيو ۽ ڪن وڃي غلاماڻي طريقن ۽ خوشامد کي ترقيءَ جو ذريعو سمجهيو. قرآن اسان مسلمانن جي اپار جو جيڪو ڪارڻ ٻڌايو اهو ڪارڻ اسان جي زوال جو به بيهاريو:

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ (آل عمران-١١٠)

قرآن چيو ته ”اوهان انساني نفعي بخشيءَ لاءِ ڪڍيا ويا آهيو.“

اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ط (الحج-٤١)

”توهان کي اپار ۽ عروج انهيءَ لاءِ ڏنو ويندو ته نماز قائم ڪندؤ، زڪواة جو نظام ٺاهيندو ۽ ماڻهن کي چڱاين قبول ڪرڻ جو نظام ڏيندو ۽ مداين ڇڏڻ جو ماحول فراهم ڪندؤ. مٿيون ٽئي شيون ڏسو ته انساني نفعي بخشيءَ جو نمونو آهن ته گويا اسان مسلمانن جو ظهور ۽ عروج انساني نفعي بخشيءَ جي لاءِ ئي هو. الله جي ضابطن جي سلطنت قائم ڪرڻ ۽ ان جي عدل واري نظام جو دنيا ۾ ڏاڪو ڄمائڻ، ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي نفعي بخشي ٿي سگهي ٿي. انسان لاءِ جو هي چيو ويو آهي ته ان کي صفات الاهي جو مظهر بنجڻو آهي، سو به انهن ٽنهي ڳالهين کانسواءِ نٿو بڻجي سگهي. پهرين ڳالهه وحدت انساني ۽ ڀائپيءَ جو مرڪز نماز بڻجي ٿي، ان لاءِ نماز جو حڪم آهي. ٻي ڳالهه مالي اشتراڪيت جي اسلامي صورت زڪوات جو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



نظام آھي ۽ ٽين ڳالھ خدائي عدل ۽ انصاف جا ضابطا امر بالمعروف ۽ نهي عن المنكر آھن ۽ اھي ٽئي ڳالھيون اسلامي عظيم مقصدن جو ڳُرُ آھن.

اسان مسلمانن جيستائين پنھنجي ظھور ۽ عروج جي مقصدن کي سنڀالي رکيو تہ دنيا جي لاءِ نفعي بخش رھياسين ۽ اسان خدائي منشا پوري پئي ڪئي. وري جڏھن اسان پنھنجي ظھور ۽ عروج جو مقصد وساري ڇڏيو تہ پوءِ اسان کي انھيءَ منصب کان بہ محروم ٿيڻو پيو ۽ پوءِ اجتماعي حيات جي بجاءِ اجتماعي ممات جو منھن ڏسڻو پيو. نتيجو وچي اتي پھتو جو اڄ نہ ايمان جي دولت حاصل آھي ۽ نہ چڱاين ۽ اطاعتن جي ڪا موڙي ميڙيل آھي. زندگي نسوري غفلت ۽ گنھگارين ۾ برباد ۽ حياتيون نسوريون نفس پرستي ۽ نافرمانيءَ ۾ تاراج. نفساني غرضن جي پوڄا ۾ الڳ غلطان آھيون ۽ نفاق ۽ انحراف الڳ پنھنجي لاءِ روڳ بڻايو آھي.

هوڏانھن وري نہ ندامت ۽ ملامت ۽ نہ وري توبھ ۽ واپسي جو فڪر. ھاڻي پنھنجي زندگيءَ جي بقا جا دعويدار بڻجئون تہ آخر ڪھڙي منھن سان!؟

حقيقت ھي آھي تہ ھن دنيا جي نظام لاءِ جوڙيل قانونن جو بنياد ئي عدل جي سگھہ تي آھي. الله تعاليٰ دنيا ۾ پيغمبرن کي بہ انھيءَ ڪري موڪليندو رھيو تہ دنيا ۾ الله جي عدل کي قائم ڪن. پيغمبرن جو سلسلو پڄاڻيءَ کي پھتو تہ وري مسلمانن جو فرض منصبي بہ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنكر قرار ڏئي انھن کي عدل جي قيام لاءِ ذميوار بڻايو ويو. انھن کي عدل جي تارازو، صراط مستقيم ۽ قسطاس المستقيم جو اجتماعي قانون ڏئي دنيا وارن جي لاءِ انھن کي "شھداء" يعني حق ۽ سچ جي شاھدي ڏيندڙ بڻايو.

مسلمانن جي مٿان ھيءَ ٻٽي ذميواري وڌي وئي تہ انھن کي تمکين في الارض يعني زمين تي ڄمڻ جا موقعا ملندا تہ ھو نماز ۽ زڪوات جو نظام بہ قائم ڪندا ۽ شھادة علي الناس يعني انساني نفعي بخشيءَ ذريعي انسانن لاءِ مثال بڻبا. شھادت علي الناس جي ذميواري تہ قرآن ورائي ورائي زور ڏئي مسلمانن جي مٿان بيھاري آھي.

وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَ يَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ؕ (البقره: ۱۴۳)

ترجمو: اھڙي طرح اسان توھان کي وچ واري امت بڻايوسي تان تہ بين ماڻھن جي لاءِ اوھان گواھہ/مثال بڻجو جيئن توھان جو رسول توھان جي لاءِ گواھہ بڻيل آھي.



وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (العمران: ۱۰۴)

ترجمو: توھان مان ھڪ جماعت ھجڻ کپي جيڪا دنيا کي چڱاين جي طرف وٺي اچي، ڀلاين جو حڪم ڪري ۽ براين کان روڪي، پوءِ اھي ئي فلاح يافتہ ماڻھو آھن.

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (العمران-۱۱۰)

ترجمو: توھان ڀلي ۾ ڀلي امت آھيو جو چڱاين جي طرف دنيا کي سڏيو ٿا ۽ مداين کان روڪيو ٿا.

مٿين ٽنھي آيتن ۾ الله تعاليٰ مسلمانن جي تخليقي مقصد جو اصل ڪارڻ ۽ ملت جو امتياز ۽ شرف انھيءَ شيءِ کي بيھاريو آھي تہ دنيا ۾ حق جو اعلان انھن جو سرمايہ زندگي آھي ۽ اھي دنيا ۾ انھيءَ لاءِ اپاريا ويا آھن تہ اھي چڱاين جي طرف داعي ھجن ۽ ان مقصد لاءِ انسانيت واسطي مثالي نمونو بڻجن. اھڙي طرح براين ۽ ناحق کي جتي بہ ڏسن انھيءَ کي روڪين.

انساني نفعي بخشي الله جي اطاعت جو وڏو مظھر بہ آھي، انڪري انسانن لاءِ وڏو آدرش بہ آھي. انسان ڏسون ٿا تہ جيتري انسانن جي تمدني زندگيءَ ۾ ان جي اھميت آھي قرآن بہ پنھنجي اصولن ۾ ان کي پنھنجو فطري اصول ھڏايو آھي. انساني تاريخ ۾ جھاتي پائجي ٿي تہ اتي اسان کي قومن جو ھڪ عروج ۽ اڀار نظر اچي ٿو ۽ ٻيو زوال ۽ پستي. انھن ٻنھي ۾ جيڪا فاصلو پيدا ڪندڙ شيءِ ۽ وجھ آھي سو عدل واري نظام جو خاتمو ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جو نافذ ٿيڻ آھي. جيستائين قومون پنھنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ عدل واري واٽ تي قائم ۽ جاکوڙيندڙ ھونديون آھن. تيستائين خدائي نصرت ۽ ڪاميابي انھن جا قدم چمندي آھي. بقاءِ انفع جو قانون انھن جي پٺ تي ھوندو آھي پر جڏھن عدل جي واٽ کان انحراف ڪنديون آھن ۽ ناانصافي کي پنھنجو وطيرو بڻائي ڇڏينديون آھن تہ پوءِ فطرت جو قانون حرڪت ۾ ايندو آھي ۽ ھڪڙي ئي جھٽڪي ۾ انھن کي غلط حرف وانگر ميساريو ويندو آھي ۽ پوءِ انھن جو نالو ۽ نشان بہ باقي نہ رھندو آھي.

وڏيڪ پري وڃڻ جي ضرورت ڪونھي. پنھنجي مسلمانن جي تاريخ کي ئي ڪڍي ڏسو. جيستائين اسان دنيا ۾ حق ۽ انصاف جا حامي ۽ مددگار

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

رهياسون تہ الله تعاليٰ بہ اسان جو مددگار رهيو ۽ دنيا جي ڪا بہ طاقت اسان جي سامهون نہ بيهي سگهي. ليڪن جيئن ئي اسلامي تاريخ جو اونداهو دور شروع ٿيو ۽ مسلمانن جو علم ۽ مذهب حق جو ساٿاري ۽ باطل لاءِ قهاري نہ رهيو. ۽ ان جي جاءِ تي حڪمرانيءَ جي طاقت ۽ دولت دنيوي ترقيءَ جو ذريعو ۽ سرچشمو بڻجي ويا تہ اجتماعي مرضن منهن ڪڍيو. حاڪم عيش عشرت جي زندگي گهارڻ لڳا ۽ عالم ۽ فقيهہ انهن جي دربار جي زينت بڻجي ويا. خلق خدا ڪي سلامتي، انصاف ۽ فلاح جو معاشرو جو نہ مليو تہ ڪائنات جي اصل حاڪماڻي قوت پنهنجو هٿ ڪڍيو ۽ ”قومن جي تبديليءَ جو قانون“ ۽ ”بقا ۽ انفع جو قانون“ ۽ ”عمل بالمحاذات“ جو دستور عمل ۾ اچي ويا تہ پوءِ اسان جي پستي ۽ محروميءَ ڪي نہ اسان جون حڪومتون روڪي سگهيون نہ ئي فوجي سگهہ ڪم آئي. ذلت ۽ رسوائي جي موجون هٽندڙ لهرن کان نہ عالم ۽ مشائخ بچي سگهيا ۽ نہ وري عامل ۽ زاهد. پوءِ دنيا ڏٺو تہ جيترا مسلمان رسواءِ زمانہ بڻيا شايد ئي ڪا ٻي قوم ائين غضب ۽ قهر هيٺ آئي هجي.

وَ ضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ وَ الۡمَسۡكَنَةُ ۗ وَ بَآءُوۡ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ جو مصداق، بني اسرائيل کان پوءِ اسان بڻياسون.

وَتِلۡكَ الۡاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيۡنَ النَّاسِ ۚ (ال عمران-۱۴۰)

اهو وقت جو ڦيرو قومن، جماعتن ۽ ماڻهن جي وچ ۾ هميشہ جاري ۽ ساري رهندو اچي ٿو. انهيءَ گرفت کان ڪو بہ ماءُ جو لال بچي نٿو سگهي. اها اٽل ۽ لازوال حقيقت آهي. (سنڌيڪار: نور احمد ميمڻ)

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڪي پانيوار



# پيش لفظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

ذٰلِكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيۡكَ مِنۡهَا قَآئِمٌ وَّ حَصِيۡدٌ ﴿۱۰۰﴾ وَ مَا ظَلَمۡنٰهُمۡ وَلٰكِنۡ ظَلَمُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فَمَاۤ اَغۡنَتۡ عَنۡهُمۡ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِىۡ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ شَىۡءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمۡرُ رَبِّكَ‌ؕ وَ مَا زَادُوۡهُمۡ غَيۡرَ تَتۡبِيۡبٍ ﴿۱۰۱﴾ *(سورة هود: 101 _100)*

”(اي پيغمبر!) هيءُ (اڳوڻين) آباديـن جي خبرن مان ڪن جو بيان آهي جو اسان توکي ٻڌائي رهيا آهيون. انهن مان ڪي ته هن وقت تائين قائم آهن ۽ ڪي بلڪل اجڙي ويون. ۽ اسان مٿن ظلم ڪونه ڪيو بلڪ خود هنن پاڻ ئي پاڻ تي ظلم ڪيو. سو (ڏس ته) جڏهن تنهنجي پروردگار جي (نهرايل ڳالهه) اچي ويئي تڏهن هنن جا اهي معبود (۽ پوتار) ڪنهن به ڪم نه آيا, جن کي الله کانسواءِ (يعني الله کي ڇڏي) پڪاريندا هئا. انهن ڪجهه به فائدو ڪونه پهچايو اٽلندو سندن تباهيءَ جو باعث ٿيا.“

الله تعالي انسان کي خلقيو ۽ ڪيس روحاني ۽ جسماني هيئت عطا ڪئي. هن کي حياتي گذارڻ جو طريقو سيکاريو ۽ پوءِ موت بعد هڪڙي ڏينهن ڪيس پنهنجي حضور ۾ حاضر ڪندو. خالق هئڻ جي ناطي, انسان جي تخليق جي مقصد جو تعين به, اهو ئي ڪري سگهي ٿو.

ارشاد رباني آهي:

اَلَا يَعۡلَمُ مَنۡ خَلَقَ‌ؕ وَهُوَ اللَّطِيۡفُ الۡخَبِيۡرُ *(سورة الملڪ: 14)*

”ڀلا جنهن پيدا ڪيو آهي سو (اهي ڳالهيون) نه ڄاڻندو ڇا؟ اهو ئي ته اونهي نظر وارو پوري خبر رکندڙ آهي.“

يعني اهو ئي آهي جيڪو انسان ڄاڻي سڃاڻي ۽ ڪيس درجي به درجي تربيت ڏئي ٿو ۽ سندس ضرورتون پوريون ڪري ٿو. تنهنڪري انسان جي زندگيءَ جو واحد ۽ حقيقي مقصد اهو ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو خلقڻهار ان کي ٻڌايو آهي, ته انسان ان جي معرفت حاصل ڪري ان جي اطاعت ۾ اچي. ان جي حمد ۽ ثنا ڪري, ان جي آڏو پنهنجي عاجزي ۽ بندگيءَ جو اظهار ڪري ۽ سندس عبادت ڪري. انهيءَ مقصد جي تڪميل جي لاءِ الله تعاليٰ جو حقيقي پيغام ۽ وحي جيڪا هن جي موڪليل رسولن جي ذريعي پهتي, انسان جي رهنمائيءَ جو بنيادي ذريعو آهي. قرآن شريف, الله پاڪ جو آخري ڪتاب ۽ نه تبديل ٿيندڙ وحي آهي.

انهيءَ ڪري اسان قرآن مجيد کي پنهنجو حقيقي رهنما تسليم ڪرڻ ۽ ان جي حڪمن جي مطابق تقويٰ اختيار ڪرڻ جا پابند آهيون. ان جي پوئواري ئي دنيا ۽ آخرت ۾ اسانجي لاءِ ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي. انهيءَ ڳالهه جي ضرورت آهي, ته اسان قرآن جي بيان ڪيل حقيقتن تي غور ۽ فڪر ڪريون.

الله تعالي به قرآن پاڪ جي نزول جو مقصد اهوئي بيان ڪيو آهي, ته انسان سوچ ۽ ويچار جي واٽ وٺي:

هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنۡذَرُوۡا بِهٖ وَلِيَعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ

*(سورة ابراهيم: 52)*

”هي انسانن جي لاءِ هڪ پيغام آهي جو هن لاءِ موڪليو ويو آهي ته ماڻهن کي خبردار ڪيو وڃي ۽ هو معلوم ڪن ته سندن معبود (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) سو هڪ ئي معبود آهي, ۽ پڻ هن لاءِ ته سمجهه وارا ماڻهو ان مان نصحيت وٺن (۽ گناهه ڇڏي چڱا عمل ڪن.)“

قرآن جو وڏو حصو اڳين امتن (قومن) جي حال احوال تي مشتمل آهي, جيڪو يقيناً غور ۽ فڪر جوڳو آهي. انهن قومن مان اڪثر قومن, الله جي موڪليل پيغمبرن جي دعوت کي ڪونه مڃيو. دنياداريءَ جي مفادن کين ائين ڪرڻ نه ڏنو. دعوت ڏيندڙ به پنتي نه هٽيا. الله جي طرف مسلسل سڏيندا

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڙي پائيوار



رهيا. ان تي ڪاوڙ ڪاڏائون، ساڙ ۽ ڪينو رکيائون ، انهن جي انهيءَ سرڪشيءَ جي ڪري، مٿن الله جو غضب نازل ٿيو ۽ اهي قومون ڌرتيءَ تان ميسارجي ويون.

قرآن حڪيم ، گذريل قومن جي تباهيءَ جي انهن مثالن کي، پوءِ ايندڙن لاءِ عبرت قرار ڏيئي ٿو. مثلاً الاهي حڪمن سان بغاوت ڪندڙ يهودين جي گروهہ کي ڏنل سزا جو تذڪرو ڪرڻ بعد، ارشاد ٿئي ٿو :

فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَ مَا خَلْفَهَا وَ مَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ (سورة البقره:66)

”(ٿيو بہ ائين) پوءِ اسان انهيءَ حالت کي انهن سيني لاءِ جن جي اڳ اها حالت ٿي ۽ پڻ پوين لاءِ عبرت جو سبق بنايو ۽ متقين جي لاءِ ان ۾ نصيحت ۽ دانائي رکي.“

هن ڪتاب ۾ خدائي حڪمن کان انحراف جي سبب هلاڪ ٿيندڙ چند معاشرن جو تذڪرو ڪيو ويندو. اسان جو مقصد اهڙن مڙني واقعن کي چٽو ڪرڻ آهي، جيڪي پنهنجي دور جي لاءِ بہ هڪ مثال هئا ۽ اسان جي لاءِ بہ عبرت جو سامان.

اڳين قومن جي تباهيءَ جي حالتن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جو ٻيو مقصد، قرآني آيتن جي آثارن کي خارجي دنيا ۾ ڳولڻ ۽ انجي حقانيت کي بيان ڪرڻ آهي.

قرآن پاڪ ۾ الله تعالي پنهنجي آيتن جو خارجي (ٻاهرين) دنيا ۾ مشاهدو ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمائي ٿو :

وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَتَعْرِفُوْنَهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ

(سورة النمل:93)

”۽ (اي منهنجا پيغمبر!) چئہ تہ سڀي ساراهہ خدا جي آهي (۽ لک احسان انهيءَ جا ئي آهن) هو جلد ئي اوهان کي (فتح ۽ ٻين نعمتن جون) نشانيون ڏيکاريندو جي توهان پاڻ سڃاڻي سگهندؤ. ۽ (ياد رکو تہ) توهان (مسلمان) جيڪي جيڪي (چڱا ) عمل ڪري رهيا آهيو سي تنهنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو(۽ اوهان کي ضرور ڪامياب ڪندو.)“



يعني انهن نشانين کي ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ ايمان جي مضبوطيءَ جو ذريعو آهي.

اڄ جي دور ۾ قديم آثارن جي تحقيقات (کوجنا) ۽ ايجادن جي نتيجي ۾ قرآن ۾ بيان ڪيل، اڳين قومن جي تباهيءَ جا حالات مشاهدي جي قابل ٿي چڪا آهن. هن ڪتاب ۾ اسان اهڙي نوعيت جي ڪجهہ آثارن جو مطالعو ڪنداسون (اها ڳالهہ ياد رکڻ کپي، تہ قرآن ۾ بيان ڪيل ڪجهہ قومن کي هن ڪتاب ۾ شامل ناهي ڪيو ويو. ڇو تہ قرآن پاڪ انهن جو زمانن و مڪانن جو تعين ناهي ڪيو بلڪ رڳو انهن جي باغياڻي طرز عمل، الهيٰ حڪمن ۽ سندس رسولن جي سلسلي ۾ سرڪشيءَ کي بيان ڪندي انهن جي تذڪري مان عبرت ۽ نصيحت وٺڻ جي تعليم ڏني آهي.)

اسان جو مقصد عصري (جديد) تحقيقات جي روشنيءَ ۾ قرآني حقائق جي وضاحت ڪرڻ آهي، تہ جيئن الله پاڪ جي پيغام جي حقانيت ايمان وارن ۽ ٻين غير مسلمانن تي واضح ٿي پوي.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

# اڳوڻيون قومون

اَلَمۡ يَاۡتِهِمۡ نَبَاُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ قَوۡمِ نُوۡحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوۡدَ ۙ وَقَوۡمِ اِبۡرٰهِيۡمَ وَاَصۡحٰبِ مَدۡيَنَ وَالۡمُؤۡتَفِكٰتِ ؕ اَتَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظۡلِمَهُمۡ وَلٰكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ **(سورة توبه:70)**

”ڇا اِنهن ماڻهن کي اُنهن ماڻهن جو احوال نہ مليو آهي جيڪي ڪائنن اڳي ٿي گذريا آهن؟ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم، ابراهيم جي قوم ۽ مدين جا ماڻهو ۽ اهي جن جا ڳوٺ ۽ آباديون اونڌيون(ڪري تباهہ) ڪيون ويون. انهن سڀني جا رسول انهن وٽ روشن دليلن سان آيا هئا(مگر هو انڌا ٻوڙا رهيا ۽ تباهہ ٿيا) ۽ ائين هرگز ٿي نہ ٿو سگهي جو الله تعالي مٿن ظلم ڪري، مگر هو پاڻ ئي پاڻ تي ظلم ڪندا رهيا (۽ پاڻ کي پاڻ تباهہ ڪيائون.)“

الله پاڪ جي هدايت جو پيغام، انسان جي تخليق سان گڏو گڏ ان جي رسولن جي ذريعي، انسان تائين پهچايو ويو. ڪجهہ معاشرن انهيءَ پيغام کي قبوليو ۽ ڪن ان کي رد ڪيو. ڪنهن وقت ٿورڙن ماڻهن ئي پيغمبر سڳوري جي ڏنل، هدايت ڀريل پيغام جي پيروي بہ ڪئي پر گهڻن پيغام ٻڌڻ جي باوجود ان کي قبول ڪونہ ڪيو. هنن نہ رڳو نبين سڳورن جي ڏنل پيغام کي رد ڪيو بلڪ پيغبرن ۽ سندن پيروڪارن کي اذيتون ۽ ايذاءَ بہ ڏنا. نبين سڳورن تي گهٽو ڪري، ڪوڙ ۽ ٺڳي، جادوگريءَ، چريائپ ۽ خود نمائيءَ جا ڪوڙا ۽ بي بنياد الزام مڙهيا ويا ۽ انهن باغين جي وڏن، اڪثر نبين سڳورن کي قتل بہ ڪري ڇڏيو.

نبي سڳورا انهن قومن کان رڳو الله پاڪ جي اطاعت ڪرڻ جو مطالبو

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪندا هئا. هو انهن کان ڪنهن مال ملڪيت يا دنياوي نفعي جا طلب گار نہ هئا ۽ نڪي هو ماڻهن تي جبر ڪنداهئا. بلڪ اهي تہ ڪين فقط سچائيءَ جي مذهب ڏانهن اچڻ ۽ پيغام ربانيءَ جي اطاعت ڪندي، معاشري جي گمراهہ ڪندڙ روش کان پاسي ٿي ڪري، حياتي گذارڻ جي دعوت ڏيندا هئا.

انهن قومن ۾ نبين سڳورن ۽ معاشري جي انهيءَ باهمي تعلق جي وضاحت، حضرت شعيب عليه السلام ۽ مدين جي ماڻهن جي تذڪري مان ٿئي ٿي. جڏهن حضرت شعيب عليه السلام پنهنجي قوم کي ظلم ۽ ناانصافي ترڪ ڪرڻ جي تعليم ڏني ۽ الله تي ايمان آڻڻ لاءِ چيو تہ ان تي سندس قوم پاران رد عمل کي قرآن مجيد هيئن بيان ڪري ٿو :

وَاِلٰى مَدۡيَنَ اَخَاهُمۡ شُعَيۡبًا ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ ؕ وَلَا
تَنۡقُصُوا الۡمِكۡيَالَ وَالۡمِيۡزَانَ اِنِّىۡۤ اَرٰٮكُمۡ بِخَيۡرٍ وَّاِنِّىۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ عَذَابَ يَوۡمٍ
مُّحِيۡطٍ ﴿٨٤﴾ وَيٰقَوۡمِ اَوۡفُوا الۡمِكۡيَالَ وَالۡمِيۡزَانَ بِالۡقِسۡطِ وَلَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ
اَشۡيَآءَهُمۡ وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿٨٥﴾ بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ
مُّؤۡمِنِيۡنَ ۚ وَمَاۤ اَنَا عَلَيۡكُمۡ بِحَفِيۡظٍ ﴿٨٦﴾ قَالُوۡا يٰشُعَيۡبُ اَصَلٰوتُكَ تَاۡمُرُكَ اَنۡ نَّتۡرُكَ
مَا يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوۡ اَنۡ نَّـفۡعَلَ فِىۡۤ اَمۡوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنۡتَ الۡحَـلِيۡمُ الرَّشِيۡدُ ﴿٨٧﴾
قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كُنۡتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّىۡ وَرَزَقَنِىۡ مِنۡهُ رِزۡقًا حَسَنًا ؕ وَمَاۤ
اُرِيۡدُ اَنۡ اُخَالِفَكُمۡ اِلٰى مَاۤ اَنۡهٰٮكُمۡ عَنۡهُ ؕ اِنۡ اُرِيۡدُ اِلَّا الۡاِصۡلَاحَ مَا اسۡتَطَعۡتُ ؕ وَ
مَا تَوۡفِيۡقِىۡۤ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَاِلَيۡهِ اُنِيۡبُ ﴿٨٨﴾ وَيٰقَوۡمِ لَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شِقَاقِىۡۤ
اَنۡ يُّصِيۡبَكُمۡ مِّثۡلُ مَاۤ اَصَابَ قَوۡمَ نُوۡحٍ اَوۡ قَوۡمَ هُوۡدٍ اَوۡ قَوۡمَ صٰلِحٍ ؕ وَمَا قَوۡمُ لُوۡطٍ
مِّنۡكُمۡ بِبَعِيۡدٍ ﴿٨٩﴾ وَاسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ ؕ اِنَّ رَبِّىۡ رَحِيۡمٌ وَّدُوۡدٌ ﴿٩٠﴾
قَالُوۡا يٰشُعَيۡبُ مَا نَفۡقَهُ كَثِيۡرًا مِّمَّا تَقُوۡلُ وَاِنَّا لَنَرٰٮكَ فِيۡنَا ضَعِيۡفًا ۚ وَلَوۡلَا
رَهۡطُكَ لَرَجَمۡنٰكَ وَمَاۤ اَنۡتَ عَلَيۡنَا بِعَزِيۡزٍ ﴿٩١﴾ قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَهۡطِىۡۤ اَعَزُّ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ
اللّٰهِ ؕ وَاتَّخَذۡتُمُوۡهُ وَرَآءَكُمۡ ظِهۡرِيًّا ؕ اِنَّ رَبِّىۡ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ مُحِيۡطٌ ﴿٩٢﴾ وَيٰقَوۡمِ
اعۡمَلُوۡا عَلٰى مَكَانَتِكُمۡ اِنِّىۡ عَامِلٌ ؕ سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ مَنۡ يَّاۡتِيۡهِ عَذَابٌ يُّخۡزِيۡهِ وَ
مَنۡ هُوَ كَاذِبٌ ؕ وَارۡتَقِبُوۡۤا اِنِّىۡ مَعَكُمۡ رَقِيۡبٌ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا نَجَّيۡنَا شُعَيۡبًا وَّ
الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ بِرَحۡمَةٍ مِّنَّا وَاَخَذَتِ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوا الصَّيۡحَةُ فَاَصۡبَحُوۡا فِىۡ
دِيَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ۙ ﴿٩٤﴾ كَاَنۡ لَّمۡ يَغۡنَوۡا فِيۡهَا ؕ اَلَا بُعۡدًا لِّمَدۡيَنَ كَمَا بَعِدَتۡ ثَمُوۡدُ ﴿٩٥﴾

**(سورة هود: 95_84)**

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

”۽ اسان مدين (قبيلي) ڏانهن سندن ڀاءُ (حضرت) شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! الله جي ٻانهپ ڪريو, ڪانئس سواءِ ڪو به اطاعت لائق ڪونهي ۽ ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي نه ڪريو. مان ڏسي رهيو آهيان ته توهان خوشحال ۽ آسودا آهيو (يعني خدا توهان کي گهڻوئي رزق ڏنو آهي, پوءِ بي شڪريءَ کان پاڻ بچايو.) مان ڊڄان ٿو ته توهان تي اهڙو عذاب جو ڏينهن نه اچي ڪڙڪي, جو سڀني تي ڇانئجي وڃي. ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! ماپ ۽ تور انصاف سان پوري پوري ڪندا ڪريو, ۽ ماڻهن کي سندن شيون (سندن حق کان) گهٽ نه ڏيو. ملڪ ۾ شرارت ۽ فساد نه پکيڙيندا وتو. جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهه مڃو ته پوءِ جيڪي الله جو ڏنل (ڏنڏي ۾) بچي پوي تنهن ۾ ئي توهان جي ڀلائي آهي. ۽ ڏسو (منهنجو ڪم ته فقط نصيحت ڪرڻ آهي.) مان ڪو توهان تي نگهبان ڪونه آهيان (جو زور سان اوهان کي پنهنجي راهه تي هلايان.). ماڻهن چيو ته اي شعيب! تنهنجون اهي نمازون (جي تون پنهنجي خدا جي لاءِ پڙهين ٿو) توکي هي حڪم ٿيون ڏين ڇا ته اسان کي اچي چئين ته هنن معبودن (ديوتائن) کي ڇڏي ڏيو جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا رهيا آهن؟ يا (اسان کي اچي چئين ته) توهان کي اهو اختيار ڪونهي ته توهان پنهنجي مال دولت بابت جيئن وڻيوَ تيئن ڪيو؟ (اسان کي بيشڪ پنهنجي مال دولت جو اختيار آهي) بس رڳو تون ئي هڪ نرم دل ۽ ايماندار ماڻهو وڃي رهيو آهين؟ (حضرت شعيبؑ) چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! توهان هن ڳالهه تي غور نه ڪيو ڇا ته جيڪڏهن مون کي الله جي طرف کان هڪ روشن دليل مليل هجي ۽ (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) مون کي چڱي روزي ڏيئي رهيو هجي (ته پوءِ مان چپ ڪري ويهي رهان ۽ توهان کي حق جي طرف نه سڏيان.) ۽ مان ائين به ڪونه ٿو چاهيان ته جنهن ڳالهه کان توهان کي روڪيان ٿو پر پاڻ ان جي خلاف عمل ڪيان. (مان جيڪي توهان کي چوان ٿو تنهن تي پاڻ به عمل ڪيان ٿو.) مان هن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نٿو چاهيان ته جيتري قدر منهنجي وس ۾ آهي اوتري قدر حالتن سڌارڻ جي

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪوشش ڪريان. منهنجو ڪم جيڪڏهن سرانجام ٿيڻو آهي ته فقط انهيءَ تي ڀروسو ٿو ڪيان ۽ انهيءَ ئي ڏانهن رجوع ٿو ٿيان. ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! ايئن نه ٿئي جو مون سان ضد ۾ اچي (يعني ذاتي دشمنيءَ جي ڪري) اهڙي ڳالهه ڪري ويهو جو توهان تي به اهڙو عذاب اچي ڪڙڪي جهڙو نوح جي قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم تي اچي نازل ٿيو. ۽ لوط جي قوم (وارو معاملو) ته توهان کان گهڻو پري ناهي (يعني اهو ڀين کان پوءِ ٿيو آهي ۽ اوهان سڀني کي معلوم آهي, تنهن ڪري عبرت وٺو) ۽ الله کان (پنهنجي گناهن جي ) معافي گهرو ۽ سندس طرف موٽو. منهنجو پروردگار وڏي رحمت وارو ۽ وڏي محبت وارو آهي (اهو اوهان تي رحمت ڪندو ۽ اوهان سان محبت ڪندو.) ماڻهن چيو ته اي شعيب! تون جيڪي به چئين ٿو تنهن مان گهڻيون ڳالهيون ته اسان جي سمجهه ۾ ئي نه ٿيون اچن, ۽ اسان ڏسون ٿا ته تون اسان ماڻهن ۾ هڪ ڪمزور ماڻهو آهين. جيڪڏهن (توسان) تنهنجي برادريءَ جا ماڻهو شامل نه هجن ها ته اسان ضرور توکي سنگسار ڪري ڇڏيون ها (يعني پٿر هڻي ماريون ها) اسان جي اڳيان تنهنجي ڪا به هلندي پڄندي يا طاقت ڪانهي. (حضرت شعيب ) فرمايو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! توهان تي الله کان وڌيڪ منهنجي برادريءَ جو دٻاءُ آهي ڇا؟ (يعني الله جو ايترو به خيال نٿا رکو, جيترو منهنجي برداريءَ جو) ۽ (الله توهان جي نظر ۾ ڪجهه به ناهي جو) هن کي پنهنجي پٺيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو اَٿو. (چڱو ڀلي ڇڏيو ته) جيڪي جيڪي توهان ڪيوٿا سو منهنجي پروردگار جي احاطه (علم) کان ٻاهر ناهي. (يعني الله تعاليٰ اوهان جا عمل ڄاڻي ٿو ۽ ضرور انهن جو حساب وٺندو.) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! توهان پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندا رهو. مان به (پنهنجي جاءِ تي) عمل ۾ سرگرم آهيان. (يعني پنهنجي فرض ادائي ڪندو رهندس) تمام جلد اوهان کي معلوم ٿيندو ته ڪنهن تي ٿو عذاب اچي جو ان کي خوار خراب ڪري ۽ ڪير سچ پچ ڪوڙو آهي. ترسو مان به توهان سان گڏ ترسان ٿو. ۽ پوءِ جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالهه جو وقت اچي ويو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



(تڏهن ڇا ٿيو جو) اسان شعيب کي ۽ انهن کي جن ساڻس گڏ ايمان آندو هو، پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ جيڪي ماڻهو ظالم هئا، تن کي هڪ سخت آواز اچي پڪڙ ڪئي. پوءِ جڏهن صبح ٿيو تڏهن (ڏٺو ويو ته) هو پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ اونڌا ٿيا پيا هئا. (اهي اهڙو ته اوچتو تباهه ٿي ويا جو) گويا هو ڪڏهن به انهن گهرن ۾ رهيا ئي ڪونه هئا. سو ٻڌي ڇڏيو ته مدين جي قبيلي جي لاءِ به اهڙي ئي محرومي ۽ ناڪامي رهي جهڙي ثمود جي قوم لاءِ ٿي هئي.“

حضرت شعيب عليه السلام کي نيڪيءَ جي دعوت جي موٽ ۾ جڏهن سندس قوم ڪين سنگسار ڪرڻ گهريو، ته مدين وارن تي الله جو عذاب لٿو ۽ مٿي ڄاڻايل آيتن جي مطابق اها تباهه ڪئي ويئي. انهيءَ حقيقت جو واحد مثال مدين وارا ئي ناهن بلڪ جڏهن حضرت شعيب عليه السلام انهن حق جي دعوت ڏني پئي، ته پاڻ قوم جي آڏو ڪيئي اڳين قومن جو احوال به بيان ڪيائون، جيڪي انهيءَ گمراهيءَ جي ڪري تباهه ٿي ويون هيون. اهڙيءَ طرح اهل مدين کانپوءِ به ڪيتريون ئي قومون پنهنجي گمراهيءَ ۽ سرڪشيءَ جي سبب خدا جي عذاب جو شڪار ٿي ويون.

ايندڙ صفحن ۾ اسان انهن تباهه ٿيندڙ قومن ۽ انهن جي آثارن جو ذڪر ڪنداسون. قرآن پاڪ ۾ انهن قومن جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن تي غور ڪرڻ ۽ ان مان نصيحت وٺڻ جو سبق ڏنو ويو آهي، ته اهي قومون ڇو تباهه ۽ برباد ٿيون. انهيءَ موقعي تي قرآن ان پاسي ڏانهن خاص طور تي اشارو ڪري ٿو ته تباهه ٿيندڙ قومن به اعليٰ تهذيبون قائم ڪيون هيون. قرآن انهن قومن جي اعليٰ تهذيبي معيار جو ذڪر هيئن ڪيو آهي :

وَ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوْا فِي الْبِلَادِ ؕ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ *(سورة قٓ: 36)*

”۽ اسان هنن کان اڳي ڪيتريون ئي پيڙهيون تباهه ڪري ڇڏيون جيڪي هنن کان طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ هيون. پوءِ هو ملڪن ۾ دربدر رلنديون رهيون. (ڏسو) هن لاءِ ڀڄي ڇٽڻ جي ڪا جاءِ به هئي؟“

هن آيت سڳوريءَ ۾ تباهه ۽ برباد ٿيندڙ قومن جون به خصوصيتون خاص طور ذڪر ڪيون ويون آهن:



1. پهرين اها ته اهي نهايت طاقتور قومون هيون. هن جو مفهوم اهو آهي ته انهن هڪ طاقتور ۽ منظم فوجي ۽ انتظامي ڍانچو قائم ڪري ورتو هو ۽ انهيءَ جي ٻل تي علائقي ۾ تسلط حاصل ڪيو هئائون.
2. ٻي اها، ته انهن مخصوص فن تعمير جا حامل وڏا وڏا شهر جوڙيا هئا.

اها ڳالهه غور ۽ ويچار جي لائق آهي، ته اهي ٻئي خصوصيتون اڄ جي تهذيب سان به تعلق رکن ٿيون. جنهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي وسيع عالمي تهذيب، مرڪزي رياستي نظام ۽ وڏا وڏا شهر اڏيا، پر اهو وساري ڇڏيائون ته سڀ ڪجهه الله پاڪ جي حاڪميت سان ئي ممڪن آهي. قرآن انهيءَ حقيقت کي پڌرو ڪري ٿو ته الله جو انڪار ڪندڙ قومن کي سندن قائم ڪيل وڏيون ۽ مضبوط تهذيبون به نه بچائي سگهيون؛ يعني الله پاڪ جي انڪار ۽ سرڪشي سان واڳيل، اڄ جي تهذيب جو انجام به، اڳين قومن کان ڪجهه مختلف نه ٿيندو.

قرآن حڪيم ۾ بيان ڪيل تباهيءَ جي اڪثر واقعن جي تصديق، هاڻوڪي دور جي آثار قديم جي ماهران پاران ٿيل تحقيقات ڪري ڇڏي آهي. قرآني واقعن جي تصديق ڪندڙ اهي دريافتون، قرآن جي بيان ڪيل تذڪرن مان عبرت ماڻڻ جي تقاضا ڪن ٿيون. قرآن پاڪ ۾ الله تعالي اسان کي زمين ۾ سفر ڪرڻ ۽ اڳين قومن جي بڇڙن عملن جي انجام جو مشاهدو ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ مِّنْ اَهْلِ الْقُرٰى ؕ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اتَّقَوْا ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٩﴾ حَتّٰٓى اِذَا اسْتَيْئَسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ قَدْ كُذِبُوْا جَآءَهُمْ نَصْرُنَا ۙ فَنُجِّيَ مَنْ نَّشَآءُ ؕ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُنَا عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١١٠﴾ لَقَدْ كَانَ فِيْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ؕ مَا كَانَ حَدِيْثًا يُّفْتَرٰى وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿١١١﴾

*(سورة يوسف: 111_109)*

”۽ (اي پيغمبر) توکان اڳي اسان ڪنهن به رسول کي نه موڪليو آهي مگر هن طرح جو هو شهر جي رهاڪن مان هڪڙو ماڻهو هو ۽ اسان مٿس وحي نازل ڪيو هو (ائين ڪڏهن ڪونه ٿيو جو آسمان مان فرشتا لٿا هجن.) پوءِ ڇا هي ماڻهو (جيڪي تنهنجي رسول هئڻ تي عجب ڪائي رهيا آهن) سي زمين تي گهميا ڦريا

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ڪو نہ آهن؟ جو ڏسن ها تہ انهن ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي (نہ خراب) ٿي جيڪي اڳي گذري ويا آهن. ۽ جيڪي ماڻهو (برائين کان پاڻ کي) بچائين ٿا تن جي لاءِ يقيناً آخرت جو گهر گهڻو بهتر آهي. پوءِ (اي انسانو!) توهان (اها ڳالهہ) نہ سمجهندؤ ڇا؟ (۽ انهن اڳوڻين قومن تي هڪدم عذاب ڪو نہ آيو هو. هنن کي مهلت ملندي رهي) تان جو الله جا رسول (هنن جي ايمان آڻڻ کان) نا اميد ٿي پيا ۽ ماڻهن خيال ڪيو تہ کين ڪوڙا وعدا يا دڙڪا ڏنا ويا هئا. تڏهن (پوءِ اوچتو) اسان جي مدد انهن (رسولن) کي اچي پهتي. پوءِ اسان جن کي چاهيو تن کي بچائي ورتو ۽ (جيڪي منڪر ڏوهاري هئا تن جي لاءِ) ائين ڪڏهن بہ ٿي نٿو سگهي تہ ڏوهارين کان اسان جو عذاب ٽري وڃي.

يقيناً انهن ماڻهن جي قصن ۾ سمجهہ وارن ماڻهن لاءِ وڏي عبرت (۽ نصيحت جو سبق) رکيل آهي. هي (يعني قرآن مجيد) ڪا دل مان گهڙي ٺاهي ڪڍيل ڳالهہ ناهي. پر انهيءَ ڪتاب جي تصديق آهي جو هن کان اڳي اچي چڪو آهي. پڻ انهن ماڻهن لاءِ جي يقين رکن ٿا (هدايت جي) سڀني ڳالهين جو تفصيل آهي (يعني جدا جدا ڪري ڇٽيون هدايتون ڏنل آهن) ۽(اهو قرآن) سچي راهہ ڏيکاريندڙ ۽سراسر رحمت آهي.“

بيشڪ بصيرت وارن جي لاءِ اڳوڻين قومن جي ذڪر ۾ نصيحت ۽ وصيت آهي. الله جي حڪمن کي رد ڪرڻ، سرڪشي ۽ بغاوت جي واٽ وٺڻ تي، تباهہ ٿيندڙ قومون انهيءَ ڳالهہ جو واضح مثال آهن، تہ الله پاڪ جي آڏو انسان ڪيترو عاجز ، بي وس ۽لاچار آهي. هاڻي اسان قرآن پاڪ جي انهن مثالن جو تاريخي ترتيب سان ذڪر ڪنداسون.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

## باب پهريون

# حضرت نوح عليه السلام جي قوم

### طوفان نوح

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ الطُّوْفَانُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ ***(سورة العنكبوت:14)***

”۽ هي حقيقت آهي تہ اسان (حضرت) نوح عليه السلام کي سندس قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو. هن انهن سان گڏ ساڍا نوَ سال حياتيءَ جا گذاريا (۽ کين سمجهاڻيون ڏنيون. تہ بہ هنن مان گهڻا منڪر رهيا ۽ ظلم ڪندا رهيا) سو طوفان هنن کي پڪڙي ورتو(۽ هو ٻڏي مئا) چو تہ هو (پڇاڙي تائين) ظلم ڪندا رهيا.“

گهٽ يا وڌ دنيا جي سڀني تهذيبن ۾طوفان نوح عليه السلام جاڻايل آهي پر حضرت نوح عليه السلام جي طوفان جي تذڪرو قرآن پاڪ سڀ کان سرس ڪيو آهي. حضرت نوح عليه السلام جي قوم پاران پنهنجي پيغمبر جي نصيحت کان سرڪشي، ان جو رد عمل ۽ وري ان جي نتيجي ۾ طوفان جو اچڻ، اهي سڀ واقعا قرآن مجيد ۾ مختلف هنڌن تي بيان ڪيا ويا آهن.

حضرت نو ح عليه السلام کي، سندس قوم ڏانهن، جيڪا الله جي آيتن جو انڪار ڪندي گمراهيءَ ۽ شرڪ ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي، مبعوث ڪيو ويو تہ پاڻ ان تائين حق جو پيغام پهچائين. حضرت نوح عليه السلام جي لڳاتار تبليغ ۽ الله پاڪ جي ڏمر ۽ پڪڙ کان ڊيڄارڻ جي باوجود سندس قوم شرڪ ۾ ڦاٿي رهي. سورة المؤمنون ۾ انهيءَ تفصيل کي هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۲۳﴾ فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يُرِيْدُ اَنْ يَّتَفَضَّلَ عَلَيْكُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً ۖۚ مَّا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿۲۴﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوْا بِهٖ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿۲۵﴾ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿۲۶﴾

***(سورة المؤمنون: 26_23)***



”۽ هي حقيقت آهي تہ اسان نوح کي سندس قوم جي طرف (هدايت لاءِ) موڪليو هو. کين چيو هو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! الله جي ٻانهپ ڪريو. ڪانئس سواءِ اوهان جو ڪو بہ معبود ڪونهي. پوءِ ڇا توهان (بد عملن جي نتيجن کان) نٿا ڊڄو؟.“ سندس قوم جي جن سردارن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن اهو ٻڌي (ماڻهن کي) چيو تہ هيءُ ماڻهو (حضرت نوح) سواءِ هن جي ٻيو ڇا آهي تہ توهان جهڙو هڪ ماڻهو آهي. هو چاهي ٿو تہ توهان کي ڏيکاري تہ مان اوهان کان وڌو ۽ افضل آهيان. جيڪڏهن الله تعاليٰ (کو پيغمبر موڪلڻ) چاهي ها تہ ڪنهن فرشتي کي نہ موڪلي ها؟ (هو اسان جهڙي هڪڙي ماڻهوءَ کي ڇو پيغمبر ڪري موڪلي ها) اسان پنهنجي اڳوڻن وڏن کان تہ ڪا بہ اهڙي ڳالهہ ڪڏهن بہ ڪا نہ ٻڌي. هو ڪجهہ بہ ناهي سواءِ هن جي تہ هو هڪ انسان آهي جو متوالو ٿي پيو آهي . تنهنڪري (سندس ڳالهين تي ڪن نہ ڏيو.) ڪجهہ ڏينهن انتظار ڪريو (۽ ڏسو سندس پڇاڙي ڪهڙي ٿي ٿئي.)تنهن تي (حضرت) نوح(عليه السلام) دعا گهري تہ ”اي منهنجا رب! هنن ماڻهن مون کي ڪوڙو سمجهي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سو هاڻي تون منهنجي مدد ڪر.“

جيئن تہ آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ . حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي سردارن، حضرت نوح عليه السلام تي الزام مڙهيو تہ هو ذاتي مفاد، عزت ۽ مان مرتبي، قيادت ۽ دولت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مٿن برتري حاصل ڪرڻ ٿو گهري. انهن سردارن وقتي طور تي حضرت نوح عليه السلام سان گذارو ڪندي کين دٻاءَ ۾ رکڻ جو فيصلو ڪيو. تنهن تي الله پاڪ حضرت نوح عليه السلام کي ٻڌايو تہ هي سرڪش ماڻهو جن ايمان جي دعوت کي ٺڏيو ۽ سرڪشي اختيار ڪئي، سگهو ئي ٻڏي مرندا ۽ ايمان وارن کي نجات عطا ڪئي ويندي.

نيٺ جڏهن تباهيءَ جو وقت آيو زمين منجهان پاڻيءَ جا چشما ڦاٽي نڪتا ۽ گڏوگڏ سخت مينهن پوڻ شروع ٿي ويو. جيڪو عظيم طوفان ۾ بدلجي ويو. الله پاڪ حضرت نوح عليه السلام کي هر جنس جا نر ۽ مادي جوڙا ۽ پنهنجي ڪٽنب کي، سواءِ انهن جي جن جي تباهيءَ جو فيصلو ٿي چڪو هو ٻيڙيءَ ۾ وٺي وڃڻ جو حڪم ڪيو.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڌرتيءَ تي موجود سڀني ماڻهن کي تباهه ڪيو ويو ، ايستائين جو حضرت نوح عليه السلام جي پٽ کي به، جنهن اهو سوچيو هو ، ته ڪنهن ويجهي جبل تي چڙهي ڪري، پنهنجي جان بچائيندو. حضرت نوح عليه السلام سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ موجود ماڻهن کان سواءِ سڀئي ٻڏي ويا . جڏهن ٻوڏ ختم ٿيڻ تي آئي ۽ پاڻي لٿو ته حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي جودي جبل وٽ اچي بيهي رهي ، جيڪا قرآن مجيد جي بيان مطابق هڪ اوچي جڳهه هئي.

قديم آثار ارضيات ۽ تاريخ جون شاهديون ٻڌائن ٿيون ته اهو واقعو قرآن ڪريم جي بيان ڪيل تفصيل جي مطابق ٿي پيش آيو. گذريل ڪيترين تهذيبن جي رڪارڊ ۾ ۽ تاريخي دستاويزن ۾ انهيءَ ٻوڏ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ جي خصوصيتن ۽ جڳهن جي نالن ۾ اختلاف آهي، مگر گمراهه ماڻهن جي انهيءَ انجام کي هم عصر ماڻهن جي آڏو بطور عبرت جي بيان ڪيو ويو آهي .

قديم عهد نامي ۽ جديد عهد نامي کان سواءِ طوفان نوح عليه السلام جو تفصيل انهيءَ طرز تي سميري، آشوري ۽ بابل جي تاريخ، يوناني ڪهاڻين، هندوستان جي شتاپٿا، براهمه مها ڀارتيه جنگين، برطانوي جزيرن، جي ويلز جي آکاڻين، نارڊڪ ريڊا، ليٿوليائي داستانن ۽ چين جي آکاڻين ۾ به ملي ٿو. سوال هي آهي ته جاگرافيائي ۽ تهذيبي لحاظ کان فاصلن تي واقع انهن ڏورانهن خطن ۾ جيڪي طوفان جي اچڻ واري هنڌ کان تمام گهڻو پري آهن، ايترو مفصل ۽ مستند تفصيل ڪيئن موجود ٿي سگهي ٿي؟

انهيءَ سوال جو جواب تمام چٽو آهي. اها حقيقت ته, بنا ڪنهن پيغام رسانيءَ وارن ذريعن جي موجودگي جي، مختلف قومن جي تاريخ ۽ لکتن ۾ طوفان نوح جو ذڪر ملي ٿو. اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انهن کي انهيءَ جو اطلاع قدرتي وسيلي ٿي مليو. تاريخ جي سڀ کان وڏي تباهي مچائيندڙ واقعي يعني طوفان نوح جو اطلاع مختلف قومن کي، ڏانهن ايندڙ نبين سڳورن ڏنو. اهڙيءَ طرح طوفان نوح جي خبر پوريءَ دنيا جي قومن ۾ پکڙجي ويئي.

جيتوڻيڪ طوفانِ نوح جو ذڪر مختلف قومن، تهذيبن ۽ مذهبن ۾ ملي ٿو پر ان ۾ گهڻن ئي هنڌن تي تحريف ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪري هي واقعو پنهنجي اصل بيان کان هٽي ويو. چو ته انهيءَ ۾ بدنيتي يا غلط بيانيءَ جي ڪارڻ ڪيترائي غلط تفصيل شامل ٿي ويا. تنهن هوندي به تحقيق انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪري ٿي، ته سيلاب جي انهيءَ تفصيل جو واحد ۽ اعتبار



جوڳو ذريعو قرآن پاڪ ئي آهي، جنهن پوري سنجيدگيءَ سان انهيءَ واقعي جو تفصيل بيان ڪيو آهي.

## قرآن پاڪ ۾ حضرت نوح عليه السلام ۽ طوفان جو ذڪر

قرآن پاڪ جي ڪيترن ئي آيتن ۾ طوفان نوح جو ذڪر ڪيو ويو آهي، هيٺ واقعن جي ترتيب جي مطابق ڪجهه آيتون بيان ڪيون وڃن ٿيون:

## حضرت نوح عليه السلام جو پنهنجي قوم کي حق جي دعوت جي ڏيڻ:

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ***(سورة الاعراف: 59)***

”بيشڪ اسان (حضرت) نوح کي سندس قوم ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو. سو هن پنهنجي قوم کي (همدردي ۽ محبت وچان) چيو ته اي منهنجي (پياري) قوم! الله جي بندگي ڪريو (شيطان جي بندگي ڇڏي ڏيو يعني پاڻ تي ظلم ڪرڻ ۽ ٻيا گناهه جا ڪم ڦٽي ڪريو. ياد رکو ته) الله ڪانسواءِ توهان جو ڪو به معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪريو. خدا جي حڪمن جي خلاف ڪنهن جي به حڪم جي تعميل ڪرڻي ناهي.) بيشڪ مون کي اوهان جي بنسبت ڏاڍو خوف آهي ته متان اوهان تي وڏي ڏينهن جو عذاب اچي ڪڙڪي.“

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿۱۰۷﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿۱۰۸﴾ وَ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿۱۱۰﴾ ***(سورة الشعراء: 110 _107)***

”مان توهان جي لاءِ اعتبار جوڳو پيغمبر آهيان. تنهن ڪري خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي پيروي ڪريو (جو ته مان فقط خدا جا حڪم ٿو پهچايان.)

۽ (ڏسو ته) مان انهيءَ ڪم لاءِ (جو ڪيان ٿو پيو) ڪنهن به قسم جو اجورو يا عيوضو اوهان کان ڪونه ٿو گهران. منهنجو اجورو ته فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. تنهن ڪري خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي حڪمن جي تعميل ڪيو (جو ته اهي خدا جا حڪم آهن.)“

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰی قَوۡمِہٖ فَقَالَ یٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰہَ مَا لَکُمۡ مِّنۡ اِلٰہٍ غَیۡرُہٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوۡنَ (سورة المؤمنون:23)

”۽ هي حقيقت آهي تہ اسان نوح کي سندس قوم جي طرف (هدايت لاءِ) موڪليو هو. هن کين چيو هو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! الله جي ٻانهپ ڪريو. ڪانئس سواءِ اوهان جو ڪو بہ معبود ڪونهي. پوءِ ڇا توهان (بد عملن جي نتيجن کان) نٿا ڊڄو؟“

## حضرت نوح عليه السلام جو پنهنجي قوم کي الله جي پڪڙ کان ڊيڄارڻ:

اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰی قَوۡمِہٖۤ اَنۡ اَنۡذِرۡ قَوۡمَکَ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ یَّاۡتِیَہُمۡ عَذَابٌ اَلِیۡمٌ

(سورة النوح:1)

”بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏي (پيغام رسائيندڙ ڪري) موڪليو تہ تون پنهنجي قوم کي (سندس غلط ڪارين جي نتيجي ۾) مٿن دردناڪ عذاب اچڻ کان اڳ ويجي (ان جي تباهہ ڪندڙن نتيجن کان) ڊيڄار!“

فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ مَنۡ یَّاۡتِیۡہِ عَذَابٌ یُّخۡزِیۡہِ وَ یَحِلُّ عَلَیۡہِ عَذَابٌ مُّقِیۡمٌ

(سورة هود:39)

”اهو وقت پري ناهي جڏهن اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اهو ڪير آهي جنهن تي اهڙو عذاب ايندو جو ڪيس خوار خراب ڪندو ۽ وري (آخرت ۾ بہ) دائمي عذاب مٿس نازل ٿيندو.“

اَنۡ لَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّا اللّٰہَ ؕ اِنِّیۡۤ اَخَافُ عَلَیۡکُمۡ عَذَابَ یَوۡمٍ اَلِیۡمٍ (سورة هود:26)

”الله ڪانسواءِ ڪنهن جي بہ ٻانهپ نہ ڪريو. مان ڊڄان ٿو تہ متان اوهان تي عذاب جو دردناڪ ڏينهن نہ اچي وڃي.“

## حضرت نوح عليه السلام جي قوم جو انڪار

قَالَ الۡمَلَاُ مِنۡ قَوۡمِہٖۤ اِنَّا لَنَرٰىکَ فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ (سورة الاعراف:60)

”سندس قوم جي سردارن چيو تہ (اي نوح!) اسان توکي يقيناً کُلي ۽ چٽي گمراهي ۾ ڏسي رهيا آهيون.“

قَالُوۡا یٰنُوۡحُ قَدۡ جٰدَلۡتَنَا فَاَکۡثَرۡتَ جِدَالَنَا فَاۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ کُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِیۡنَ

(سورة هود:32)



” تنهن تي انهن ماڻهن چيو تہ اي نوح! تو اسان سان بحث ڪيا ۽ گهڻائي بحث ڪري چڪين (هاڻي انهن ڳالهين مان ورندو ڪجهہ بہ ڪين). جيڪڏهن تون سچو آهين تہ جنهن ڳالهہ جو تو وعدو ڏنو آهي (يعني چيو آهي تہ اوهان تي عذاب ايندو ۽ برباد ٿي ويندؤ.) اهو آڻي ڏيکار.“

وَ یَصۡنَعُ الۡفُلۡکَ ۟ وَ کُلَّمَا مَرَّ عَلَیۡہِ مَلَاٌ مِّنۡ قَوۡمِہٖ سَخِرُوۡا مِنۡہُ ؕ قَالَ اِنۡ تَسۡخَرُوۡا مِنَّا فَاِنَّا نَسۡخَرُ مِنۡکُمۡ کَمَا تَسۡخَرُوۡنَ (سورة هود:38)

”تنهن تي حضرت نوح ٻيڙي ٺاهڻ لڳو ۽ جڏهن جڏهن سندس قوم جا (هينڌا) سردار وٽانئس لنگهندا هئا، تڏهن (ڪيس ٻيڙي ٺاهڻ ۾ مشغول ڏسي) مسخريون ڪرڻ لڳندا هئا. حضرت نوح کين چوندو هو تہ توهان مون تي ٺوڪون ٺا ڪيو تہ (ڀلي ڪيو.) اهڙيءَ ئي طرح اسان بہ (توهان جي بيوقوفين تي هڪڙي ڏينهن) کلنداسين.“

فَقَالَ الۡمَلَؤُا الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِہٖ مَا ہٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُکُمۡ ۙ یُرِیۡدُ اَنۡ یَّتَفَضَّلَ عَلَیۡکُمۡ ؕ وَ لَوۡ شَآءَ اللّٰہُ لَاَنۡزَلَ مَلٰٓئِکَۃً ۚۖ مَّا سَمِعۡنَا بِہٰذَا فِیۡۤ اٰبَآئِنَا الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿24﴾ اِنۡ ہُوَ اِلَّا رَجُلٌۢ بِہٖ جِنَّۃٌ فَتَرَبَّصُوۡا بِہٖ حَتّٰی حِیۡنٍ ﴿25﴾ (سورة المؤمنون:25_24)

”سندس قوم جي جن سردارن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن اهو ٻڌي (ماڻهن کي) چيو تہ هيءُ ماڻهو (حضرت نوح) سواءِ هن جي ٻيو ڇا آهي تہ توهان جهڙو هڪ ماڻهو آهي. هو چاهي ٿو تہ توهان کي ڏيکاري تہ مان اوهان کان وڏو ۽ افضل آهيان. جيڪڏهن الله تعالي (ڪو پيغمبر موڪلڻ) چاهي ها تہ ڪنهن فرشتي کي نہ موڪلي ها؟ (هو اسان جهڙي هڪڙي ماڻهوءَ کي ڇو پيغمبر ڪري موڪلي ها.) اسان پنهنجي اڳوڻن وڏن کان تہ ڪا بہ اهڙي ڳالهہ ڪڏهن بہ ڪانہ ٻڌي“ هو ڪجهہ بہ ناهي سواءِ هن جي تہ هو هڪ انسان آهي جو متوالو ٿي پيو آهي تنهن ڪري (سندس ڳالهين تي ڪن نہ ڏيو.) ڪجهہ ڏينهن انتظار ڪيو (۽ ڏسو سندس ڇا ٿي ٿئي.)

کَذَّبَتۡ قَبۡلَہُمۡ قَوۡمُ نُوۡحٍ فَکَذَّبُوۡا عَبۡدَنَا وَ قَالُوۡا مَجۡنُوۡنٌ وَّ ازۡدُجِرَ (سورة القمر_9)

”ڪانئن اڳي نوح جي قوم بہ (حضرت نوح جي نصيحت کي) ڪوڙو نهرايو. سو هنن اسان جي ٻانهي (حضرت نوح) کي نہ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



مجيو ۽ چيائون تہ هي مجنون (چريو) آهي ۽ هن کي تڙي ڪڍڻ جي ڌمڪي ڏنائون.“

## حضرت نوح عليه السلام جي قوم جو حق وارن سان سلوڪ

فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَ مَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِىَ الرَّاْىِ ۚ وَ مَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ

*(سورة هود_27)*

”تنهن تي قوم جي انهن سردارن جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي هئي، چيو تہ اسان تو ۾ هن ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ ٿا ڏسون تہ تون بہ اسان وانگر هڪڙو انسان آهين. ۽ جيڪي ماڻهو تنهنجي پنيان لڳا آهن تن ۾ بہ انهن ماڻهن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ نٿو ڏسجي جي حقير ذليل آهن. (يعني جيڪي مسڪين توتي ايمان آڻي رهيا آهن سي اُهي آهن جن کي اسان ڌڪاريندا آهيون ۽ ڪين نفرت سان ڏسندا رهيا آهيون.) ۽ اهي ماڻهو بنا سوچڻ سمجهڻ جي تنهنجي پنيان لڳي پيا آهن. اسان تہ اوهان ماڻهن ۾ پاڻ ڪان ڪا بہ بهتري ۽ برتري ڪانہ ٿا ڏسون. (يعني اوهان اسان ڪان ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ افضل ڪو نہ ٿا ڏسجو.) بلڪ اسان تہ سمجهون ٿا تہ توهان ڪوڙا آهيو.“

قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لَكَ وَ اتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ؕ﴿۱۱۱﴾ قَالَ وَ مَا عِلْمِىْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۚ﴿۱۱۲﴾ اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّىْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ۚ﴿۱۱۳﴾ وَ مَآ اَنَا بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ﴿۱۱۴﴾ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ؕ﴿۱۱۵﴾ *(سورة الشعراء_115_111)*

”هنن (منڪرن) جواب ڏنو تہ (اي نوح! اسان ڏسون ٿا تہ) بلڪل رذيل ۽ خسيس ماڻهو تنهنجي پيروي ڪري رهيا آهن (۽ تو وٽ اچن ٿا) ڇا اهڙيءَ حالت ۾ اسان (سردار) توتي ايمان آڻيون (۽ انهن خسيس ماڻهن سان گڏجي ويهون؟) حضرت نوح جواب ڏنو تہ مون کي ڪهڙي خبر آهي ۽ ڪيئن خبر پوي تہ اهي(مسڪين ماڻهو) ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪندا آهن. خدا شال توهان کي سمجهہ ڏئي (۽ توهان سمجهو تہ) انهن ماڻهن (جي عملن وغيره) جو حساب وٺڻ تہ فقط منهنجي پروردگار جي ذمي



آهي (نہ ڪہ منهنجي ذمي.) ۽ مون ڪي هرگز مناسب ناهي تہ مان ايمان آڻيندڙن کي تڙي ڪيان (هنن جي دلين جي خبر تہ فقط الله کي آهي.) (وڌيڪ حضرت نوح عليه السلام ڪين فرمايو تہ) مان تہ فقط (الله جي نافرماني ڪندڙن کي) چٽيءَ طرح خبردار ڪندڙ آهيان. (۽ ايندڙ عذاب جي خبر چٽيءَ طرح ٿو ٻڌايان.)“

## الله پاڪ طرفان حضرت نوح عليه السلام کي ڌڪارو نہ ٿيڻ جو تاڪيد

وَ اُوْحِىَ اِلٰى نُوْحٍ اَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ *(سورة: هود_36)*

”۽ حضرت نوح ڪي وحي ڪيو ويو تہ تنهنجي قوم مان جن ماڻهن ايمان آندو آهي تن ڪانسواءِ هاڻي ٻيو ڪو بہ ايمان نہ آڻيندو . پوءِ جيڪي اهي (ڪافر) ڪري رهيا آهن تنهن تي (اجايو) ڏک ۽ غم نہ ڪر.“

## حضرت نوح عليه السلام جي دعا

فَافْتَحْ بَيْنِىْ وَ بَيْنَهُمْ فَتْحًا وَّ نَجِّنِىْ وَ مَنْ مَّعِىَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ *(سورة الشعراء_118)*

”سو هاڻي منهنجي ۽ هنن جي وچ ۾ قطعي فيصلو ڪري ڇڏ ۽ مون کي ۽ انهن مؤمنن کي جيڪي مون سان شامل آهن (هنن حق جي دشمنن کان) بچائي وٺ.“

فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّىْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ *(سورة القمر_10)*

”سو هن پنهنجي پروردگار کي پڪاريو تہ مان عاجز آهيان تون منهنجي مدد ڪر.“

قَالَ رَبِّ اِنِّىْ دَعَوْتُ قَوْمِىْ لَيْلًا وَّ نَهَارًا ۙ﴿۵﴾ فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِىْٓ اِلَّا فِرَارًا ﴿۶﴾

*(سورة نوح_6_5)*

”(نوح) چيو تہ اي منهنجا پاليندڙ! بيشڪ مون پنهنجيءَ قوم کي رات ۽ ڏينهن (تنهنجي عظمت کي مڃڻ ۽ تنهنجي حڪمن تي هلڻ لاءِ) سڏيو.“ پوءِ منهنجي سڏڻ تي (دين کان) هيڪاري زياده ڀڄڻ لڳا.“

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِىْ بِمَا كَذَّبُوْنِ *(سورة المؤمنون_26)*

Free Download Books @ www.sindhica.org.or...
Email: sindhica_academy@yahoo.com

”(تنهن تي حضرت نوح دعا گهري تہ) اي منهنجا رب! هنن ماڻهن مون کي ڪوڙو سمجهي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سو هاڻي تون منهنجي مدد ڪر.“

وَلَقَدْ نَادٰىنَا نُوْحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ *(سورة الصفٰت_75)*

”۽ هيءَ حقيقت آهي تہ (حضرت) نوح(ؑ) اسان کي پڪاريو (۽ اسان هن جي پڪار ٻڌي ۽ سندس مدد ڪئي.) سو اسان (پڪار ڪندڙن جي) مددڪرڻ ۾ ڪهڙا نہ چڱا آهيون.“

## ٻيڙيءَ جي تياري

وَ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَ وَحْيِنَا وَ لَا تُخَاطِبْنِىْ فِى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ

*(سورة هود_37)*

”۽ (حضرت نوح کي خدا فرمايو تہ) اسان جي نظرداريءَ هيٺ ۽ اسان جي حڪم مطابق هڪڙي ٻيڙي ٺاهڻ شروع ڪري ڏي، هنن ظالمن جي باري ۾ هاڻي اسان سان ڪجهہ بہ عرض معروض نہ ڪر. يقيناً اهي ماڻهو غرق ٿيڻ وارا آهن.“

## حضرت نوح ؑ جي قوم جي هلاڪت

فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ فِى الْفُلْكِ وَ اَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ *(سورة الاعراف_64)*

”پوءِ (اهڙين سهڻين هدايتن ملڻ بعد بہ) هنن (منڪرن) (حضرت نوح ؑ کي ڪوڙو ٺهرايو (۽ ڌمڪيون ڏنيون). پر اسان ڪيس ۽ جيڪي ساٿس (دين ۾) شامل هئا، ٻيڙيءَ ۾ (چاڙهي ٻوڏ کان) بچايو. مگر جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو تن کي (ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾) غرق ڪري ڇڏيو سين. يقيناً اهي (منڪر) ماڻهو (دل ۽ دماغ جا) انڌا ٿي ويا هئا.“

ثُمَّ اَغْرَقْنَا بَعْدُ الْبٰقِيْنَ *(سورة الشعراء_120)*

”پوءِ جيڪي ماڻهو (پٺتي) باقي رهيا تن (منڪرن) کي اسان ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيو.“

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڪي پائيوار



وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ الطُّوْفَانُ وَ هُمْ ظٰلِمُوْنَ *(سورة العنكبوت_14)*

”۽ حقيقت آهي تہ اسان حضرت نوح کي سندس قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو. هن انهن سان گڏ ساڍا نو سوسال حياتيءَ جا گذاريا ( ۽ کين سمجهاڻيون ڏنيون. تہ بہ هنن مان گهڻا منڪر رهيا ۽ ظلم ڪندا رهيا) سو طوفان هنن کي پڪڙي ورتو (۽ هو ٻڏي هئا.) ڇو تہ هو (پڇاڙي تائين) ظلم ڪندا رهيا.“

فَاَنْجَيْنٰهُ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ قَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ مَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ *(سورة الاعراف_72)*

”پوءِ (ٿيو بہ ائين) اسان (حضرت) نوح ؑ کي ۽ انهن کي جي ساٿس (دين ۾) شامل ٿيا هئا. (ايندڙ تباهيءَ کان) پنهنجي رحمت سان بچايو. مگر جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ ايمان نہ آندائون تن جون پاڙون بہ وڍي پٽي ڇڏيون سين.“

## حضرت نوح ؑ جي پٽ جي هلاڪت

طوفان جي ابتدائي مرحلي تي حضرت نوح ؑ ۽ سندس پٽ جي وچ ۾ ٿيندڙ گفتگوءَ کي قرآن پاڪ هن طرح بيان ڪري ٿو.

وَهِىَ تَجْرِىْ بِهِمْ فِىْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۗ وَنَادٰى نُوْحُ ۨ ابْنَهٗ وَكَانَ فِىْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَىَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَ لَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۲﴾ قَالَ سَاٰوِىْۤ اِلٰى جَبَلٍ يَّعْصِمُنِىْ مِنَ الْمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ ﴿۴۳﴾

*(سورة هود_43_42)*

”۽ (ڏسو) اهڙين لهرن ۾ جي جبلن وانگر اٿن ٿيون، ٻيڙي انهن (ماڻهن) کي کڻي وڃي رهي آهي . ۽ (حضرت) نوح پنهنجي پٽ کي سڏ ڪيو جو ڪناري وٽ بيٺو هو ۽ چيائين تہ اي منهنجا پٽ! اسان سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيءَ ۽ ڪافرن سان نہ رهي پئو. هن چيو تہ مان ڪنهن جبل تي پناه وٺندس جو مون کي پاڻيءَ (۾ ٻڏڻ) کان بچائي وٺندو. (حضرت) نوح چيس تہ (تون ڪهڙي خام خيال ۾ گرفتار ٿي ويو آهين.) اڄ الله جي (ٺهرايل) ڳالهہ کان بچائڻ وارو ڪو بہ ڪونهي. سواءِ ان جي جنهن تي الله پاڻ رحم

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪري ۽ (ڏسو) ٻنهي جي وچ ۾ هڪڙي لهر اچي ويئي. پوءِ هو انهن مان ٿيو جيڪي ٻڏڻ وارا هئا.“

## ايمان وارن جو ڇوٽڪارو

فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَمَنۡ مَّعَهٗ فِى الۡفُلۡكِ الۡمَشۡحُوۡنِ (سورة الشعرا ـ 119)

”سو اسان هن کي ۽ سندس ساٿين کي جيڪي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ (سوار) هئا (دشمنن کان ۽ ٻوڏ جي پاڻيءَ کان) بچائي سلامت رکيو.

فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَاَصۡحٰبَ السَّفِيۡنَةِ وَجَعَلۡنٰهَاۤ اٰيَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ (سورة العنكبوت ـ 15)

”پر اسان (حضرت) نوح کي ۽ ٻيڙيءَ وارن کي (جيڪي ساڻس گڏ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا هئا.) بچائي ورتو . ۽ اسان ان ٻيڙيءَ کي(جا جودي جبل جي چوٽيءَ تي وڃي بيٺي هئي.) جهان جي سڀني ماڻهن لاءِ(عبرت جي) نشاني بڻايو.“

## طوفان جي نوعيت

فَفَتَحۡنَاۤ اَبۡوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنۡهَمِرٍ ﴿۱۱﴾ وَّفَجَّرۡنَا الۡاَرۡضَ عُيُوۡنًا فَالۡتَقَى الۡمَآءُ عَلٰۤى اَمۡرٍ قَدۡ قُدِرَ ﴿۱۲﴾ وَحَمَلۡنٰهُ عَلٰى ذَاتِ اَلۡوَاحٍ وَّدُسُرٍ ﴿۱۳﴾ (سورة القمر: 13 ـ 11)

”سو اسان آسمان جا دروازا زبردست برسات سان کولي ڇڏيا (۽ مينهن پرتجي پيو.) ۽ (ان سان گڏ ) زمين مان چشما بہ وهائي ڇڏياسين. سو (آسمان ۽ زمين جو) پاڻي گڏجي پيو ۽ (الله جي) حڪم موجب ٺهرايل حد تائين چڙهيو .۽ اسان هن کي (يعني حضرت نوح ؑ کي سندس ماڻهن سميت) تختن ۽ ڪِلين واري ٻيڙي تي کڻي وياسين.

حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَمۡرُنَا وَفَارَ التَّنُّوۡرُ ۙ قُلۡنَا احۡمِلۡ فِيۡهَا مِنۡ كُلٍّ زَوۡجَيۡنِ اثۡنَيۡنِ وَاَهۡلَكَ اِلَّا مَنۡ سَبَقَ عَلَيۡهِ الۡقَوۡلُ وَمَنۡ اٰمَنَ ؕ وَمَاۤ اٰمَنَ مَعَهٗۤ اِلَّا قَلِيۡلٌ ﴿۴۰﴾ وَقَالَ ارۡكَبُوۡا فِيۡهَا بِسۡمِ اللّٰهِ مَجۡرٖٮهَا وَمُرۡسٰٮهَا ؕ اِنَّ رَبِّىۡ لَغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۴۱﴾ وَهِىَ تَجۡرِىۡ بِهِمۡ فِىۡ مَوۡجٍ كَالۡجِبَالِ ۚ وَنَادٰى نُوۡحُ ۨابۡنَهٗ وَكَانَ فِىۡ مَعۡزِلٍ يّٰبُنَىَّ ارۡكَبۡ مَّعَنَا وَلَا تَكُنۡ مَّعَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۴۲﴾ (سورة هود: 42 ـ 40)

”(هي سڀ ڪجهہ يعني مسخري وغيره ٿيندي رهي.) تان جو جڏهن وقت اچي ويو تہ اسان جي (مقرر ڪيل) ڳالهہ ظهور ۾



اچي ۽ (فطرت جو) تنور جوش ۾ آيو تڏهن اسان (نوح ؑ کي) حڪم ڏنو تہ هر قسم (جي جانورن) جا ٻہ ٻہ جوڙا ٻيڙيءَ ۾ چاڙهہ ۽ پنهنجي اهل عيال کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هل. مگر اهل عيال ۾ اهي ماڻهو داخل ناهن جن بابت اڳ ئي چيو ويو آهي (تہ غرق ٿيڻ وارا آهن) پڻ انهن کي بہ پاڻ سان کڻ. جن ايمان آندو آهي ۽ نوح سان گڏ ايمان ڪونہ آندو هئائون سواءِ ڪن ٿورن ماڻهن جي. ۽ (حضرت نوح سنگتين کي) چيو تہ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. الله جي نالي سان ان ٻيڙيءَ کي هلڻو آهي ۽ الله ئي جي نالي سان ان کي بيهڻو آهي. بيشڪ منهنجو پروردگار بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي. ۽ (ڏسو) اهڙين لهرن ۾ جي جبلن وانگر اٿن ٿيون. ٻيڙي انهن (ماڻهن) کي کڻي وڃي رهي آهي. ۽ (حضرت) نوح ؑ پنهنجي پٽ کي سڏ ڪيو جو ڪناري وٽ بيٺو هو ۽ چيائين تہ اي منهنجا پٽ! اسان سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيءُ ۽ ڪافرن سان نہ رهي پؤ.“

فَاَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡهِ اَنِ اصۡنَعِ الۡفُلۡكَ بِاَعۡيُنِنَا وَوَحۡيِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمۡرُنَا وَفَارَ التَّنُّوۡرُ ۙ فَاسۡلُكۡ فِيۡهَا مِنۡ كُلٍّ زَوۡجَيۡنِ اثۡنَيۡنِ وَاَهۡلَكَ اِلَّا مَنۡ سَبَقَ عَلَيۡهِ الۡقَوۡلُ مِنۡهُمۡ ۚ وَلَا تُخَاطِبۡنِىۡ فِى الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا ۚ اِنَّهُمۡ مُّغۡرَقُوۡنَ ﴿۲۷﴾ (سورة المؤمنون ـ 27)

”پوءِ اسان نوح ڏي وحي موڪليو تہ اسان جي نظرداريءَ هيٺ ۽ اسان جي وحي موجب هڪ ٻيڙي ٺاهہ. پوءِ جڏهن اسان جي حڪم جو وقت اچي وڃي ۽ تنور جا شعلا ڦڙڪي اٿن (يعني انڪار ڪندڙن تي عذاب جو وقت اچي وڃي) تڏهن تون هر هڪ جانور جا ٻہ ٻہ جوڙا ٻيڙيءَ ۾ پاڻ سان کڻجانءِ ۽ پنهنجي گهروارن کي بہ. پر گهر جي اهڙن ماڻهن کي نہ کڻندين جن جي لاءِ (ٻڏڻ جو) فيصلو اڳي ئي ٿي چڪو آهي. جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي تن جي لاءِ اسان وٽ ڪو بہ عرض ۽ التجا نہ ڪجانءِ اهي ضرور غرق ٿيندا.“

## بلند مقام تي ٻيڙيءَ جو بيهڻ

وَقِيۡلَ يٰۤاَرۡضُ ابۡلَعِىۡ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقۡلِعِىۡ وَغِيۡضَ الۡمَآءُ وَقُضِىَ الۡاَمۡرُ وَاسۡتَوَتۡ عَلَى الۡجُوۡدِىِّ وَقِيۡلَ بُعۡدًا لِّلۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۴﴾ (سورة هود ـ 44)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



”۽ (پوءِ الله جو) حڪم ٿيو ته اي زمين! پنهنجو پاڻي پيئي ڇڏ، ۽ آسمان برسات کي بند ڪر. پوءِ پاڻي لهي ويو. ۽ حادثي پڄاڻي ڪئي، ۽ ٻيڙي جودي جبل تي ٻيهي رهي ۽ (الله جو) فيصلو ٿيو ته نامرادي ۽ ناڪامي انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي ظالم آهن.“

## طوفان نوح عليه السلام ۾ نصيحت

اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ فِي الْجَارِيَةِ ۙ﴿۱۱﴾ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ﴿۱۲﴾

*(سورة الحاقة: 12_11)*

”اي ماڻهؤ! نبين جي ساٿ ڏيڻ تي اسان توهان جوساٿ ڏنو ۽ (نوح نبيءَ جي وقت ۾) جڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو تڏهن اوهان کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيوسون. هن لاءِ ته ان (واقعي) کي اوهان لاءِ يادگار (۽ عبرت) بڻايون ۽ ان (قسم جي مڪافات وارن واقعن) کي ڪو ياد رکڻ وارو ڪَنُ (نصيحت وٺڻ جي لاءِ) ياد رکي.“

## الله سائين وٽ حضرت نوح عليه السلام جو مقام

سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۹﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸۱﴾ *(سورة الصّٰفّٰت: 81_79)*

” سيني (ماڻهن ۾ يا سيني) جهانن ۾ (حضرت) نوح تي سلام هجي (يا سلامتي هجي مٿس). بيشڪ اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙي ئي طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ هو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو.“

## طوفان نوح سان ٿيندڙ تباهيءَ جون حدون

طوفان نوح جا انڪاري اهو جواز بيان ڪندا آهن ته پوري ڌرتيءَ جو احاطو ڪندڙ عالمگير طوفان نا ممڪن آهي. طوفان جي اچڻ جو انڪار ڪرڻ جو مقصد قرآن پاڪ جي حقانيت جو انڪار ڪرڻ آهي.

انهن جي مطابق وحيءَ تي آڌاريل سڀئي آسماني ڪتاب، قرآن مجيد سميت هڪ عالمگير طوفان جو تذڪرو ڪن ٿا، جيڪو حقيقتن ۽ امڪان جي ابتڙ آهي.

پر انهيءَ بنياد تي قرآن پاڪ جو انڪار درست ناهي. قرآن پاڪ الله



جي طرفان نازل ڪيل ۽ واحد تحريف (ڦيرڦار) کان پاڪ الاهي ڪتاب آهي. قرآن حڪيم ٻين قصن ڪهاڻين ۽ خمسه موسوي (Pentateuch) جي نسبت طوفان نوح جا مختلف انداز بيان ڪيا آهن. قديم عهد نامه جا پهريان پنج ڪتاب، خمسه موسوي جي مطابق هيءُ طوفان عالمگير هو. جنهن پوريءَ دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو هو. پر قرآن پاڪ ائين بيان نٿو ڪري. طوفانِ نوح بابت قرآني آيتون پڙهائين ٿيون ته اهو طوفان هڪ مخصوص علائقي ۾ آيو. جنهن پوريءَ دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ نه آندو. بلڪ ان طوفان کان فقط حضرت نوح عليه السلام جي ئي قوم تباهه ٿي هئي، جنهن کي حضرت نوح عليه السلام اڳ ۾ ئي خبردار ڪري چڪو هو.

جڏهن قرآن حڪيم ۽ قديم عهدنامي جي بيانن کي ڏٺو وڃي ته اهو فرق واضع ٿي وڃي ٿو. قديم عهد نامو جيڪو تاريخ جي مختلف دورن ۾ تغير ۽ تبدل (مٽا سٽا) جو شڪار رهيو تحريف جي سبب اصل آسماني ڪتاب قرار نٿو ڏيئي سگهجي، اهو طوفان نوح، جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

> ۽ خدا وند ڏٺو ته زمين تي انسان جي بدي وڌي ويئي ۽ هن جي دل جا تصور ۽ خيال هميشه خراب ٿين ٿا. تڏهن خداوند زمين تي انسان کي پيدا ڪرڻ ڪري ملول ٿيو ۽ دل ۾ غم ڪيائين، ۽ خداوند چيو ته مان انسان کي، جنهن کي مون پيدا ڪيو، روءِ زمين تان مٽائي ڇڏيندس. انسان کان وٺي حيوان ۽ سرندڙ جانور ۽ هوا جي پکين تائين، ڇو ته مان انهن جي ناهڻ ۾ ملول آهيان، مگر نوح خداوند جي نظر ۾ مقبول ٿيو. (پيدائش 6:8_5)

جڏهن ته قرآن پاڪ ۾ اهو واضح طور بيان ڪيو ويو آهي ته طوفان نوح عليه السلام سان پوري دنيا نه بلڪ رڳو حضرت نوح عليه السلام جي قوم تباهه ٿي. جهڙيءَ طرح حضرت هود عليه السلام کي عاد جي قوم ڏانهن (هود: 5)، ۽ حضرت صالح کي ثمود ڏانهن (هود: 61) يا نبي ڪريم ﷺ کان اڳ ٻين نبين سڳورن کي سندن قوم ڏانهن مبعوث ڪيو ويو هو حضرت نوح عليه السلام کي به پنهنجيءَ قوم ڏانهن موڪليو ويو هو ۽ پوءِ حق جي دعوت کي قبول نه ڪرڻ جي ڪري سندس قوم ئي طوفان وگهي هلاڪ ٿي ويئي هئي.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ ۡ اِنِّيْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۙ﴿۲۵﴾ اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۶﴾ *(سورة هود: 26_25)*

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

”۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان نوح کي سندس قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو. هن چيو تہ (اي منهنجي قوم!) مان توهان کي (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) کليو کلايو خبردار ڪرڻ وارو آهيان. الله کانسواءِ ڪنهن جي ٻانهپ نہ ڪريو. مان ڊڄان ٿو تہ متان اوهان تي عذاب جو دردناڪ ڏينهن نہ اچي وڃي.“

طوفان نوح سان، هلاڪ ٿيندڙ ماڻهو بہ اهي ئي هئا، جن حضرت نوح عليه السلام جي ڏنل حق جي دعوت کي رد ڪيو هو. لاڳاپيل آيتون انهيءَ حقيقت کي ڪيترن ئي هنڌن تي واضح ڪن ٿيون:

فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ فِى الْفُلْكِ وَ اَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ***(سورة الاعراف :64)***

”پوءِ (اهڙين سهڻين هدايتن ملڻ بعد بہ) هنن (منڪرن) حضرت نوح(عليه السلام) کي ڪوڙ نهرايو ۽ (ڌمڪيون ڏنيون.) پر اسان کيس ۽ جيڪي ساٿس (دين ۾) شامل هئا، ٻيڙيءَ ۾ (چاڙهي ٻوڏ کان) بچايو. مگر جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو نهرايو تن کي (ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾) غرق ڪري ڇڏيوسين. يقيناً اهي (منڪر ماڻهو(دل ۽ دماغ جا) انڌا ٿي ويا هئا.“

فَاَنْجَيْنٰهُ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ قَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ مَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ***(سورة الاعراف:72)***

”پوءِ (ٿيو بہ ائين) اسان هود کي ۽ انهن کي جي ساڻس (دين ۾) شامل ٿيا هئا. (ايندڙ تباهيءَ کان) پنهنجي رحمت سان بچايو. مگر جن اسانجي آيتن کي ڪوڙو نهرايو ۽ ايمان نہ آندائون تن جون پاڙون بہ وڍي پٽي ڇڏيون سين.“

وڏيڪ اهو تہ قرآن پاڪ انهيءَ الوهي اصول کي بہ بيان ڪيو آهي، تہ ڪا بہ قوم ان مهل تائين تباهہ نٿي ڪئي وڃي. جيستائين ان ۾ الله جو نبي مبعوث نہ ٿئي. ڪنهن قوم کي تباهہ ان وقت ڪيو ويندو آهي، جڏهن ان ڏانهن الله جي عذاب کان ڊيڄارڻ وارو اچي وڃي ۽ قوم ان جي دعوت کي ٺڪرائي ڇڏي.

سورة القصص ۾ ارشاد فرمايو ويو:





وَ مَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى حَتّٰى يَبْعَثَ فِيْٓ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَ مَا كُنَّا مُهْلِكِى الْقُرٰٓى اِلَّا وَ اَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ ***(سورة القصص:59)***

”۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار اهڙو ناهي جو بستيون ۽ شهر برباد ڪري ڇڏي جيستائين پهريائين انهن جي مرڪزي شهر ۾ هڪڙو رسول نہ موڪلي ، جو اسان جا حڪم کين پڙهي ٻڌائي (۽ پوءِ بہ هو انهن حڪمن جي پيروي نہ ڪن.) ۽ اسان ڪڏهن بہ شهرن کي برباد نٿا ڪريون سواءِ هن حالت جي جو انهن جا ماڻهو ظلم ڪندڙ ۽ خدا جي نافرماني ڪندڙ) هجن.“

هڪ اهڙي قوم جنهن ۾ ڪو نبي مبعوث نہ ٿيو هجي، ان کي تباهہ ڪرڻ الله جي سنت ناهي. تنهن ڪري طوفان نوح سان ڪا بہ اهڙي بستي تباهہ نہ ڪئي ويئي، جنهن ڏانهن الله جي عذاب کان ڊيڄارڻ وارو نہ آيو هوسواءِ حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي.

قرآن پاڪ جي انهن آيتن مان اها ڳالهہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ طوفان نوح عالمگير نہ هو پر هڪ مخصوص علائقي تائين محدود هو. سيلاب جي ممڪنہ علائقي ۾ ٿيندڙ قديم آثارن جي کوٽائين مان بہ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ اهو طوفان عالمي نوعيت جو نہ، بلڪ اهو هڪ اهڙو عظيم طوفان هو. جنهن سان واديءِ دجلہ ۽ فرات جو هڪ خاص حصو ئي متاثر ٿيو.

## ڇا سڀئي جانور ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيا ويا؟

انجيل جي شارحن جو اهو خيال آهي تہ حضرت نوح عليه السلام جي مڙني جانورن جي قسمن کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيو ۽ اهو سندن انهيءَ ئي ڪنيل قدم جو نتيجو آهي جو طوفان اچڻ باوجود ڌرتيءَ تان جانور معدوم ڪونہ ٿيا. انهيءَ عقيدي جي مطابق زمين تي رهندڙ هر جانور جو هڪ جوڙو ٻيڙيءَ تي سوار ڪيو ويو.

جيڪي ماڻهو انهيءَ عقيدي کي شڪ ۽ شهبي کان مٿانهون قرار ڏين ٿا، انهن کي گهڻين ئي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو... اهو تہ ايڏي وڏي تعداد ۾ آندل جانورن کي ڪيئن ٻيڙيءَ ۾ رکيو ويو؟ انهن جي کاڌ خوراڪ جو ڪهڙو انتظام ڪيو ويو؟ ۽ پڻ اهو تہ انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڌار ڪهڙيءَ طرح رکيو ويو؟

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

مٿين مڙني سوالن جو جواب ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ ٻيو اهو ته مختلف کنڊن ۾ رهندڙن جانورن کي ڪيئن ڪٺو ڪيو ويو؟

وڌيڪ ڏکيو سوال هيءُ آهي ته نانگ، وڇون، ۽ ٻين جهنگلي ۽ زهريلن جانورن کي ڪيئن پڪڙيو ويو ۽ سيلاب ختم ٿيڻ تائين، انهن کي انهن جي قدرتي ماحول کان ڪهڙيءَ طرح پري رکيو ويو؟

عهد نامه عتيق جي تفصيلات تي اهي سوال اڀرن ٿا. جڏهن ته قرآن پاڪ ۾ اهڙو ڪو ئي بيان موجود ناهي، ته روءِ زمين جي سڀني جانورن کي طوفان کان اڳ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيو ويو هو. جيئن ته اسان اڳ ۾ بيان ڪيو آهي ته اهو طوفان زمين جي هڪ خاص علائقي ۾ آيو هو تنهنڪري ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيل جانور رڳو اهي ئي هوندا، جيڪي طوفان کان متاثر ٿيندڙ علائقي ۾ رهندا هوندا.

تنهن هوندي به اها ڳالهه بلڪل پڌري آهي ته انهيءَ علائقي ۾ موجود جانورن جا سمورا قسم ٻيڙيءَ ۾ گڏ ڪرڻ هڪ ڏکي ڳالهه آهي. حضرت نوح ؑ ۽ مٿس ايمان آڻيندڙ ڪجهه فردن جي لاءِ اهو ممڪن نه هو ته هو پنهنجي اردگرد واري ماحول ۾ موجود سڀئي جانور ڳولي، انهن کي گڏ ڳن ها (سورة هود:40) وڌيڪ اهو ته انهن جي لاءِ انهيءَ علائقي ۾ موجود جيت جڻن جي جملي قسمن کي گڏ ڪرڻ ۽ وري انهن جي نر ۽ ماديءَ جي تميز ڪرڻ به ممڪن نه هو. تنهن ڪري غالب گمان اهوئي آهي، ته حضرت نوح ؑ جي ٻيڙيءَ ۾ رڳو اهي ئي جانور گڏ ڪيا ويا، جن کي پڪڙڻ سؤلو ۽ سنهنجو هو ۽ جيڪي پالتوءِ انسان جي لاءِ ڪارائتا هئا. حضرت نوح ؑ يقيناً ٻيڙيءَ ۾ جيڪي جانور کنيا، انهن ۾ ڳئون، رڍون، گهوڙا، اٺ ۽ اهڙيءَ طرح جا ٻيا جانور شامل هئا، جيڪي طوفان کان پوءِ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪرڻ لاءِ ضروري هئا، ڇو ته ٻوڏ جي ڪري چوپاين جو وڏو حصو تباهه ٿي ويو هو. هتي قابل غور نڪتو هيءُ آهي ته حضرت نوح ؑ کي الله پاڪ جي طرفان ٻيڙيءَ ۾ جانورن کي سوار ڪرڻ جي حڪم جي حڪمت هيءَ هئي ته طوفان کانپوءِ جيئن اهي جانور نئين زندگي شروع ڪرڻ ۾ ڪم اچي سگهن. نڪي اهو ته انهن جو نسل محفوظ رهي. جيئن ته طوفان عالمي نه، بلڪ علائقائي هو. تنهن ڪري جانورن جو نسل ختم ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. ها! اهو ممڪن هو ته طوفان کانپوءِ ٻئي علائقي کان جانور هجرت ڪري انهيءَ علائقي ۾ اچن ها ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻ پائيوار



هتي ٻيهر اڳ جيان آباد ٿين ها. بنيادي مسئلو طوفان کانپوءِ علائقي ۾ نئين زندگيءَ جي آغاز ڪرڻ جو هو ۽ حضرت نوح ؑ جي گڏ ڪيل جانورن جو بنيادي مقصد به اهوئي هو.

## طوفان نوح جي اوچائي ڪيتري هئي؟

طوفان نوح بابت بحث جو هڪ نڪتو هيءُ به آهي ته ڇا پاڻي جبلن کان به اوچو ٿي ويو هو؟ قرآن پاڪ جي مطابق طوفان کان پوءِ حضرت نوح ؑ جي ٻيڙي "الجودي" تي اچي بيهي رهي. گهڻو ڪري الجودي مان مراد هڪ مخصوص پهاڙي ورتي وڃي ٿي. جڏهن ته عربيءَ ۾ "جودي" "مٿانهين جڳهه" يا"پهاڙي" کي چوندا آهن. تنهن ڪري ان حقيقت کي وسارڻ نه گهرجي، ته قرآن پاڪ " جودي" مان مراد ڪو مخصوص جبل ناهي ورتو بلڪ ان ڏانهن اشارو ڪيو آهي ، ته طوفان کانپوءِ ٻيڙي هڪ بلند جڳهه تي اچي بيهي رهي. ان کان سواءِ لفظ "جودي" جي معنيٰ مان به، اهو واضح ٿي وڃي ٿو ته طوفان جو پاڻي هڪ مخصوص سطح تائين بلند ٿي ڪري بيهي رهيو هو ۽ جبلن کان اوچو نه ٿيو هو. عهد نامہ عتيق جو اهو بيان، ته سيلاب سڄي زمين تي آيو هو جي ابتڙ، اهو طوفان رڳو ڌرتيءَ جي هڪ مخصوص علائقي ۾ ئي آيو هو.

## طوفان نوح جو هنڌ يا حدون

واديءِ دجله ۽ فرات (Mesopotamia) جا ميدان، طوفان نوح جا هنڌ ٻڌايا ويا آهن. تاريخ جون سڀئي اوائلي تهذيبون هن علائقي ۾ هيون. دجله ۽ فرات جي وچ ۾ رهڻ ڪري اها جڳهه ڪنهن وڏي طوفان جي لاءِ مناسب جڳهه ٿي سگهي ٿي. سيلاب جي حوالي سان، هن واديءَ ۾ موجود هڪ وڏو معاون سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ٻئي درياهه طغياني (چاڙهه) ۾ پنهنجن ڪپرن ۽ ڪنارن کان ڦاٽي پيا هجن ۽ سڄو سارو علائقو پاڻيءَ هيٺ آيو هجي.

انهيءَ علائقي کي سيلاب جو هنڌ قرار ڏيڻ جو ٻيو تاريخي سبب هي آهي ته هن علائقي جي ڪيترن ئي تهذيبن جي تاريخي رڪارڊ مان ڪيئي اهڙيون شاهديون مليون آهن ته انهيءَ دور ۾ هتي سيلاب آيو هو. حضرت نوح ؑ جي قوم جي تباهي ڏسي ڪري، انهيءَ علائقي جي ٻين قومن انهيءَ عظيم تباهيءَ ۽ ان جي اثرن کي محفوظ ڪرڻ جو خيال ڪيو هوندو. اها

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ڳالهہ مشهور آهي ، تہ طوفان بابت اڪثر داستان واديءِ دجلہ ۽ فرات ۾ ئي وڌيا ويجهيا آهن. اسان جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم اهي آثار قديمہ جون دريافتون آهن، جن مان اها ڳالهہ پڌري ٿئي ٿي تہ هڪ پيرو ضرور هن علائقي ۾ وڏو طوفان آيو هو جنهن جي اسان اڳتي هلي وضاحت ڪنداسون. انهيءَ طوفان جي نتيجي ۾ هڪ عرصي تائين هتي زندگي معطل رهي. انهيءَ علائقي جي کوٽائين جي نتيجن ۾ هڪ وڏي تباهيءَ جي کوڙ سارن آثارن جو انڪشاف بہ ٿيو آهي.

واديءِ دجلہ ۽ فرات ۾ ٿيندڙ کوٽائين مان انهيءَ ڳالهہ جو انڪشاف ٿيو آهي، تہ هيءُ علائقو تاريخ ۾ ڪيترائي ڀيرا دجلہ ۽ فرات جي چاڙهہ جي ڪري ٻوڏ جي ور چڙهندو رهيو آهي. مثلاً واديءَ دجلہ ۽ فرات جي ڏکڻ ۾ هڪ وڏي قوم اُر (Ur ) جي حڪمران ابي سين (Ibbi_Sin) جي دور ۾ بہ هزار قبل مسيح جي قريب هڪ سال ۾ آسمان ۽ زمين جي درميان حدن ۽ آفاق کي غرقاب ڪندڙ سيلاب ڪانپوءِ جي سال طور ملهايو ويندو آهي.[1] اهڙيءَ طرح 1700 قبل مسيح جي لڳ ڀڳ، بابل جي حمورابي (Hammurabi) جي دؤر جي هڪ سال کي ايشنونا (Eshnuna) شهر جي طوفان جي تباهيءَ جي سال طور ڄاتو وڃي ٿو.

ڏهين صدي ق. م ۾ نيبومڪن ايپال (Nabu_Mukin_Apal )جي دور حڪومت ۾ بابل شهر ۾ هڪ وڏو طوفان آيو.[2] حضرت عيسيٰ عليه السلام ڪانپوءِ ستين، انين، ڏهين، يارهين ۽ ٻارهين صديءَ ۾ بہ هن علائقي ۾ وڏا طوفان آيا. ويهين صديءَ ۾ بہ 1925ع ، 1930ع ۽ وري 1954ع ۾ هتي طوفان آيا.[3] تاريخ جي انهن واقعن مان اهو پڌرو ٿئي ٿو، تہ هيءَ وادي گهڻو ڪري طوفانن جي زد ۾ رهي ۽ جيئن قرآن حڪيم بيان ڪيو آهي، تيئن عين ممڪن آهي تہ ڪنهن وڏي طوفان جي سبب اها سڄي وادي تباهہ ٿي ويئي هجي.

## قديم آثار ۽ طوفان نوح

اها ڪا اتفاقي ڳالهہ ناهي جو قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل تباهيءَ کان متاثر ٿيندڙ اڳوڻين قومن جا اُهڃاڻ ۽ آثار هاڻوڪي دور جي تحقيقات جي نتيجي ۾ هٿ اچن پيا. قديم آثارن جا شاهد انهيءَ ڳالهہ کي ثابت ڪن ٿا تہ جيڪا قوم جيترو اوچتو تباهہ ٿي، ان جا آثار بہ اوترائي مڪمل طور تي محفوظ ٿي ويا.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



جڏهن بہ ڪائي تهذيب قدرتي آفتن، هنگامي لڏپلاڻ يا جنگ جي ڪارڻ اوچتو تباهہ ٿي، ان جا آثار بهتر طور تي محفوظ ٿي ويا. اهڙين تهذيبن جي ماڻهن جا گهر ۽ سندن استعمال هيٺ رهندڙ شيون. مٽيءَ ۾ دٻجي ڪري مختصر وقت ۾ پنهنجي اصل صورت ۾ محفوظ ٿي ويون . اهڙيءَ طرح انساني پهچ کان پري هئڻ جي ڪري، ڊگهي عرصي تائين محفوظ رهيا ۽ جڏهن بہ انهن جو انڪشاف ٿيو، اهي ماضيءَ جا حوالا معلومات جا املهہ ذخيرا ثابت ٿيا .

هاڻوڪي دور ۾ بہ طوفان نوح جي حوالي سان ڪيترائي آثار هٿ آيا آهن. ٽي هزار قبل مسيح ۾ ايندڙ انهيءَ عظيم طوفان آنًا فانًا هڪ تهذيب کي ڌرتيءَ تان مڪمل طور تي ميساري ڇڏيو ۽ اتي هڪ بلڪل نئين تهذيب ظاهر ٿي. طوفان نوح جا آثار هزارين سالن تائين محفوظ رهيا، تہ جيئن بعد ۾ ايندڙ نسلن لاءِ عبرت بڻجي.

واديءِ دجلہ ۽ فرات (Mesopotamia) ۾ ايندڙ انهيءَ طوفان جي تحقيق جي لاءِ هتي ڪيتريون ئي کوٽائيون ڪيون ويون. هن علائقي ۾ ٿيندڙ کوٽائين جي نتيجي ۾ هتان جي چئن شهرن ۾ طوفان نوح جا آثار هٿ لڳا آهن. واديءِ دجلہ ۽ فرات جا اهي چار شهر اُر(Ur) ، ايرڪ(Erech) ، ڪش (Kish)۽ شروپڪ (Shuruppak) آهن .

انهن شهرن ۾ ٿيندڙ کوٽائين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي شهر ٽي هزار سال قبل مسيح جي لڳ ڀڳ طوفان جي زد ۾ آيا هئا. سڀ کان پهريان اسان شهر ار (Ur) ۾ ٿيندڙ کوٽائين جو جائزو وٺون ٿا:

ڪنهن بہ تهذيب جا سڀ کان قديم ۽ وائلي آثار شهر ار (Ur) جي کوٽائين مان آڏو آيا آهن، جيڪي ست هزار سال قبل مسيح پراڻا آهن. انهن کي هاڻي "تل المقير" (Tell al Muqqayar) .جو نالو ڏنو ويو آهي. هڪ نهايت ئي ابتدائي تهذيب جو مرڪز هوندي، ار (Ur) هڪ اهڙو شهر هيو جتي هڪ ٻئي پٺيان ٻيون ڪيتريون ئي تهذيبون وڌيون ويجهيون.

ار (Ur)شهر جي قديم آثارن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هتي وڏي طوفان ڪانپوءِ زندگي معطل ٿي ويئي هئي ۽ تنهن کان پوءِ هڪ نئين تهذيب جنم ورتو. آر ايچ هال (R.H.Hall) جنهن جو تعلق برٽش ميوزيم سان هيو هن هتي پهرين کوٽائي ڪئي. آر ايچ هال (R.H.Hall)کان پوءِ انهن کوٽائين کي جاري رکندڙ ليو نارڊ وولي (Leonard Wulley) برٽش ميوزيم ۽ پنسلوانيا

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



يونيورسٽيءَ جي گڏيل ڪوشش ۾ ڪاوشن سان ٿيندڙ کوٽائين جي نگراني ڪئي. سڄيءَ دنيا ۾ ترٿلو مچائيندڙ اهي کوٽايون 1922ع کان 1934ع تائين جاري رهيون.

سر وولي (Sir Wulley) بغداد ۽ خليج فارس جي وچ واري صحرا ۾ کوٽايون ڪيون. ار (Ur) شهر جا باني ماڻهو واديءَ دجله ۽ فرات جي اتر کان آيا هئا ۽ پاڻ کي "عبيدي" سڏائيندا هئا. کوٽائين جو اصل مقصد انهن ئي ماڻهن بابت معلومات هٿ ڪرڻ هو. آثار قديمه جو جرمن ماهر ورنر ڪيلر (Werner Keller)، وولي جي کوٽائين جو تفصيل هيئن بيان ڪيو آهي:

"ار (Ur) جي شاهن جون قبرون" ... وولي انهن قبرن جي دريافت تي نهايت پرجوش هو. هن سميري امراي (حاڪمن ) جي انهن قبرن تي نشان لڳائي ڇڏيا، جن جو اصلي شاهاڻو شان ان وقت آڏو آيو جڏهن هڪ عبادت گاهه جي ڏکڻ ۾ ، 50 فوٽ اوچي دڙي جي کوٽائي ڪئي ويئي، جتي انهن قبرن جي هڪ ڊگهي قطار موجود هئي. پٿرن مان ٺهيل اهي ته خانا سچ پچ ته هڪ خزانو هئا. اهي ته خانا قيمتي ساغرن ، حيرت ۾ وجهندڙ شڪل ۽ صورت جي صراحين ۽ گلدانن ، ڪاشيءَ جي ٿانون، موتين ۽ ٻڙن جي ڪم واري سامان ۽ مٽيءَ مان ٺهيل، چانديءَ جي ته چڙهيل ٿانون سان ڀريل هئا. بربط (ساز جو قسم) ۾ سارنگيون ديوارن سان رکيل هيون.(4) وولي، بعد ۾ پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو: "هي سڀ ڪجهه اچانڪ ٿيو هو ۽ پوءِ ٿيندڙ دريافتن اسان جي شڪ جي تصديق ڪري ڇڏي. هڪ بادشاهه جي مقبري جي فرش هيٺان اسان کي سڙيل ڪانيءَ جي رک (خاڪ) جي ته ۾ رکيل مٽيءَ جون ڪيئي تختيون مليون، جن تي قبرن جي تحرير کان به پراڻي طرز جي لکت لکيل هئي. انهيءَ تحرير مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ته اهي تختيون (الواح) 3000 ق. م جون آهن. يعني اهي مقبرن کان به، ٻه، ٽي صديون پراڻيون هيون.

جڏهن وڌيڪ کوٽائي ڪئي ويئي، ته مٽيءَ جو نئون ته آڏو آيو جنهن ۾ گهريلو استعمال جي ٿانون جا ٽڪرا گهڻائيءَ ۾ موجود هئا. ماهرن جي مطابق هتي ٿانو هڪ ڊگهي عرصي تائين هڪ طرز جا رهيا. اهي ٿانو بلڪل انهن ٿانون وانگر هئا، جيڪي بادشاهن جي قبرن مان مليا هئا.يعني صدين تائين سميري تهذيب ۾ ڪا وڏي تبديلي ڪونه آئي هئي. يعني تمام جلد ئي هنن تهذيب جي حيران ڪندڙ بلندين کي ڇهي ورتو هو.



جڏهن ڪيئي ڏينهن جي کوٽائيءَ ڪانپوءِ وولي، جي ڪارڪنن ڪيس ٻڌايو ته هو سڀ کان هيٺين ته تائين پهچي چڪا آهن ته، هو انهيءَ زميني ته کي ڏسڻ جي لاءِ پاڻ اتي لٿو. ڏسندي ئي وولي، به ان کي آخري ته سمجهيو. اهو واريءَ جو ته هو جيڪا پاڻيءَ جي ڪنهن وڏي ريلي (وهڪري) سان ئي جمع ٿي سگهي پيو. هنن وڌيڪ کوٽائيءَ جو فيصلو ڪيو. 6 فوٽ هيٺ گهرائيءَ تائين خالص مٽي ئي مٽي هئي، پر جڏهن هو. 10فوٽ اونهائيءَ تائين پهتا ته، مٽيءَ جو ته اهڙيءَ طرح اچانڪ ختم ٿي ويو جهڙيءَ طرح شروع ٿيو هو. هتي ڪيس انساني سڪونت ۾ رهڻي ڪهڻيءَ جا آثار نظر آيا. انهيءَ جڳهه مان ملندڙ ٿانو ۽ واهپي جون ٻيون انيڪ شيون نهايت ئي ساديون سوديون ۽ هٿ سانِ ٺهيل هيون. هتي ڌاتوءَ مان ٺهيل ڪا به شيءَ ڪو نه ملي. اهي اوزار جيڪي هتان مليا سي پٿر جا ٺهيل هئا. يعني انهيءَ تهذيب جو تعلق پٿرجي دور سان هو.

ار(ur) جي انهيءَ پهاڙيءَ جي هيٺان موجود انهيءَ مٽيءَ جي ته جو سبب سيلاب ئي ٿي سگهي ٿو. جنهن ٻن مختلف دؤرن جي انساني تهذيبن کي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو هو. ٻوڏ جي ايندڙ پاڻيءَ مٽيءَ ۾ محفوظ مختلف آبي جانورن جي آثارن جي صورت ۾ پنهنجا مستقل، واضح ۽ پڌرا نشان ڇڏيا هئا .

خورد بيني تجزيي سان به اهو ثابت ٿي ويو ته ار (Ur) جي پهاڙيءَ جي هيٺان، مٽيءَ جو اهو ته سيلاب جو ئي نتيجو هو جنهن قديم سميري تهذيب کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو هو واديءَ دجله ۽ فرات جي صحرا (رڻ پٽ) جي هيٺان موجود انهيءَ ته ۾ گلگا ميش جا جنگي داستان ۽ حضرت نوح عليه السلام جي داستان جا تفصيل ڪنا ٿي ويا هئا.

ليونارڊ وولي (Leonard Wooley) جي انهن خيالن کي ميڪس ميلون (Max Mallowon) به بيان ڪيو آهي، ته سيلاب جي ايندڙ مٽيءَ مان يڪدم ٺهندڙ اهو ته ڪنهن وڏي ۽ خوفناڪ طوفان سان وجود ۾ اچي سگهي ٿو. وولي به انهيءَ سيلابي مٽيءَ جي ته جو ذڪر ڪيو. جنهن سميري تهذيب جي شهر ار(ur) ۽ العبيد جي شهر کان ڌار ڌار ڪري ڇڏيو هو جنهن جا رهاڪو سيلاب جي آثارن جي مطابق رنگين ٿانو استعمال ڪندا هئا. (5)

اهي شاهديون ٻڌائن ٿيون ته سيلاب کان ار(ur) شهر به متاثر ٿيو هو. ورنر ڪيلر (Werner Keller) به انهن کوٽائين جي اهميت جو اعتراف ڪيو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻي پائيوار



۽ چيو تہ مٽيءَ جي انهيءَ تهہ ۾ موجود آباديءَ جا آثار ٻڌائن ٿا تہ هتي هڪ عظيم سيلاب آيو هو.[6]

سيلاب کان متاثر ٿيندڙ واديءِ دجلہ ۽ فرات جو ٻيو وڏو شهر سميرين جو شهر ڪش هو جنهن کي اڄ ڪلهہ ”تل الحمير“چون ٿا .

قديم سميري ماخذن جي مطابق هيءُ شهر ڪيئي حڪمران خاندانن جي، رهڻ جو هنڌ هو. [7]

واديءِ دجلہ ۽ فرات جي ڏکڻ ۾ واقع شهر شروپڪ جنهن کي ”تل فرح“ چون ٿا، اهو بہ سيلاب کان متاثر ٿيو. انهيءَ علائقي ۾ 1920ع کان 1930ع جي وچ ڏاري پنسلوانيا يونيورسٽيءَ جي Frich Schmidt جي اڳواڻيءَ ۾ تحقيقات ڪئي ويئي. هن علائقي ۾ ٿيندڙ کوٽائين مان انساني آبادي جي ٽن دورن جو ڏس پتو مليو جن جو تعلق قبل تاريخ زمانہ(تاريخ جي اڳ واري زماني) جي آخري دور کان اُر(ur) جي ٽيئن حڪمران خاندان جي دور (2112_2004. ق م) تائين آهي. هتان ملندڙ آثارن ۾ نمايان کان نمايان اعلي طرز تي اڏيل گهر ۽ لوهہ جون اهي تختيون آهن. جن تي انتظامي نوعيت جي لفظن جي لکت آهي، جيڪا 4000 هزار سال قبل مسيح جي هڪ اعلي ترقي يا فتہ معاشري جو ثبوت ڏيئي ٿي. [8]

انهن دريافتن مان آڏو ايندڙ هڪ اهم نڪتو هيءُ آهي، تہ انهيءَ شهر ۾ 3000_2900 ق.م ۾ خوفناڪ سيلاب آيو هو. ميلون ( Mallawon) جي بيان ڪيل تفصيل جي مطابق شمٽ (Schmidt) 4کان 5 ميٽر گهرائيءَ کانپوءِ زرد مٽيءَ جي تهہ تائين پهتو جيڪو (سيلاب جي نتيجي ۾) مٽيءَ ۽ واريءَ مان وجود ۾ آيو. مٽيءَ جو اهو تهہ هموار زمين ۾، ڏڙن ڏکن جي بنسبت گهٽ گهرائيءَ تي واقع آهي. شمٽ ( Schmitdt) انهيءَ کي مٽي ۽ واريءَ جو محلول (مرڪب) قرار ڏنو جيڪا حڪمران نصر جي قديم بادشاهت جي وقت کان موجود هئي ۽ درياهہ ۾ ملندڙ واريءَ جهڙي هئي، جيڪا طوفان نوح سان ٿي آئي.[9] شروپڪ شهر ۾ ٿيندڙ کوٽائين مان بہ 3000_2900 ق. م جي وچ ڏاري آيل سيلاب جا آثار مليا. غالباً هيءُ شهر بہ ٻين شهرن وانگر طوفان نوح کان شديد متاثر ٿيو هو. [10]

سيلاب کان متاثر هاڻوڪو لڏل شهر ايرڪ آهي، جيڪو شروپڪ جي ڏکڻ ۾ واقع آهي ۽ هينئر ”تل الورڪہ“سڏجي ٿو. ٻين شهرن وانگر هتي بہ سيلاب جي مٽيءَ جو تهہ موجود آهي، جنهن جو تعلق ٻين شهرن وانگر



3000_2900 ق.م جي دور سان آهي. [11]

دجلہ درياهہ ۽ فرات پنهنجي واديءَ کي هڪ سري کان ٻئي سري تائين ڪٽن ٿا. آثارن مان ائين ٿو لڳي تہ . طوفان جي دوران اهي ٻئي درياهہ ۽ پاڻيءَ جا ٻيا ننڍا وڏا مڙئي ذريعا ڦاٽي نڪتا ۽ شديد برساتن جي موجودگيءَ ۾ هڪ عظيم طوفان ۾ تبديل ٿي ويا. قرآن حڪيم جي مطابق:

فَفَتَحْنَآ أَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ ﴿١١﴾ وَّفَجَّرْنَا الْأَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰٓى أَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿١٢﴾ *(سورة القمر: 12_11)*

”سو اسان آسمان جا دروازا زبردست برسات سان کولي ڇڏيا (۽ مينهن پرڻجي پيو).۽ (ان سان گڏ) زمين مان چشما وهائي ڇڏياسين. سو (آسمان ۽ زمين جو) پاڻي گڏجي پيو ۽ (الله جي حڪم) موجب ٺهرايل حد تائين چڙهيو.“

جيڪڏهن اسان سيلاب جي سببن جو هڪ ٻئي پٺيان جائزو وٺون تہ ، اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهو سيلاب بلڪل هڪ قدرتي عمل هو. انهيءَ سيلاب جو معجزاڻو پهلو سيني سببن جو هڪ ئي وقت ڪٺو ٿيڻ ۽ حضرت نوح عليه السلام جو پنهنجي قوم کي، وقت کان اڳ اطلاع ڏيڻ هو.

تحقيقات وسيلي، آڏو ايندڙ معلومات مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سيلاب کان متاثر ٿيندڙ علائقو اوڀر ۽ اولهہ کان تقريباً 160 ڪلوميٽر (ويڪر ۾) ۽ اتر ۽ ڏکڻ کان 600 ڪلوميٽر ڊيگهہ ۾ پکڙيل آهي. يعني سيلاب پوري واديءِ دجلہ ۽ فرات کي پنهنجي زد ۾ ورتو. سيلاب کان متاثر ٿيندڙ شهر يعني اُر، ايرڪ، شروپڪ ۽ ڪش بہ هڪ قطار ۾ واقع آهن. انهيءَ ڪري انهن چئني شهرن جي آبادي ۽ آس پاس وارا علائقا سيلاب کان متاثر ٿيا. وڌيڪ اهو تہ 3000 ق_م هن علائقي جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ بناوت بہ اڄ کان بلڪل مختلف هئي. انهيءَ دور ۾ فرات جو تهہ اڄ جي پيٽ ۾ اوڀر طرف گهڻو هو. اهڙيءَ طرح هيءُ اُر، ايرڪ، شروپڪ ۽ ڪش کان گذرندو هو. اهڙي ئي طرح جڏهن ”آسمان ۽ زمين جي پاڻيءَ جا چشما ڦاٽي نڪتا“ تہ فرات پنهنجي ڪنارن کان ٻاهر وهي نڪتو ۽ چار ئي شهر تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.

## سيلاب جو تذڪرو ڪندڙ مذهب ۽ قومون

اهي سموريون قومون، جن ڏانهن نبي سڳورا حق جو پيغام کڻي آيا،

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

انهيءَ سيلاب کان آگاهه هيون. تنهن هوندي بہ هيءُ واقعو پنهنجي اصلي يا بدليل شڪل ۾ انهن قومن جي مقامي داستانن جو بہ حصو بڻجي ويو.

الله تعاليٰ، طوفان نوح جي خبر پنهنجي نبين سڳورن ۽ ڪتابن جي ذريعي مختلف قومن تائين پهچائي، تہ جيئن اها سندن جي لاءِ نصيحت ۽ عبرت جو سامان ٿئي. اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ هر دؤر ۾ آسماني ڪتابن ۾ تحريف ڪئي ويئي ۽ طوفان نوح جي تفصيل ۾ بہ ديو مالائي عنصر شامل ٿي ويا. رڳو قرآن پاڪ ئي واحد آسماني ڪتاب آهي، جنهن جي تفصيلات جي جديد تحقيق بہ تصديق ٿي ڪري. ڇو تہ قرآن ڪريم کي هر طرح جي مٽا سٽا ۽ تبديلي کان محفوظ رکڻ جي ذميداري، الله سائينءَ پاڻ کنئي آهي ۽ قرآن هميشہ جي لاءِ الله پاڪ جي حفاظت ۾ آهي.

اِنَّا نَحۡنُ نَزَّلۡنَا الذِّكۡرَ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوۡنَ ***(سورة الحجر:9 )***

”بيشڪ اسان پاڻ الذڪر (يعني قرآن، جيڪو سرار نصيحت آهي) نازل ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسان پاڻ ان جا نگهبان آهيون.“

هاڻي اسان انهيءَ ڳالهہ جو جائزو وٺندا سون تہ طوفان نوح جو تذڪرو، تحريف ڪيل شڪل ۾.... قديم عهد نامي ۽ جديد عهد نامي ۾ ۽ مختلف قومن جي روايتن ۾ ڪهڙيءَ طرح ڪيو ويو آهي.

## قديم عهد نامي ۾ طوفان نوح جو تذڪرو

حضرت موسيٰ عليه السلام تي توريت نازل ڪيو ويو. اڄ اصل نازل ٿيندڙ توريت مان ڪجهہ بہ موجود ناهي ۽ هاڻوڪي ”صحف خمسہ“ جو اصل وحي ٿيل توريت سان ڪو واسطو ڪونهي. يهودي عالمن انجي متن کي بہ ڦير ڦار (تحريف) جو نشانو بڻايو. بني اسرائيل جي ٻين نبين سڳورن تي نازل ٿيندڙ ڪتاب بہ انهيءَ تغير ۽ تبدل (ڦير ڦار) جو شڪار ٿيا. انهيءَ ڪري اسان مجبور آهيون تہ انهن صحيفن کي اسان ”محرف صحف موسوي“ (يعني حضرت موسيٰ عليه السلام جا تحريف ٿيل صحيفا) جو نالو ڏيون، جيڪي اصلي وحيءَ جي مضمون کي بيان ڪرڻ بدران، مختلف قبيلن جي حالات ۽ تاريخ تي مشتمل آهن. تنهن هوندي بہ اها ڳالهہ حيرت جوڳي آهي جو انهن تبديلين جي باوجود توريت جو موجوده متن طوفان نوح کي بيان ڪري ٿو ۽ ان جون ڪيئي ڳالهيون قرآن شريف جي بيان سان بہ ڪي قدر مشابهت رکن ٿيون.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



عهد نامہ قديم جي مطابق، الله تعاليٰ حضرت نوح عليه السلام کي خبردار ڪيو تہ، جيئن تہ زمين گناهن سان ڀرجي ويئي آهي، تنهنڪري ايمان وارن کانسواءِ باقي سڀني کي هلاڪ ڪيو ويندو. پوءِ هن حضرت نوح عليه السلام کي ٻيڙي ٺاهڻ جو حڪم ڏنو ۽ کيس پنهنجي گهرواري، ٽنهي پٽن، سندن زالن ۽ هر زنده شيءِ جي جوڙن کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪرڻ لاءِ چيو.

ستن ڏينهن کانپوءِ جڏهن سيلاب جو وقت آيو تہ زمين هيٺان پاڻيءَ جا سموار چشما ڦاٽي نڪتا ۽ آسمان کان بہ پاڻي وسڻ لڳو ۽ هڪ عظيم سيلاب هر شيءِ جو گهيرو ڪيو. اهو سيلاب چاليهہ ڏينهن ۽ رات جاري رهيو. حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي پاڻيءَ ۾ ترندي رهي. اهڙيءَ طرح رڳو ٻيڙيءَ جا سوار ئي محفوظ رهيا. جڏهن تہ انهن کان سواءِ هر ساهوارو سيلاب (ٻوڏ) جي حوالي ٿي ويو. سيلاب کانپوءِ ئي برسات بند ٿي ۽ ان جي 150هين ڏينهن کانپوءِ سيلاب جو پاڻي گهٽ ٿيو.

ستين مهيني جي سترهين ڏينهن، ٻيڙي پهاڙيءَ تي اچي بيهي رهي. حضرت نوح عليه السلام هڪ پکي (ڳيري) کي موڪليو تہ جيئن پاڻيءَ جي لهي وڃڻ جي خبر ملي. جڏهن پکي واپس ڪو نہ آيو، تہ پاڻ سمجهايائون تہ پاڻي لهي ويو آهي. پوءِ الله پاڪ کين ٻيڙيءَ مان لهي، زمين ۾ پکڙجي وڃڻ جو حڪم ڏنو.

عهد نامي جو اهو بيان گهڻن ئي تضادن تي ٻڌل آهي. مثال طور ان جي هڪڙي متن ۾ حضرت نوح عليه السلام جي مدت بہ مختلف بيان ڪئي ويئي آهي، ڪٿي 40 ڏينهن تہ ڪٿي وري 50 ڏينهن بيان ڪئي وئي آهي. قديم عهدنامي ۾ مختلف هنڌن تي طوفان نوح جو تذڪرو هيٺئن بيان ڪيو ويو آهي:

”۽ خدا، نوح کي چيو تہ سڀني ماڻهن جو خاتمو منهنجي آڏو اچي پهتو آهي، ڇو تہ انهن جي ڪري زمين ظلم سان ڀرجي وئي آهي، تنهنڪري ڏس! مان زمين سميت انهن کي هلاڪ ڪندس.“

تون پنهنجي لاءِ ٻيڙي ٺاهہ. انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ ڪوٺڙيون تيار ڪجانءِ ۽ ان جي اندر ۽ ٻاهر ڇيڙهہ جي ڪؤنر لڳائجانءِ.

۽ ائين ڪجانءِ جو ٻيڙيءَ جي ڊيگهہ ٽي سو هٿ، ان جي ويڪر پنجاهہ هٿ ۽ ان جي اوچائي ٽيهہ هٿ هجي.

۽ انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ هڪ روشندان ٺاهجانءِ ۽ مٿان کان هڪ هٿ ڇڏي، ان کي پورو ڪجانءِ ۽ انهيءَ ٻيڙي جو دروازو ان جي پاسي ۾ رکجانءِ ۽ ان ۾ ٽي درجا ٺاهجانءِ، هيٺيون، ٻيون ۽ ٽيون.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



۽ ڏس! مان پاڻ زمين تي طوفان آڻڻ وارو آهيان ته جيئن هر شهر کي جنهن ۾ زندگيءَ جو دم آهي، دنيا مان ختم ڪريان ۽ جيڪي زمين تي آهن مري وڃن. پر توسان مان پنهنجو عهد قائم رکندس ۽ تون ٻيڙيءَ ۾ ويجانءِ . تون ۽ توسان گڏ تنهنجا پٽ ۽ پٽن جون زالون.

۽ جانورن جي هر قسم مان ٻه ٻه پاڻ سان ٻيڙيءَ ۾ ڪڻج، ته جيئن اهي توسان گڏ جيئرا رهن.

۽ پکين جي مڙني قسمن منجهان ۽ چوپاين جي هر قسم مان ۽ زمين تي سرندڙن (جيتن) جي هر قسم مان ٻه ٻه تو وٽ اچن ته جيئن اهي جيئرا رهي سگهن.

۽ تون هر طرح جي کاڌي جي شيءِ کڻي پاڻ وٽ جمع ڪجانءِ جو ته اهوئي تنهنجي ۽ انهن جي کائڻ لاءِ هوندو.

۽ نوح ائين ئي جيئن ان کي خدا حڪم ڏنو هو ان طرح ئي عمل ڪيائين." (پيدائش_ 6: 22_13)

"۽ ستين مهيني جي سترهين تاريخ تي ٻيڙي ارارط جي جبلن تي بيهي رهي." (پيدائش_6: 8_4)

"سڀاڻي پاڪ جانورن مان ست ست نر ۽ مادي ڪڻجانءِ ۽ انهن مان جيڪي پاڪ ناهن ٻه ٻه نر ۽ انهن جي مادي پاڻ سان ڪڻجانءِ."

۽ هوا جي پکين منجهان ٻه ست ست نر ۽ مادي ڪڻجانءِ ته جيئن زمين تي انهن جو جو نسل باقي رهي." (پيدائش_ 3:7_ 2)

"۽ مان انهيءَ عهد کي قائم رکندس ته سڀئي جاندار طوفان جي پاڻيءَ سان ٻيهر هلاڪ نه ٿيندا ۽ نه ڪڏهن زمين کي تباهه ڪرڻ لاءِ ٻيهر طوفان ايندو." (پيدائش: 11_8)

قديم عهد نامي جي مطابق ته: "زمين تي موجود هر ساهوارو مري ويندو." هڪ عالمگير طوفان جي ذريعي سڀني ماڻهن کي سزا ڏني ويئي ۽ رڳو اهي ئي ماڻهو محفوظ رهيا، جيڪي حضرت نوح عليه السلام سان گڏ ٻيڙيءَ تي سوار هئا.



## جديد عهد نامي ۾ طوفان نوح جو تذڪرو

جديد عهدنامو به، ڪنهن لحاظ کان وحي تي ٻڌل ڪتاب ناهي، بلڪ هي حضرت عيسيٰ عليه السلام جي حالات تي مشتمل آهي. هن جو آغاز اناجيل اربعہ (چئن انجيلن) کان ٿئي ٿو جيڪو حضرت عيسيٰ عليه السلام کان هڪ سو سال بعد متي، مرقس، لوقا ۽ يوحنا لکيو جيڪي ڪڏهن به حضرت عيسيٰ عليه السلام سان گڏ ڪونه رهيا. انهن چئني انجيلن ۾ به واضح تضاد آهن. خاص ڪري يوحنا وارو انجيل باقي ٽن انجيلن کان بلڪل مختلف آهي، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين هڪ ٻئي جي مشابهه آهن. جديد عهد نامي جا بقايا ڪتاب مختلف لکتن تي مشتمل آهن. جيڪي حضرت عيسيٰ عليه السلام کان پوءِ جي رسولن سڳورن جا حالات بيان ڪن ٿا. تنهن ڪري جديد عهد نامو ڪنهن به طرح الوهي ڪتاب ناهي، بلڪ نيم تاريخي نوعيت جو ڪتاب چئي سگهجي ٿو.

جديد عهد نامي ۾ طوفان نوح جو تذڪرو هن طرح ڪيو ويو آهي:

"حضرت نوح عليه السلام جي گمراهه قوم ڏانهن هدايت جو پيغام ڏيئي ڪري موڪليو ويو پر انهن گمراهيءَ جي واٽ ورتي. تنهن تي الله پاڪ نافرمانن کي طوفان جي وسيلي هلاڪ ڪيو ۽ ايمان وارن کي حضرت نوح عليه السلام سان گڏ ٻيڙيءَ تي سوار ڪري نجات ڏيڻ جو فيصلو ڪيو."

جديد عهد نامي جي انهيءَ مضمون کي بيان ڪرڻ جا مختلف هنڌ هي آهن:

"جيئن نوح جي ڏينهن ۾ ٿيو تيئن ئي ابن آدم جي اچڻ جو وقت ٿيندو."

چو ته جهڙيءَ طرح طوفان کان اڳ وارن ڏينهن ۾ ماڻهو کائيندا پيئندا ۽ شادي وهانءُ ڪندا هئا، ان ڏينهن تائين جو نوح ٻيڙيءَ ۾ داخل ٿيو.

"۽ جيستائين طوفان اچي انهن سڀني کي وهائي نه ويو انهن کي پتو نه پيو. اهڙيءَ طرح ابن آدم جو اچڻ ٿيندو." (متي_ 24: 29_27)

۽ نڪي پهرين دنيا کي ڇڏيائون، بلڪ بي دين دنياتي طوفان موڪلي ڪري راستبازيءَ جي دعوت ڏيندڙ نوح کي ۽ ٻين ستن ماڻهن کي بچائي ورتو." (پطرس جو ٻيو خط_ 2:5)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

۽ جيئن نوح جي ڏينهن ۾ ٿيو هو اهڙيءَ طرح ابن آدم جي ڏينهن ۾ به ٿيندو.

ته ماڻهو کائيندا پيئندا هئا ۽ انهن ۾ شادي وهانءُ ٿيندو هو. ان ڏينهن تائين جڏهن نوح ٻيڙيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ طوفان سڀني کي اچي هلاڪ ڪيو. (لوقا_28:27_26

جيڪي انهيءَ اڳلي زماني ۾ نافرمانيون هيون. جڏهن خدا نوح کي صبر ۽ تحمل ڪري ترسائي رهيو هو ۽ ٻيڙي تيار ٿي رهي هئي، جنهن تي سوار ٿي ڪري ٿورڙا يعني اٺ ڄڻا بچيا.“

(پطرس:1_203

هو ڄاڻي واڻي، اهو وساري ويٺا ته خدا جي ڪلام جي ذريعي آسمان قديم کان موجود آهن ۽ ڌرتي پاڻيءَ منجهان نهي ۽ پاڻيءَ ۾ قائم آهي.

انهيءَ ذريعي سان هن زماني جي دنيا ٻڏي مري کپي ويئي.

(پطرس:11_203

## ٻين قومن وٽ طوفان نوح جو تذڪرو

**سميري تهذيب:**

”رانليل“ نالي هڪ ديوتا ماڻهن کي ٻڌايو ته ٻيا ديوتا انسانيت کي تباهه ڪرڻ گهرن ٿا، پر هو پاڻ ان کي بچائڻ گهري پيو. انهيءَ ڪهاڻيءَ جو هيرو سپير شهر جو مخلص بادشاهه ”زيو سودار“ آهي. رانليل ديوتا، زيو سودرا کي ڇوٽڪاري جو طريقو ٻڌايو.

جيتوڻيڪ موجوده متن ۾ ٻيڙيءَ جو ذڪر موجود ڪونهي مگر زيو سودرا، نجات جي اسباب ۾ ٻيڙيءَ جي موجودگيءَ جا اشارا ملن ٿا. سيلاب جي بابلي تفصيلات تي پاڙيندي اهو نتيجو آسانيءَ سان اخذ ڪري سگهجي ٿو ته سميري تفصيلات ۾ سيلاب جا ڪارڻ ۽ ٻيڙي ٺاهڻ جي معاملن جو تذڪرو به موجود هو.

**بابلي تهذيب:**

هتي سميري هيرو زيو سودرا جو هم منصب هيرو ات نپشتم آهي، جڏهن ته ٻيو نمايان ڪردار گلگاميش آهي. پيرائتي داستان جي مطابق گلگاميش بقا جي راز جي ڳولا ڪرڻ جو عزم ڪيو. ڪيس اهڙي خطرناڪ

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



سفر جي ڏکائين کان آگاهه ڪيو ويو. ٻڌايو ويو ته هو اهڙي سفر تي نڪتو آهي، جنهن ۾ هن کي خطرناڪ پهاڙين ۽ موتمار درياهن مان گذرڻو پوندو. اهڙيءَ طرح جو سفر سج ديوتا ”شمس“ جي حمايت سان ئي طئي ٿي سگهي ٿو پر گلگاميش استقامت سان بيٺو رهيو ۽ نيٺ ات نپشتم تائين پهچڻ ۾ سوڀارو ٿي ويو.

انهن ٻنهي جي ملاقات جي تفصيل جو ڪو ذڪر ڪو نه ٿو ملي. ات نپشتم، گلگاميش کي ٻڌايو ته موت ۽ حيات جا اسرار ديوتا پاڻ وٽ رکندا آهن ۽ ڪنهن کي به انهيءَ کا آگاهه ناهن ڪندا. تنهن تي گلگاميش، هن کان پڇيو ته هن ڪهڙيءَ طرح بقا ماڻي، جنهن جي جواب ۾ هن گلگاميش کي طوفان جو داستان ٻڌايو. انهيءَ طوفان جو تذڪرو گلگاميش جي جنگي ذڪر جي مشهور ٻارهن تختين ۾ به ملي ٿو.

ات نپشتم ، گلگاميش کي ٻڌايو ته اهو ديوتائن جو هڪ راز آهي. هن ٻڌايو ته ان جو تعلق عڪاد جي سرزمين جي اوائلي ۾ اوائلي شهرن مان هڪ شهر شروپڪ ما ن آهي، انهيءَ تفصيل جي مطابق ”اي“ (Ea) پنهنجي جهوپڙيءَ سان ڪيس مخاطب ٿيندي ٻڌايو ته، سمورا ديوتا زمين تان هر نشان کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهن پر انهيءَ تباهي ءَ جو سبب ڪونهي ٻڌايو ويو. ”اي“ (Ea)ديوتا، هڪ ٻيڙيءَ ٺاهڻ جو چيو جنهن ۾ هن کي تمام زنده شين جي ٻجن (بنياد) کي محفوظ ڪرڻو هو. ديوتا هن کي ٻيڙيءَ جي شڪل ۽ بناوت ۽ تور ماپ ۽ وزن به ٻڌايو. انهيءَ ٻيڙيءَ جي ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائي پاڻ ۾ هڪ جيتري هئي. جڏهن طوفان آيو ته هن ڇهن ڏينهن راتين ۾ سڀ ڪجهه اونڌو ڪري ڇڏيو. ستين ڏينهن طوفان ختم ٿي ويو. ات نپشتم ٻاهر اچي ڏٺو ته هر طرف گپ ۽ گارو پکڙيل آهي. ٻيڙي”ڪوه نسير“ تي اچي بيهي رهي.

سميري ۽ بابل جي تاريخ جي مطابق ”زري شهروزيا خشيره“ هڪ 925 ميٽر ڊگهي ٻيڙيءَ جي ذريعي انهيءَ طوفان کان بچي سگهيو. ساڻس گڏ، سندس خاندان، دوست، ڪجهه پکي ۽ جانور به هئا. انهيءَ طوفان ۾ آسمان کان تمام گهڻو پاڻي وسيو سمنڊ ۽ درياهه گهڻي پاڻيءَ جي ڪري پنهنجي ڪپرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ نيٺ ٻيڙي ”ڪوه ڪورڊيا“ تي اچي بيهي رهي.

آشوري_ بابلي تاريخ جي مطابق ”عبرتو تو يا خسيره“ پنهنجي خاندان، سان گڏ، پکين ۽ جانورن سان بچي ويو. هن جي ٻيڙي 600 هٿ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڊگهي ۽ 60 هٿ اوچي ۽ ويڪري هئي. سيلاب 6 ڏينهن رات تائين جاري رهيو. جڏهن ٻيڙي ”ڪوه نذار“ تي پهتي ته ٻيڙي مان ڇڏيل فاختہ واپس آئي پر ڪانءُ واپس ڪو نہ آيو.

سميري، آشوري ۽ بابلي تاريخ جي ڪجھ احوالن جي مطابق ڇهن ڏينهن راتين تائين جاري رهندڙ انهيءَ طوفان ۾ رڳو ات نپشتم ۽ انجو خاندان ئي محفوظ رهيو. جڏهن ستين ڏينهن هن ٻاهر ڏٺو ته طوفان ختم ٿي چڪو هو ۽ هر طرف مٽي ۽ گپ گارو پکڙيو پيو هو. جڏهن ٻيڙي ”ڪوه نذار“ تي اچي بيني ته هن هڪ ڪبوتر، هڪ ڪانءُ ۽ هڪ جهرڪ ٻاهر موڪليو ڪانءُ لاشن کي پٽڻ لڳو جڏهن ته ٻيا ٻہ پکي اڏامي ويا ۽ واپس ڪو نہ آيا.

هند جي معروف جنگي ماهرن شتاپٿ، برهمنہ ۽ مها ڀارتيہ جي مطابق منو ۽ رشي ئي طوفان کان محفوظ رهيا. داستان جي مطابق جڏهن منو هڪ مڇيءَ کي پڪڙڻ ڪانپوءِ ڇڏي ڏنو ته اها هڪدم وڏي ٿي ويئي ۽ هن منو کي طوفان جو اطلاع ڏنو ۽ چيائينس ته هو هڪ ٻيڙي ٺاهي ۽ انکي پنهنجي سڱن سان ٻڌي ڇڏي اها مڇي ديوتا وشنوءَ جو پر توو (مظهر) هئي. انهيءَ مڇيءَ سيلاب ۾ ٻيڙيءَ کي سنڀالي رکيو ايستائين جو ٻيڙي اتر ۾ ”ڪوه هسموت“ (Himvat) تي اچي بيهي رهي.

**ويلز:**

برطانيا جي ڪلٽ (Celt) علائقي جي معروف داستان جي مطابق دوائنون (Dwynwen) ۽ دوائفڪ (Dwyfach) هڪ عظيم طوفان ۾ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ڪري بچي ويا. جڏهن لنليون (Liynllion) جنهن کي ڇولين (موجن) جي ڍنڍ بہ چوند ا آهن، مان اٿندڙ اهو عظيم طوفان ختم ٿيو تہ دوائنون ۽ دوائفڪ برطانيہ کي نئين سر آباد ڪيو.

**سڪينڊي نيويا:**

نارڊڪ ايڊ (Nordic Edda) جي ڪهاڻين مطابق برگالمير (Bergalmir) ۽ سندس زال هڪ عظيم طوفان ۾ هڪ وڏي ٻيڙيءَ ۾ ويهي ڪري محفوظ رهيا.

**لٿونيا:**

لٿونيائي داستانن جي مطابق ڪجھ ماڻهو ۽ جانور هڪ عظيم طوفان ۾ هڪ پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي پناهہ وٺي محفوظ رهيا. جڏهن طوفان جون



لهرون پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهتيون تہ خداوند انهن ڏانهن هڪ وڏو خول ڦٽو ڪيو جنهن تي سوار ٿي ڪري، هو انهيءَ المناڪ تباهيءَ کان محفو رهيا.

**چين:**

چيني داستانن جي مطابق هڪ شخص ياؤستن ٻين ماڻهن سان گڏ يا رڳو پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ڪري طوفان ۽ زلزلن کان محفوظ رهيا . انهيءَ طوفان ۾ هر طرف پاڻي ڦاٽي نڪتو ۽ زمين تباهہ ۽ برباد ٿي ويئي. نيٺ طوفان ختم ٿي ويو.

**يوناني ڏندڪٿائون:**

جڏهن ماڻهو تمام گهڻا بدڪار ٿي ويا. تہ زيئسس ديوتا انهن کي هڪ طوفان جي ذريعي تباهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. رڳو ڊيوڪيلئن (Deucalion) ۽ سندس گهرواري طوفان کان محفوظ رهيا. ڇو تہ ان کي ۽ سندس پٽ کي هڪ ٻيڙي تيار ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. اهي ٻئي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٽيڻ جي نائين ڏينهن ٻيڙي مان ”ڪوه پرناسوس“ تي لٿا.

اهي سمورا داستان هڪ واضح تاريخي حقيقت بيان ڪن ٿا تاريخ گواهہ آهي تہ هر قوم تائين الله جي هدايت جو پيغام پهتو ۽ اهڙيءَ طرح اڪثر قومون طوفان نوح کان آگاهہ ٿي ويون. پر جڏهن ماڻهو وحي کان پري ٿي ويا، تہ طوفان نوح جا واقعا پيڙهي بہ پيڙهي ڦيرڦار جو شڪار ٿي ويا ۽ اهڙيءَ طرح داستانن جو روپ ورتائون. حضرت نوح عليه السلام جي قوم ۽ طوفان نوح جي تفصيل کي پوري سنجيدگيءَ ۽ سچائيءَ سان بيان ڪرڻ وارو واحد ڪتاب قرآن حڪيم آهي. قرآن پاڪ اسان جي آڏو نہ رڳو طوفان نوح بلڪ ٻين ڪيترين ئي قومن جي باري ۾ بہ تاريخي واقعا بيان ڪري ٿو. ايندڙ بابن ۾ اسان قرآن حڪيم جي بيان ڪيل انهن ئي حقيقي واقعن جو مطالعو ۽ اڀياس ڪنداسون.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ، شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

باب ٻيو

# حضرت ابراهيم عليه السلام جي زندگيءَ جا حالات

مَا كَانَ اِبْرٰهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّ لَا نَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا مُّسْلِمًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۶۷﴾ اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَ هٰذَا النَّبِيُّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ وَ اللّٰهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۸﴾ *(سورة آل عمران: 68_67)*

”(حضرت) ابراهيم عليه السلام نڪي يهودي هو نڪي نصراني (عيسائي) (نڪي ڪنهن ٻئي گروه بنديءَ جو پيروي ڪندڙ هو) بلڪ (پنهنجي زماني جي سيني گمراهين کان) پاڪ، حق تي هلندڙ خدا جو فرمانبردار ٻانهو هو. يقناً هو مشرڪين منجهان نہ هو. حقيقتاً (حضرت) ابراهيم عليه السلام کي ويجها ماڻهو تہ اهي آهن جن سندس پيروي ڪئي ۽ پڻ هي نبي ( حضرت محمد ﷺ) ۽ جن مٿس ايمان آندو آهي (سي حضرت ابراهيم عليه السلام کي ويجها آهن، نہ اهي جن خدائي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري فرقا ٺاهيو آهي ۽ توحيد جي راهہ کان هٽي ويا آهن) ۽ ياد رکو تہ الله انهن جو مددگار ۽ محافظ آهي جيڪي سچو ايمان رکن ٿا.“

قرآن حڪيم ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جو تذڪرو اڪثر هنڌن تي ڪيو ويو آهي. الله تعالي، حضرت ابراهيم عليه السلام کي خاص طور تي ماڻهن جي لاءِ بطور مثال (اسوه) جي بيان ڪيو آهي. پاڻ پنهنجي بت پرست قوم کي الله جو پيغام ڏنائون ۽ انهن کي بڇڙي انجام کان ڊيڄاريائون تہ هو الله کان ڊڄن. سندس قوم ڏنل آگاهيءَ کي ٻڌڻ بدران هن جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. پوءِ جڏهن سندس قوم جا ظلم حد اورانگهي ويا، تہ ڪين پنهنجي گهرواريءَ، حضرت لوط عليه السلام ۽ پنهنجي ڪجهہ پوئلڳن سان گڏجي، ڪنهن ٻيءَ جاءِ ڏانهن هجرت ڪرڻي پيئي.

حضرت ابراهيم عليه السلام جو تعلق حضرت نوح عليه السلام جي آل سان هو. قرآن



حڪيم جي مطابق حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت نوح عليه السلام جي پيروي ڪري رهيا هئا.

سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۹﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸۱﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿۸۲﴾ وَ اِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ ﴿۸۳﴾

*(سورة الصفت: 83_79)*

”سيني (ماڻهن ۾ يا سيني) جهانن ۾ (حضرت) نوح تي سلام هجي (يا سلامتي هجي مٿس.) بيشڪ اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙي ئي طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ هو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو. پوءِ اسان ٻين کي ٻوڏ ۾ غرق ڪري ڇڏيو. ۽ يقيناً سندس جماعت مان (يعني سندس طريقي تي هلندڙ) (حضرت) ابراهيم بہ هو.“

حضرت ابراهيم عليه السلام جي زماني ۾ واديءَ دجلہ ۽ فرات جي ميدانن ۽ اناطوليہ جي وسط (وچ) ۽ مشرق (اوڀر) ۾ رهندڙ ڪيترائي ماڻهو سج، چنڊ ستارن ۽ سيارن جي پوڄا ڪندا هئا. هنن جو سڀ کان اهم ديوتا ”چنڊ ديوتا“ هو جنهن کي سن (Sin) چوندا هئا. انهيءَ ديوتا کي ڊگهي ڏاڙهيءَ واري انسان جي صورت ۾ تراشيو ويو هو جيڪو هلال (پهرين تاريخ جي چنڊ) جي شڪل واري چنڊ جو لباس پهريل هو. ان سان گڏ اهي ماڻهو انهن ديوتائن جو تصويرون ۽ مجسما ٺاهيندا هئا، جن کي هو پوڄيندا هئا. سندن عقيدن ۽ عبادتن جو اهو هڪ وسيع نظام هو جيڪو مشرق جي انهن ملڪن ۾ پکڙيل ۽ هڪ طويل عرصي تائين هتي موجود رهيو. انهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو انهن ديوتائن کي 600 عيسويءَ تائين پوڄيندا رهيا. انهيءَ عقيدي جي اثرن هيٺ واديءَ دجلہ ۽ فرات کان اناطوليہ جي مرڪز تائين ڪيترائي، زيگورات (Ziggurats) نالي پوڄا گهر تعمير ڪيا ويا، جيڪي عبادت گاهن ڪانسواءِ بطور رصد گاه جي بہ استعمال ٿيندا هئا ۽ هتي ديوتائن، خاص ڪري ”چنڊ ديوتا“ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي.[12]

عقيدن ۽ عبادتن جو اهو نظام جنهن جو انڪشاف اڄ آثارن هٿ اچڻ تي ٿيو آهي، قرآن مجيد ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. قرآن پاڪ جي بيان مطابق، حضرت ابراهيم عليه السلام انهن ڪوڙن خدائن جي عبادت ڪرڻ کي رد ڪندي، هڪ ٻئي سچي خدا جي عبادت اختيار ڪئي. قرآن پاڪ حضرت

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ابراهيم عليه السلام جي طريقي ڪي هيئن بيان ڪيو:

وَ اِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّيْٓ اَرٰىكَ وَ قَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۷۴﴾ وَ كَذٰلِكَ نُرِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ لِيَكُوْنَ مِنَ الْمُوْقِنِيْنَ ﴿۷۵﴾ فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰ كَوْكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ﴿۷۶﴾ فَلَمَّا رَاَ الْقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَئِنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ مِنَ الْقَوْمِ الضَّآلِّيْنَ ﴿۷۷﴾ فَلَمَّا رَاَ الشَّمْسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيْ هٰذَآ اَكْبَرُ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَتْ قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿۷۸﴾ اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّ مَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۷۹﴾ **(سورة الانعام: 79_74)**

”۽ (ڏسو!) ابراهيم پنهنجي پيءُ آزر کي چيو تہ ڇا توهان (پٿر جي) بتن کي معبود ڪري ٿا مڃو؟ مان يقين سان سمجهان ٿو تہ تون ۽ تنهنجي قوم کليل ۽ چٽي گمراهي ۾ مبتلا آهيو. ۽ اهڙيءَ طرح اسان ابراهيم کي آسمانن جي ۽ زمين جي بادشاهت جا جلوا ڏيکاري ڇڏيا، انهيءَ لاءِ تہ هو يقين رکڻ وارن مان ٿي پوي. پوءِ جڏهن هن تي رات جي اونداهي اچي ويئي تڏهن هن هڪڙو تارو (زهره آسمان ۾ چمڪندي) ڏٺو. هن چيو تہ هي منهنجو پروردگار آهي (جنهن جي بندگي سڀ ماڻهو ڪن ٿا.) پر جڏهن اهو تارو لهي ويو تڏهن چيائين تہ مان انهن شين کي پسند نٿو ڪريان جي گم ٿي وڃن ٿيون. پوءِ جڏهن چنڊ چمڪندو ابريو تڏهن ابراهيم چيو تہ هي منهنجو پروردگار آهي، پر جڏهن اهو بہ لهي ويو، تڏهن چيائين تہ جيڪڏهن منهنجي پروردگار مون کي واٽ نہ ڏيکاري هجي ها تہ مان ضرور انهيءَ قوم منجهان ٿيان ها جي سڌي واٽ پلجي پري نڪري ويا آهن. پوءِ جڏهن (حضرت ابراهيم عليه السلام) سج ابرندو ڏٺو تڏهن چيائين تہ هي منهنجو پروردگار آهي، هي سڀني کان وڏو آهي، پر جڏهن اهو بہ لهي ويو تڏهن چيائين تہ اي منهنجي قوم! توهان جن کي خدا سان شريڪ ٺهرايو ٿا تن کان مان بيزار آهيان. مون هر طرف کان منهن موڙي فقط انهيءَ هستيءَ ڏي پنهنجو رخ ڪيو آهي جو (بنايل ناهي پر) آسمان ۽ زمين جو بنائيندڙ آهي ۽ (جنهن جي حڪم ۽ قانون تي آسمان ۽ زمين جي سڀ مخلوقات هلي رهي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



آهي.) ۽ مان انهن مان نہ آهيان جي ساڻس شريڪ ٿا ٺهراين.

قرآن پاڪ ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڄمڻ جي هنڌ ۽ وطن جو تفصيلي ذڪر موجود ناهي. البتہ حضرت لوط عليه السلام ڏانهن موڪليل فرشتن جو حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ اچڻ ۽ سندن زوجہ محترمہ کي ٻار جي ولادت جي خوشخبري ڏيڻ جو ذڪر بيان ڪيو ويو آهي، تہ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت لوط عليه السلام، همعصر هئا ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو بہ رهندا هئا.

قرآن پاڪ ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام بابت بيان ڪيل هڪ اهم واقعو، جنهن جو ذڪر قديم عهد نامي ۾ ناهي، سو ڪعبتہ الله جي تعمير آهي. قرآن مجيد ۾ اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ انهيءَ جي اڏاوت حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ سندس پٽ حضرت اسمعيل عليه السلام ڪئي. اڄ مؤرخن کي ڪعبة الله جي ماضيءَ بابت رڳو ايتري ڄاڻ آهي تہ اهو ڪعبة الله قديم زماني کان هڪ مقدس جاءِ رهي آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جن کان اڳ، جاهليت جي دور ۾ ڪعبة الله ۾ بت رکڻ جو عمل، حضرت ابراهيم عليه السلام تي نازل ٿيندڙ آسماني مذهب جي تعليمات ۾ تحريف ۽ بگاڙ جي عمل جو نتيجو هو.

## قديم عهد نامي ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جو تذڪرو

حضرت ابراهيم عليه السلام بابت مفصل معلومات جو ذريعو قديم عهد نامو آهي. جيتوڻيڪ انجو بيان ڪيل اڪثر تفصيل معتبر ناهي. قديم عهد نامي جي مطابق حضرت ابراهيم عليه السلام اُر (Ur) شهر ۾ 1900 قبل مسيح ۾ پيدا ٿيو جيڪو واديءَ نيل جي ميدانن جي ڏکڻ اوير ۾ واقع، پنهنجي دؤر جو هڪ مشهور شهر هو. جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام پيدا ٿيو تہ سندس نالو ”ابراهام“ نہ بلڪ ”ابرام“ رکيو ويو جنهن کي بعد ۾ خدا وند ڪريم تبديل ڪرڻ فرمايو.

قديم عهد نامي جي مطابق هڪ ڏينهن خداوند تعالي حضرت ابراهيم عليه السلام کي حڪم ڏنو تہ هو پنهنجو وطن ۽ ماڻهو ڇڏي هڪ اڻ ڄاتل ملڪ ڏانهن هجرت ڪري ۽ اُتي نئين بستيءَ جو بنياد رکي. 75 سالن جو حضرت ابراهيم عليه السلام انهيءَ پڪار تي لبيڪ چئي ۽ پنهنجي اهليہ ”سارائي.“ جنهن کي بعد ۾ ”ساره“ يعني شهزادي چيو ويو ۽ ڀائٽي حضرت لوط عليه السلام سان گڏجي نڪري پيو. انهيءَ چونڊيل زمين ڏانهن سفر جي دوران، هو ڪجهہ دير لاءِ حران ۾ ترسيا ۽ وري پنهنجو سفر جاري رکيائون. جڏهن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



پاڻ ارض موعود يعني واديءِ ڪنعان ۾ پهتا، ته ڪين ٻڌايو ويو ته هيءَ جڳهه سندن لاءِ خاص طور تي چونڊي ڪين عطا ڪئي ويئي آهي. جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام 99 سالن جا ٿيا، پاڻ الله تعاليٰ سان عهد ڪيائون ۽ سندن نالو مٽايو ويو. سندن وفات 175 ورهين جي ڄمار ۾ ٿي ۽ ڪين اولهندي ڪناري ۾ حبرون (الخليل) جي شهر ۾ ميڪپيلا (Machpelah) جي غار ۾ دفن ڪيو ويو. اها جڳهه اڄ ڪلهه اسرائيل جي قبضي هيٺ آهي. اها جاءِ حضرت ابراهيم عليه السلام ڪجهه رقم ڏيئي ڪري خريد ڪئي هئي. اها سندس ۽ ڪٽنب جي ارض موعود ۾ پهرين ملڪيت هئي.

## قديم عهد نامو ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ولادت جو هنڌ

حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڄمڻ جو هنڌ، هميشه بحث جو موضوع رهيو آهي. عيسائين ۽ يهودين جي دعويٰ آهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام جي ولادت واديءِ دجله ۽ فرات جي ڏکڻ ۾ ٿي. جڏهن ته اسلامي دنيا جي نقطه نظر مطابق سندن ولادت عرفه حرّان جي ويجهي علائقي ۾ ٿي. جديد تحقيقات ٻڌائي ٿي ته، يهودين ۽ عيسائين جو نظريو حقيقت تي ٻڌل ناهي.

يهودي ۽ عيسائي پنهنجي دعويٰ قديم عهد نامي جي آڌار تي ڪن ٿا ۽ ان تي ئي پاڙين ٿا. قديم عهد نامي جي مطابق حضرت ابراهيم عليه السلام واديءِ دجله ۽ فرات جي ڏاکڻي شهر اُر (Ur) ۾ پيدا ٿيا. انهيءَ شهر ۾ ڄمڻ ۽ شروعاتي زندگي گذارڻ ڪانپوءِ، قديم عهد نامي مطابق، پاڻ مصر روانا ٿي ويا ۽ هڪ طويل سفر ڪانپوءِ مصر پهتا. سفر دوران پاڻ ترڪيءَ جي علائقي حرّان مان به لنگهيا.

البته قديم عهدنامي جي ملندڙ هاڻوڪي هڪ نسخي، انهيءَ سموري تصور کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو آهي. ٽئين صدي قبل مسيح جي انهيءَ يوناني نسخي ۾، جنهن کي قديم عهد نامي جو سڀ کان جهوني ۾ جهونو نسخو تسليم ڪيو ويو آهي. اُر (Ur) شهر جو ڪو به ذڪر ناهي، هاڻوڪي دور جي اڪثر محققن جي مطابق ذڪر ٿيل اُر(Ur) يا ته غلط آهي يا بعد ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. چئبو ته حضرت ابراهيم عليه السلام اُر (Ur)شهر ۾ پيدا ناهن ٿيا ۽ نڪي پنهنجي حياتيءَ ۾ پاڻ ڪڏهن واديءِ دجله ۽ فرات ڏانهن ويا.

ان کان سواءِ اڪثر جڳهن ۽ علائقن جا نالا وقت سان گڏوگڏ تبديل به ٿيندا رهندا آهن . اڄ واديءِ دجله ۽ فرات مان مراد عراقي سرزمين جو اهو



ڏاکڻو حصو آهي، جيڪو فرات درياهه ۽ دجله جي وچ ۾ موجود آهي. جڏهن ته اڄ کان به هزار سال اڳ انهيءَ واديءِ مان مراد اهو اترين علائقو هيو، جيڪو حرّان تائين، ايستائين جو موجوده ترڪي جي علائقن تائين پکڙيل هو. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان قديم عهد نامي ۾ ڄاڻايل واديءِ دجله ۽ فرات جي ميدانن کي درست به مڃيون ته تڏهن به اهو تصور ڪرڻ سراسر غلط ٿيندو ته به هزار سال اڳ جي واديءِ دجله ۽ فرات ۽ اڄوڪي وادي هڪ ئي هنڌ آهي.

جيتوڻيڪ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڄمڻ واري شهر اُر(Ur) جي هنڌ تي اختلاف آهن پر اها هڪ اٽل حقيقت آهي ته، حرّان ۽ ان جي قريبي علائقن ۾ سندن قيام رهيو وڌيڪ اهو ته قديم عهد نامي تي ڪئي ويندڙ تحقيق به انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪري ٿي، ته سندن ڄمڻ جو هنڌ حرّان آهي. مثلاً قديم عهد نامي ۾ حرّان جي علائقي کي ”واديءِ ارم“ قرار ڏنو ويو آهي. (پيدائش 11: 131 ۽28:10) ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي خاندان جي فردن کي ”ابنائي ارمي“ قرار ڏنو ويو آهي. (استثنا. 5:26)

اسلامي ماخذن جي مطابق انهيءَ ڳالهه جو پڪو ۽ پڌرو ثبوت موجود آهي ته، حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڄمڻ جو هنڌ حرّان ۽ عرفه آهي. عرفه ۾، جنهن کي پيغمبرن جي سرزمين چيو ويندو آهي، حضرت ابراهيم عليه السلام بابت ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ داستان مشهور آهن.

## قديم عهد نامي ۾ تحريف ڇو ڪئي ويئي؟

قديم عهد نامي ۽ قرآن مجيد جي بيان ڪيل تفصيل مان ابراهيم عليه السلام ۽ ابراهام به مختلف پيغمبر معلوم ٿين ٿا. قرآن پاڪ جي مطابق حضرت ابراهيم عليه السلام کي بت پرست قوم ڏانهن بطور پيغمبر ڪري موڪليو ويو. اهي ماڻهو سج، چنڊ ۽ ستارن ۽ ٻين بتن جي پرستش ڪندا هئا. پاڻ سندن عقيدن ۽ عبادت جي نظام جي خلاف جدوجهد ڪيائون . انهن کي هٿ ٺوڪيل ۽ جڙتو توهماتي (وهمي) عقيدن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائون، جنهن جي نتيجي ۾ ، سڄو سماج، ايستائين جو سندن والد به دشمن ٿي بيٺو.

جڏهن ته قديم عهد نامي ۾ انهيءَ تفصيلات مان ڪجهه به ڄاڻايل ناهي. ڪين باهه ۾ اڇلايو وڃڻ، برادريءَ جي بتن کي ڀڃڻ وغيره جو قديم

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

عهد نامي ۾ بيان ڪونهي ڪيو ويو. بلڪ ان ۾ ڪين يهودين جي پڙ ڏاڏي طور بيان ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه واضح آهي تہ قديم عهد نامي ۾ سندن بابت اهو تصور، يهودين پنهنجي نسلي مٿيرائپ ثابت ڪرڻ جي لاءِ شامل ڪيو. يهودين جو عقيدو آهي تہ، هو خدا جي چونڊيل ۽ هميشہ لاءِ اعليٰ ۽ برتر قوم آهي. پنهنجي انهيءَ عقيدي کي بيان ڪرڻ لاءِ هنن ڪليو ڪلايو الوهي صحيفي ۾ ڦير ڦار ڪئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو قديم عهد نامي ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام کي يهودين جي پڙ ڏاڏي طور بيان ڪيو ويو آهي.

عيسائي، جيڪي قديم عهد نامي کي تسليم ڪن ٿا، اهي بہ حضرت ابراهيم عليه السلام کي يهودين جو پڙڏاڏو مڃين ٿا. پر انهن وٽ يهودي نہ بلڪ عيسائي آهن. عيسائي نسلي عليه السلام حضرت ابراهيم عليه السلام جي برتريءَ کي يهودين وانگر وڏيڪ اهميت ڪونہ ٿا ڏين. انهن جو اهو اختلافي موقف ٻنهي مذهبن جي وچ ۾ اختلاف جو بنياد آهي. انهن جي دليلن جي وضاحت قرآن ۾ الله تعالي هيئن فرمائي آهي:

يٰٓاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوۡنَ فِىۡٓ اِبۡرٰهِيۡمَ وَمَآ اُنۡزِلَتِ التَّوۡرٰٮةُ وَالۡاِنۡجِيۡلُ اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۶۵﴾ هٰٓاَنۡتُمۡ هٰٓؤُلَآءِ حَاجَجۡتُمۡ فِيۡمَا لَـكُمۡ بِهٖ عِلۡمٌ فَلِمَ تُحَآجُّوۡنَ فِيۡمَا لَـيۡسَ لَـكُمۡ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۶﴾ مَا كَانَ اِبۡرٰهِيۡمُ يَهُوۡدِيًّا وَّلَا نَصۡرَانِيًّا وَّلٰكِنۡ كَانَ حَنِيۡفًا مُّسۡلِمًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۶۷﴾ اِنَّ اَوۡلَى النَّاسِ بِاِبۡرٰهِيۡمَ لَـلَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُ وَهٰذَا النَّبِىُّ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ وَاللّٰهُ وَلِىُّ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۶۸﴾ ***(سورة آل عمران:68_65)***

”اي اهل ڪتاب ! توهان (حضرت ) ابراهيم عليه السلام بنسبت ڇو جهڳڙو ڪري رهيا آهيو؟ (تہ هن جو طريقو يهودين جو طريقو هو يا نصرانيت جو طريقو هو.) حالانڪ تورات ۽ انجيل (جن جي نالي ۾ اهي جماعتون يهودين ۽ عيسائين جون ٿيون سي.) (حضرت) ابراهيم عليه السلام کان گهڻو پوءِ نازل ٿيا. (پوءِ جنهن گروه بنديءَ جو انهيءَ وقت وجود ئي ڪونہ هو، تنهن جو پيروي ڪندڙ هو ڪيئن ٿي سگهي ٿو) ڇا توهان (اهڙي سولي ڳالهہ بہ) سمجهي نٿا سگهو. ڏسو! توها ن اهي ماڻهو آهيو جن انهن ڳالهين متعلق ئي جهڳڙا ڪيا، جن بابت (اوهان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ) علم هو. پر هن ڳالهہ بابت ڇو ٿا جهڳڙو ڪيو جنهن بابت توهان کي ڪجهہ بہ علم ڪونهي. الله سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو توهان

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻو. (حضرت) ابراهيم عليه السلام نڪي يهودي هو نڪي نصراني (عيسائي) (نڪي ڪنهن ٻئي گروه بندي جو پيروي ڪندڙ هو.) بلڪ (پنهنجي زماني جي سڀني گمراهين کان) پاڪ، حق تي هلندڙ خدا جو فرمانبردا ٻانهو هو. يقيناً هو مشرڪين منجهان نہ هو. حقيقاً (حضرت) ابراهيم عليه السلام کي ويجها ماڻهو تہ اهي آهن جن سندس پيروي ڪئي ۽ پڻ هي نبي (حضرت ﷺ) ۽ جن مٿس ايمان آندو آهي (سي حضرت ابراهيم کي ويجها آهن، نہ اهي جن خدائي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري فرقا ٺاهيا آهن ۽ توحيد جي راهہ کان هٽي ويا آهن) ۽ ياد رکو! تہ الله انهن جو مددگار ۽ محافظ آهي جيڪي سچو ايمان رکن ٿا.“

الغرض قديم عهد نامي جي تفصيلات جي برعڪس (ابتڙ) قرآن پاڪ جي مطابق حضرت ابراهيم عليه السلام اها شخصيت آهي، جنهن پنهنجي قوم کي الله جي اطاعت ڪرڻ جي ترغيب ۽ ان جي عذاب کان ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي. پنهنجي نوجوانيءَ وارن ڏينهن کان ئي پاڻ پنهنجي بت پرست قوم کي بت پرستي ترڪ ڪرڻ جي تلقين ڪيائون. سندن قوم ردعمل ۾ ڪين قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پنهنجي قوم جي ظلمن کان بچي وڃڻ تي پاڻ نيٺ هجرت ڪيائون.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

باب ٽيون

# حضرت لوط عليه السلام جي قوم جو احوال

كَذَّبَتۡ قَوۡمُ لُوۡطٍۭ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا عَلَیۡہِمۡ حَاصِبًا اِلَّاۤ اٰلَ لُوۡطٍ ؕ نَجَّیۡنٰہُمۡ بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾
نِّعۡمَۃً مِّنۡ عِنۡدِنَا ؕ كَذٰلِكَ نَجۡزِیۡ مَنۡ شَكَرَ ﴿٣٥﴾
وَلَقَدۡ اَنۡذَرَہُمۡ بَطۡشَتَنَا فَتَمَارَوۡا بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾ ***(سورة القمر: 36_33)***

”(حضرت) لوط جي قوم بہ خبردار ڪندڙ (پيغمبرن) کي نہ مڃيو. اسان هنن جي مٿان پٿرن جو مينهن وسايو سواءِ (حضرت) لوط جي ماڻهن جي. انهن کي اسان اسر جي وقت (شهر مان ڪڍي ٻاهر ڪيو ۽ تباهہ ٿيڻ کان) بچائي ورتو. اهو (مٿن) اسان جو فضل ٿيو. اسان اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن کي چڱو بدلو ڏيندا آهيون، جيڪي خدا جي نعمت جو قدر ڪندا آهن (۽ سندس حڪمن تي هلندا آهن.) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ (حضرت) لوط هنن کي اسان جي سخت پڪڙ بابت خبردار ڪيو هو پر هو ان تنبيهہ بابت جهڳڙو ڪندا رهيا.“

حضرت لوط عليه السلام ، حضرت ابراهيم عليه السلام جو همعصر هو. ڪين حضرت ابراهيم عليه السلام جي ويجهن ماڻهن ڏانهن نبي بڻائي موڪليو ويو. اهي ماڻهو قرآن پاڪ جي بيان مطابق، غير فطري عمل يعني لواطت وارو ڪم ڪندا هئا. جنهن جي ان وقت تائين دنيا کي خبر ڪونہ هئي جڏهن حضرت لوط عليه السلام انهن کي غير فطري عمل ۽ بدڪاريءَ کان منع ڪئي ۽ الله پاڪ جي عذاب کان ڊيڄاريو تہ، هنن نہ رڳو حضرت لوط عليه السلام جي حق جي دعوت جو انڪار ڪيو بلڪ سندس نبوت جي بہ تڪذيب ڪئي ۽ پنهنجي ڪُڌي عمل تي ڄميا بيٺا رهيا. نيٺ سندن انجام اهو ٿيو جو اهي هڪ خوفناڪ تباهيءَ جي ذريعي هلاڪ ڪيا ويا .

قديم عهد نامي ۾ حضرت لوط عليه السلام جي شهر کي ”سدوم“سڏيو ويو آهي. تحقيقات جي مطابق بحيره احمر (Read Sea) جي اتر ۾ واقع اهو شهر

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڃي پائيوار



اهڙيءَ طرح تباهہ ٿيو جهڙيءَ طرح ان جو تفصيل قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. قديم آثارن جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ، هيءُ شهر بحيره مردار (Dead Sea) جي علائقي ۾ واقع آهي، جيڪو اسرائيل ۽ اردن جي سرحد سان گڏوگڏ پکڙيل آهي. انهيءَ تباهيءَ جي آثارن جي مطالعي کان اڳ اسان اهو ڏسون ٿا تہ قوم لوط کي اهڙيءَ طرح سزا ڇو ڏني ويئي.

قرآن حڪيم حضرت لوط عليه السلام جي دعوت و انذار (ڊيڄارڻ) ۽ ان جي رد عمل ۾ سندس قوم جي رويي کي هيئن ٿو بيان ڪري:

كَذَّبَتۡ قَوۡمُ لُوۡطِ ۨ الۡمُرۡسَلِیۡنَ ﴿١٦٠﴾ اِذۡ قَالَ لَہُمۡ اَخُوۡہُمۡ لُوۡطٌ اَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿١٦١﴾ اِنِّیۡ لَكُمۡ رَسُوۡلٌ اَمِیۡنٌ ﴿١٦٢﴾ فَاتَّقُوا اللّٰہَ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿١٦٣﴾ وَ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَیۡہِ مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿١٦٤﴾ اَتَاۡتُوۡنَ الذُّكۡرَانَ مِنَ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿١٦٥﴾ وَ تَذَرُوۡنَ مَا خَلَقَ لَكُمۡ رَبُّكُمۡ مِّنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ عٰدُوۡنَ ﴿١٦٦﴾ قَالُوۡا لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَہِ یٰلُوۡطُ لَتَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُخۡرَجِیۡنَ ﴿١٦٧﴾ قَالَ اِنِّیۡ لِعَمَلِكُمۡ مِّنَ الۡقَالِیۡنَ ﴿١٦٨﴾ ***(سورة الشعراءِ: 168_160 )***

”(ساڳيءَ طرح) (حضرت) لوط جي قوم جي ماڻهن بہ رسولن کي نہ مڃيو. ڏسو! سندن برادريءَ جي ماڻهن کي (حضرت) لوط عليه السلام چيو تہ (افسوس توهان سخت شرمناڪ ۽ غلط ڪم ڪري رهيا آهيو) . ڇا توهان خدا (جي عذاب) کان ڊڄوئي نٿا. يقيناً مان اوهان ڏي رسول ڪري موڪليل آهيان، ۽ (توهان کي معلوم آهي تہ) مان امين آهيان (مون تي اعتبار ڪيو مان توهان کي توهان جي ئي ڇڱائي لاءِ ضروري نصيحت ٿو ڏيان). تہ خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي چوڻ تي هلو. ۽ (ياد رکو تہ) مان هن ڪم لاءِ (يعني خدائي حڪمن پهچائڻ جي عيوض) توهان کان ڪو بہ اجورو ڪونہ ٿو گهران، منهنجو اجورو تہ جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي . ڇا سڄي جهان ۾ توهان ئي آهيو جي نرن ڏي (بد فعليءَ لاءِ) وڃون ٿا؟ (يا سڄي جهان ۾ توهان کي رڳو نر ئي بدفعليءَ لاءِ پسند آهن ڇا؟ ) ۽ توهان جي لاءِ توهان جي پروردگار جيڪي زالون پيدا ڪيون آهن تن کي ڇڏي ٿا ڏيو (۽ ڇوڪرن ۽ مردن ڏي ٿا وڃو) حقيقت هيءَ آهي تہ توهان اهي ماڻهو آهيو جيڪي ليڪو لنگهي بيٺا آهيو. هنن (فاحش ماڻهن) جواب ڏنو تہ اي لوط! جيڪڏهن تون (هن واعظ ۽ نصيحت کان) باز نہ ايندين تہ اسان توکي ضرور (هن ملڪ مان ئي) ڪڍي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

چڏيندا سين. (تنهن تي) (حضرت لوط) چيو تہ مون کي اوهان جي (برن) عملن کان سخت نفرت آهي (سو مان پاڻ اوهان وٽ رهڻ ۾ راضي نہ آهيان.)“

يعني حق جي واٽ ڏانهن سڏڻ جي جواب ۾ قوم کين ڌمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون. قوم، هدايت واري واٽ ڏانهن سڏڻ ڪري، سندس مخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ کين ايمان وارن سان گڏ وطن مان نڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ آخرڪار پاڻ پنهنجي ساٿين سان گڏجي خدائي حڪم موجب مصر ڏانهن هليا ويا. ٻين هنڌن تي قرآن حڪيم انهيءَ تفصيل کي هيئن بيان ڪيو:

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ۭ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿٨١﴾ وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾

*(سورة الاعراف: 82_80)*

”۽ (لوط کي بہ اسان هڪڙي قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو.“ هن پنهنجي قوم کي چيو تہ (وڏي شرم جي ڳالهہ آهي) ڇا توهان اهڙو بي شرميءَ جو ڪم ٿا ڪيو جو اوهان کان اڳي سڄي جهان ۾ ڪنهن نہ ڪيو. (يعني) توهان عورتن کي ڇڏي مردن ڏي شهوت راني ڪرڻ لاءِ ويندا آهيو ڇا؟ بلڪ (افسوس ۽ شرم!) توهان (فطرت جي) حدن کان ٻاهر نڪري ويا آهيون. پر هن جي قوم جي جواب ٻيو ڪو بہ ڪونہ هو سواءِ هن جي جو چوڻ لڳا تہ هنن (يعني حضرت لوط ۽ ايمان وارن) کي پنهنجي شهر مان لوڏي ٻاهر ڪڍو. اهي ماڻهو (ڏسو جو) اڇي پاڪ ۽ صاف بڻيا آهن.!

حضرت لوط عليه السلام، قوم کي هڪ واضح سچائيءَ جي طرف سڏيو ۽ بڇڙي انجام کان بہ ڊيڄاريو پر انهيءَ ڊيڄارڻ طرف قوم ڪو بہ ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ حضرت لوط عليه السلام جي دعوت ۽ عذاب کان ڊيڄارڻ کي لڳاتار ٺڏيندا ۽ ڪوڙو ڪندا رهيا. ارشاد رباني آهي:

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ ۡ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٨﴾ اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ ڏ وَتَاْتُوْنَ فِيْ نَادِيْكُمُ الْمُنْكَرَ ۭ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٩﴾

*(سورة العنكبوت: 29_28)*

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



”۽ (حضرت) لوط عليه السلام کي بہ اسان (هڪڙي قوم ڏي) پيغمبر ڪري موڪليو. هن انهيءَ قوم جي ماڻهن کي چيو تہ توهان اهڙا بي شرميءَ جا ڪم ٿا ڪيو جهڙا توهان کان اڳي سڄي جهان ۾ ڪنهن بہ نہ ڪيا. ڇا توهان (عورتن جي بجاءِ) مردن ڏي ٿا وڃو؟ ۽ پڻ رهزني ٿا ڪيو؟ (يعني واٽن تي ويهي مسافرن کي ٿا لٽيو ۽ ڦريو؟) ۽ پنهنجي مجلسن ۾ بہ اهو ساڳيو نفرت جهڙو ڪم ٿا ڪيو. پر سندس قوم جي ماڻهن وٽ (انهن سمجهاڻين متعلق) فقط هي ئي جواب هو جو کيس چيائون تہ جيڪڏهن تون سچو آهين (هن ڳالهہ ۾ تہ اسان تي عذاب ايندو.) تہ پلا آڻ اسان تي خدا جو عذاب.“

جڏهن حضرت لوط عليه السلام پنهنجي قوم جو اهو طرز عمل ڏٺو تہ هن الله تعاليٰ کان مدد گهري:

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِيْنَ *(سورة العنكبوت: 30)*

”اي منهنجا پروردگار! منهنجي هنن (ظالمن ۽) بگاڙو وجهندڙ ماڻهن جي خلاف مدد ڪر.“

رَبِّ نَجِّنِيْ وَاَهْلِيْ مِمَّا يَعْمَلُوْنَ *(سورة الشعراء: 169)*

”(۽ حضرت لوط عليه السلام پوءِ خدا کي پڪاريو تہ) اي منهنجا پروردگار! مون کي ۽ منهنجي خاندان جي ماڻهن کي هنن (فاحش) ماڻهن جي عملن (جي شامت کان يا سندن ظلم) کان بچائي وٺ.“

حضرت لوط عليه السلام جي انهيءَ دعا تي، الله تعالي انساني صورت ۾ بہ فرشتا موڪليا. حضرت لوط عليه السلام ڏانهن اچڻ کان اڳ، فرشتا، حضرت ابراهيم عليه السلام جي خدمت سڳوري ۾ آيا. فرشتن حضرت ابراهيم عليه السلام کي اها خوشخبري ڏيڻ ڪانپوءِ تہ، کيس هڪ پٽڙو ٿيندو، پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪيو تہ هو حضرت لوط عليه السلام جي نافرمان قوم کي تباهہ ڪرڻ لاءِ آيا آهن:

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾

*(سورة الذاريات: 34_31)*

”(حضرت ابراهيم عليه السلام) چيو تہ اي خدا جا موڪليل (فرشتؤ! هاڻي ٻڌايو تہ) توهان ڪهڙي ڪم لاءِ موڪليا ويا آهيو. هنن جواب ۾ چيو تہ اسان هڪڙي سخت گنهگار قوم جي ماڻهن ڏي موڪليا ويا آهيون. انهيءَ لاءِ (تہ) مٿن پڪل پٿر وسايون.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جيڪي (پٿر) تنهنجي پروردگار وٽان انهن ماڻهن لاءِ نشان ڪيل ۽ مقرر ڪيل آهن جيڪي گناهن ۾ ليڪو لنگهي بيٺا آهن. (يعني سدوم ۽ غموره جي ماڻهن تي پٿر وسائيندا سين. جيڪي حضرت لوط ؑ کي نٿا مڃين. پوءِ هو هليا ويا.)“

اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۵۹﴾ اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿۶۰﴾

*(سوره: الحجر: 60_59)*

”مگر هڪ خاندان اُتي لوط ؑ جو آهي. ان خاندان جي سيني ڀاتين کي اسان بچائي وٺنداسين. مگر سندس زال نه بچندي، هن جي لاءِ اسان جو اندازو ٿي چڪو آهي ته هوءَ پٺتي رهندڙن سان شامل ٿيندي.“

حضرت ابراهيم ؑ کان موڪلائڻ بعد، الله پاڪ جا موڪليل اهي فرشتا، حضرت لوط ؑ وٽ آيا. جيئن ته حضرت لوط ؑ انهن سان اڳ ۾ ڪڏهن ڪونه مليا هئا، تنهنڪري انهن کي ڏسندي ئي پريشان ٿي ويا، پر پوءِ بعد ۾ ساڻن گفتگو ڪرڻ تي اطمينان محسوس ڪرڻ لڳا:

وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ هٰذَا يَوْمٌ عَصِيْبٌ

*(سورة هود: 77 )*

”۽ جڏهن اسان جا فرشتا (حضرت) لوط وٽ پهتا تڏهن هو سندن اچڻ تي خوش ڪونه ٿيو ۽ سندن موجودگي کيس پريشان ڪري وڌو. هن چئي ڏنو ته اڄوڪو ڏينهن وڏي مصيبت جو ڏينهن آهي.“

قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿۶۲﴾ قَالُوْا بَلْ جِئْنٰكَ بِمَا كَانُوْا فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿۶۳﴾ وَ اَتَيْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿۶۴﴾ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَ اتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ وَ لَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ وَّ امْضُوْا حَيْثُ تُؤْمَرُوْنَ ﴿۶۵﴾ وَ قَضَيْنَآ اِلَيْهِ ذٰلِكَ الْاَمْرَ اَنَّ دَابِرَ هٰٓؤُلَآءِ مَقْطُوْعٌ مُّصْبِحِيْنَ ﴿۶۶﴾ *(سورة الحجر: 66_62 )*

” (تڏهن حضرت لوط ؑ کين) چيو ته توهان ته ڪي ڌار يا ماڻهو ٿا ڏسجو. هنن چيو ته اها ڳالهه ناهي، بلڪ اسان تو وٽ اُها ڳالهه کڻي آيا آهيون جنهن بابت ماڻهو شڪ آڻيندا هئا (يعني تباهيءَ جي خبر، جنهن تباهيءَ بابت هي ماڻهو مسخريون ڪندا هئا. اسان جو اچڻ هڪڙي حق جي ڳالهه لاءِ آهي، ۽ اسان بيشڪ سچي ڳالهه ٿا ٻڌايون. ۽ گهرجي ته جڏهن ڪجهه رات اڃان رهيل

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ، شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



هجي، تڏهن پنهنجي گهر جي ماڻهن سان گڏ نڪري هليو وڃ، تون هنن جي پٺيان ٿي هلجانءِ ۽ هن ڳالهه جو خيال رکجانءِ ته ڪو به مڙي پٺتين پاسي نه نهاري. جاڏي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي تاڏي (رخ رکي) هلندا وڃن. مطلب ته اسان لوط ؑ کي هيءَ حقيقت چٽي ڪري ٻڌائي ته (تباهي اچڻي آهي ۽) شهر جي ماڻهن جي پاڙ صبح ٿيندي ئي، پٽجڻ واري آهي.“

انهيءَ وچ ۾ قوم کي خبر پئجي ويئي ته حضرت لوط ؑ وٽ ڪجهه مهمان آيل آهن. هنن انهن مهمانن کي به پنهنجي بري ارادي جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڪا ڏکيائي ۽ شرم ڪونه محسوس ڪيو. ڇو ته اهو سندن پهريان کان معمول هو. اهي ماڻهو حضرت لوط ؑ جي گهرجي چوڌاري گڏ ٿي ويا. پنهنجي مهمانن جي عفت ۽ عزت جي ڳڻتيءَ کي آڏو رکندي حضرت لوط ؑ پنهنجي قوم کي هن طرح خطاب ڪيو:

قَالَ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ ضَيْفِيْ فَلَا تَفْضَحُوْنِ ۙ﴿۶۸﴾ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ لَا تُخْزُوْنِ ﴿۶۹﴾

*(سورة الحجر: 69_68)*

”(حضرت لوط ؑ کين) چيو ته ڏسو! هي (نوان ماڻهو) منهنجا مهمان آهن سو منهنجي بي عزتي نه ڪيو. خدا کان ڊڄو ۽ مون کي شرمسار نه ڪريو.“

پر قوم چيس:

قَالُوْٓا اَوَلَمْ نَنْهَكَ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ *(سورة الحجر: 70)*

”هنن چيو ته اسان توکي هن ڳالهه کان جهلي کين ڇڏيو هو ته ڪنهن به قوم جي ماڻهن کي پاڻ وٽ نه رهاءِ؟ (جيڪڏهن رهائيندين ته پوءِ جيڪي اسانکي وڻندو سو ڪري گذرنداسين)“

اهو سوچيندي ئي هو ۽ سندس مهمان بي آبروءَ جو شڪار ٿي ويندا، حضرت لوط ؑ فرمايو :

قَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ قُوَّةً اَوْ اٰوِيْٓ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ *(سورة هود: 80)*

”(حضرت) لوط ؑ چيو ته شال ائين هجي ها جو مون کي اوهان جي مقابلي ڪرڻ جي طاقت هجي ها، يا ڪو مضبوط سهارو (ڪنهن جماعت جي مددگاري) هجي ها جنهن جو آسرو يا پناهه يا مدد وٺي سگهان ها !“

فرشتن حضرت لوط ؑ کي ياد ڏياريو ته اوهان ڳڻتي نه ڪريو ڇو ته

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي، شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



اسان الله تعاليٰ جا موڪليل آهيون :

قَالُوْا يٰلُوْطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَ لَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ؕ اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَآ اَصَابَهُمْ ؕ اِنَّ مَوْعِدَهُمُ الصُّبْحُ ؕ اَلَيْسَ الصُّبْحُ بِقَرِيْبٍ **(سورة هود:81)**

”(تڏهن) انهن مهمانن (يعني فرشتن) چيو تہ اي لوط! اسان تنهنجي پروردگار جا موڪليل آهيون. (گهٻرائڻ جي ڳالهہ ئي ڪانهي) هي ماڻهو ڪڏهن بہ تو وٽ پهچي نہ سگهندا (جو توکي ايذاءُ ڏين يا توتي غالب پون). تون هيئن ڪر جو جڏهن رات جو هڪ حصو گذري وڃي تڏهن پنهنجي گهر جي ماڻهن کي پاڻ سان وٺي نڪري هليو وڃ ۽ اوهان مان ڪو بہ هيڏي هوڏي نہ ڏسي (يعني ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر نہ ڪري) مگر تنهنجي گهرواري (توسان گڏ نہ هلندي. هوءَ پٺتي رهجي پوندي ۽) جيڪو هنن ماڻهن تي (حادثو) اچڻو آهي، سو مٿس بہ (يعني تنهنجي زال تي بہ) ايندو. انهن ماڻهن جي لاءِ عذاب جو مقرر وقت صبح آهي ۽ صبح جي اچڻ ۾ ڪا دير ڪانهي.“

جڏهن حضرت نوح عليه السلام جي قوم جا بڇڙا عمل پنهنجي انتها کي پهتا تہ الله پاڪ حضرت لوط عليه السلام کي پنهنجي فرشتن جي ذريعي بچائي ورتو. صبح ٿيندي ئي ماڻهو انهيءَ تباهيءَ جي ور چڙهيا، جنهن کان حضرت لوط عليه السلام انهن کي خبردار ڪندو رهيو هو :

وَ لَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَ نُذُرِ ﴿۳۷﴾ وَ لَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ ﴿۳۸﴾ **(سورة القمر:38_37)**

”۽ هيءَ بہ حيقفت آهي تہ هو سندس مهمانن کي (بد ارادي سان) ڪانئس کسي کڻي وڃڻ لڳا. پر اسان سندن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون. (۽ اهي مهمان سلامت نڪري ويا ۽ ڪافرن کي چيو ويو تہ) هاڻي منهنجي عذاب ۽ تنبيهہ جو مزو چکو. ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ئي دائمي (تباهيءَ جو) عذاب مٿن اچي ڪڙڪيو.“

قومِ لوط جي تباهيءَ جي تفصيل کي قرآن پاڪ هيئن بيان ڪيو آهي:

فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُشْرِقِيْنَ ﴿۷۳﴾ فَجَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿۷۴﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُتَوَسِّمِيْنَ ﴿۷۵﴾ وَ اِنَّهَا لَبِسَبِيْلٍ مُّقِيْمٍ ﴿۷۶﴾

**(سورة الحجر:76_73)**



”مطلب تہ سج نڪرندي هڪ خوفناڪ آواز اچي مٿن ڪڙڪيو.“ پوءِ اسان ان بستيءَ کي زيرو زبر ڪري تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ انهن ماڻهن تي پڪل مٽيءَ جي پٿرن جي برسات وسائي. بيشڪ هن واقعي ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن جيڪي (حقيقت جي) ڄاڻ سڃاڻ رکڻ وارا آهن ۽ (لوط عليه السلام جي قوم جي) هيءَ بستي (ڪنهن نامعلوم ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪانہ هئي، اها تہ) اهڙي شاهي رستي تي آهي جنهن تي آمد رفت جو سلسلو (هاڻي بہ) قائم آهي (۽ اوهان پنهنجي اکين سان اهي پٿر ۽ ڪنڊر ڏسي سگهو ٿا.“

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ ﴿۸۲﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ ؕ وَ مَا هِيَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿۸۳﴾ **(سورة هود:83_82)**

”پوءِ جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالهہ جو وقت اچي ويو، تڏهن (اي پيغمبر!) اسان ان (آباديءَ) جون سڀ بلنديون (يعني بلند عمارتون) هيٺاهينءَ ۾ بدلائي ڇڏيون (يعني ڪيرائي زمين جي برابر هموار ڪري ڇڏيون) ۽ انهن (علائقن) تي باهہ ۾ پڪل پٿر لاڳيتا وسايا. جيڪي پٿر تنهنجي پروردگار جي حضور ۾ (انهيءَ مطلب لاءِ) نشان ڪيا ويا هئا. اها بستي ۽ علائقا هنن ظالمن (يعني مڪي جي شريرن) کان پري ڪونہ آهن (اهي مڪي جا ظالم پنهنجي مسافريءَ وقت اتان لنگهندا رهن ٿا ۽ جيڪڏهن چاهين تہ ان مان عبرت وٺي سگهن ٿا)“

ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿۱۷۲﴾ وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿۱۷۳﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۴﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۷۵﴾

**(سورة الشعرا:175_172)**

”۽ پوءِ ٻين کي اسان ناس ڪري ڇڏيو. ۽ اسان هنن (فاحش ماڻهن) تي پٿرن جو مينهن وسايو. سو (ڏسو تہ) جن ماڻهن کي خبردار بہ ڪيو ويو (پر تہ بہ نصيحت نہ مڃيائون.) تن تي کهڙو نہ بڇڙو مينهن وسيو. بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي عبرت جي نشاني آهي، مگر (افسوس جو) هنن مان گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. ۽ (نٿا ڄاڻن تہ) تنهنجو پروردگار ئي آهي جو سڀني تي غالب پوڻ وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي.“

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



جڏهن حضرت لوط عليه السلام جي قوم تي عذاب نازل ٿيو ته صرف حضرت لوط عليه السلام ۽ سندن ڪجهه ايمان وارا جيڪي سندن اهل بيت ئي هئا، انهن کي نجات ملي، حضرت لوط عليه السلام جي گهرواري ، جيڪا مٿن ايمان نه رکندي هئي، سا به تباهيءَ جي ور چڙهي ويئي:

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿۸۱﴾ وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿۸۲﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿۸۳﴾ وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۸۴﴾ *(سورة الاعراف: 84_80 )*

”۽ (لوط عليه السلام کي به اسان هڪڙي قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو) (هن پنهنجي قوم کي چيو ته (وڏي شرم جي ڳالهه آهي.) ڇا توهان اهڙو بي شرميءَ جو ڪم ٿا ڪريو جو اوهان کان اڳي سڄي جهان ۾ ڪنهن به نه ڪيو. (يعني) توهان عورتن کي ڇڏي مردن ڏي شهوت راني ڪرڻ لاءِ ويندا آهيو ڇا؟ بلڪ (افسوس ۽ شرم!) توهان ماڻهو (فطرت جي) حدن کان ٻاهر نڪري ويا آهيو. پر هن جي قوم جو جواب ٻيو ڪو به ڪونه هو سواءِ هن جي جو چوڻ لڳا ته هنن (يعني حضرت لوط عليه السلام ۽ ايمان وارن) کي پنهنجي شهر مان لوڌي ٻاهر ڪيو. اهي ماڻهو (ڏسو جو) اڇي پاڪ ۽ صاف ٻڌيا آهن! پوءِ اسان لوط کي ۽ سندس ماڻهن کي (ايندڙ مصيبت کان) بچايو (يعني شهر مان ٻاهر آندو) سواءِ سندس زال جي جا پٺتي رهيل (عذاب چکڻ وارن منڪرن) ماڻهن ۾ رهجي پئي. ۽ پوءِ (اسان انهن منڪرن تي پٿرن جو مينهن وسايو. پوءِ ڏسو ته گنهگارن جي پڇاڙي ڪهڙي (نه خراب) ٿي.“

اهڙيءَ طرح حضرت لوط عليه السلام ۽ سندس گهرياتي سواءِ هڪ عورت جي بچايا ويا. قديم عهد نامي مطابق پاڻ حضرت ابراهيم عليه السلام سان گڏ هجرت ڪيائون، ۽ نافرمان ماڻهو تباهه ڪيا ويا ۽ انهن جي آبادين کي زمين ۾ غرق ڪيو ويو.



## قومِ لوط جي ڍنڍ جو نشانيون

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ

*(سورة هود: 82 )*

”پوءِ جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالهه جو وقت اچي ويو تڏهن (اي پيغمبر!) اسان ان (آباديءَ) جون سڀ بلنديون (يعني بلند عمارتون) هيٺاهينءَ ۾ بدلائي ڇڏيون (يعني ڪيرائي زمين جي برابر هموار ڪري ڇڏيون ۽ انهن(علائقن) تي باهه ۾ پڪل پٿر لاڳيتا وسايا.“

قرآن پاڪ جو اهو بيان ته ”انهيءَ بستيءَ کي تباهه ڪيو ويو. ٻڌائي ٿو ته اهو علائقو خوفناڪ زلزلي سان مڪمل تباهه ڪيو ويو. حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ، جتي تباهيءَ جو اهو واقعو پيش آيو ان جا واضح نشان موجود آهن.

آثار قديمه جو مشهور ماهر جرمن ورنر ڪيلر (Werner Keller) جي چوڻ مطابق ته :

”واديءَ سديم، سدوم ۽ گموراه سميت، هن علائقي ۾ ڦهليل گهري کاهيءَ سان گڏ پاتال ۾ اندر نيئي وئي. انهن جي تباهي هڪ زلزلي جي نتيجي ۾ ٿي. انهيءَ زلزلي سان گڏ ڌماڪو ڪنوڻ، قدرتي گئس ۽ باهه جو لڳڻ به انهيءَ تباهي ۾ شامل هو (13).“

حقيقت اها آهي ته حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ، جنهن کي بحيره مردار به چيو وڃي ٿو زلزلن جي انهيءَ علائقي ۾ انتهائي حساس حصي تي واقع آهي:

بحيره مردار جو تهه ڌرتي جي تهه جي گهرائين ۾ آهي. اها وادي اتر ۾ موجود طبريه ڍنڍ (Taberiye Lake) جي ڏکڻ ۾واقع واديءِ عرابه Arabah Valley.) جي وچ تائين پکڙيل آهي.[41]

مٿي ڄاڻايل آيت جي آخري حصي ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته ”اسان مٿن پڪل مٽيءَ جا پٿر وسايا.“ انهيءَ مان شايد هيءَ مراد ٿي سگهي ٿي ، ته انهيءَ موقعي تي آتش فشان ڌماڪو ٿيو هجي ۽ ان مان جيڪي پٿر نڪتا هجن، اهي ٿي سگهي ٿو ته پڪل حالت ۾ هئا. سورة شعراء ۾ ان کي هيئن بيان ڪيو ويو آهي.

وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ *(سورة الشعراء: 173)*

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

”۽ اسان هنن (فاحش ماڻهن) تي پٿرن جو مينهن وسايو. سو (ڏسو ته) جن ماڻهن کي خبردار به ڪيو ويو (پر ته به نصيحت نه مڃيائون) تن تي ڪهڙو نه بڇڙو مينهن وسيو.“

انهيءَ بابت ورنر ڪيلر (werner keller) لکي ٿو:

”(انهي ءَ دوران) انهيءَ سڄي ڪاهيءَ جي تهه ۾ ستل آتش فشان مان (بي شمار) مواد نڪتو. بشان جي ويجهو اردن جي مٿاهين واديءَ ۾ هاڻي به ختم ٿيل آتش فشان جا وڏا ۽ موڪرا منهن موجود آهن ۽ چُنَ جي پٿر جي مٿاڇري واري زمين تي لاوي ۽ ٻئي مواد جا تهه ڄميل آهن.“(51)

لاوي ۽ پٿريلي مواد جا اهي تهه انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهن ته انهيءَ هنڌ ڪڏهن آتش فشان موجود هو جنهن ڪري ڌماڪي سان گڏ زلزلا به آيا هئا. حضرت لوط عليه السلام جي قوم جي تباهيءَ جو احوال ٻڌائيندڙ قرآني بيان ته ”اسان مٿن پڪل پٿر وسايا“ شايد انهيءَ آتش فشان تباهيءَ جي طرف اشارو ٿو ڪري ۽ باقي وڌيڪ حقيقت الله ئي ٿو ڄاڻي ۽ قرآن جو اهو بيان ته ”جڏهن اسان جو حڪم آيو ته انهيءَ شهر کي برباد ڪيو ويو.“ به شايد زلزلن ۽ باهه ڏانهن اشارو آهي، جن جي اثر جي سبب تباهه ڪندڙ اثرات پيدا ٿيا ۽ زمين جي سطح نيست و نابود ٿي ويئي. وڌيڪ الله بهتر ٿو ڄاڻي.

بنا شڪ ۽ شهبي جي، حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ جون اهي واضح نشانيون نهايت ئي دلچسپ آهن. اهي سمورا واقعا جن جو تذڪرو قرآن پاڪ ۾ ڪيو ويو عموماً ”شرق الاوسط“، ”جزيره نما عرب“ ۽ مصر ۾ واقع ٿيا آهن. انهن ملڪن جي بلڪل وچ ۾ حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ موجود آهي. حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ ۽ سمورا واقعات جيڪي ان جي چوڌاري پيش آيا، ارضياتي طور تي به خصوصي توجهه جا مستحق آهن. اها ڍنڍ بحيره روم کان 400 ميٽر هيٺ آهي، جيئن ته ڍنڍ جي گهرائي 400 ميٽر آهي، تنهن ڪري ان جو تهه بحيره روم جي سطح (مٿاڇري) کان 800 ميٽر هيٺ آهي. اهو زمين ۾ سڀ کان هيٺاهون مقام آهي. ٻيا علائقا جيڪي سمنڊ جي مٿاڇري کان هيٺ آهن، وڌ کان وڌ 100 ميٽر اونها آهن. حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ جي ٻي نمايان خصوصيت ان جي پاڻي ءَ ۾ لوڻ جي وڌيڪ مقدار جو هجڻ آهي، جنهن مان انجي گهاٽائي 30سيڪڙو جي قريب آهي. انهيءَ ڪري ڪو به زنده جاندار مثلاً مڇي وغيره هن ڍنڍ ۾ جيئري نٿي رهي سگهي. اهو ئي سبب

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



آهي جو مغربي ادب ۾ ان کي بحيره مردار (dead sea) چيو ويندو آهي.

حضرت لوط عليه السلام جي قوم جو واقعو، جيڪو قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، لڳ ڀڳ 1800 قبل مسيح تي پيش آيو.

جرمن محقق ورنر ڪيلر ( werner keller) پنهنجي قديم آثارن ۽ ارضياتي تحقيق جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي ته . سدوم ۽ گمو راه شهر، سديم واديءَ ۾ موجود هئا، جيڪي لوط جي ڍنڍ جي آخري هيٺاهين کان هيٺاهين ڪناري تي واقع هئا ۽ اهي علائقا ڪنهن وقت تمام گهڻي آباديءَ وارن شهرن تي مشتمل هئا.

حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ جون نمايان بناوتي خصوصيتون، قرآن حڪيم ۾ بيان ڪيل واقعا تي تفصيل کي وڌيڪ واضح ڪن ٿيون.

بحيره مردار جي اوڀر ندي ڪناري تي ” اللّسان “ جيڪو جزيره نما آهي هڪ زبان وانگر پاڻيءَ ۾ پري تائين هليو وڃي ٿو.عربيءَ ۾ ” اللّسان “ جي معني زبان ئي آهي. خشڪيءَ تان نظر نه ايندڙ هيءَ زمين هڪ وڏي زاويي سان گڏ پاڻيءَ ۾ ڪري ٿي، جنهن سان سمنڊ ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. هن جزيره نما جي ساڄي پاسي کان زمين هيٺ گهرائيءَ طرف 1200 فوٽن تائين اونهو لاهه ٿاهي ٿو ۽ جزيره نما جي کاٻي طرف پاڻي نمايان حد تائين گهٽ اونهو آهي. گذريل ڪجهه سالن جي مشاهدي جي مطابق اها اونهائي 50 کا ن 60 فوٽن تائين آهي. بحيره مردار جو اهو غير معمولي گهٽ اونهو حصو، جيڪو جزيره نما ”اللّسان“ جي ٻن ڏاکڻين ڪنارن تائين پکڙيل آهي، واديءَ سديم تي مشتمل هيو. (16)

ورنر ڪيلر (werner keller) جي مطابق اهو گهٽ اونهو آهي، جيڪو بعد ۾ دريافت ٿيو، ڪنهن زبردست زلزلي جي ڪري وجود ۾ آيو هو ۽ اهو ئي اهو هنڌ هو، جتي قوم لوط جا شهر سدوم ۽ گموراه آباد هئا.

ڪڏهن هن علائقي ۾ پيادل سفر به ممڪن هو. پر هاڻي هيءُ واديءِ سديم، بحيره مردار جي هيٺاهين حصي جي پاڻيءَ جي هڪ هموار سطح سان ڍڪيل آهي. هن علائقي ۾ ٻه هزار سال قبل مسيح تي ايندڙ زلزلي ۽ تباهيءَ سان اتر ۾ لوڙهيانو پاڻي هن پاسي آيو ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ هنڌ کارو (نمڪين) پاڻي گڏ ٿي ويو.

حضرت لوط عليه السلام جي ڍنڍ ۾ ماضيءَ جا اهڃاڻ (آثار) به ڏاڍا واضح آهن. جيڪڏهن ماڻهو ٻيڙيءَ تي ڍنڍ جي ڏاکڻي ڪنار ي ڏانهن سفر ڪري

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

۽ سج ساڄي طرف چمڪي رهيو هجي تہ نهايت ئي حيرت انگيز منظر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ساحل(ڪناري) کان ڪجهہ فاصلي تي پاڻي اندر آهي. ٻيلا ڏاڍو واضح طور تي نظر اچن ٿا جن کي غيرمعمولي حد تائين لوڻياڻي پاڻيءَ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. چمڪندڙ سبز پاڻيءَ ۾ وڻن جا ٿڙ ۽ پاڙون نهايت ئي واضح طور تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي چمڪندڙ وڻ ڪڏهن واديءِ سديم ۾ نهايت ئي دلڪش ۽ سهڻا ڏيک ڏيندا هئا.

قوم لوط تي ايندڙ تباهيءَ جو ميڪانڪي پهلو بہ ارضيات جي ماهرن جي تحقيقات سان آڏو آيو آهي. اها تحقيقات ٻڌائي ٿي تہ قوم لوط کي تباهہ ڪرڻ وارو عظيم زلزلو زمين کان 190 ڪلوميٽر جي فاصلي تائين ڦاٽڻ سان پيش آيو. جنهن سان ”شيرين“ درياهہ جو تهہ وجود ۾ آيو. ”درياهہ شيرين“ جي اونهائي 180 ميٽرن تائين آهي. اهي ٻئي حقيقتون ۽ اهو تہ حضرت لوط ؑ جي ڍنڍ سمنڊ جي سطح کان 400 ميٽر هيٺ آهي، اهي انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ هن علائقي ۾ ڪو غير معمولي ارضياتي (زميني) واقعو پيش اچي چڪو آهي. درياهہ شيرين ۽ حضرت لوط ؑ جي ڍنڍ جي دلچسپ ساخت (بناوت) زمين جي انهيءَ حصي مان لنگهندڙ شگاف جو هڪ ٽورو حصو ئي ٻڻائي ٿي. انهيءَ شگاف جي ڊيگهہ ۽ بناوت هاڻي ئي دريافت ٿي آهي.

اهو شگاف ڪوه ثور جي ويجهو کان شروع ٿي، حضرت لوط ؑ جي ڍنڍ جي ڪنارن تائين پکڙيو صحراءِ عرب ۽ خليج عقبہ تائين وڃي پهچي ٿو ۽ بحيره احمر (Rea Sea) کان گذرندو وڃي آفريڪا ۾ ختم ٿئي ٿو. انهيءَ سموري فاصلي سان گڏوگڏ آتش فشانيءَ جا واقعا عام آهن. ڪارو پٿر ۽ لاوو اسرائيل ۾ گليليءَ جي پهاڙين ۽ اردن جي مٿانهن ميداني علائقن، خليج عقبہ ۽ ٻين ويجهڙ وارن علائقن ۾ عام جام آهن

اهي سمورا آثار ۽ جاگرافيائي شاهديون انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿا تہ، حضرت لوط ؑ جي ڍنڍ ۾ وڏي تباهيءَ جو واقعو پيش اچي چڪو آهي. ورنر ڪيلر (werner keller) لکي ٿو تہ:

”وادي سديم، سدوم ۽ گموراه سميت، هن علائقي ۾ پکڙيل اونهي کاهيءَ سان گڏ پاڻيءَ ۾ پيهائي ويئي هئي. ان جي تباهي هڪ وڏي زلزلي جي نتيجي ۾ واقع ٿي. انهيءَ زلزلي سان گڏ ڌماڪا، وڄ ، قدرتي گئس ۽ باهہ جو لڳڻ بہ انهيءَ تباهيءَ ۾ شامل هئا. انهيءَ سڄي تباهيءَ جي عمل دوران انهيءَ گهري کاهيءَ جي تهہ ۾

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ، شعوري ترقي ۾ پاڪي پانيوار



ستل آتش فشان جو مواد نڪتو. بشان جي قريب اردن جي مٿانهين واديءَ ۾ هاڻي بہ ختم ٿيل آتش فشان جا وڏا منهن موجود آهن. ۽ ڇن جي پٿرن جي سطح واري زمين تي لاوي ۽ ٻئي مواد جا تهہ ڄميل آهن.[17]

ڊسمبر 1957ع تي نيشنل جيوگرافڪس انهيءَ تي هيءُ تبصرو ڪيو:
”سدوم جي بي آب ۽ ويران چوٽي بحيره مردار کان مٿي بلند ٿئي ٿي. سدوم ۽ گموراه تباهہ شده شهرن کي ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو، مگر محققن جو خيال آهي تہ اهي انهي چٽانن جي هن پر سديم جي واديءَ ۾ واقع هئا. شايد ڪنهن وڏي زلزلي جي نتيجي ۾ اهي شهر بحيره مردار جي سيلاب جي ور چڙهي ويا.“[81]

## پومپائي (pompeii) جو انجام

قرآن حڪيم جون هي آيتون اسان کي انهيءَ حقيقت کان آگاهہ ڪن ٿيون، تہ خدائي قانون ۾ ڪڏهن بہ ڪا تبديلي ناهي ايندي:

وَ اَقۡسَمُوۡا بِاللّٰہِ جَہۡدَ اَیۡمَانِہِمۡ لَئِنۡ جَآءَہُمۡ نَذِیۡرٌ لَّیَکُوۡنُنَّ اَہۡدٰی مِنۡ اِحۡدَی الۡاُمَمِ ۚ فَلَمَّا جَآءَہُمۡ نَذِیۡرٌ مَّا زَادَہُمۡ اِلَّا نُفُوۡرَا ۣ﴿۴۲﴾ اسۡتِکۡبَارًا فِی الۡاَرۡضِ وَ مَکۡرَ السَّیِّیٴِ ؕ وَ لَا یَحِیۡقُ الۡمَکۡرُ السَّیِّیٴُ اِلَّا بِاَہۡلِہٖ ؕ فَہَلۡ یَنۡظُرُوۡنَ اِلَّا سُنَّتَ الۡاَوَّلِیۡنَ ۚ فَلَنۡ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰہِ تَبۡدِیۡلًا ۬ۚ وَ لَنۡ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰہِ تَحۡوِیۡلًا ﴿۴۳﴾ (سورة فاطر: 43_42)

”هي (قريش منڪر) الله جي نالي تي وڏا زوردار قسم کڻندا هئا تہ جيڪڏهن اسان وٽ ڪو خبردار ڪندڙ(پيغمبر) اچي تہ ٻين قومن کا ن وڌيڪ بهتر (فرمانبرداريءَ ۽ ) هدايت جي واٽ وٺنداسين، پر جڏهن (سچ پچ) خبردار ڪندڙ(حضرت محمد ﷺ) وٽن اچي ويو آهي، تڏهن فقط هن ڳالهہ ۾ وڌيڪ ٿيا آهن جو(حق ۽ نيڪي کان) وڌيڪ بيزار ۽ دور ٿيا آهن. اها (سندن بيزاري سندن) تڪبر سببان آهي جو ملڪ ۾ ڪندا رهن ٿا. ۽ سندن بڇڙن منصوبن ڪندڙن کي ئي وڪوڙي ويندا (۽ خوار خراب ڪندا) پوءِ ڇا هي ماڻهو انهيءَ قانون (جي عمل ۾ اچڻ) لاءِ ترسيا ويٺا آهن جو اڳوڻن (منڪرن) سان لڳايو ويو هو(۽ کين تباهہ ڪيو ويو هو)؟ سو(اي پيغمبر!) تون الله جي انهيءَ قانون ۽ دستور ۾ ڪابہ ڦير ڦار ڪانہ ڏسندين، نڪي ڏسندين تہ الله جي انهيءَ قانون جي تعميل هٽي ويندي، (يعني اهو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

قانون) ضرور عمل هيٺ ايندو ۽ بنا ڦير ڦار عمل هيٺ ايندو.“

يقيناً الله پاڪ جي قانون ۾ ڪابہ ڦير ڦار ناهي ايندي. هر اهو شخص جيڪو الله تعالي جي قانون جي مخالفت ڪندو آهي ۽ ان ڪان بغاوت ڪندو آهي، اهو هن الهي قانون جي تحت انجام کي رسندو آهي. سلطنت روم جو شهر پومپائي (pompeii) بہ انهيءَ طرح جنسي بد فعلين جو شڪار هو. انجو انجام بہ حضرت لوط عليه السلام جي قوم جهڙو ٿيو ۽ انهيءَ شهر جي تباهي بہ هڪ آتش فشان وسوويس (vesuvius) جي ڦاٽڻ سان واقع ٿي.

وسوويس (vesuvius) اطاليہ (Italy) خاص ڪري نيپلز (Naples) جي علامت قرار ڏنو ويندو آهي. گذريل ٻن هزار سالن کان خاموش هئڻ جي باوجود ان کي ”ڊيڄاريندڙ پهاڙي“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. انهيءَ آتش فشان کي اهو نالو هرويرو ڪونہ ڏنو ويو. اها تباهي جيڪا سدوم ۽ گموراه ۾ آئي، اهڙي طرح جي ئي آهي، جيڪا پومپائي (pompeii) تي آئي.

وسوويس (vesuvius) جي ساڄي طرف نيپلز ۽ کاٻي طرف پومپي شهر واقع آهي.

انهيءَ وڏي آتش فشان مان بہ هزار سال اڳ نڪرندڙ لاوو ۽ باهہ هن شهر جي رهندڙن کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو هو. اها تباهي ايتري اوچتو ۽ اچانڪ هئي جو بلڪل ڏينهن جي وقت روان دوان زندگي ان جي لپيٽ ۾ اچي ويئي ۽ اڄ بہ ان جا آثار اهڙيءَ طرح موجود آهن جيئن بہ هزار سال اڳ هئا. ائين لڳي ٿو تہ وقت جي وهڪري کي بيهاريو ويو هجي.

پومپائي کي دنيا جي نقشي تان اهڙيءَ طرح ميسارڻ هرگز بہ مقصد ڪونہ هو. تاريخي شاهديون، شاهد آهن تہ هيءُ شهر گناه ۽ بدڪارين جو اڏو هو. انهيءَ شهر ۾ بدڪاري ۽ زنا ايترو تہ عام هئي جو بدڪارين جي اڏن جو شمار ئي ڪونہ هو. رنڊين جي گهرن ۾ اصل ماپ جا مرداڻا خاص عضوا ٽنگيا ويندا هئا. يعني انهن ماڻهن جي روايت جي مطابق خاص عضوا ۽ ميل ميلاپ کي ڳجهو ڪونہ رکيو ويندو هو بلڪ ان جي نمائش ڪئي ويندي هئي.

مگر وسوويس (vesuvius) جي آتش فشان سڄي شهر کي آنًا فانًا ڌرتيءَ تان ميساري ڇڏيو. انهيءَ الميي جو دلچسپ پهلو هيءُ آهي تہ آتش فشان جو شور پڌي ڪري بہ ڪو شخص ڪونہ فرار ٿيو. يعني اهي پنهنجي موج مستيءَ ۾ ايترا تہ مگن هئا، جو انهن کي ڪو خيال ئي نہ آيو. هڪڙو خاندان جيڪو کاڌو کائي رهيو هو انهيءَ حالت ۾ پٿر ٿجي ويو. لاووي مان

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



پٿر ٿجندڙ اڪثر جوڙا جنسي فعل ۾ مشغول هئا. سڀ کان دلچسپ ڳالهہ اها تہ اڪثر جوڙا هم جنس هئا ۽ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين تي مشتمل هئا. کوٽائين مان نڪرندڙ اڪثر پٿر ٿجندڙ انساني چهرا بلڪل صحيح ۽ سالم آهن ۽ سندن چهرن مان پريشاني ۽ ڊڄ نمايان آهي.

انهيءَ تباهيءَ جي منظر جو ناقابل فهم (سمجهہ ۾ نہ ايندڙ) پهلو هيءُ آهي تہ اهي هزارين ماڻهو ڪهڙيءَ طرح ڪا شيءِ بنا ڏٺي ۽ ٻڌي، موت جي اوسيئڙي پيا رهيا؟ انهيءَ پهلوءَ جو جواب هيئن ملي ٿو تہ پومپي آئي جي تباهي بہ ماضيءَ جي قومن جي انهيءَ تباهيءَ سان مشابهہ آهي، جنهن کي قرآن ”اوچتي تباهي“ سان ڳڻيو آهي. سورة يسين ۾ شهر جي رهواسين جي تباهيءَ کي هن طرح هڪ لمحي ۾ اوچتو تباهي ڇيو ويو ارشاد ٿئي ٿو:

اِنۡ كَانَتۡ اِلَّا صَيۡحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمۡ خٰمِدُوۡنَ (سورة: يسين:29)

”هنن کي هيئن سزا ڏني ويئي جو) رڳو هڪڙو ڌڌڪو ٿيو پوءِ ڏسو تہ هو سڀ (رک وانگر) وسامي چپ ٿي ويا.“

سورة القمر ۾ گموراه جي تباهيءَ کي ائين ئي هڪ مهل تباهيءَ سان ڳڻيو ويو آهي:

اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ صَيۡحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوۡا كَهَشِيۡمِ الۡمُحۡتَظِرِ (سورة:القمر:31)

”اسان هنن جي مٿان هڪڙو اڪيلو سخت ڌڪاءُ نازل ڪيو ۽ (ان زلزلي ۾) هو واڙ ٺاهيندڙ جي سڪين ڪاٺين جهڙا ٿي پيا.“

پومپائي جي رهواسين جي تباهي بہ اهڙيءَ طرح اچانڪ ٿي، جيئن مٿي ڄاڻايل آيتن ۾ بيان ڪئي ويئي آهي. انهيءَ جي باوجود اڄ بہ حالات اهي ئي آهن، جيڪي پومپائي شهر جي رهواسين جا هئا. ڪيپري جو جزيرو اهو هنڌ آهي، جتي هم جنس پرست ۽ اوگهڙ پرست ماڻهو رهندا آهن. ٽورسٽ ڪمرشل ۾ ڪيپريءَ جي جزيري کي ”هم جنس پرستن جي جنت“ طور پيش ڪيو ويندو آهي. نہ رڳو ڪيپري يا اٽليءَ ۾ بلڪ پوري دنيا ۾ ان طرح جو اخلاقي زوال طاري آهي ۽ ماڻهن جي روش اها آهي جو هو ماضيءَ جي انهن خوفناڪ تجربن مان ڪجهہ بہ سکڻ لاءِ تيار ناهن.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڪي پائيوار



پٿر بڻجندڙ اڪثر جوڙا جنسي فعل ۾ مشغول هئا. سڀ کان دلچسپ ڳالهه اها ته اڪثر جوڙا هم جنس هئا ۽ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين تي مشتمل هئا. ڪوتائين مان نڪرندڙ اڪثر پٿر بڻجندڙ انساني چهرا بلڪل صحيح ۽ سالم آهن ۽ سندن چهرن مان پريشاني ۽ ڏڄ نمايان آهي.

انهيءَ تباهيءَ جي منظر جو ناقابل فهم (سمجهه ۾ نه ايندڙ) پهلو هيءُ آهي ته اهي هزارين ماڻهو ڪهڙيءَ طرح ڪا شيءِ بنا ڏٺي ۽ ٻڌي، موت جي اوسيئڙي پيا رهيا؟ انهيءَ پهلوءَ جو جواب هيئن ملي ٿو ته پومپي آئي جي تباهي به ماضيءَ جي قومن جي انهيءَ تباهيءَ سان مشابهه آهي، جنهن کي قرآن "اوچتي تباهي" سان ڳنڍيو آهي . سورة يسين ۾ شهر جي رهواسين جي تباهيءَ کي هن طرح هڪ لمحي ۾ اوچتو تباهي ڇيو ويو ارشاد ٿئي ٿو:

اِنۡ كَانَتۡ اِلَّا صَيۡحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمۡ خٰمِدُوۡنَ **(سورة: يسين: 29)**

"هنن کي هيئن سزا ڏني ويئي جو) رڳو هڪڙو ڏڏڪو ٿيو پوءِ ڏسو ته هو سڀ (رک وانگر) وسامي چپ ٿي ويا."

سورة القمر ۾ گموراه جي تباهيءَ کي ائين ئي هڪ مهل تباهيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي:

اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ صَيۡحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوۡا كَهَشِيۡمِ الۡمُحۡتَظِرِ **(سورة: القمر: 31)**

"اسان هنن جي مٿان هڪڙو اڪيلو سخت ڏڪاءُ نازل ڪيو ۽ (ان زلزلي ۾) هو واڙ ناهيندڙ جي سڪين ڪانين جهڙا ٿي پيا."

پومپائي جي رهواسين جي تباهي به اهڙيءَ طرح اچانڪ ٿي، جيئن مٿي جاڻايل آيتن ۾ بيان ڪئي ويئي آهي. انهيءَ جي باوجود اڄ به حالات اهي ئي آهن، جيڪي پومپائي شهر جي رهواسين جا هئا. ڪيپري جو جزيرو اهو هنڌ آهي، جتي هم جنس پرست ۽ اوگهڙ پرست ماڻهو رهندا آهن. ٽورسٽ ڪمرشل ۾ ڪيپريءَ جي جزيري کي "هم جنس پرستن جي جنت" طور پيش ڪيو ويندو آهي. نه رڳو ڪيپري يا اٽليءَ ۾ بلڪ پوري دنيا ۾ ان طرح جو اخلاقي زوال طاري آهي ۽ ماڻهن جي روش اها آهي جو هو ماضيءَ جي انهن خوفناڪ تجربن مان ڪجهه به سکڻ لاءِ تيار ناهن.

## باب چوٿون

# عاد قوم جو تذڪرو

وَ اَمَّا عَادٌ فَاُهۡلِكُوۡا بِرِيۡحٍ صَرۡصَرٍ عَاتِيَةٍ ۙ ﴿٦﴾ سَخَّرَهَا عَلَيۡهِمۡ سَبۡعَ لَيَالٍ وَّ ثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ ۙ
حُسُوۡمًا ۙ فَتَرَى الۡقَوۡمَ فِيۡهَا صَرۡعٰى ۙ كَاَنَّهُمۡ اَعۡجَازُ نَخۡلٍ خَاوِيَةٍ ۚ ﴿٧﴾ فَهَلۡ تَرٰى لَهُمۡ
مِّنۡۢ بَاقِيَةٍ ﴿٨﴾ ***(سورة الحاقة:8_6)***

"۽ عاد (جي قوم) کي حد کان لنگهندڙ تيز (ٿڌي) هوا سان هلاڪ ڪيو ويو. جنهن کي (الله) مٿن ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار هلايو (پوءِ اي ڳالهه ٻڌندڙ! جيڪڏهن تون اُتي ڏسين ها ته) تون ان قوم کي ان (زمين تي ائين منهن پر اونڌو) ڪريل ڏسين ها جڻ ته اهي پورين کجين جا ٿڙ (پيل ) آهن. پوءِ ڇا تون انهن مان ڪو بچيل ڏسين ٿو؟ (اهي ڌرتيءَ تان نيست ۽ نابود ٿي ويا."

قرآن حڪيم ۾ ڄاڻايل تباهيءَ جي ور چڙهندڙ هڪ قوم عاد به آهي، جنهن جو تذڪرو حضرت نوح عليه السلام، جي قوم کان پوءِ ڪيو ويو آهي. ان قوم ڏانهن حضرت هود عليه السلام کي موڪليو ويو. پاڻ بين نبين سڳورن وانگر، انهن کي شرڪ ڇڏڻ ۽ هڪ الله تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي اطاعت ڪرڻ جو درس ڏنائون. پر ان جي موٽ ۾ قوم سندن دشمن بڻجي ويئي. هنن حضرت هود عليه السلام تي ڪم عقلي، ڪوڙ ۽ ابن ڏاڏن جي ٻڌايل زندگيءَ جي نظام کي برباد ڪرڻ جو الزام مڙهيو. قرآن پاڪ حضرت هود عليه السلام جي دعوت حق ۽ سندس قوم جي رد عمل کي هيئن بيان ڪيو آهي:

وَ اِلٰى عَادٍ اَخَاهُمۡ هُوۡدًا ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ ؕ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا
مُفۡتَرُوۡنَ ﴿٥٠﴾ يٰقَوۡمِ لَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ اَجۡرًا ؕ اِنۡ اَجۡرِىَ اِلَّا عَلَى الَّذِىۡ فَطَرَنِىۡ ؕ اَفَلَا
تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٥١﴾ وَ يٰقَوۡمِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ يُرۡسِلِ السَّمَآءَ عَلَيۡكُمۡ مِّدۡرَارًا وَّ
يَزِدۡكُمۡ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمۡ وَ لَا تَتَوَلَّوۡا مُجۡرِمِيۡنَ ﴿٥٢﴾ قَالُوۡا يٰهُوۡدُ مَا جِئۡتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّ مَا نَحۡنُ
بِتَارِكِىۡۤ اٰلِهَتِنَا عَنۡ قَوۡلِكَ وَ مَا نَحۡنُ لَكَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٥٣﴾ اِنۡ نَّقُوۡلُ اِلَّا اعۡتَرٰٮكَ بَعۡضُ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

اٰلِهَتِنَا بِسُوْٓءٍ ؕ قَالَ اِنِّیْٓ اُشْهِدُ اللّٰهَ وَ اشْهَدُوْٓا اَنِّیْ بَرِیْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿٥٤﴾ مِنْ دُوْنِهٖ
فَكِیْدُوْنِیْ جَمِیْعًا ثُمَّ لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٥٥﴾ اِنِّیْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّیْ وَ رَبِّكُمْ ؕ مَا مِنْ دَآبَّةٍ اِلَّا هُوَ
اٰخِذٌۢ بِنَاصِیَتِهَا ؕ اِنَّ رَبِّیْ عَلٰی صِرَاطٍ مُّسْتَقِیْمٍ ﴿٥٦﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ مَّآ
اُرْسِلْتُ بِهٖۤ اِلَیْكُمْ ؕ وَ یَسْتَخْلِفُ رَبِّیْ قَوْمًا غَیْرَكُمْ ۚ وَ لَا تَضُرُّوْنَهٗ شَیْـًٔا ؕ اِنَّ رَبِّیْ عَلٰی
كُلِّ شَیْءٍ حَفِیْظٌ ﴿٥٧﴾ وَ لَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّیْنَا هُوْدًا وَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَ
نَجَّیْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِیْظٍ ﴿٥٨﴾ وَ تِلْكَ عَادٌ ۙۗ جَحَدُوْا بِاٰیٰتِ رَبِّهِمْ وَ عَصَوْا رُسُلَهٗ وَ
اتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِیْدٍ ﴿٥٩﴾ وَ اُتْبِعُوْا فِیْ هٰذِهِ الدُّنْیَا لَعْنَةً وَّ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ
عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ﴿٦٠﴾ **(سورة هود: 60_50 )**

”۽ اسان عاد (قوم) ڏي سندن ئي برادريءَ مان (حضرت) هود کي پيغمبر ڪري موڪليو. (حضرت هود) کين چيو ته (اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! الله جي ٻانهپ ڪريو. ڪانئس سواءِ اوهان جو ڪو به معبود (يا حاڪم يا بادشاهه) ڪونهي. يقين ڪريو ته توهان هن ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهيو ته (حقيقت جي خلاف) ڪوڙا ناهه ناهيندڙ آهيو. اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! مان هن ڳالهه جي لاءِ توهان کان ڪو عيوض (يا انعام) ڪو نه ٿو گهران. منهنجو بدلو يا اجر ته انهيءَ تي آهي جنهن مونکي پيدا ڪيو. پوءِ ڇا توهان (اهڙي صاف ڳالهه به) نٿا سمجهو. ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! پنهنجي پروردگار کان (پنهنجي غلطين ۽ گناهن جي) مغفرت (يعني معافي ) گهرو (۽ آئينده جي لاءِ) سندس حضور ۾ توبهه ڪيو. هو توهان جي لاءِ مينهن وسائيندڙ ڪڪر موڪلي ٿو (جن سان توهان جون پوکون ۽ باغ سر سبز ٿين ٿا.) ۽ توهان جي قوتن ۾ نيون نيون قوتون وڌائي ٿو.(جنهن ڪري ترقيون ڪري رهيا آهيو) ۽ (ڏسو!) ائين نه ٿئي جو گناهه ڪري (حق ۽ حقيقت کان) منهن موڙي ڇڏيو.(هنن ماڻهن) چيو ته اي هود! تون اسان وٽ ڪو (مضبوط) دليل ته ڪونه کڻي آيو آهين ۽ اسان تنهنجي چوڻ تي پنهنجي معبودن (ديوتائن) کي ڇڏي ڪونه ڏيندا سين. اسان توتي ايمان آڻڻ وارا هرگز نه آهيون. اسان جيڪي به چئي سگهون ٿا سو هي آهي ته اسان جي معبودن مان ڪنهن معبود جي توتي مار پئي آهي يا پٽ لڳي آهي. (تنهنڪري اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين). (تنهن تي) هود چيو ته مان الله کي شاهد ٿو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



ڪريان ۽ اوهان به شاهد رهو ته جن هستين کي توهان خدا سان شريڪ ٺهرايو آهي تن کان مان بيزار آهيان. توهان سڀ گڏجي منهنجي خلاف جيڪي به تدبيرون ڪري سگهو ٿا. سي ضرور ڪيو ۽ مون کي (ڪجهه به) مهلت نه ڏيو(پوءِ ڏسو ته نتيجوڇا ٿو نڪري). منهنجو ڀروسو الله تي آهي جو منهنجو به. پروردگار آهي ۽ اوهانجو به. ڪوبه چرندڙ ساهوارو ڪونهي جو سندس قبضي کان ٻاهر هجي. منهنجو پروردگار (حق ۽ عدل جي) سڌي واٽ تي آهي (يعني سندس راهه ظلم جي ٿي نٿي سگهي). پوءِ جيڪڏهن (تنهن هوندي به ) توهان منهن موڙيو ته (ياد رکو ته) جنهن ڳالهه لاءِ مون کي پيغمبر ڪري موڪليو ويو آهي، سا ڳالهه مون پهچائي (ان کان وڌيڪ منهنجي اختيار ۾ ڪجهه به ناهي) ۽ (مون کي ته هيئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته) منهنجو پروردگار (توهان کي برباد ڪري) ڪنهن ٻيءَ قوم کي توهان جي جاءِ ڏيندو ، ۽ توهان سندس ڪجهه به (ڪم) بگاڙي نه سگهندؤ. يقيناً منهنجو پروردگار هر چيز ته نگهبان آهي. ۽ (ڏسو!) جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالهه جو وقت اچي ويو تڏهن اسان پنهنجي رحمت سان هود کي بچائي ورتو ۽ انهن ماڻهن کي به بچائي ورتو جن ساڻس گڏ (سچائي تي) ايمان آندو هو ۽ اهڙي عذاب کان بچايو جو وڏو سخت عذاب هو. هي آهي بيان عاد قوم جو. هنن پنهنجي پروردگار جون نشانيون (تڪبر ۽ خود غرضيءَ کان) ڪوڙيون ٺهرايائون ۽ سندس رسولن جي نافرماني ڪئي، ۽ هر هڪ تڪبر ڪندڙ سرڪش جي حڪم جي پيروي ڪئي. ”۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) دنيا ۾ هنن تي لعنت وسي (يعني الله جي رحمت جي برڪتن کان محروم رهيا.) ۽ قيامت جي ڏينهن به (مٿن لعنت پيئي) سو ٻڌي ڇڏيو ته عاد جي قوم پنهنجي پروردگار جي ناشڪري ڪئي ۽ پڻ ٻڌي ڇڏيو ته عاد جي لاءِ محروميءَ جو اعلان ٿيو جا هود جي قوم هئي.“

عاد قوم جو تذڪرو ٻئي هنڌ، سورة شعرا ۾ ڪيو ويو آهي ، انهيءَ سورة ۾ قوم عاد جون ڪجهه خصوصيتون بيان ڪيون ويون آهن. انهيءَ تفصيل مطابق عاد بلند مقامات تي پنهنجا نشان تعمير ڪندا هئا. ۽ پنهنجي

رهائش لاءِ اعليٰ ۽ عمدي اڏاوت ڪندا هئا. سندن گهڻو ڪري سماجي رويو بغاوت، گمراهي ۽ ظلم تي ٻڌل هو. جڏهن حضرت هودؑ، انهن کي انهيءَ روش کان مڙي وڃڻ جي تلقين ڪئي ۽ الله جي عذاب کان ڊيڄاريو ته، هنن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ڪين انهيءَ ڳالهه جي پڪ هئي ته، حضرت هودؑ جي دعوت ۽ ڊيڄارڻ اسان جو ڪجهه بگاڙي نه سگهندو:

كَذَّبَتْ عَادُ ۨ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ
اَمِيْنٌ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٢٦﴾ وَ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى
رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٧﴾ اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ
تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾ وَ اِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٣١﴾ وَ اتَّقُوا
الَّذِيْۤ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّ بَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾ اِنِّيْۤ
اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾ قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَاۤ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ
الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَ مَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ
فَاَهْلَكْنٰهُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ
الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾ (سورة الشعراء: 140_123)

”ساڳيءَ طرح) عاد قوم جي ماڻهن به رسولن کي نه مڃيو. ڏسو! سندن برادريءَ جي ماڻهو حضرت هود هنن کي چيو ته (توهان ڇو برائين ۾ ڪاهي پيا آهيو) ڇا توهان الله تعاليٰ (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ئي نٿا؟ يقيناً مان اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهيان (۽ توهانکي خبر آهي ته مان ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو آهي ۽ نه ڪڏهن (امانت ۾ خيانت ڪئي آهي) مان سچ پچ اعتبار جوڳو آهيان. تنهن ڪري خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو ( ڇو ته مان فقط خدا جا حڪم تو پهچايان. انهن تي عمل ڪرڻ ۾ اوهان جي ئي ڇڱائي آهي). ۽ (ڏسو!) مان هن ڪم لاءِ (يعني خدا جي حڪمن پهچائڻ جي عيوض) اوهان کان ڪو به اجورو ڪونه ٿو گهران. منهنجو اجورو ته فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. ڇا توهان هر هڪ مٿاهين جاءِ تي (فقط ڏيک ويک لاءِ) اجا يا بي فائدا يادگار ٿا بنايو؟ ۽ توهان وڏا وڏا محلات ٿا ناهيو (ڄڻ ته) اميد ٿا رکو ته توهان انهن ۾ هميشه رهندؤ. (توهان وساري ٿا ڇڏيو ته هيءَ



زندگي هڪ ڏينهن جي برابر آهي.) جڏهن (ڪنهن به معاملي ۾ ڪنهن سان به) وڙهو ٿا ته (انصاف کي ڇڏي) ظلم ۽ ڏاڍائي واري وات ٿا وٺو. سو خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو. انهيءَ (مهربان) خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جنهن (پنهنجي فضل سان) توهان کي (گهڻيون ئي نعمتون) ڏنيون آهن جي توهان پاڻ ڄاڻو ٿا. ۽ (توهان کي خبر آهي ته) هن اوهان کي ڍور ڍڳا (۽ ٻي دولت) ۽ اولاد (۽ لشڪر وغيره) عطا ڪيا آهن. ۽ باغات ۽ چشما ( به عطا ڪيا اٿس). ۽ (انهن نعمتن هوندي به جو توهان سندس نافرماني ڪري ظلم ۽ گناهه جا ڪم ٿا ڪيو سو) مون کي وڏو انديشو آهي ته هڪ وڏي سخت ڏينهن جو عذاب توهان تي اچي ڪڙڪندو. انهن (منڪرن) جواب ۾ چيو ته ( اي هود! تون اجايو پنهنجو ۽ اسان جو مغز ٿو کائين) تون اسان کي وعظ نصيحت ڪرين توڙي نه ڪرين، اسان جي لاءِ ساڳي ڳالهه آهي. (اسان تنهنجون ڳالهيون ڪونه مڃينداسين). اهي (عذاب کان ڊيڄارڻ جون) ڳالهيون ته اڳوڻن ماڻهن جون آهن. (جن کي اهڙي ڳالهين ڪرڻ جي عادت ٿي ويئي هئي، تون جهونن خيالن جو ماڻهو آهين، اسان نئين روشني وارا آهيون.) ۽ (انهن منڪرن وڏيڪ هيئن به حضرت هودؑ کي چئي ڏنو ته) اسان تي عذاب بلڪل ڪونه ايندو. مطلب ته هنن (حضرت) هود کي نه مڃيو. تنهن ڪري اسان به هن کي برباد ڪري ڇڏيو. بيشڪ انهيءَ واقعي ۾(سمجهه واري قوم لاءِ وڏي) عبرت جي نشاني آهي مگر (افسوس ته) هنن ماڻهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين. ۽ (هو نٿا ڄاڻن ته) يقيناً تنهنجو پروردگار سيني تي غالب ۽ وڏي رحم وارو آهي. “

جن ماڻهن حضرت هودؑ جي مخالفت ۽ الله جي حڪمن سان بغاوت ڪئي، اهي هلاڪ ڪيا ويا، هڪ خوفناڪ طوفان، عاد کي اهڙيءَ طرح تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو جڻ ته انهن جو وجود ئي نه هو.

## ارم شهر جا قديم آثار

1990ع جي پڇاڙيءَ ۾ سڄيءَ دنيا جي معروف ۽ مشهور اخبارن ۾ هيءَ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڪي پائيوار



خبر شايع ٿي، ”عرب جو وساري ڇڏيل شهر دريافت“ ، ”عرب جو داستاني شهر دريافت ”واريءَ جو سمنڊ عبار دريافت ٿي ويو.“

آثار قديمہ جي ماهرن جي انهيءَ دريافت جي اهميت ان ڳالهہ جي ڪري بہ وڌي ويئي، جو انهيءَ شهر جو تذڪرو قرآن پاڪ بہ ڪيو آهي. ڪيترائي اهڙا ماڻهو، جن جو اهو خيال هو تہ قرآن ۾ ذڪر ڪيل قوم عاد يا تہ ڪنهن داستان سان تعلق رکي ٿي يا ان جي هنڌ جو تعين ناممڪن آهي، هن دريافت سان اهي حيرت جي ڪُن ۾ ٻڏي ويا. اهو شهر جيڪو عرب جي بَدُنِ (ٻهراڙيءَ وارن) جي زباني داستانن ۾ موجود هو. ان جي دريافت سان تمام گهڻي دلچسپي ۽ تجسس پيدا ٿي ويو.

قرآن حڪيم ۾ ڄاڻايل انهيءَ شهر کي قديم آثارن جو هڪ شوقين ماهر، نڪولس ڪليپ (Nicholas Clapp) دريافت ڪيو[19]. نڪولس ڪليپ کي عربي تاريخ ۽ دستاويزي فلمن جو ماهر هئڻ جي ڪري، پنهنجي تحقيق جي دوران، عرب جي تاريخ بابت هڪ نادر ڪتاب ڏسڻ جو اتفاق ٿيو. اهو ڪتاب هڪ انگريز محقق برٽرم ٿامس (BertramThomas) جو عريبيا فليڪس (Arabia Felix) هيو جيڪو هن 1932ع ۾ لکيو هو. انهيءَ ڪتاب ۾ ”جزيره نما عرب“ جي ڏکڻ وارن حصن جو تفصيل بيان ڪيو ويو هو جنهن ۾ اڄ جي يمن ۽ عمان جو اڪثر حصو شامل آهي. انهيءَ علائقي کي يوناني يوڊيم عريبيا (Eudaimon Arabia) ۽ قرون وسطيٰ (وچئين دور) جاعرب اسڪالر ”اليمن السعيده“ چوندا هئا.[20]

انهن سڀني نالن جو مفهوم ”خوش نصيب عرب“ آهي. ڇو تہ انهيءَ دور ۾ انهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو دنيا جا سڀ کان وڌيڪ خوش نصيب سمجهيا ويندا هئا.

۽ انهيءَ خوش نصيبيءَ جا ڪجهہ سبب بہ هئا. ان علائقي جا ماڻهو هڪ اهم خطي جا رهواسي هئا، جتي اهي هند ۽ اترين علائقن جي وچ ۾ گرم مصالحن جي تجارت ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندا هئا. انهيءَ علائقي ۾ ”لوبان “ ۽ ”پاياب“ نالي وڻن مان خوشبودار مادو بہ پيدا ٿيندو هو جنهن جي انهيءَ دور ۾ مذهبي ڏڻن تي استعمال جي ڪري، سون کان بہ وڌيڪ قدر ۽ قيمت هئي. ان جا مالڪ ان خطي جا رهندڙ ئي هئا.

انگريز محقق ٿامس انهن خوش نصيب قبيلن جي حالات کي تفصيل سان بيان ڪيو ۽ دعويٰ ڪئي، تہ هن انهن مان هڪ قبيلي جي آباد ڪيل

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



شهر کي ڳولهي لڌو آهي.[21] . بدوين جي مطابق اهو شهر”عبار“ هيو. انهيءَ علائقي جي هڪ دوري دوران صحرا ۾ رهندڙ خانہ بدوشن کيس پراڻا رستا بہ ٻڌايا تہ هي رستا انهيءَ قديم شهر ”عبار“ ڏانهن وڃن ٿا، پر پوءِ ٿامس پنهنجي انهيءَ انتهائي دلچسپيءَ واري تحقيق  جي تڪميل کان اڳ ئي گذاري ويو.

ڪليپ (Clapp) کي، انگريز محقق ٿامس جي ڪتاب جي مطالعي ڪانپوءِ انهيءَ ڳالهہ جي پڪ ٿي تہ هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل گمنام شهر جو وجود آهي، هاڻي هن، انهيءَ شهر جي ڳولا ڪرڻ شروع ڪري ڏني. انهيءَ شهر جي دريافت لاءِ هن بہ طريقا اختيار ڪيا. پهريائين هن، انهن خانہ بدوشن جي ٻڌايل رستي جي کوج لڳائي. پوءِ ناسا (Nasa)کي درخواست ڪيائين تہ انهيءَ علائقي جي فضائي تصوير ڏني وڃي. گهڻي جاکوڙ کانپوءِ هن ناسا (Nasa)جي ذميداران کي انهيءَ علائقي جي تصوير هٿ ڪري ڏيڻ تي راضي ڪري ورتو.[22]

ڪليپ (Clapp) ڪيليفورنيا جي هنٽنگٽن (Huntington) لائيبريريءَ جي پراڻن مسودن ۽ نقشن جو مطالعو جاري رکيو. هن جو مقصد هن علائقي جي ڪنهن نقشي جو دريافت ڪرڻ هو. ٿوري ئي عرصي ۾ هن هڪ نقشو هٿ ڪيو. اهو نقشو 200ع ۾ يوناني مصري جاگرافيءَ جي ماهر بطليموس ٺاهيو هو. انهيءَ نقشي ۾، علائقي ۾ موجود پراڻي شهر جو محلِ وقوع  ۽ ان ڏانهن ويندڙ سمورا رستا ڏيکاريا ويا هئا.

قرآن حڪيم جي بيان جي مطابق عبار ۾ فن ۽ اعليٰ تهذيب جو نمونو ڪيئي، عمارتن جي اڏاوت ڪئي ويئي، انهن مان اڄ رڳو هي آثار باقي آهن.

انهيءَ دوران هن کي اطلاع مليو تہ ناسا (Nasa) تصويرون ٺاهي ورتيون آهن، انهن تصويرن ۾ ڪجهہ قافلن جا رستا بہ نظر اچي رهيا هئا. جن کي شايد نہ عام اک سان ۽ نڪي وري آسماني منظر سان ئي ڏسي سگهجي پيو. انهن تصويرن جي ڀيٽ، پراڻي نقشي سان، ڪرڻ بعد ، ڪليپ (clapp) انهيءَ نتيجي تي پهتو، تہ پراڻي نقشي ۾ جيڪي رستا ڏيکاريا ويا هئا، اهي ئي رستا هئا جيڪي سيٽلائيٽ مان ورتل تصويرن ۾ منظر اچي رهيا هئا. انهن رستن جي آخر ۾ هڪ وسيع جڳهہ موجود هئي، جيڪا لازماً ڪڏهن ڪو شهر هئي.

نيٺ خانہ دوشن جي زباني ڪهاڻين ۾ بيان ٿيندڙ قديم ۽ افساني شهر

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



جو محل وقوع هٿ ڪيو ويو هو. ڪجهه وقت کانپوءِ کوٽايون شروع ڪيون ويون ۽ واريءَ جي هيٺان پراڻي شهر جا آثار آڏو اچڻ لڳا. اهڙيءَ طرح انهيءَ پراڻي شهر کي واريءَ جو شهر (اطلانيطہ) عبار قرار ڏنو ويو.

اهي کهڙيون شاهديون هيون، جن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اهو شهر انهيءَ قوم عاد جي بستي آهي، جنهن جو تذڪرو قرآن حڪيم ۾ ڪيو ويو آهي؟

کوٽائين جي شروعات ۾ ئي جڏهن آثار آڏو اچڻ شروع ٿيا ته اها حقيقت واضح ٿي چڪي هئي ته اهو تباهه ٿيل شهر قرآن مجيد ۾ ڄاڻايل عاد ۽ ارم جي ٿنڀن جو شهر آهي. ڇو ته آڏو ايندڙ اڏاوتن ۾ منارا به شامل هئا، جن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ڪيو ويو آهي. کوٽايون ڪندڙ ٽوليءَ (Team) جي نگران، محقق ڊاڪٽر زرينز (Dr. Zarins) ٻڌايو ته جيئن ته منارن جي تعمير عبار جي اهم خصوصيت هئي ۽ ارم ۾ به منارا يا ٿنڀا تعمير ڪيا ويا هئا، تنهن ڪري اهو انهيءَ ڳالهه جو قوي ثبوت هو ته آڏو ايندڙ شهر قرآن مجيد ۾ ڄاڻايل عاد جو شهر ارم هو. قرآن پاڪ ۾ ارم جو تذڪرو هيئن ڪيو آهي:

اَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ۝ اِرَمَ ذَاتِ الۡعِمَادِ ۝ الَّتِىۡ لَمۡ يُخۡلَقۡ مِثۡلُهَا فِى الۡبِلَادِ ۝

*(سورة الفجر:8_6)*

”اي پيغمبر! اهي اڳين قومن لاءِ خدا جي پڌري پيغام کي ڇو نه ٿا هنڊائن ) ڇا تو نه ڏٺو ته تنهنجي پالڻهار عاد ( جي قوم) (يعني ٿنڀن وانگر قدآور ارم (جي قوم) سان ڪيئن ڪيو؟! جنهن (جي فن ۽ نٽ ٺانگر) جهڙو (ان دور جي) شهرن ۾ ڪو نه پيدا ڪيو ويو.“

## قوم عاد

انهن شاهدين مان اسان ڇٽي سگهون ٿا ته عبار لازماً اهو ئي ارم شهر آهي، جنهن جو تذڪرو قرآن حڪيم ۾ ڪيو ويو. قرآن پاڪ جي مطابق انهيءَ شهر جي رهندڙن، حضرت هودؑ جي دعوت تي لبيڪ ڪونه چيو. جيڪو وٽن الله جو پيغام کڻي آيو هو ۽ انهيءَ ڪري اهي تباهيءَ جي ور چڙهي ويا.

ارم شهر جو بنياد رکندڙ عاد جي سڃاڻپ به بحث جو موضوع رهي آهي. ڇو ته تاريخي رڪارڊ ۾، اهڙي ڪنهن قوم جو ذڪر ڪونه ٿو ملي،



جنهن اهڙو ڪلچر يا اهڙي تهذيب قائم ڪئي هجي. ان مان اهو گمان ٿو ٿئي ته اهڙيءَ طرح جي ڪنهن قوم جو وجود تاريخ ۾ ڪڏهن رهيو ئي ناهي. پر ٻئي طرف اها ڳالهه به حيرت جو ڪارڻ نه هجڻ گهرجي، ته انهن ماڻهن جو تذڪرو قديم تهذيبن جي تاريخ يا رڪارڊ ۾ موجود ناهي. ڇو ته اهي ماڻهو ڏکڻ عرب ۾ رهندا هئا ۽ اهو علائقو واديءَ نيل يا مشرق وسطيٰ (وچ اوڀر) کان تمام گهڻي فاصلي تي ۽ الڳ ٿلڳ واقع هو ۽ انهن ماڻهن جو انهن سان تمام محدود تعلق هو. اها هڪ عام ڳالهه آهي، جو اها رياست يا ملڪ جنهن بابت همعصر گهٽ ڄاڻندا هجن، انجو تذڪرو تاريخ ۾ نه اچي، پر انجي باوجود مشرق وسطي جا ماڻهو عاد بابت ڪهاڻيون بيان ڪندا رهيا آهن.

عاد جي اڳيئن تاريخي تحريري رڪارڊ ۾ ذڪر نه هئڻ جو هڪ ڪارڻ هيءَ آهي ته، انهيءَ دور ۾ تحريري ابلاغ جو نه هئڻ به آهي. ان ڪري اهو بلڪل ممڪن آهي ته اها تهذيب جنهن جو بنياد عاد رکيو انهيءَ دور جي انهن تهذيبن سان گڏ، تاريخ ۾ ان جو ذڪر ڪونه ڪيو ويو جيڪي پنهنجو بنيادي تحريري رڪارڊ رکنديون هيون. جيڪڏهن اها تهذيب ڪجهه وقت وڌيڪ رهي ها ته، ممڪن هو ته اڄ اسان کي انهن ماڻهن بابت وڌيڪ ڄاڻ هجي ها.

جيتوڻيڪ عاد بابت ڪو لکت ۾ ثبوت موجود ناهي، پر ان کانپوءِ واري نسل بابت اهم معلومات جو ملي وڃڻ ۽ ان جي روشنيءَ ۾ عاد بابت قرآني انداز قائم ڪرڻ ممڪن آهي.

## عاد جي اولاد ۽ حضر موت وارن جا حالات

عاد ۽ کانئس پوءِ ايندڙ اولاد جي قائم ڪيل تهذيب ۾ سڀ کان پهريان ڏسڻ جي جڳهه، ڏکڻ يمن آهي. هيءَ اها ئي جڳهه آهي، جتي واريءَ جو سمنڊ هٿ ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي ”خوشنصيب عرب“ چيو ويو هو. موجوده تاريخ کان اڳ ۾ جنوبي (ڏکڻ) يمن ۾ ڇئن قسمن جون قومون رهيون، جن کي يونانين ”خوش نصيب“عرب چيو هو. اهي اهل حضر موت، اهل سبا، اهل مينا ۽ قطبي آهن.انهن ماڻهن جي حڪمراني ڪجهه عرصي تائين هڪ ئي دور ۾ ويجهڙ وارن علائقن ۾ قائم هئي.

ڪيترن ئي هاڻوڪن سائنسدانن جو خيال آهي ته عاد جي قوم هڪ تغير ۽ تبدل جي دور مان گذري ۽ وري تاريخ جي هڪ مرحلي تي ظاهر ٿي.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



اوهيو (Ohio) يونيورسٽيءَ جي هڪ محقق ڊاڪٽر ميڪائيل ايڇ رحمن (Dr. Mikail H. Rahman) جي خيال ۾ عاد ذڪر يمن جي چئن قبيلن منجهان هڪ قبيلي حضر موت وارن جا ابا ڏاڏا آهن. 500 ق-م ۾ هن علائقي ۾ رهندڙ اهل حضرموت واحد ذڪر ڪيل قوم آهي، جنهن کي ماڻهو ”خوش نصيب عرب“ چوندا هئا. اها قوم ذڪر يمن جي علائقي تي طويل عرصي تائين حڪمران رهي ۽ زوال جي طويل موت ڪانپوءِ 240ع تي بلڪل نيست و نابود ٿي ويئي.

حضرميءَ جو نالو به ظاهر ڪري ٿو ته عاد جي اولاد مان آهن. يوناني مصنف پلائني (Pliny) جنهن جو تعلق ٽئين صدي ق-م سان آهي، اهو به انهيءَ قبيلي کي ”ادرمي“ جي نالي سان ڄاڻائي ٿو جنهن مان مراد حضرمي ئي آهي. [23]

يونانين جي اصطلاحن ۾ اسم کي بطور لاحِقہ (يعني لاحق جي تانيث، پنيان لڳايل، وابستہ لفظ ناهڻ لاءِ لفظ جي آخر ۾ ڪوئي لفظ لڳائڻ جيئن نامہ بر ۽ دلبر وغيره) استعمال ڪيو ويندو آهي، تنهن ڪري انهن جو گهڙيل لفظ ”ادرم“ صاف طور تي قرآن حڪيم ۾ ذڪر ڪيل ”عاد ارم“ جي بگڙيل شڪل معلوم ٿئي ٿي.

جاگرافيءَ جو ماهر بطليموس (150_100ع) ٻڌائي ٿو ته جزيره نما عرب جي ذڪر ۾ ”ادرمي“ قوم رهندي هئي. انهيءَ علائقي کي تاحال ”حضرموت“ چيو ويندو هو. حضرمي رياست جي گاديءَ جو هنڌ ”شيبواه“ حضرموت واديءَ جي اولهہ ۾ موجود هو. ڪيئي پراڻين روايتن مطابق، عاد ڏانهن مبعوث ٿيندڙ پيغمبر حضرت هودﷺ جي مزار به حضرموت ۾ ئي آهي.

هڪ ٻي نشاني جيڪا حضرمين کي عاد جي نسل ۽ تسلسل هئڻ کي تقويت ڏيئي ٿي سندن دولت آهي. يونانين ، حضرمين کي وڏ ۾ وڏ آسودي قوم قرار ڏنو. تاريخ مان خبر پوي ٿي ته، حضرمي لوبان جي پوک ۽ پيداوار ۾ نهايت ئي ترقي يافتہ هئا. جيڪو پنهنجي دور جو تمام گهڻو قيمتي ٻوٽو هيو. هنن انهيءَ ٻوٽي جي استعمال کي ڏاڍي وسعت ڏني. هن ٻوٽي جي پوک اڄ جي نسبت، حضرموت ۾ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هئي.

حضر موت جي دارالحڪومت ”شيبواه“ جي کوٽائين مان به ڪافي دلچسپ معلومات آڏو آئي آهي. 1975ع ۾ ٿيندڙ انهن کوٽائين مان شهر جي آثارن تائين، واريءَ جي اونهن تهن جي ڪري، پهچڻ ڏاڍو مشڪل هو تنهن



هوندي به کوٽائيءَ جي پڄاڻيءَ تي آڏو ايندڙ آثار حيرت ۾ وجهندڙ هئا. آڏو ايندڙ شهر، هيل تائين دريافت ٿيندڙ شهرن منجهان وڌيڪ دلچسپيءَ وارو هو. ديوارن سان ڀرپور اهو شهر قديم يمن جي، هيل تائين سامهون ايندڙ مڙني ماڳن کان، تمام وڏو هو ۽ ان جو محل حقيقي معنيٰ ۾ هڪ پرشڪوه ۽ عظيم عمارت هئي.

بنا شڪ شبهي جي اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته، حضرمين تعمير جي فن جي اها مهارت پنهنجي ابن ڏاڏن کان حاصل ڪئي هئي. حضرت هودﷺ، عاد کي خدائي عذاب کان خبردار ڪندي ارشاد فرمايو هو:

اَتَبۡنُوۡنَ بِكُلِّ رِيۡعٍ اٰيَةً تَعۡبَثُوۡنَ ﴿۱۲۸﴾ وَتَتَّخِذُوۡنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمۡ تَخۡلُدُوۡنَ ﴿۱۲۹﴾

*(سورة الشعراء:129_128)*

”ڇا توهان هر هڪ مٿاهين جاءِ تي (فقط ڏيک ويک لاءِ) اجايا بي فائدا يادگار ٺاهيو؟ ۽ توهان وڏا وڏا محلات ٺا ناهيو. (ڄڻ ته اميد ٿا رکو ته توهان انهن ۾ هميشہ رهندؤ. (توهان وساري ٿا ڇڏيو ته هيءَ زندگي هڪ ڏينهن جي برابر آهي).“

”شيبواه“ ۾ موجود عمارتن جي هڪ اهم خصوصيت انهن جا وڏا وڏا ٿنڀا آهن. اهي ٿنڀا گول ۽ منفرد بناوت جا نهيل آهن. جڏهن ته يمن جي ٻين علائقن ۾ ملندڙ ٿنڀا چورس نهيل آهن. ”شيبواه“ جي ماڻهن اڏاوتي فن جي اها انفراديت پنهنجي ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ماڻي هوندي. ٽائين صديءَ جي قسطنطنيہ جي بزنطين بشپ ايڊفوٽيئس (Ad. Photius) ، قديم يوناني مسودن تائين پهچ رکندڙ هو جيڪي اڄڪلهہ موجود به ناهن. هو اگاٿر شيڊس (Agathara chides)(132 ق.م) جي بحيره احمر (Read sea) بابت تصنيفن کان به آگاهه هو. هن ذڪر عرب بابت ڏاڍي تحقيق ڪئي. هو پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”اهو چيو ويندو آهي ته ذڪر عرب جي ماڻهن اهڙا ٿنڀا ٺاهيا هئا، جن تي سون چڙهيل هو يا اهي چانديءَ جا نهيل هئا. انهن ٿنڀن جي درميان وٿي ڏسڻ وٽان آهي.“[24]

جيتوڻيڪ فوٽيئس (photius) جو اهو بيان حضرمين سان سنئون سڌو تعلق نٿو رکي، پر اهي انهيءَ علائقي جي ماڻهن جي عمارتي ذوق ۽ اڏاوتي ڪاريگريءَ ڏانهن ضرور رهنمائي ڪري ٿو. ڪلاسيڪل يوناني مصنفن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



پلائني (pliny) ۽ استرابو (strabo) انهن شهرن کي”خوبصورت عبادت گاهن ۽ محلاتن سان سينگاريل ۽ سنواريل“ شهر لکيو آهي.

جڏهن اسان اهو تصور ڪريون ٿا تہ انهن شهرن جارهاڪو عاد جي اولاد هئا تہ قرآن پاڪ جو قوم عاد بابت اهو فرمائڻ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ: اِرَمَ ذَاتِ الۡعِمَادِ”شهر ارم بلند ٿنڀن وارو“*(سورة الفجر:7)*

## عاد جا چشما ۽ باغ

اڄ جيڪڏهن ڪو ڏکڻ عرب ڏانهن سفر ڪري تہ کيس تمام وڏو رڻ پٽ ۽ بيابان جهاڳڻو پوندو. انهيءَ علائقي جا اڪثر ماڳ, سواءِ ٿورڙن ڪان, واريءَ سان ڍڪيل آهن. اهي رڻ پٽ ۽ صحرا سوين بلڪ هزارين سالن ڪان هتي موجود آهن.

پر قرآن شريف اسان کي عاد قوم بابت حيران ڪندڙ معلومات ڏئي ٿو. حضرت هود عليه السلام انهن کي خدائي عذاب ڪان خبردار ڪندي, سندن ڏيان انهن باغن ۽ چشمن ڏانهن ڇڪايو جن سان الله پاڪ کين نوازيو هو:

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ﴿۱۳۱﴾ وَ اتَّقُوا الَّذِيۡۤ اَمَدَّكُمۡ بِمَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۳۲﴾ اَمَدَّكُمۡ بِاَنۡعَامٍ وَّ بَنِيۡنَ ﴿۱۳۳﴾ وَ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوۡنٍ ﴿۱۳۴﴾ اِنِّيۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ.

*(سورة الشعراء: 135_131)*

”سو خدا ڪان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو. انهيءَ (مهربان) خدا (جي نافرماني جي نتيجن) ڪان ڊڄو جنهن (پنهنجي فضل سان) توهان کي (گهڻيون ئي نعمتون) ڏنيون آهن جي توهان پاڻ ڄاڻو ٿا. (توهان کي خبر آهي تہ) هن اوهان کي ڍور ڍڳا (۽ ٻي دولت) ۽ اولاد (۽ لشڪر وغيره) عطا ڪيا آهن. ۽ باغات ۽ چشما (بہ عطا ڪيا اٿس.) (انهن نعمتن هوندي بہ جو توهان سندس نافرماني ڪري ظلم ۽ گناه جا ڪم ٿا ڪيو سو) مون کي وڏو انديشو آهي تہ هڪ وڏي سخت ڏينهن جو عذاب توهان تي اچي ڪڙڪندو.“

پر جيئن تہ اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ عبار جنهن کي ارم شهر قرار ڏنو ويو آهي ۽ جيڪو عاد جو شهر هو هاڻي مڪمل طور تي صحرا ۾ تبديل ٿي چڪو آهي, تہ پوءِ حضرت هود عليه السلام ڇو اهڙيءَ طرح خطاب ڪيو؟



انهيءَ سوال جو جواب تاريخ جي ماحولياتي انقلاب سان جڙيل آهي. تاريخي رڪارڊ ٻڌائي ٿو تہ اهي علائقا جيڪي هينئر مڪمل طرح صحرا (رڻ پٽ) ۾ تبديل ٿي چڪا آهن, اهي ڪڏهن نهايت ئي زرخيز ميدان هئا. انهن جو وڏو حصو سرسبز باغن سان ڍڪيل هو. جيئن قرآن حڪيم بيان ڪيو آهي ۽ ڪجهہ هزار سال اڳ تائين هتان جا ماڻهو ڏاڍا سکيا ستابا هئا. جهنگلن ۽ ٻيلن علائقي جي سخت موسم کي خوشگوار ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ رڻ پٽ موجود هئا, پر ايتري گهڻي ايراضيءَ تي ڪونہ هئا.

ڏکڻ عرب ۾ عاد جي رهڻ جي حوالي سان بہ ڪيترائي اشارا مليا آهن, جيڪي انهيءَ سوال جي وضاحت ڪن ٿا. انهن اهڃاڻن ۽ آثارن جي مطابق هن علائقي جا ماڻهو اعليٰ معيار جي آبپاشي نظام جا مالڪ هئا ۽ انهيءَ آبپاشيءَ نظام جو واحد مقصد زراعت هيو. اهي ئي علائقا جتي اڄ زندگي محال آهي, ڪڏهن اُتي پوکي راهي ۽ ٻني ٻارو ٿيندو هو.

هن علائقي جي فضائي تصويرن مان بہ هن علائقي ۾ ندين نهرن ۽ ڊيمن تي مشتمل اهڙي آبپاشي نظام جو ڏس پتو مليو آهي, جنهن ۾ انهن شهرن جي 200,000 ڪان وڌيڪ ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪيون وينديون هيون.(52) جيئن ان بابت هڪ محقق ڊوئي (doe) لکيو:

”مآرب جو علائقو ايڏو زرخيز هيو جو اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مآرب ۽ حضر موت جو سڄو درمياني (وچ وارو) علائقو ڪنهن وقت پوک هيٺ رهيو آهي.“(62)

معروف يوناني مصنف پلائني (pliny) هن علائقي کي ڏاڍو زرخيز علائقو سڏيو آهي, جتي ڏُنڌ (ڪوهيڙو) ڇانيل رهندو هو. هي وڻن واريون ٽڪريون, درياهہ ۽ وسيع ٻيلا هئا. حضر موت جي دارالحڪومت ”شيبواه“ مان ملندڙ ڪيترن ئي ڪتبن مان اهڙيون لکتون مليون آهن, تہ هتي گهڻي تعداد ۾ ڍور ڍڳا هوندا هئا, جن مان ڪيترن جي قرباني ڪئي ويندي هئي. انهن سڀني حقيقتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هيءَ علائقو تمام گهڻو زرخيز علائقو هو.

صحرائن جي ڦهلجڻ ۽ زرخيز زمينن کي هڙپ ڪرڻ جي رفتار جو اندازو پاڪستان جي سمٿ سونين انسٽيٽيوٽ (Smith sonian institute) جي رپورٽ مان ڪري سگهجي ٿو. رپورٽ مطابق اهي علائقا جيڪي قرون وسطي (وچئين دور) ۾ زر خيز هئا, اڄ رڻ پٽ ٿي ويا آهن, جتي 6 ميٽر بلند واريءَ جا دڙا آهن. اهڙيءَ طرح صحرا سراسري طور تي 6 انچ روز جي رفتار

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



سان وڃن ٿا وڌندا، اها رفتار تمام بلند عمارتن کي به دفن ڪري سگهي ٿي. جڙ ته اهي ڪڏهن هيون ئي ڪونه. انهيءَ ڪري يمن ۾ تهمنه (Timma) جي 1950ع ۾ کيل کوٽايون، هاٽي وري ٻيهر واريءَ هيٺ اچي چڪيون آهن. مصر جا احرام به ڪڏهن واريءَ ۾ دفن هئا ۽ تمام ڏکي عرصي تائين کوٽائين کانپوءِ منظرعام تي اچي سگهيا . يعني اهي علائقا جيڪي اڄ صحرا آهن، بلڪل ممڪن آهي ته ماضيءَ ۾ بلڪل مختلف ڏيک ڏيندا هجن.

## عاد جي تباهي

قرآن حڪيم ۾ عاد جي تباهيءَ جو ڪارڻ ”خوفناڪ هوا“ کي قرار ڏنو ويو آهي. قرآن مجيد جي انهن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهي موتمار هوائون ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن گهلنديون رهيون، ايستائين جو عاد مڪمل طور تباهه ۽ برباد ٿي ويا:

كَذَّبَتْ عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٨﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ تَنْزِعُ النَّاسَ ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنْقَعِرٍ ﴿٢٠﴾ *(سورة القمر:20_18)*

”عاد جي قوم به (پيغمبرن جي تعليم کي) نه مڃيو ۽ ان کي رد ڪيو سو (ڏسو ته) منهنجو عذاب ۽ منهنجي تنبيهه ڪهڙي نه سخت هئي. اسان انهن (عاد قوم جي ماڻهن) جي مٿان هڪڙو سخت طوفان اهڙي ڏينهن موڪليو جو سخت نياڳائي ۽ زبردست مصيبت وارو ڏينهن هو. جنهن انهن ماڻهن کي اهڙيءَ طرح پٽي (اڇلائي) ماريو جو ڄڻ ته هو پاڙئون پٽيل ڪجين جا ٽڙ هئا.“

وَاَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ۙ ﴿٦﴾ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ ۙ حُسُوْمًا ۙ فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ۚ ﴿٧﴾

*(سورة الحاقة:7_6)*

”۽ عاد (جي قوم) کي حد کان لنگهندڙ تيز (تڪڙي) هوا سان هلاڪ ڪيو ويو. جنهن کي (الله) مٿن ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار هلايو (پوءِ اي ڳالهه ٻڌندڙ! جيڪڏهن تون اُتي ڏسين ها ته) تون ان قوم کي ان (زمين تي ائين منهن ڀر اونڌو) ڪريل ڏسين ها ڄڻ ته اهي پورين ڪجين جا ٽڙ (پيل) آهن.“

جيتوڻيڪ ماڻهن کي بار بار خبردار ڪيو ويو هو پر انهن نبين سڳورن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



جي دعوت تي ڪو ڌيان ڪو نه ڏنو. هي ايڏي وڏي مغالطي ۾ گرفتار هئا، جو جڏهن تباهي بلڪل سندن مٿان اچي پهتي، تڏهن به انهن کي پنهنجي اصلاح جو ڪو خيال ڪو نه آيو ۽ پنهنجي انڪار تي ڄميا رهيا:

فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ۭ بَلْ هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ۭ رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ *(سورة الاحقاف:24)*

”پوءِ جڏهن هنن ان (عذاب) کي هڪڙي ڪڪر جي صورت ۾ پنهنجي وادين جي سامهون ايندي ڏٺو تڏهن (پلجي خوشيءَ مان) چيائون ته هي هڪڙو ڪڪر آهي جو اسان تي مينهن وسائيندو (۽ اسان جي وادين کي آباد ڪندو). نه نه (آباد ڪرائڻ وارو مينهن نه آٿو) بلڪ اهو اُهو (عذاب) آٿو جنهن لاءِ (ٽوڪ وانگر) توهان تڪڙ لائي ڏني هئي. اهو سخت طوفان آٿو جنهن ۾ درد ناڪ عذاب رکيل آهي.“

هن آيت ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي ته ماڻهن بادل ڏٺو جنهن ۾ عذاب هيو پر اهي سمجهي ڪو نه سگهيا ۽ ان کي مينهن جو ڪڪر سمجهندا رهيا. هيءَ آيت انهيءَ منظر کي بيان ٿي ڪري ته ڪهڙيءَ طرح عذاب آيو. واريءَ جا وڏا وڏا دڪا دڙا به پري کان بارش جي بادلن جهڙا لڳن ٿا. اهو بلڪل ممڪن آهي ته عاد انهيءَ مماثلت (مشابهت) کان ڌوڪو کاڌو هجي ۽ عذاب کي سمجهي نه سگهيا هجن. ڊوئي (Doe) پنهنجي ذاتي تجربن جي روشنيءَ ۾ اهڙيءَ طرح جي واريءَ جي طوفان بابت لکي ٿو:

”اهڙيءَ طرح جي طوفان جي پهرين علامت گرد و غبار جي هڪ ديوار آهي، جيڪا ڪيئي فوٽ بلند ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ ۾ تمام تيز هوائون هونديون آهن.“ [27]

هينئر عاد جي آثارن ”عبار“ کي ڪيئي ميٽر اونهو واريءَ جو تهه کوٽي ڪري دريافت ڪيو ويو آهي. ائين ٿو لڳي ته قرآن حڪيم جي بيان مطابق انن ڏينهن ۽ ستن راتين تائين هلندڙ واريءَ وارين هوائن، هن شهر کي ڪيئي ٽَن واريءَ ۾ پوري ڇڏيو ۽ ماڻهو زنده دفن ٿي ويا.

عبار ۾ ٿيندڙ کوٽايون به انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪن ٿيون. فرانسيسي رسالو (CaM'Interesse) لکي ٿو ته عبار شهر طوفان جي نتيجي ۾ 12 ميٽر ٿلهي واريءَ جي تهه هيٺ دٻجي ويو. [28]

عاد جو واريءَ ۾ دفن ٿيڻ جو هڪ اهم ثبوت، عاد جي شهر جو تذڪرو ڪندي قرآن مجيد ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ”احقاف“ آهي:

وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ ؕ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَقَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖٓ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ***(سورة الاحقاف:21 )***

”(اي منهنجا پيغمبر!) عاد قوم جي ڀاءُ (حضرت هود) جو بيان (هنن عربن کي) ٻڌاءِ . ڏسو! هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي، جيڪي احقاف ۾ رهندا هئا، خبردار ڪيو ۽ هن کان اڳي توڙي پوءِ پيا به خبردار ڪندڙ (پيغمبر سڳورا) ٿي گذريا آهن (انهن به پنهنجن پنهنجن ماڻهن کي خبردار ڪيو ته) الله کانسواءِ ڪنهن جي به پوڄا نه ڪيو (۽ ڪنهن به قسم جي نامناسب ڪاڻ نه ڪڍو. نڪي بادشاهن ۽ سردارن جي، نڪي پيرن، فقيرن ۽ ٻين جي. جيڪي پاڻ کي ڪرامت جا صاحب ٿا سڏائين) (جيڪڏهن ٻين جي غلامي ۽ پوڄا ڪندؤ ته) مون کي خوف آهي ته ڪنهن وڏي (سخت)ڏينهن جو عذاب اچي اوهان جي مٿان ڪڙڪندو.“

”احقاف“، حقف جو جمع آهي ۽ عربي زبان ۾ ان مان مراد واريءَ جا دڙا آهن. يعني عاد واريءَ جي دڙن واري علائقي ۾ رهندا هئا. اهڙيءَ طرح تمام وڏو چٽو ثبوت آڏو اچي ٿو ته انهن جي هلاڪت واريءَ ۾ دفن ٿيڻ سان ٿي هوندي. هڪ توضيح (وضاحت) جي مطابق گهڻي استعمال جي ڪري ”احقاف“ پنهنجي اصل معنيٰ جي بدران انهيءَ شهر ۽ علائقي جو نالو ٿي ويو جتي عاد رهندا هئا. پر انهيءَ مان ان بنيادي حقيقت جي نفي ڪونه ٿي ٿئي ته اُهو واريءَ جو علائقو نه هو بلڪ انهيءَ تصور کي وڌيڪ تقويت ملي ٿي ته اهو علائقو واريءَ جي دڙن طور مشهور هو.

طوفان سان عاد تي اهڙيءَ طرح تباهي آئي جو اهي کجيءَ جي پورن ٿڙن وانگر اکڙجي ويا. اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو جيڪي زمينن جي پوکي راهي، ڊيمن جي اڏاوت، آبپاشي ۽ ٻين سرگرمين ۾ مصروف هيا، هڪ لحظي ۾ تباهه ۽ برباد ڪيا ويا. پوک جي قابل سمورو علائقو آبپاشيءَ جون نهرون ۽ ڊيم وغيره واريءَ ۾ دفن ٿي ويا ۽ سڄو شهر پنهنجي رهاڪن سميت واريءَ ۾ غرق ٿي ويو. شهر جي تباهيءَ ڪانپوءِ اتي صحرا ٿي ويو ۽ انهن جو ڪو نالو نشان باقي نه رهيو.“



يعني ائين چئي سگهجي ٿو ته تاريخ ۾ قديم آثارن جون شاهديون ٻڌائن ٿيون ته عاد ۽ شهر ارم، جن جي تباهيءَ جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آيو آهي، وجود رکندا هئا، پوءِ جي تحقيقات مان انهن ماڻهن جا آثار، واريءَ مان دريافت ڪيا ويا.

واريءَ ۾ دفن انهن آثارن مان عبرت وٺڻ جي ضرورت آهي، جنهن طرف قرآن بار بار ڌيان ڇڪائي ٿو. عاد سرڪشي ۽ گمراهيءَ جي ڪري حق جي راهه کان منحرف ٿي ويا هئا. تنهن ڪري مٿن عذاب آيو. ارشاد رباني آهي ته :

”(هاڻي) ڪير آهي جيڪو قوت ۽ اقتدار ۾ برتر آهي؟“

انهيءَ آيت ۾ اڳتي فرمايو ويو :

”ڇا هنن انهيءَ تي ويچار ڪونه ڪيو ته الله، جنهن انهن کي پيدا ڪيو آهي، انهن کان طاقت ۽ اقتدار ۾ برتر ۽ اعليٰ آهي؟“

*(سورة فصلت:15 )*

انهن تمام تاريخي حقيقتن جو حاصل مطلب هيءُ آهي ته، انسان انهيءَ ناقابل ترديد ۽ ابدي حقيقت کي هميشه جي لاءِ پنهنجي دل جي ڦرهيءَ تي نقش ڪري ڇڏي ته رڳو الله تعاليٰ جي هستي ئي عظيم، برتر ۽ اعليٰ آهي ۽ انسان جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي ته، هو الله تعاليٰ سان پنهنجي بندگيءَ واري تعلق کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪري.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڪي پائيوار



باب پنجون

# ثمود جي قوم جا حالات

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ فَقَالُوْٓا اَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّ سُعُرٍ ﴿٢٤﴾
ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْاَشِرُ ﴿٢٦﴾

(سورة القمر: 26_23)

”ثمود جي ماڻهن بہ خبردار ڪندڙ (پيغمبرن) کي نہ مڃيو. هنن چيو تہ ڇا اسان مان هڪڙو انسان، اڪيلو ئي اڪيلو! اسان هن جي پيروي ڪيون ۽ سندس تابعدار ٿيون! جيڪڏهن ائين ڪيون تہ گمراهي ۽ چريائيءَ ۾ پئجي ويندا سين. ڇا اسان سڀني جي وچئون اڇي هن (مڙس) تي (خدائي) پيغام نازل ٿيو آهي؟ (بلڪل نہ) بلڪ هو ڪوڙو ٻٽاڪي آهي. (اي حضرت صالح!) هي (نادان) سڀاڻي ئي ڏسي وٺندا تہ ڪير ڪوڙو ۽ ٻٽاڪي آهي.“

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل آيتن ۾ بيان ٿيو تہ، ثمود قوم بہ الله جي تنبيهہ تي غور ۽ ويچار نہ ڪيو ۽ پيغمبرسڳوري جي دعوت کي ٺڏيو. نتيجي ۾ اها بہ قوم عاد وانگر تباهہ ٿي ويئي. جديد دور جي تاريخ ۽ قديم آثارن مان لاڳاپيل تحقيقات، ثمود قوم جي رهڻي ڪهڻي ، علائقي ۽ ان جي ٻي تفصيلات،جنهن جو اڳ ۾ ڪو پتو نہ هو، تنهن کي پڌرو ڪيو آهي. اڄ جي آثار قديمہ جي ماهرن جي تحقيقات مطابق ثمود قوم، تاريخي وجود رکندڙ قوم ثابت ٿي چڪي آهي.

ان کان اڳ جو ثمود قوم بابت آثار قديمہ جي تحقيقات جو تفصيل بيان ڪيو وڃي، انهن جو پنهنجي نبين سڳورن سان جهيڙي جو داستان، جيڪو قرآن حڪيم بيان ڪيو آهي، بيان ڪيو وڃي ٿو. جيئن تہ قرآن پاڪ جو خطاب هر دور ۾ هر قوم لاءِ آهي، تنهن ڪري قرآن پاڪ ثمود قوم جي انڪار ۽ انجام کي هر زماني جي ماڻهن جي لاءِ عبرت جي سبق طور پيش ڪري ٿو.

Sindhica
سنڌيڪا

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



## حضرت صالح ﷺ جون تبليغي ڪاوشون

قرآن شريف جي مطابق، حضرت صالح ﷺ کي ثمود قوم ڏانهن موڪليو ويو هو. پاڻ ثمود قوم جا چاتل سڃاتل ۽ نامور فرد هئا. سندس قوم جيڪا حضرت صالح ﷺ کان دين حق جي دعوت جي اميد ڪونه رکندي هئي، ڪانئن ڪفر ۽ شرڪ ترڪ ڪرڻ جو اعلان ٻڌي، حيرت ۾ پئجي ويئي. شروع ۾ سندس قوم مٿس بهتان هڻڻ ۽ الزام مڙهڻ شروع ڪيا:

وَاِلٰی ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿٦١﴾ قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ اَتَنْهٰنَآ اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَاِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٦٢﴾ *(سورة هود: 62_61 )*

”۽ اسان ثمود ڏانهن سندن برادريءَ مان (حضرت ) صالح کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن ڪين چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! الله جي ٻانهپ ڪيو. ڪانئس سواءِ اوهان جو ڪو به معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) اهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ وري ان ۾ ئي اوهان کي رهايو(يعني زمين کي اوهان سان آباد ڪيو ۽ رونق ڏني) پوءِ اوهان کي گهرجي ته ڪانئس بخشش گهرو ۽ سندس طرف رجوع ٿي زندگي بسر ڪيو. يقين رکو ته منهنجو پروردگار (هر هڪ کي) ويجهڙو آهي ۽ (هر هڪ جي) دعائن جو جواب ڏيندڙ آهي. ماڻهن چيو ته! اي صالح! هن کان اڳي ته تون اهڙو (اعلي دل ۽ دماغ وارو) ماڻهو هيئن جو اسان سڀني جون تو ۾ ڏاڍيون اميدون هيون. پوءِ ڇا تون اسان کي روڪين ٿو ته انهن معبودن (ديوتائن) جي پوڄا نه ڪريون جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن.(هيءَ ڪهڙي ڳالهه آهي؟) اسان کي ته انهيءَ ڳالهه ۾ وڏو شڪ آهي. جنهن جي اسان کي دعوت ڏيئي رهيو آهين ۽ جنهن کي اسان جو دليون قبول ئي نه ٿيون ڪن.“

انهيءَ معاشري جي چند فردن، حضرت صالح ﷺ جي دعوت قبول ڪئي. جڏهن ته اڪثريت انڪار ڪري ڇڏيو. خاص ڪري انهيءَ قوم جي وڏن سردارن حضرت صالح ﷺ جي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ساڻن دشمنيءَ وارو رويو اختيار ڪيو. هنن حضرت صالح ﷺ تي ايمان آڻيندڙن



کي تنگ ڪرڻ ۽ کين ظلم ۽ ستم جونشانو بڻائڻ شروع ڪيو. اهي حضرت صالح ﷺ جي جان جا دشمن بڻجي ويا، ڇو ته حضرت صالح ﷺ انهن کي گمراهي ڇڏي، هڪ الله جي عبادت ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي. الله جي نبيءَ تي ڏمرجڻ رڳو ثمود قوم جوئي عمل نه هو بلڪ ثمود قوم اها ئي غلطي ورجائي رهي هئي، جيڪا هن کان اڳ حضرت نوح ﷺ جي قوم ۽ عاد قوم ڪئي هئي. اهوئي سبب آهي جو قرآن حڪيم انهن ٽنهي قومن جو تذڪرو هيئن ڪري ٿو:

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۬ ؕ وَالَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ ؕ لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ؕ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرَدُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ فِيْٓ اَفْوَاهِهِمْ وَقَالُوْٓا اِنَّا كَفَرْنَا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ وَاِنَّا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٩﴾ *(سورة ابراهيم:9 )*

”پوءِ ڇا توهان تائين انهن ماڻهن جي خبر ڪانه پهتي آهي، جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن؟ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم ۽ اهي قومون جي انهن ڪانپوءِ آيون ۽ جن جو حال الله ئي کي معلوم آهي. ۽ انهن سڀني قومن ڏي انهن جا رسول روشن دليلن سان آيا هئا. پر انهن سندن ڳالهيون موٽائي ڇڏيون (۽ ٻڌڻ کان ئي انڪار ڪيائون) انهن چيو ته جيڪا ڳالهه توهان کڻي آيا آهيو تنهن کان اسان کي انڪار آهي، ۽ جنهن ڳالهه ڏانهن توهان سڏيو ٿا، تنهن تي اسان کي يقين ڪونهي، اسان شڪ ۽ شبهي ۾ پئجي ويا آهيون.“

حضرت صالح ﷺ جي لڳاتار نصحيت جي باوجود، اها قوم شڪ ۽ شبهي ۾ پيل رهي. تنهن هوندي به انهيءَ گمراه قوم ۾ هڪ ننڍڙو جٿو اهڙو به هو جيڪو حضرت صالح ﷺ، تي ايمان رکندو هو. جڏهن انهيءَ قوم تي ناهوڪو عذاب آيو ته ايمان وارا ان عذاب کان محفوظ رهيا. ثمود قوم جي سردارن، حضرت صالح ﷺ تي ايمان آڻيندڙن کي پنهنجي ظلم ۽ ستم سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي:

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ اَتَعْلَمُوْنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلَ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٧٥﴾ قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا بِالَّذِيْٓ اٰمَنْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٧٦﴾ *(سورة الاعراف:76_75 )*

”تنهن تي (حضرت صالح جي) قوم جي هٺيلن سردارن انهن مسڪينن ضعيفن کان جن (حضرت صالح تي) ايمان آندو هو،

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



(تُوڪ طرح) پڇيو ته توهان کي خبر آهي ڇا ته صالح سچ پچ پنهنجي پروردگار جي طرفان موڪليل مرسل آهي؟ هنن(مسڪين مومنن) وراڻي ڏني ته بيشڪ اسان انهن (سچين حقيقتن ۽ حڪمن تي) ايمان آندو آهي، جن سان هن کي خدا موڪليو آهي.هنيلن سردارن تنهن تي چيو ته جن ڳالهين تي توهان (چٽو سمجهي) ايمان آندو آهي، تن کان اسان انڪار ٿا ڪريون (جو اسان کي اها تعليم ڪانه ٿي وڻي) پلا خود غرض ظالمن کي تعليم ڪيئن وڻندي ته مسڪينن سان عدل ۽ احسان ڪيو ۽ خدا جي زمين تي تڪبر سان نه گهمو."

ايمان وارن جي استقامت جي باوجود. ثمود قوم الله ۽ حضرت صالح عليه السلام جي رسالت بابت شڪ ۽ شبهي ۾ مبتلا رهي. ايستائين جو هڪ گروه پڌري پٽ ۽ وڏي واڪي حضرت صالح عليه السلام کي ڪوڙو نهرائڻ شروع ڪري ڏنو.

حضرت صالح عليه السلام ۽ الله پاڪ جي تڪذيب ڪندڙ انهيءَ گروه حضرت صالح عليه السلام کي قتل ڪرڻ جي سازش شروع ڪري ڏني.

قَالُوا اطَّيَّرْنَا بِكَ وَ بِمَنْ مَّعَكَ ۚ قَالَ طٰٓئِرُكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تُفْتَنُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ كَانَ فِی الْمَدِیْنَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ یُّفْسِدُوْنَ فِی الْاَرْضِ وَ لَا یُصْلِحُوْنَ ﴿٤٨﴾ قَالُوْا تَقَاسَمُوْا بِاللّٰهِ لَنُبَیِّتَنَّهٗ وَ اَهْلَهٗ ثُمَّ لَنَقُوْلَنَّ لِوَلِیِّهٖ مَا شَهِدْنَا مَهْلِكَ اَهْلِهٖ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَ مَكَرُوْا مَكْرًا وَّ مَكَرْنَا مَكْرًا وَّ هُمْ لَا یَشْعُرُوْنَ ﴿٥٠﴾ ***(سورة النمل:50_47 )***

"هو چوڻ لڳا ته (اي صالح!) تون ۽ تنهنجا ساٿي (مؤمن) اسان جي لاءِ نياڳا ۽ منحوس ثابت ٿيا آهيو (حضرت) صالح فرمايو ته توهان جو نياڳ الله جي طرف کان آهي (ڇو ته توهان الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڇڏي ظلم تي سنبري بيٺا آهيو) بلڪ توهان اها قوم آهيو جنهن جي آزمائش ٿي رهي آهي." ۽ انهيءَ شهر ۾ نَوَ شخص هئا، جيڪي ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو ڪندا هئا ۽ سڌرڻ جو منجهن امڪان ئي ڪونه هو. انهن هڪٻئي کي چيو ته اچو ته الله جي نالي تي قسم کڻون ۽ واعدو ڏيون ته اسان رات جي وقت (لڪي ڇپي) صالح ۽ سندس عيال تي وڃي ڪڙڪنداسين (۽ کين قتل ڪري ڇڏينداسين) ۽ پوءِ سندس وارثن کي (ڪوڙ هٺي) چونداسين ته اسان ته سندس عيال جي قتل ٿيڻ جي جاءِ به نه ڏٺي آهي ۽ يقيناً اسان سچ ٿا چئون (ته اسان کي ڪا خبر ڪانهي.) هنن ته اهو



منصوبو يا تجويز ٺاهي، پر اسان (يعني الله تعاليٰ) به پنهنجي تجويز تيار رکي، جنهن جو هنن کي پتو به ڪونه پيو (هو ناڪامياب ٿيا، اٽلندو پاڻ تباهه ٿيا.)"

ماڻهن کي پنهنجي دعوت تي يقين ۽ الله جي اطاعت جي رغبت ڏيارڻ لاءِ حضرت صالح عليه السلام کين اُنٺڀءَ جو معجزو ڏيکاريو. اهو ڏسڻ لاءِ ته، ڇا ماڻهو سندس اطاعت ڪن ٿا يا نه. پاڻ انهن کي چيائون ته هو اُنٺڀءَ کي پاڻيءَ پيارڻ ۾ شريڪ ڪن ۽ ان کي تڪليف نه ڏين. گمراه ماڻهن اطاعت جي بدران اُنٺڀءَ کي قتل ڪري ڇڏيو. سورة الشعراءَ ۾ اهو واقعو هيئن بيان ڪيو ويو.

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِیْنَ ﴿١٤١﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٤٢﴾ اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِیْنٌ ﴿١٤٣﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ﴿١٤٤﴾ وَ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿١٤٥﴾ اَتُتْرَكُوْنَ فِیْ مَا هٰهُنَاۤ اٰمِنِیْنَ ﴿١٤٦﴾ فِیْ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوْنٍ ﴿١٤٧﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ نَخْلٍ طَلْعُهَا هَضِیْمٌ ﴿١٤٨﴾ وَ تَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُیُوْتًا فٰرِهِیْنَ ﴿١٤٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ﴿١٥٠﴾ وَ لَا تُطِیْعُوْۤا اَمْرَ الْمُسْرِفِیْنَ ﴿١٥١﴾ الَّذِیْنَ یُفْسِدُوْنَ فِی الْاَرْضِ وَ لَا یُصْلِحُوْنَ ﴿١٥٢﴾ قَالُوْۤا اِنَّمَاۤ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِیْنَ ﴿١٥٣﴾ مَاۤ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۚ فَاْتِ بِاٰیَةٍ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِیْنَ ﴿١٥٤﴾ قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ لَّهَا شِرْبٌ وَّ لَكُمْ شِرْبُ یَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿١٥٥﴾ وَ لَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَیَاْخُذَكُمْ عَذَابُ یَوْمٍ عَظِیْمٍ ﴿١٥٦﴾ فَعَقَرُوْهَا فَاَصْبَحُوْا نٰدِمِیْنَ ﴿١٥٧﴾ ***(سورة: الشعراء: 157_141 )***

"ثمود قوم جي ماڻهن به رسولن کي ڪو نه مڃيو. ڏسو! سندن برادريءَ جي ماڻهو (حضرت) صالح کين چيو ته ڇا توهان (مسڪينن تي ظلم ڪري رهيا آهيو ۽) خدا کان ڊڄو ئي نٿا؟" (مان توهان کي صاف صاف سچي ڳالهه ٿو ٻڌايان ته) مون کي اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهي (۽ توهان کي معلوم آهي ته) مان معتبر آهيان (تنهنڪري هن ڳالهه ۾ به مون تي اعتبار ڪيو). سو توهان الله تعاليٰ (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو(ڇو ته مان رڳو خدا جا حڪم ٿو پهچايان). ۽ (توهان ڏسو ٿا ته) مان انهيءَ ڪم لاءِ (يعني اوهان کي خدا جا حڪم پهچائڻ لاءِ) ڪو اجورو يا عيوضو ته ڪونه ٿو گهران. منهنجو اجورو ته فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. ڇا (توهان هيئن ٿا سمجهو ڇا ته) جيڪي هتي هن دنيا ۾(نعمتون) آهن، سي ماڻهن لاءِ اوهان کي (دائمي طور) امن امان ۾ ڇڏيو ويندو؟ توهان (دائمي) باغن ۾

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻ پاتي پائيوار



چشمن ۾ امن امان جي حالت ۾ ڇڏيا ويندؤ ڇا؟ ۽ توهان (دائمي پلين) ٻنين ۽ کجور جي وڻن ۾ ڇڏيا ويندؤ؟ ڇا جو کجورن جا ڇڳا (ڪارڪن جي بار ڪان) ٽٽڻ تي آهن.۽ توهان ٽَڪرن کي ٽڪي وڏي هنر ۽ ڪاريگريءَ سان جايون ٺاهيو ٿا. (اوهان اهي نعمتون خدا جي طرف ڪان نٿا سمجهو ۽ سندس نافرماني ٿا ڪيو.) سو خدا (وٽان ايندڙ عذاب) ڪان ڊڄو ۽ منهنجي چوڻ تي هلو (ڇو ته مان فقط اهي حڪم ٿو پهچايان جي الله تعاليٰ وٽان ٿا اچن. ۽ انهن جا حڪم نه مڃيو جيڪي ليڪو لنگهي بيٺا آهن، (۽) جيڪي ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو ٿا ڪن. ۽ سڌارو ڪو نه ٿا ڪن. (ظالم ۽ خود غرض سردارن تي انهيءَ نصيحت جو اثر ڪو نه پيو) هنن چيو ته (اي صالح! تون آهين ڇا؟!) تو تي ڪو جادو جو اثر پئجي ويو آهي (جو بي عقليءَ جون ڳالهيون پيو ڪرين. تون ڪجهه به نه آهين سواءِ هن جي ته اسان جهڙو ماڻهو آهين. جيڪڏهن تون سچ ٿو چئين (ته مون کي رسول ڪري موڪليو ويو آهي) ته پلا آڻ ڪا نشاني (يعني ڏيکار ڪو معجزو). (حضرت صالح) فرمايو ته هيءَ ڏاچي (نشاني) آهي. هن کي به پاڻي پيئڻ جو حق آهي ۽ اوهان کي به (پنهنجي مال کي) پاڻي پيئارڻ جو حق آهي (پر واري سان) مقرر ڏينهن تي. ۽ ان ڏاچيءَ کي ڪو ايذاءُ يا تڪليف نه پهچائجو. نه ته هڪڙي وڏي سخت ڏينهن جو عذاب اچي توهان تي ڪڙڪندو. پوءِ به هنن ڏاچيءَ جا پير ڪاٽي ڇڏيا. پر پوءِ پشيمان به ٿيا (۽ ڊنا ته متان عذاب سچ پچ اچي وڃي."

حضرت صالح ؑ پنهنجي قوم کي هدايت جي راهه ڏانهن راغب ڪرڻ جي لاءِ ڪيتري جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪئي. قرآن مجيد تنهن کي هيئن بيان ڪري ٿو:

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ فَقَالُوْٓا اَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّ سُعُرٍ ﴿٢٤﴾ ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْاَشِرُ ﴿٢٦﴾ اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَ اصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾ وَ نَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾ فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾

*(سورة: القمر:29_23 )*

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



"ثمود جي ماڻهن به خبردار ڪندڙ پيغمبرن کي نه مڃيو. هنن چيو ته ڇا اسان مان هڪڙو انسان، اڪيلو ئي اڪيلو! اسان هن جي پيروي ڪيون ۽ سندس تابعدار ٿيون! جيڪڏهن ايئن ڪيون ته گمراهي ۽ چريائيءَ ۾ پئجي ويندا سين. ڇا اسان سڀني جي وچئون اچي هن (مڙس) تي (خدائي) پيغام نازل ٿيو آهي؟ (بلڪل نه) بلڪ هو ڪوڙو ٻٽاڪي آهي. (اي حضرت صالح!) هي (نادان) سڀاڻي ئي ڏسي وٺندا ته ڪير ڪوڙو ۽ ٻٽاڪي آهي؟ اسان ڏاچي موڪلڻ وارا آهيون جا هنن لاءِ آزمائش آهي، سو تون ترس ۽ ڏس ۽ صبر اختيار ڪر. ۽ هنن کي ٻڌائي ڇڏ ته پاڻي سندن وچ ۾ ورهايل آهي ۽ هر ڪو پنهنجي واري تي حاضر ٿئي (۽ پنهنجي) ڍورن کي پاڻي پياري. پر هنن ڇا ڪيو جو پنهنجي (هڪ شرير) سنگتيءَ کي سڏيائون. سو هن هڪ تلوار هٿ ۾ ڪنئي ۽ ان ڏاچيءَ جا پير ڪپي وڌائين"

جڏهن مسلسل گمراهي ۽ خود سريءَ جي باوجود ثمود قوم جي وٺ پڪڙ نه ٿي ته، هوءَ وڌيڪ گستاخ ٿي ويئي. هنن حضرت صالح ؑ تي حملو ڪيو ۽ ان کي ڪوڙو ۽ ننگ قرار ڏنو:

فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ وَ قَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ *(سورة: الاعراف:77 )*

"پوءِ (ڇا ڪيائون جو) انهيءَ ڏاچيءَ کي زخمي ڪيائون، ۽ هينئلائيءَ سان پنهنجي پروردگار جي حڪم جي مخالفت ڪيائون. ۽ (آڪڙ ۾ پر جي) چيائون ته اي صالح! جيڪڏهن تون مرسلن (موڪليلن) منجهان آهين ته پلا آڻ اهو عذاب، جنهن جو اسان کي خوف ڏياريندو آهين. (اسان کي ته يقين آهي ته نڪي تون سچو رسول آهين نڪي اسان تي ڪو عذاب ايندو)"

پر الله جي تائيد ۽ نصرت، حضرت صالح ؑ سان گڏ هئي. ڪافرن ۽ مشرڪن جا ناپاڪ منصوبا ناڪام ٿي ويا ۽ الله تعاليٰ، حضرت صالح ؑ کي انهن جي سازشن ڪان محفوظ رکيو.

مختلف طريقن سان حق جي دعوت پنهنجي قوم جي آڏو رکڻ ڪانپوءِ جڏهن حضرت صالح ؑ ڏٺو ته انهن منجهان ڪو به حق ڏانهن موٽڻ لاءِ تيار ناهي ته پاڻ انهن کي خبردار ڪيائون ته هو ٽن ڏينهن جي اندر اندر

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻي پائيوار



هلاڪ ڪيا ويندا.

فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ مَكْذُوْبٍ **(سورة: هود: 65)**

”پر ماڻهن (زياده ضد ۾ اچي) ان کي ماري ڇڏيو. تڏهن (حضرت) صالح کين چيو تہ (هاڻي توهان کي فقط) ٽي ڏينهن (جي مهلت آهي) پنهنجي گهرن ۾ کائي پي وٺو. هيءُ (خدائي) واعدو آهي. هرگز ڪوڙ نہ ٿيندو.“

ٽن ڏينهن ڪانپوءِ حضرت صالح عليہ السلام جو فرمان سچو ثابت ٿيو ۽ ثمود قوم برباد ڪئي ويئي:

وَ اَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٦٧﴾ كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَاۤ اِنَّ ثَمُوْدَا۟ كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿٦٨﴾ **(سورة هود: 68_67)**

”۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو هو تن کي هڪ وڏي زور واري ڪڙڪي اچي پڪڙيو. جڏهن صبح ٿيو تڏهن سڀ پنهنجي گهرن ۾ اونڌا ٿيا پيا هئا.(۽ هو اهڙو اوچتو مري ويا) گويا انهن گهرن ۾ ڪڏهن رهيائي ڪو نہ هئا. سو ٻڌي ڇڏيو تہ ثمود قوم پنهنجي پروردگار جي ناشڪري ڪئي ۽ پڻ ٻڌي ڇڏيو تہ ثمود جي قوم (هر طرح جي نعمتن کان) محروم رهي.“

## قديم آثار ۽ ثمود قوم

قرآن حڪيم ۾ ذڪر ٿيل اڳوڻين قومن مان ثمود اهي ماڻهو آهن، جن بابت اڄ اسان کي ڪافي ڄاڻ ملي آهي. تاريخي شاهديون، ماضيءَ ۾ ثمود جي موجودگيءَ جي تصديق ڪن ٿيون.

قرآن حڪيم ۾ ڄاڻايل ”اصحاب الحجر“ ۽ ثمود کي هڪ ئي قوم سمجهيو وڃي ٿو يعني ثمود جو ٻيو نالو ”اصحاب الحجر“ آهي. يعني ثمود تہ قوم جو نالو آهي ۽ ”الحجر“ انهيءَ شهر جو نالو آهي جيڪو انهن ماڻهن ٺاهيو.

يوناني جاگرافيدان پلائني (pliny) جا تفصيل، انهيءَ جي تائيد ڪن ٿا. پلائني (pliny) جي لکتن مطابق ڊوماٿا (Domatha) ۽ حجرا (Hijra) اهي جايون هيون، جتي ثمود قوم رهندي هئي. حجرا (Hijra) ئي بعد ۾ ”شهر حجر“ بڻجي ويو.[92]

ثمود بابت تمام گهڻو آڳاٽو تاريخي حوالو بابل جي بادشاهہ سرگون

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



ثاني (800 ق-م) جي اتر عرب ۾ مهمات جي دوران، انهن سان لڙائيءَ ۾ کين شڪست ڏيڻ جا تفصيل آهن. يونانين وٽ ارسطو بطليموس ۽ پلائنيءَ جي تحريرن ۾ انهن کي تيموداڻي (Tamudaei) يعني ثمود چيو ويو آهي.[30]

نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت کان اڳ ۾ تقريباً 400 يا 600 عيسويءَ ۾، اهي ماڻهو بلڪل ختم ٿي ويا. قرآن مجيد ۾ عاد ۽ ثمود جو ذڪر گڏ گڏ ڪيو ويو آهي. اڪثر هنڌن تي ثمود قوم کي عاد جي انجام مان عبرت وٺڻ جي تلقين ڪئي ويئي آهي. يعني ثمود کي عاد بابت گهڻي ڄاڻ حاصل هئي:

وَ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْۤ اَرْضِ اللّٰهِ وَ لَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ وَ اذْكُرُوْۤا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّ بَوَّاَكُمْ فِی الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّ تَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ فَاذْكُرُوْۤا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَ لَا تَعْثَوْا فِی الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٧٤﴾ **(سورة الاعراف: 74_73)**

”ثمود جي قوم ڏي بہ اسان سندن ڀاءُ (حضرت) صالح کي (پيغمبر ڪري) موڪليو. (حضرت) صالح کين چيو تہ اي منهنجي قوم! الله جي بندگي ڪيو. اوهان جي لاءِ ڪائنس سواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي (جو بندگيءَ جو لائق هجي) توهان جي پروردگار وٽان توهان ڏي روشن دليل اچي چڪو آهي. هيءُ (جا ڏسو ٿا) خدا جي (موڪليل) ڏاچي آهي، جا توهان لاءِ نشاني آهي. ان ڏاچيءَ کي ڇوٽ ڇڏيو تہ خدا جي زمين تي چرندي وتي. ۽ برائي جي نيت سان ان کي رڳو هٿ بہ نہ لائجو. (جيڪڏهن ان کي ڪو نقصان رسائيندو تہ) پوءِ اوهان تي سخت عذاب اچي ڪڙڪندو. ۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن الله تعاليٰ اوهان کي عاد قوم ڪانپوءِ زمين تي سندن جانشين ڪيو ۽ زمين تي توهان کي (چڱيون) رهڻ جون جايون ڏنيون. توهان ان زمين جي ميدانن تي محلاتون ناهيو ٿا ۽ جبلن کي ٽڪي ٽڪي گهر ناهيو ٿا (يعني جبلن ۾ اندر غار ناهي تراشي تراشي سهڻا گهر بڻايو ٿا) پوءِ الله تعاليٰ جي (اهڙن) نعمتن کي ياد ڪريو (۽ سندس نعمتن لاءِ شڪر گذار ٿي ڪري صالح عمل ڪيو) ۽ زمين تي فتنا فساد نہ ڪندا وتو.“

جيئن تہ انهن آيتن مان ظاهر آهي تہ عاد ۽ ثمود جو پاڻ ۾ تعلق موجود آهي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ عاد، ثمود جي ئي تاريخ ۽ تهذيب جو حصو

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



هجي. حضرت صالح عليه السلام پنهنجي قوم کي ياد ڏياريو تہ هوءَ عاد جي حالتن ۽ انجام تي غور ڪن ۽ ان مان سبق پرائين.

اهڙيءَ طرح عاد کي، حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي انجام مان عبرت حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪئي ويئي هئي يعني جهڙيءَ طرح عاد، ثمود قوم جي لاءِ تاريخي حوالو هو، تهڙيءَ طرح حضر نوح عليه السلام جي قوم، عاد جي لاءِ حوالو هئي. اهي ماڻهو هڪٻئي کان آگاه هئا ۽ شايد هڪ ئي نسل جو تسلسل هئا.

قرآن حڪيم ۾ بيان ٿيل انهن واقعن جي تاريخي ترتيب مرتب ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن اسان انهيءَ حقيقت کي قبول ڪيون تہ ثمود قوم جو زمانو اٺين صدي قبل مسيح آهي تہ انهيءَ بنياد تي ٻين قومن جو تاريخي تعين ممڪن آهي. قوم نوح جي تباهيءَ کانپوءِ جيڪا قوم سڀ کان پهريان عذاب ۾ گرفتار ٿي، سا حضرت لوط عليه السلام جي قوم هئي. پوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ فرعون (جيڪو گهڻو امڪان آهي تہ راميسس_II هيو) ۽ سندس فوج جو بحيره احمر (Red sea) ۾ ٻڏي وڃڻ جو واقعو پيش آيو. ان کانپوءِ قوم عاد تي تباهہ ڪندڙ طوفان آيو.

ان کان پوءِ ثمود جي تباهيءَ جو واقعو پيش آيو. سڀ کان پهريان حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي تباهي عمل ۾ آئي. جيڪڏهن ترتيب کي اڏو رکيو وڃي تہ انهن قومن جي تاريخي ترتيب هن طرح ٿهي ٿي:

- حضرت نوح عليه السلام ٣٠٠_٥٢٠٠ ق_م
- حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ٢٠٠٠ ق_م جي آغاز جو زمانو.
- حضرت لوط عليه السلام
- حضرت موسيٰ عليه السلام ٣١٠٠ ق_م
- حضرت هود عليه السلام ۽ قوم عاد ٣١٠٠ ق_م
- حضرت صالح عليه السلام ۽ قوم ثمود ٨٠٠ ق_م

جيتوڻيڪ هن تاريخي ترتيب کي بلڪل درست قرار ڏيئي نٿو سگهجي پر قرآن حڪيم ۽ ٻئي موجوده تاريخي مواد جي روشنيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ واقعن جي ترتيب اها ئي آهي.

اسان اڳ ۾ بہ بيان ڪري چڪا آهيون تہ، قرآن حڪيم عاد ۽ ثمود ۾ تعلق کي بيان ڪري ٿو. ثمود کي عاد جي انجام مان سبق پرائڻ جي تلقين ڪئي ويئي. تنهن هوندي بہ عاد ۽ ثمود جو شهر ۽ سندن رهڻ جا هنڌ هڪ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



ٻئي کان بلڪل الڳ ۽ پري هئا .

ظاهر ۾ تہ انهن ۾ ڪو رابطو نظر ڪو نہ ٿو اچي، تہ پوءِ قرآن حڪيم ثمود جو تذڪرو ڪندي کين عاد قوم ڇو ياد ڏياري؟

جيڪڏهن ٿوري تحقيق ڪئي وڃي تہ حقيقت الم نشرح ٿي وڃي ٿي. عاد ۽ ثمود ۾ جاگرافيائي فاصلو مبهم آهي. تاريخي شاهديون ٻڌائن ٿيون تہ، ثمود ۽ عاد ۾ وڏا قوي (مضبوط) رابطا هئا، ثمود، عاد کي سٺي نموني سڃاڻيندي هئي، ڇو تہ اهي ٻئي قومون هڪ ئي اصل (يعني نسل) سان تعلق رکنديون هيون. ثمود جي حقوق جي تحت انهن قومن جو تفصيل برٽانيڪا مائڪرو پيڊيا Britannica Micropeadia هن طرح بيان ڪري ٿو :

”ثمود قديم عرب ۾، چوٿين صدي ق_م جي ستين صدي عيسويءَ جي پهرين اڌ جو هڪ معروف قبيلو يا گروه هو. جيتوڻيڪ ثمود جو آغاز ڏکڻ عرب کان ٿيو پر شروعاتي زماني ۾ ئي ان جي هڪ وڏي حصي، اتر ڏانهن سفر ڪيو ۽ جبل اثلب (Athlab) جي دامن ۾ قيام ڪيائين. هاڻوڪي تحقيقات ۽ آثارِ قديمہ جي دريافتن مان ثمودي دور جي پٿرن تي تحريرون ۽ تصويرون جبل اثلب ۽ وچ عرب جي اڪثر علائقن ۾ سامهون اچن ٿيون.“ (31)

سامي حرفن (اڪرن) ۾ ثمودي طرز تحرير تي مشتمل مختلف تحريرون اتر ۽ پوري حجاز ۾ نظر اچن ٿيون. (32)

اها رسم الخط سڀ کان پهريان وسطي (وچ) يمن جي اتر ۾ دريافت ڪئي ويئي ۽ ان کي ثمودي رسم الخط قرار ڏنو ويو آهي. اهو علائقو ”ربع الخالي“ جي اتر کان حضر موت جي ڏکڻ ۽ شيبواه جي اولهہ تائين پکڙيل آهي.

ان کان اڳ اسان ڏسي آيا آهيون، تہ عاد جنوبي (ڏکڻ) عرب ۾ رهندا هئا. اها تمام اهم ڳالهہ آهي، تہ ثمود جا ڪجهہ اهڃاڻ (آثار)، عاد جي علائقي خاص ڪري حضر موت جي ارد گرد جي علائقن ۾ بہ موجود آهن. اها ئي اها جڳهہ آهي ، جتي عاد جي اولاد رهيل هئي ۽ ان جي گاديءَ جو هنڌ بہ اتي ئي موجود هو. اها صورت حال قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيل عاد ۽ ثمود جي تعلقات ۽ رابطن جي وضاحت ڪري ٿي. انهيءَ لاڳاپي کي حضرت صالح عليه السلام ثمود کي عاد جي اولاد قرار ڏيندي هيئن بيان ڪيو:

وَ اِلٰی ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ یٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَیْرُهٗ ؕ قَدْ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻ ڀلو جي پائيوار



جَآءَتۡكُمۡ بَيِّنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ ؕ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمۡ اٰيَةً فَذَرُوۡهَا تَاۡكُلۡ فِىۡۤ اَرۡضِ اللّٰهِ وَ لَا تَمَسُّوۡهَا بِسُوۡٓءٍ فَيَاۡخُذَكُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۷۳﴾ وَ اذۡكُرُوۡۤا اِذۡ جَعَلَكُمۡ خُلَفَآءَ مِنۡۢ بَعۡدِ عَادٍ وَّ بَوَّاَكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ تَتَّخِذُوۡنَ مِنۡ سُهُوۡلِهَا قُصُوۡرًا وَّ تَنۡحِتُوۡنَ الۡجِبَالَ بُيُوۡتًا ۚ فَاذۡكُرُوۡۤا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿۷۴﴾ (سورة الاعراف: 74_73 )

”ثمود جي قوم ڏي بہ اسان سندن ڀاءُ (حضرت) صالح کي (پيغمبر ڪري) موڪليو. (حضرت) صالح کين چيو تہ اي منهنجي قوم! الله جي بندگي ڪريو. اوهان جي لاءِ ڪانئس سوا ڪوبہ معبود ڪونهي (جو بندگيءَ جو لائق هجي) توهان جي پروردگار وٽان توهان ڏي روشن دليل اچي چڪو آهي. هيءُ (جا ڏسو ٿا) خدا جي (موڪليل) ڏاچي آهي جا توهان لاءِ نشاني آهي. ان ڏاچيءَ کي ڇوٽ ڇڏيو تہ خدا جي زمين تي چرندي وتي. ۽ برائيءَ جي نيت سان ان کي رڳو هٿ بہ نہ لائجو. (جيڪڏهن اُن کي ڪو نقصان رسائيندؤ تہ) پوءِ اوهان تي سخت عذاب اچي ڪڙڪندو. ۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن الله تعاليٰ اوهان کي عاد قوم ڪانپوءِ زمين تي سندن جانشين ڪيو ۽ زمين تي توهان کي (چڱيون) رهڻ جون جايون ڏنيون. توهان ان زمين جي ميدانن تي محلاتون ٺاهيو ٿا ۽ جبلن کي ٽڪي ٽڪي گهر ٺاهيو ٿا (يعني جبلن ۾ اندر غار ٺاهي تراشي تراشي سهڻا گهر بنايو ٿا) پوءِ الله تعاليٰ جي (اهڙين) نعمتن کي ياد ڪريو (۽ سندس نعمتن لاءِ شڪر گذار ٿي ڪري صالح عمل ڪيو) ۽ زمين تي فتنا فساد نہ ڪندا وتو.“

مختصر اهو تہ، ثمود کي پنهنجن پيغمبرن جي دعوت کي ٺڪرائڻ ۽ گمراهي ۽ سرڪشيءَ جي قيمت ڀرڻي پيئي ۽ نيٺ تباهيءَ کي پهتا. اهي عظيم گهر ۽ عمارتون جيڪي هنن تعمير ڪيون هيون ۽ ملڪ ۾ جيڪي فن جا نمونا هنن تخليق ڪيا هئا. سي کين عذاب کان بچائي نہ سگهيا. ثمود قوم بہ اهڙيءَ طرح تمام سخت عذاب ۾ مبتلا ڪئي ويئي، جهڙيءَ طرح ان کان اڳ ۾ ۽ پوءِ ايندڙ باغي ۽ سرڪش قومون عذاب ۾ گرفتار ٿيون.

باب ڇهون

# ٻڏي مرندڙ فرعون جو تذڪرو

كَدَاۡبِ اٰلِ فِرۡعَوۡنَ ۙ وَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمۡ فَاَهۡلَكۡنٰهُمۡ بِذُنُوۡبِهِمۡ وَ اَغۡرَقۡنَاۤ اٰلَ فِرۡعَوۡنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوۡا ظٰلِمِيۡنَ *(سورة الانفال: 54 )*

”جهڙو دستور فرعون جي ماڻهن جو هو ۽ انهن (فاسقن) جو جي انهن کان اڳي ٿي گذريا، اهڙو ئي دستور (فسق جو) اوهان جو بہ آهي. هنن پنهنجي پروردگار جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو تہ اسان کين سندن گناهن سبب تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ فرعون جي ماڻهن کي (سمنڊ ۾) ٻوڙي ڇڏيو ۽ اهي سڀ ظالم هئا.“

آڳاٽي مصري تهذيب ۽ ان جي دؤر ۾ قائم ٿيندڙ واديءِ دجلہ ۽ فرات جون شهري رياستون، دنيا جون تمام جهونيون تهذيبون ۽ منظم رياستون سمجهيون وڃن ٿيون، جن جو سماجي نظام گهڻو ترقي يافتہ هو. انهن ماڻهن ٽي هزار سال قبل مسيح لکڻ سکي ورتو هو ۽ نيل درياهہ جو پنهنجي قومي ۽ معاشي سرگرمين جي لاءِ استعمال ۽ ٻاهرين خطرن کان پنهنجي ملڪ کي بچائڻ جي تدبيرن کا ن بہ آگاهہ هئا. اهڙيءَ طرح مصرين جي تهذيب نهايت ئي ترقي ڪيل بڻجي ويئي هئي:

اهوئي ”مهذب“ سماج هيو، جتي ڊگهي عرصي تائين فرعونن جي اقتدار جو دؤر رهيو. جنهن کي قرآن ڏاڍو واضح ۽ دليل جي انداز سان ڪفر ۽ ظلم جو نظام قرار ڏنو آهي. هو حق جي دعوت جي مقابلي ۾ غرور، تڪبر، هٺ ۽ گستاخي جي رويي جا ڌوهي ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ اعليٰ ترقي يافتہ تهذيبون، سماجي ۽ سياسي نظام ۽ نہ وري عسڪري طاقت ئي انهن کي تباهيءَ کان بچائي سگهيون.

## فرعون جو اقتدار

مصري تهذيب جو دارو مدار نيل درياهہ جي زرخيزيءَ تي هو. آبپاشيءَ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



جي سهولتن سبب مصرين جي گهڻائي واديءِ نيل ۾ آباد هئي. اهڙيءَ طرح هو برسات تي پاڙڻ جي بدران پنهنجي زمين کي، نيل درياهه جي پاڻيءَ سان آباد ڪري سگهندا هئا. معروف مؤرخ ارنسٽ ايچ گومبرچ (Ernst H.Gombrich) جي مطابق آفريڪا نهايت ئي گرم علائقو آهي ۽ ڪنهن وقت ته ڪيترن ئي مهينن تائين هتي برسات ناهي پوندي، ان ڪري هن وسيع براعظم جا اڪثر علائقا تمام گهڻو خشڪ آهن. اهي علائقا وسيع رڻ پٽن ۽ بيابانن تي مشتمل آهن . نيل درياهه جا ٻئي طرف به صحرائن تي مشتمل آهن ۽ مصر ۾ بارشون گهٽ وڌ ٿينديون رهنديون آهن. پر هن ملڪ ۾ بارشن جي ايڏي ضرورت ڪونهي پوندي، ڇو ته سڄي ملڪ جي وچ مان نيل درياهه وهي ٿو.(33)

نيل درياهه جي انهيءَ مرڪزي حيثيت جي ڪري جيڪو به هن تي قبضو ڪندو آهي، تنهن کي مصر جي معيشت ۽ زراعت جي وڏي حصي تي قبضو حاصل ٿي ويندو آهي. مصر جي فرعونن به ملڪ تي اهڙيءَ طرح قبضو ڄمايو هو. واديءِ نيل جي تنگ ۽ عمودي بناوت جي ڪارڻ، ماڻهو هتي پنهنجي رهائشي گهرن کي گهڻو ڦهلائي ڪو نه پيا سگهن. اهڙيءَ طرح مصرين پنهنجي رهڻ لاءِ وڏن گهرن بدران ننڍيون ننڍيون بستيون ۽ ڳوٺ اڏيا هئا. ان ڪري به فرعونن جو پنهنجي عوام تي اقتدار ۽ قبضو وڌيڪ مستحڪم ۽ مضبوط ٿي ويو هو.

شاهه مينيس (King Menes) کي قديم مصر جو پهريون فرعون سمجهيو ويندو آهي. هن تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 3000 ق-م ۾ پوري مصر کي متحد ڪيو هو. فرعون جي اصطلاح جو لاڳو ٿيڻ حقيقت ۾ انهيءَ محل تي ٿيندو هو جنهن ۾ مصري بادشاهه رهندو هو. مگر وقت گذرڻ سان گڏو گڏ اهو خود بادشاهه جو لقب بڻجي ويو. اهڙيءَ طرح عظيم مصري حڪمرانن پاڻ کي فرعون سڏائڻ شروع ڪيو.

ملڪ جا مالڪ، منتظم ۽ حڪمران هئڻ جي ڪري فرعونن کي قديم مصر جي مسخ شده مشرڪاڻي مذهب ۾ سڀ کان وڏي ديوتا جو مظهر سمجهيو ويندو هو. قديم مصري زمينن جو انتظام، ان جي آمدن جو نظم و نسق، رياستي معاملا ۽ مملڪت جا ٻيا ڪم ڪار، فرعون جي اقتدار هيٺ ئي هلايا چلايا ويندا هئا .

فرعونن کي حاصل، مطلق اقتدار جي ڪري، هو ملڪ ۾ مختيارِ ڪل

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



هئا. جيڪي گهراندا هئا سو ڪندا هئا. فرعونن جي اقتدار جي شروعات يعني شاهه مينيس (King Menes) جي زماني کان ٿي، جنهن مٿين ۽ هيٺين (يعني سيني) مصرين کي متحد ڪري، عظيم مصري سلطنت قائم ڪئي هئي، نيل درياهه جي پاڻيءَ جي عوام تائين، شهرن جي ذريعي پهچ جو انتظام ڪيو ويو هو. ان سا ن گڏوگڏ ئي تمام رياستي پيداوار کي حڪومتي قبضي ۾ ورتو ويو هو. سيني جنسن جي پيداوار ، بادشاهه جي استعمال ۾هئي. اهو ئي رعيت (عوام) ۾ ضرورت آهر تقسيم ڪندو هو. ملڪ ۾ ايتري با اختيار بادشاهه جي لاءِ اها ڳالهه سندس لاءِ ڏکي نه هئي، هو عوام کي هر لحاظ کان پنهنجو مطيع ۽ فرمانبردار بڻائي ونندو هو. مصري بادشاهه فرعون هڪ مقدس هستي سمجهيو ويندو هو جيڪو ماڻهن جي هرطرح جي ضرورتن جو ڪفيل هو. اهڙيءَ طرح ان کي ديوتا جو درجو حاصل ٿي چڪو هو. اهڙيءَ طرح هو ريان هوريان فرعون پنهنجو پاڻ کي ديوتا سمجهڻ لڳا هئا .

قرآن حڪيم ۾ بيان ٿيل فرعون جي ڪجهه ڳالهين مان اها خبر پوي ٿي ته فرعون ان طرح جو عقيدو رکندا هئا. فرعون، حضرت موسيؑ کي مخاطب ٿيندي چيو هو ته جيڪڏهن تون مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي خدا جو ذڪر ڪندين ته مان توکي قيد ڪندس. (سورة الشعراءَ: 29) ان سان گڏو گڏ هن پنهنجي پوئلڳن سان مخاطب ٿيندي چيو هو ته مان پاڻ کان سواءِ توهان جو ڪو خدا نٿو ڏسان. (سورة القصص: 38) فرعون جي انهيءَ گفتگوءَ مان صاف پڌرو آهي ته هو پاڻ کي مصرين جو خدا سمجهندو هو.

## مذهبي عقيدا

مؤرخ هيرو ڊوٽس (Hero dotus) جي مطابق، قديم مصري نهايت ئي ”پارسا“ ماڻهو هئا، پر انهن جو مذهب يعني دين حق وارو نه هو بلڪ سندن مذهب مشرڪاڻو ۽ گمراهه ڪندڙ هو پر هو پنهنجي انتهائي رجعت پسنديءَ جي ڪري ان کي ڇڏي ڪونه پئي سگهيا.

قديم مصري انهيءَ قدرتي ماحول مان، جنهن ۾ هو رهن پيا، ڏاڍا متاثرهئا. مصر جي جاگرافي، بيروني حملو ڪندڙن کان، تحفظ جو مناسب ذريعو هئي. مصر هر طرف کان صحرائن، پهاڙن ۽ سمنڊن سان گهيريل هئي. ان تي ڪنهن به حملي جا به ئي رستا ممڪن هئا، جتان مصري نهايت سولائيءَ سان پنهنجو دفاع ڪري پئي سگهيا. انهن قدرتي سببن جي ڪري

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ئي، مصري بيروني دنيا کان الڳ ٿلڳ هئا. پر صدين تي پکڙيل انهيءَ علحيدگي ۽ اڪيلائيءَ هنن کي متعصب قوم بڻائي ڇڏيو هو. اهڙيءَ طرح مصرين جي نگاهه ۾ ڪنهن به نئين ترقيءَ يا دريافت جو ڪو امڪان ڪونه هو. وڏيڪ اهو ته هو پنهنجي مذهب سان جڙيل هئڻ ڪري ڏاڍا شدت پسند هئا. قرآن جي لفظن ۾"ابن ڏاڏن جو مذهب" سندن سڀ کان اهم زندگيءَ جو قدر بڻجي چڪو هو.

اهو ئي سبب هو جو جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام وٽن حق جي دعوت کڻي، فرعون وٽ آيو ته فرعون ۽ سندس درٻارين اهو چوندي انڪار ڪري ڇڏيو ته:

قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا لِتَلۡفِتَنَا عَمَّا وَجَدۡنَا عَلَيۡهِ اٰبَآءَنَا وَ تَكُوۡنَ لَكُمَا الۡكِبۡرِيَآءُ فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَ مَا نَحۡنُ لَكُمَا بِمُؤۡمِنِيۡنَ *(سورة يونس:78 )*

"هنن (جواب ۾) چيو ته ڇا توهان اسان ڏي هن لاءِ آيا آهيو ته جنهن راهه تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو تنهن کان اسان کي هٽائي ڇڏيو ۽ هن ملڪ ۾ اوهان ٻنهي ڀائرن کي سرداري (۽ بادشاهي) ملي وڃي؟ اسان ته توهان کي مڃڻ وارا ڪونه آهيون."

مصرين جا مذهبي عقيدا، سندن معبود ديوتائن جي چوڌاري گهمندا هئا. انهن ديوتائن ۽ ماڻهن ۾ رابطي جو ذريعو مذهبي پيشوا هئا، جيڪي معاشري جا اڳواڻ به هئا. جادو ۽ سفلي (اهي منتر يا اهو عمل جنهن ۾ خبيث ارواحن کان مدد ورتي وڃي) عملن جا ماهر اهي پيشوا اهڙي طبقي ۾بدلجي ويا هئا، جن جي اطاعت به ماڻهن جي لاءِ فرعون جي حڪم جي مطابق ضروري هئي.

قديم مصر جو مذهب ڪيئي شاخن ۾ ورهايل هو. ان مان، رياستي مذهب، ماڻهن جا عقيدا ۽ سندن عقيدو حيات بعدالموت سڀ کان اهم هو. رياستي ۽ حڪومتي مذهب مطابق فرعون، هڪ مقدس هستي هو. هو زمين تي ماڻهن لاءِ خدا جو پرتوو هو ۽ سندس منصب ماڻهن کي انصاف ڏيڻ ۽ ڪين ظلم کان محفوظ رکڻ هو.

ماڻهن جا عقيدا گهڻو ڪري پيچيده هئا. سندن عقيدن جا ٻه پهلو، جيڪي رياستي مذهب سان ٽڪرائبا هئا، وقت جي فرعون جي طاقت سان دٻايا ويندا هئا. بنيادي طور تي ماڻهو ڪيئي خدائن تي يقين رکندا هئا ۽ انهن خدائن جو مظاهرو انساني ڌڙ تي جانورن جي سرن سان ڪيو ويندو



هو. انهن عقيدن سان گڏوگڏ ڪيئي مقامي روايتون به مذهب جو حصو هيون، جيڪي هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين بدلبيون رهنديون هيون.

حيات بعد الموت (موت ڪانپوءِ زندگي) مصري عقائد جو هڪ لازمي عنصر هو. سندن عقيدو هو ته جسم جي مرڻ ڪانپوءِ روح زنده رهندو آهي.

سندن مطابق مرڻ ڪانپوءِ روح کي خدا، جيڪو هڪ جج هيو ۽ ان سان گڏ موجود ٻين 42 ججن جي آڏو پيش ڪيو ويندو ۽ سندن سامهون هڪ تارازيءَ تي انجو وزن ڪيو ويندو. اهي ماڻهو جن جا عمل سٺا هوندا، انهن کي مرڻ ڪانپوءِ اعليٰ ۽ خوبصورت هنڌن ڏانهن موڪليو ويندو، جتي اهي خوش رهندا ۽ جيڪي برا عمل ڪندا آهن. انهن کي عذاب ۽ تڪليف واري هنڌ ڏانهن موڪليو ويندو آهي. هتي بدڪردار روحن کي هميشه لاءِ هڪ عجيب و غريب مخلوق "ردار خور" عذاب ڏيندي رهندي آهي.

مصرين جو "حيات بعد الموت" جو عقيدو توحيد ۽ حق پرستاڻي مذهب جي عقائد سان گهري مشابهت رکي ٿو. اهو ئي عقيدو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته قديم مصري تهذيب تائين حق جو پيغام ضرور پهتو هو مگر بعد ۾ ٿيندڙ تبديلين ۽ ڦير ڦار واري عمل جي نتيجي ۾ توحيد تي ٻڌل مذهب، شرڪ ۽ بت پرستيءَ ۾ متجي ويو. يعني مصري ماڻهن ۾ به وقت بوقت نبي سڳورا مبعوث ٿيندا رهندا هئا. جيڪي ڪين هڪ الله جي دعوت جو سڏ ڏيندا رهيا. حضرت يوسف عليه السلام جي تاريخ به ڏاڍي اهم آهي ڇو ته سندن هوندي ئي اسرائيل جو پٽ مصر آيو ۽ اتي آباد ٿيو.

تاريخ ۾ اهڙيون شاهديون موجود آهن ته حضرت موسيٰ عليه السلام جي اچڻ کان اڳ به مصرين ۾ توحيد جي دعوت ڏيندڙ ماڻهو موجود هئا، انهن مان هڪ نهايت ئي دلچسپ شخصيت فرعون جي هئي، جنهن کي تاريخ ۾ آمن حو تپ چوٿون (Amenhotep_iv) جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي.

## آمن حو تپ چوٿون (Amenhotep_iv) : موحد فرعون

مصر جا اڪثر فرعون ظالم، ويڙهاڪ ۽ بي رحم ماڻهو هوندا هئا. انهن مصر جو مشرڪاڻو مذهب اختيار ڪيو هو ۽ انهيءَ مذهب جي ذريعي هو رعيت کان پنهنجي عبادت ڪرائيندا هئا. پر مصري تاريخ ۾ هڪ فرعون بلڪل مختلف ۽ انوکي ڪردار وارو به رهيو آهي. هو هڪ الله جي عبادت جو اقرار ڪندو هو. ان ڪري ڪيس پنهنجي دؤر جي مذهبي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻي پانيوار



ٺيڪيدارن جي سخت مخالفت سان منهن ڏيڻو پيو. ڇو ته مشرڪاڻو مذهب ئي سندن ڪمائيءَ جو وڏو ذريعو هو. انهن مذهبي رهنمائن کي فوج جي حمايت به حاصل هئي. نيٺ انهيءَ فرعون کي قتل ڪيو ويو. چوڏهين صدي ق-م ۾ عروج ماڻڻ وارو اهو فرعون آمن حوتپ چوٿون هو.

جڏهن اهو 1375 ق-م ۾ تخت نشين ٿيو ته ڪيس صدين کان جاري رجعت پرستي ۽ مشرڪاڻين روايتن کي منهن ڏيڻو پيو. ان دؤر تائين معاشرتي نظام ۽ ماڻهن جا شاهي خاندان سان واسطا ۽ لڳ لاڳاپا بنا تغير جي هلندا پيا اچن. هن معاشري، بيروني ارتقا (ٻاهرين واءُ ويجهڙ) ۽ مذهبي روشن خياليءَ تي پنهنجو هر دروازو بند ڪري ڇڏيو هو. اهو انتها پسنداڻو رويو، جنهن جو تذڪرو قديم يوناني سياحن به ڪيو آهي، مصري سماج جي انهيءَ جاگرافيائي بناوت جي ڪري هيو. جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪري چڪا آهيون.

مصر جي فرعونن جي طرف کان نافذ ڪيل سرڪاري مذهب جي حوالي سان عوام تي، هر قديم ۽ روايتي عقيدي تي غير مشروط ايمان آڻڻ ضروري هيو. مگر آمن حوتپ چوٿين انهيءَ سرڪاري مذهب کي اختيار ڪو نه ڪيو. مؤرخ ارنسٽ گومبرچ (Ernst Gombrich) جي مطابق: ”صديون پراڻيون روايتن منجهان گهڻين روايتن کي هن ختم ڪري ڇڏيو. هو ماڻهن جي تراشيل (گهڙيل) بيشمار بتن جو احترام ڪو نه ڪندو هو. هن جي خيال ۾ هڪ خدا (Aton) ئي واحد معبود هو. جنهن کي هو سج جي صورت ۾ بيان ڪندو هو ۽ پنهنجي انهيءَ معبود جي نالي تي هن پنهنجو نالو ”اخن ايتون“ رکيو هو. هن پنهنجي درٻار، بتن جي پرستش ڪندڙ مذهبي پنڊتن جي دور کان قائم ڪري ورتي هئي. انهيءَ هنڌ کي هاڻي الامارنہ (El_Amarha) چون ٿا.“(34)

پيءُ جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ آمن حوتپ چوٿين تي دٻاءُ وڌو ويو. انهيءَ دٻاءُ جو ڪارڻ مصر جي روايتي مشرڪاڻي ۽ گهڻ معبودي مذهب جي مقابلي ۾ هڪ نئين توحيدي مذهب جو پرچار ڪرڻ هو ۽ اهو ته هو زندگيءَ جي هر مسئلي ۾ واضح تبديلي آڻڻ گهري پيو. مگر مذهبي اڳواڻ ڪيس انهيءَ مذهب جي پيغام جي تبليغ ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ تي راضي نه هئا. تنهن تي هن پنهنجي سمورن ساٿين سميت ٿيبس (Thebes) جي شهر کان نڪري ڪري ”تل الامارنہ“ جي ماڳ تي اچي ڪري قيام ڪيو. هتي هن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



”اخن ايتون“ جي نالي سان هڪ نئون ۽ جديد شهر آباد ڪيو. آمن حوتپ چوٿين پنهنجو نالو جنهن جو مفهوم ”آمن جي رحمت“ هيو تبديل ڪري ”اخن ايتون“ يعني ”ايتون جو مطيع“ رکيو. مصري گهڻ معبودي عقائد مطابق ايمن سڀ کان وڏي معبود جو نالو هو جڏهن ته آمن حوتپ جي مطابق ايتون آسمانن ۽ زمينن جي خالق جو نالو آهي، يعني صفتن جي لحاظ کان ”الله“ سان مشابهت هئي.

آمن حوتپ جي سرگرمين مان مصر جا مذهبي پيشوا ناراض ته هيا ئي سهي، ان دوران پيدا ٿيندڙ هڪ معاشي بحران مان فائدو وٺندي هنن آمن حوتپ کان اقتدار کسڻ جو منصوبو ٺاهيو. ايستائين جو هڪ سازش جي ذريعي ڪيس زهر ڏياري هلاڪ ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح بعد ۾ ايندڙ فرعونن مذهبي پيشوائن جي اثر رسوخ جي آڏو نهايت محتاط هئا.

”اخن ايتون“ ڪانپوءِ عسڪري پس منظر رکندڙ فرعون اقتدار ۾ ايندا رهيا. هنن پراڻي مشرڪاڻي مذهب کي هٿي ڏيڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. لڳ ڀڳ هڪ سو سالن ڪانپوءِ راميسس-II تخت نشين ٿيو جيڪو مصري تاريخ جو طويل دور رکندڙ حڪمران هو. اڪثر مؤرخن جي خيال ۾ راميسس-II ئي بني اسرائيل جي ٻارن کي قتل ڪرڻ ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي خلاف جنگ ڪندڙ حڪمران هو.(35)

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي بعثت

پنهنجي شديد سرڪشيءَ جي ڪارڻ قديمي مصري پنهنجا بت پرستاڻا عقيدا ڇڏڻ لاءِ تيار ڪو نه هئا. جيتوڻيڪ وقت بوقت ڪيترائي حق وارا ڪين هڪ خدا جي عبادت طرف سڏيندا رهيا. پر آل فرعون پنهنجي گمراهيءَ سان چنبڙي رهي. آخر ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام رسول بڻجي آيو. ڇو ته هاڻي مصري قوم هڪ پاسي ته پنهنجي مشرڪاڻي مذهب ۽ بت پرستيءَ ۾ حد کان لنگهي ويئي هئي ۽ ٻئي پاسي هنن بني اسرائيل کي به غلام بڻائي ڇڏيو هو. حضرت موسيٰ عليه السلام کي، مصر وارن جي آڏو دعوت حق رکڻ ۽ آل بني اسرائيل کي غلاميءَ کان نجات ڏيارڻ ۽ حق جي واٽ ڏيکارڻ جو ”عظيم مشن“ سونپيو ويو. قرآن حڪيم جي مطابق:

نَتۡلُوۡا عَلَيۡكَ مِنۡ نَّبَاِ مُوۡسٰى وَ فِرۡعَوۡنَ بِالۡحَقِّ لِقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ۝٣ اِنَّ فِرۡعَوۡنَ عَلَا فِى

الۡاَرۡضِ وَ جَعَلَ اَهۡلَهَا شِيَعًا يَّسۡتَضۡعِفُ طَآئِفَةً مِّنۡهُمۡ يُذَبِّحُ اَبۡنَآءَهُمۡ وَ يَسۡتَحۡىٖ

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



نِسَآءَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِیْنَ ۝۴ وَ نُرِیْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِیْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِی
الْاَرْضِ وَ نَجْعَلَهُمْ اَىٕمَّةً وَّ نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِیْنَ ۙ ۝۵ وَ نُمَكِّنَ لَهُمْ فِی الْاَرْضِ وَ نُرِیَ فِرْعَوْنَ
وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا یَحْذَرُوْنَ ۝۶ ***(سورة القصص:6_3)***

”اسان (حضرت) موسيٰ ۽ فرعون جا سچا سچا احوال توکي انهن ماڻهن جي لاءِ ٻڌايون ٿا جن ايمان آندو آهي. (ٻڌو!) فرعون بادشاهه (مصر جي) ملڪ ۾ تڪبر ۽ سرڪشيءَ جو طريقو اختيار ڪيو ۽ ان ملڪ جي ماڻهن کي جدا جدا ٽولين ۾ ورهائي ڇڏيائين. جن مان هڪ ٽوليءَ کي (يعني اسرائيلن کي) دٻائي، هيٺي حالت ۾ رکيائين. انهن جي پٽن کي مارائي ڇڏيندو هو ۽ انهن جي ڌيئرن کي جيئرو ڇڏيندو هو. يقيناً هو وڏو فتني باز ۽ بگاڙ ڪندڙ هو. ۽ اسان چاهيو ٿي ته جن کي ملڪ ۾ دٻائي هيٺو ڪيو ٿي ويو، تن تي پنهنجو فضل ڪيون ۽ کين ماڻهن جا امام (يعني اڳواڻ يا پيشوا) ڪيون ۽ کين ئي وارث (يعني زمين تي ڪنهن ملڪ يا ملڪن جا حاڪم بنايون. ۽ ملڪ ۾ انهن جا پير ڄمايون ۽ انهن کي طاقتور ڪيون. ۽ فرعون (۽ سندن وزير) هامان سندن لشڪرن کي انهن (بني اسرائيلن) جي هٿان اهي ئي ڳالهيون پيش آڻيون جن کان بچڻ لاءِ سڀ حيلا هلائي رهيا آهن.

فرعون بني اسرائيل جي ٻارن کي وڌڻ کان جهلي رهيو هو ۽ هر نئين ڄاول ٻار کي قتل ڪري ڇڏيندو هو. ان ڪري خدائي رهنمائيءَ تحت، حضرت موسيٰ عليه السلام جي والده، حضرت موسيٰ عليه السلام جي پيدا ٿيندي ئي، ان کي هڪ صندوق ۾ بند ڪري پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح پاڻ يعني حضرت موسيٰ عليه السلام جن فرعون جي محل تائين پهتا. قرآن حڪيم انهيءَ مضمون کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

وَ اَوْحَیْنَاۤ اِلٰۤى اُمِّ مُوْسٰۤى اَنْ اَرْضِعِیْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَیْهِ فَاَلْقِیْهِ فِی الْیَمِّ وَ لَا تَخَافِیْ وَ لَا
تَحْزَنِیْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَیْكِ وَ جَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِیْنَ ۝۷ فَالْتَقَطَهٗۤ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِیَكُوْنَ لَهُمْ
عَدُوًّا وَّ حَزَنًا ؕ اِنَّ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِـٕیْنَ ۝۸ وَ قَالَتِ امْرَاَتُ فِرْعَوْنَ
قُرَّتُ عَیْنٍ لِّیْ وَ لَكَ ؕ لَا تَقْتُلُوْهُ ۖۗ عَسٰۤى اَنْ یَّنْفَعَنَاۤ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّ هُمْ لَا یَشْعُرُوْنَ ۝۹

***(سورة القصص:9_7)***

”سو (اسان ﭼﺎ ڪيو جو) (حضرت) موسيٰ عليه السلام جي والده کي وحي موڪليو سين ته تون پنهنجي ٻچڙي کي پنهنجي ٿڃ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



پياريندي رهه. پوءِ جڏهن ان بابت توکي خطرو ڏسڻ ۾ اچي (ته فرعون جي ماڻهن کي خبر پوڻ تي آهي ۽ هو تنهنجو پٽ کي مارائي ڇڏيندا) تڏهن ٻچڙي کي (پيتيءَ ۾ وجهي نيل درياهه جي) پاڻيءَ تي لوڙهي ڇڏجانءِ، ۽ ڪو به خوف ڪونه رکجانءِ، نڪي ڪو غم ڪجانءِ. يقيناً اهو ٻچڙو توکي موٽائي ڏينداسين ۽ کيس (وڏي هوندي) پنهنجو رسول ڪنداسين.(جڏهن والده موسيٰ کي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو تڏهن) پوءِ فرعون جي ماڻهن (جن پيتي لڙهندي ڏٺي) ان کي ڪڍي ورتو. انهيءَ لاءِ نه ته هو (آخر) هنن جي مخالفت ڪري ۽ سندس غمن ۽ تڪليفن جو باعث ٿئي. (پر فرعون جي ماڻهن کي ان وقت ڪهڙي خبر ته هو ڪو سندن مخالفت ڪندو ۽ تڪليفن جو باعث ٿيندو) انهيءَ ۾ شڪ ئي ڪونهي ته فرعون، هامان ۽ سندن لشڪر خطار ڪار ۽ گنهگار هئا. ۽ فرعون جي زال (جا شايد نيڪ عورت هئي) فرعون کي چيو ته هيءُ (سهڻو ٻچڙو) منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اکين جو ٺار آهي.ان کي متان قتل ڪرائين. ممڪن آهي ته اسان کي هن مان گهڻوئي فيض ۽ فائدو پهچندو. گود جو پٽ ڪنداسين، مگر هنن کي خبر بلڪل ڪانه هئي (ته ان ڪم جو آخر نتيجو ڪهڙو نڪرندو.)

فرعون جي زال، حضرت موسيٰ عليه السلام کي قتل ٿيڻ کان بچايو ۽ کيس پنهنجو پٽ بڻائي ورتو. اهڙيءَ طرح پاڻ پنهنجو ننڍپڻ فرعون جي محل ۾ گذاريائون. اها الله پاڪ جي تائيد هئي جو سندن والده آيا (دائي) بڻجي محل ۾ آئي.

نوجوان ٿيڻ کانپوءِ هڪ ڏهاڙي حضرت موسيٰ عليه السلام ڏٺو ته هڪ مصري بني اسرائيل جي هڪ فرد کي اذيت ڏيئي رهيو آهي. پاڻ انهن کي ڇڏائيندي جڏهن مصريءَ کي هڪ مُڪ وهائي ڪڍيائون ته اهو اُتي ئي مري ويو. ان جي باوجود جو پاڻ فرعون جي محل ۾ رهن پيا ۽ ملڪ کين پنهنجي پٽ بڻايو هو. شهر جي سردارن فيصلو ڪيو ته حضرت موسيٰ عليه السلام جي سزا موت هئڻ گهرجي. اهو ٻڌي ئي حضرت موسيٰ عليه السلام مصر کان مدين هليا ويا. مدين ۾ قيام جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ الله تعاليٰ ساڻن سنئون سڌو ڪلام ڪيو ۽ کين نبوت جو منصب عطا فرمايو. کين حڪم ٿيو ته پاڻ واپس فرعون وٽ وڃن ۽ ان کي الله جي دين جو پيغام پهچائين.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



## فرعون جي درٻار

حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام **خدائي حڪم** جي تعميل ۾ فرعون وٽ ويا ۽ ان تائين دين حق جو پيغام پهچايو. هنن فرعون کي بني اسرائيل جي ٻارن تي ظلم ڪرڻ کان منع ڪيو ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. اها ڳالهه فرعون جي سهپ کان ٻاهر هئي ته اهو حضرت موسيٰ عليه السلام جيڪو فرعون جي محل ۾ وڏيو ويجهيو ۽ فرعون جو ممڪنه جانشين به هيو. ان سان هن طرح مخاطب ٿيو. فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام تي ناشڪري هئڻ جو الزام مڙهيو:

قَالَ اَلَمۡ نُرَبِّكَ فِيۡنَا وَلِيۡدًا وَّ لَبِثۡتَ فِيۡنَا مِنۡ عُمُرِكَ سِنِيۡنَ ﴿۱۸﴾ وَ فَعَلۡتَ فَعۡلَتَكَ الَّتِىۡ فَعَلۡتَ وَ اَنۡتَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۱۹﴾ (سورة الشعراء: 19_18)

”(حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون اهو حڪم مڃيو ۽ فرعون وٽ ويا ۽ اهو پيغام ڪيس پهچايائون. تنهن تي فرعون) چيو ته (اي موسيٰ!) توکي اسان ننڍپڻ ۾ نپايو ۽ پاليو ڪين هو ڇا؟ ۽ تون پنهنجي عمر جا ڪيترائي سال اسان ۾ نه رهيو هئين ڇا؟ (جو هاڻي احسان فراموش ٿي بني اسرائيلن کي اسان جي غلاميءَ مان ڪڍڻ آيو آهين. ۽ (هيءَ ڳالهه به ياد رک ته) تون انهيءَ وقت اُهو (هڪ مصريءَ کي قتل ڪرڻ وارو) ڪم به ڪيو هو جو (توکي ياد هوندو ته توسچ پچ) ڪيو هو. تون ته وڏو احسان فراموش آهين.“

فرعون جذباتي داوَ پيچ استعمال ڪري ۽ ڪيڏ ڪيڏي، حضرت موسيٰ عليه السلام تي حاوي ٿيڻ پئي گهريو. هو انهيءَ ڳالهه تي ته هن ۽ سندس زال، حضرت موسيٰ عليه السلام جي پرورش ڪئي هئي، ڪانئس اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي تقاضا ڪري رهيو هو. جيئن ته حضرت موسيٰ عليه السلام هڪ مصريءَ کي به قتل ڪيو هو، ان ڪري اهو سڀ ڪجهه مصري قانون تحت سخت سزا جو ڪارڻ بڻجي سگهي پيو. اهڙيءَ طرح جذباتي فضا پيدا ڪري فرعون، حضرت موسيٰ عليه السلام کي متاثر ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي درٻارين جي حمايت به حاصل ڪرڻ گهري پيو.

پر اها حق جي دعوت، جنهن کي حضرت موسيٰ عليه السلام کڻي آيو هو، ايترو اثرائتي هئي جو فرعون جي حيثيت هڪ عام ماڻهوءَ جهڙي ٿي پئي. ڇو ته دعوت حق مان اها ڳالهه پڌري ٿي چڪي هئي ته فرعون خدا نه هو ۽ ڪيس

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



حضرت موسيٰ عليه السلام جي اطاعت ڪرڻي هئي. ان ڪانسواءِ آل اسرائيل کي آزاد ڪرڻ ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام سان گڏجي وڃڻ جي اجازت ڏيڻ تي به هن جي افرادي قوت نمايان گهٽجي رهي هئي، جيڪا سندس لاءِ سنگين معاشي بحران جو ڪارڻ بڻجي سگهي پئي. انهن سببن جي ڪري فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام پاران ڏنل حق جي دعوت تي ڪو ڌيان ڪونه ڏنو. هن مذاق اڏائڻ شروع ڪيو ۽ فضول ۽ اجايا سوال پڇي، موضوع مَٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام تي باغي هئڻ ۽ سياسي مقصدن جي لاءِ ڪم ڪرڻ جا الزام هنيا. هن دين حق جي پيروي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تنهن تي الله تعاليٰ مٿس ڪجهه مصيبتون ۽ مشڪلاتون به مسلط ڪيون.

## فرعون ۽ ان جي پيروڪارن تي ايندڙ عذاب

فرعون ۽ ان جو قريبي حلقو بت پرستيءَ ۽ ابن ڏاڏن جي گمراهيءَ واري مذهب تي ايتري حد تائين هٺ ڌرمي سان ڄميو ويٺو رهيو جو ان کي ڇڏڻ جو تصور ڪرڻ به محال هو. حضرت موسيٰ عليه السلام جا ٻه واضح معجزا، سندن چمڪندڙ هٿ ۽ اژدها بڻجي ويندڙ عصا (لٺ) به انهن کي پنهنجي توهماتي (وهم ۽ وسوسن واري) دين کان نه هٽائي سگهيا، بلڪ هو پنهنجي ڪفر تي وڌيڪ ڄمي ويهي رهيا ۽ چوڻ لڳا:

وَ قَالُوۡا مَهۡمَا تَاۡتِنَا بِهٖ مِنۡ اٰيَةٍ لِّتَسۡحَرَنَا بِهَا ۙ فَمَا نَحۡنُ لَكَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ

*(سوره: الاعراف: 132)*

”(فرعون ۽ سندس ماڻهن حضرت موسيٰ کي) چيو ته کڻي ٻه نشاني اسان ڏي آڻين جنهن سان اسان تي جادو ڪرين (يا اسان تي ڪا مصيبت آڻين) ته به اسان توتي ايمان ڪونه آڻينداسين.“

مصرين جي انهيءَ رويي جي ڪري الله تعاليٰ انهن تي مسلسل عذاب موڪليو. جن مان هر هڪ جدا معجزي جي حيثيت رکي پيو ۽ اهڙيءَ طرح آخرت جي دائمي عذاب کان اڳ، دنيا ۾ به انهن کي عذاب جو مزو چکايو. انهن عذابن مان پهريون خشڪ سالي ۽ فصلن جي تباهيءَ جو عذاب هو. انهيءَ بابت قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي:

وَ لَقَدۡ اَخَذۡنَاۤ اٰلَ فِرۡعَوۡنَ بِالسِّنِيۡنَ وَ نَقۡصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ

*(سورة الاعراف: 130)*

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻي پائيوار



”۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) فرعون جي ماڻهن کي خشڪ سالي (پاڻيءَ جي گهٽائي) ۽ فصلن جي ڪميءَ جي عذاب ۾ گرفتار ڪيو. انهيءَ لاءِ ته من ايئن هو خدا کي ياد ڪن ۽ نصيحت حاصل ڪن.“

جيئن ته مصرين جي زرعي نظام جو بنياد نيل درياهه تي هيو، ان ڪري قدرتي حالتن جي تبديلين کان گهڻو متاثر ڪو نه ٿيندا هئا. پر دعوت حق جي انڪار جي ڪري مٿن غير متوقع تباهي آئي. نيل درياهه جو پاڻي اچانڪ ئي تمام گهڻو گهٽجي ويو ۽ سندن زرعي علائقن ۾ آبپاشي ڪندڙ نهرون خشڪ ٿي ويون. سخت ۽ شديد گرميءَ جي ڪري فصل سڙي سڪي ويا. اهڙيءَ طرح فرعون ۽ سندس حوارين تي غير متوقع بدحالي طاري ٿي ويئي . انهن غير متوقع حالتن، فرعون جو دٻدٻو ۽ رعب تاب گهٽائي ڇڏيو. حالانڪ ان کان اڳ سندس حال هي هيو ته:

وَ نَادٰى فِرْعَوْنُ فِيْ قَوْمِهٖ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِيْ مُلْكُ مِصْرَ وَ هٰذِهِ الْاَنْهٰرُ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِيْ ۚ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ (سورة الزخرف:51)

”۽ فرعون پنهنجي قوم ۾ اعلان ڪري چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! مان مصر جو بادشاهه نه آهيان ڇا؟ هي نهرون منهنجي پيرن هيٺان نه ٿيون وهن ڇا؟ ڇا توهان نٿا ڏسو؟“

بجاءِ انجي جو، هو انهن حالتن مان ڪجهه سبق پرائين ها، هنن حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيل کي نحوست قرار ڏيئي ڇڏيو. ڇو ته انهن تي، سندن آبائي مذهب جي توهمات جي حڪمراني هئي. اهڙيءَ طرح هنن پاڻ لاءِ هڪ نهايت ئي وڏي عذاب جي چونڊ ڪري ورتي، جنهن لاءِ اها تڪليف ته هنن لاءِ هڪ معمولي شروعات هئي پر ان کانپوءِ ته عذاب جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. قرآن حڪيم، مٿن ايندڙ مختلف عذابن کي هن طرح بيان ڪري ٿو:“

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَ الْجَرَادَ وَ الْقُمَّلَ وَ الضَّفَادِعَ وَ الدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ فَاسْتَكْبَرُوْا وَ كَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ (سورة الاعراف: 133)

”پوءِ اسان هنن تي طوفان (يا ٻوڏ) آنڌي ۽ ماڪڙ ۽ جونئان ۽ ڏيڏر ۽ رت. اهي سڀ جدا جدا چٽيون نشانيون هيون. تڏهن به هو تڪبر ڪندا رهيا ۽ هو گنهگار ماڻهو هئا.“

فرعون ۽ سندس سنگت (ساٿارين) تي ايندڙ انهن عذابن جو تذڪرو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



قرآن حڪيم کان سواءِ قديم عهد نامي ۾ به موجود آهي:

”۽ سمورو مصر ملڪ رتو رت ٿي ويو.“(سورة:اخراج 21:7)

”۽ جيڪڏهن تون انهن کي وڃڻ ڪونه ڏيندين ته، ڏس مان تنهنجي ملڪ کي ڏيڏرن سان پري ڇڏيندس ۽ درياهه بيشمار ڏيڏرن سان پرجي ويندو ۽ اچي تنهنجي گهر ۾ ، تنهنجي آرام گاهه ۾ ، تنهنجي پلنگ ۽ تنهنجي ملازمن جي گهرن ۾، تنهنجي رعيت،تندورن ۽ آٽي ڳوهيندڙن ۾ وتندا گهمندا.“(اخراج-8:3 ۽2)

”جڏهن خداوند، موسيٰ عليه السلام کي چيو، هارون کي چئه ته لٺ ڦيرائي زمين تي هڻ ته جيئن سموري مصر ملڪ ۾ جونئون پئجي وڃن. (اخراج-8:16)

”۽ ماڪڙ سڄي ملڪ تي ڇانئجي ويئي ۽ اُتي مصر جي حدن ۾ ديرو ڪيائين ۽انهن جي دل اهڙي ڀاري هئي جو نه ته ان کان اڳ ڪڏهن اهڙي ماڪڙ آئي هئي ۽ نه وري ڪڏهن ايندي.“

(اخراج10:14)

”تڏهن جادوگرن فرعون کي چيو ته، اهو خدا جو ڪم آهي. پر فرعون جي دل سخت ٿي ويئي ۽ جيئن خداوند چئي ڇڏيو هو، هن انهن جي ڪو نه ٻڌي.“ (اخراج-8:19)

آل فرعون تي انهن تڪليفن جو نزول جاري رهيو، ايستائين جو مٿن ڪجهه عذاب سندن معبودن جي صورت ۾ آيا. مثلاً، هنن نيل درياهه ۽ ڏيڏرن کي ، تقدس ۾ خدائي درجو ڏنو هو. هو انهن کان مدد طلب ڪندا هئا. مگر انهن کين معبودن جي شڪل ۾ عذاب ڏنو، ته جيئن هو پنهنجي غلطين جو احساس ڪري ان جو ازالو ڪري سگهن.

قديم عهد نامي جي شارحن جي مطابق نيل درياهه جو پاڻي انهن لاءِ رت ۾ تبديل ٿي ويندو هو ۽ جڏهن اهي پاڻي پيئندا هئا ته اهو سرخ مواد ۾ مَتجي ويندو هو. ڪجهه توضيحات( وضاحتن) جي مطابق انهيءَ سرخ رنگ جو سبب هڪ خاص قسم جو بيڪٽيريا هو.

مصرين جي لاءِ نيل درياهه زندگيءَ جو سر چشمو هو. نيل درياهه ۾ ڪائي به خرابي سڄي مصر لاءِ موت برابر هئي. جيڪڏهن اهي بيڪٽيريا سڄي نيل درياهه کي سرخ ڪري ڇڏين ها ته، ان پاڻيءَ کي استعمال ڪندڙ هر شخص انهيءَ بيڪٽيريا جي اثر کان بيمار ٿي پوي ها.

هاڻوڪي تحقيقات جي مطابق سرخ رنگ جو ڪارڻ پروٽوزوان (Protozoan)، زوپلانڪٽان (Zoo Plankton)، تازي پاڻيءَ جي ايلجي فائٽو ڪلانڪٽان (phytoplankton) ۽ ڊائنو فليجي ليٽس (Dinoflagellates) آهن. اهي سمورا پروٽوزوان (protozoan) ، فنگس ۽ ٻوٽا پاڻيءَ جي آڪسيجن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان ۾ نقصانڪار زهريلا مادا پيدا ڪندا آهن. جيڪي مڇين ۽ ڏيڏرن جي لاءِ خطرناڪ ۽ موتمار آهن.

انجيل ۾ ”اخراج“ جي تفصيلات جو حوالو ڏيندي، نيشنل ميرين فشريز سروس جي ماهر پيٽريشا اي ٽيسٽر (Patricia A. Tester) نيويارڪ، اڪيڊمي آف سائنس جي روداد ۾ لکي ٿو ته، فائٽو پلانڪٽان جي5000 قسمن مان 50 قسم زهريلا آهن، جيڪي سامونڊي جيوت جي لاءِ مهلڪ ٿي سگهن ٿا. ڪينيڊا جي صحت کاتي جي ايون سي ڊي ٽاڊ (Ewen C.D. Todd)انهيءَ اشاعت (ڇاپي) ۾ تاريخي حوالن سان لکي ٿو ته سڄيءَ دنيا ۾ مختلف دڀائن جي ڪري نهنڊڙ مخصوص فائٽو پلانڪٽان تقريباً ٻن ڊزنن جي قريب آهي. ڊبليو ڊبليو ڪارمائيڪل (w.w. Carmichacl) ۽ آئي آر فالڪانر(I.R. Falconer) ، بليو گرين ايلجيءَ مان ٿيندڙ بيمارين جو ذڪر ڪيو آهي. نارٿ ڪيرولينا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ جي آبي ماحوليات جي ماهر جون ايم برخولڊر (Joan M. Burkholder) درياهن جي ڪپرن تي ملندڙ ڊائنو فليجليٽ (Dino Flagellate) جو تذڪرو ڪيو آهي، جنهن سان مڇيون مري وينديون آهن.[36]

فرعون جي زماني ۾ ان طرح جا واقعات لاڳيتا ظاهر ٿيا. اهڙيءَ طرح جڏهن درياهہ جو پاڻي زهريلو ٿيو تہ مڇيون بہ مري ويون ۽ مصرين جي کاڌ خوراڪ جو هڪ اهم ذريعو ختم ٿي ويو. جڏهن شڪار خور مڇيون ختم ٿي ويون تہ ڏيڏرن جي نسل وڌڻ جا امڪان تيزيءَ سان پيدا ٿي ويا. جڏهن نيل درياهہ ۾ ڏيڏر حد کان وڌيڪ وڌي ويا، تہ درياهہ جي زهريلي ماحول کان نڪرڻ جي لاءِ اهي ٻاهر نڪري پيا ۽ ٻاهر مرڻ ۽ ڳرڻ لڳا. نيل درياهہ ۽ ان جي اردگرد جو ماحول گندگي سان ڀرجي ويو هو. درياهہ جو ڏوڻ پوٺڻ ۽ وهنجڻ سهنجڻ لاءِ قابل نہ رهيو. ڏيڏرن جي ختم ٿي وڃڻ ڪري مختلف قسم جا جيت جهڙوڪ ماڪڙ، جونئان وغيره عام ٿي ويون.

پر انهيءَ سموري تباهي ۽ عذاب جي حالتن جي باوجود فرعون يا سندس قوم نڪي الله تعاليٰ ڏانهن متوجهہ ٿي ۽ نہ ئي انهن پنهنجي هٺ، هوڏ، گمراهيءَ



۽ ڪفر جي روش کي ترڪ ڪيو. بلڪ پنهنجي منافقاڻي ذهنيت جي ڪري، انهن حضرت موسيٰ ؑ ۽ الله کي ڌوڪو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن مٿن اهو خوفناڪ عذاب آيو تہ هو هڪدم حضرت موسيٰ ؑ ڏانهن ويا ۽ کيس چيائون تہ هو هنن کي انهيءَ عذاب کان نجات ڏياري :

وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيۡهِمُ الرِّجۡزُ قَالُوۡا يٰمُوۡسَى ادۡعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنۡدَكَ ۚ لَـئِنۡ كَشَفۡتَ عَنَّا الرِّجۡزَ لَـنُؤۡمِنَنَّ لَكَ وَلَـنُرۡسِلَنَّ مَعَكَ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۚ﴿۱۳۴﴾ فَلَمَّا كَشَفۡنَا عَنۡهُمُ الرِّجۡزَ اِلٰۤى اَجَلٍ هُمۡ بٰلِغُوۡهُ اِذَا هُمۡ يَنۡكُثُوۡنَ ﴿۱۳۵﴾ ***(سورة الاعراف:135_134 )***

”۽ جڏهن جڏهن هنن تي ڪو عذاب ايندو هو تڏهن تڏهن چوندا هئا تہ اي مُوسيٰ! جهڙيءَ طرح تنهنجي پروردگار توسان عهد ڪيو آهي تهڙيءَ طرح اسان جي لاءِ ڪانئس دعا گهر. پوءِ جيڪڏهن اسان تان هي عذاب ٽاريندين تہ اسان ضرور توتي ايمان آڻينداسين ۽ توسان گڏ (وڃڻ لاءِ) بني اسرائيلن کي موڪلي ڏينداسين. پوءِ جڏهن اسان هنن تان اهو عذاب مقرر مدي بعد ، جنهن مدي کي پهچڻا هئا، ٽاري ڇڏيو. تڏهن هنن هڪدم بد عهدي ڪئي ۽ واعدو نہ پاڙيو (يعني ايمان نہ آندائون ۽ بني اسرئيلن کي موڪل نہ ڏنائون).“

## مصر مان نڪرڻ

حضرت موسيٰ ؑ، فرعون ۽ سندس قوم کي الله جو پيغام پهچايو ۽ سرڪشيءَ جي صورت ۾ سخت عذاب کان ڊيڄاريو پر موٽ ۾ انهن بغاوت جي روش اختيار ڪندي. حضرت موسيٰ ؑ کي ڪوڙو ٺهرايو. هاڻي الله تعاليٰ طرفان انهن لاءِ ذلت ڀريو انجام مقرر ڪيو ويو. حضرت موسيٰ ؑ کي هن طرح اطلاع ڏنو ويو:

وَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى مُوۡسٰٓى اَنۡ اَسۡرِ بِعِبَادِىۡۤ اِنَّكُمۡ مُّتَّبَعُوۡنَ ﴿۵۲﴾ فَاَرۡسَلَ فِرۡعَوۡنُ فِى الۡمَدَآٮِٕنِ حٰشِرِيۡنَ ۚ﴿۵۳﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَاۤءِ لَشِرۡذِمَةٌ قَلِيۡلُوۡنَ ۙ﴿۵۴﴾ وَ اِنَّهُمۡ لَنَا لَغَآٮِٕظُوۡنَ ۙ﴿۵۵﴾ وَ اِنَّا لَجَمِيۡعٌ حٰذِرُوۡنَ ؕ﴿۵۶﴾ فَاَخۡرَجۡنٰهُمۡ مِّنۡ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوۡنٍ ۙ﴿۵۷﴾ وَّ كُنُوۡزٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيۡمٍ ۙ﴿۵۸﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَ اَوۡرَثۡنٰهَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ؕ﴿۵۹﴾ فَاَتۡبَعُوۡهُمۡ مُّشۡرِقِيۡنَ ﴿۶۰﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ الۡجَمۡعٰنِ قَالَ اَصۡحٰبُ مُوۡسٰٓى اِنَّا لَمُدۡرَكُوۡنَ ۚ﴿۶۱﴾ ***(سورة الشعراء:61_52 )***

”۽ اسان موسيٰ کي وحيءَ جي رستي حڪم ڏنو تہ منهنجي ٻانهن (بني اسرائيلن ۽ ٻين مؤمنن) کي راتو واهہ (مصر ملڪ مان)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا : سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪيڏي وڃ. پڪ آهي تہ فرعون ۽ سندس ماڻهو (اوهان کي روڪڻ ۽ پڪڙڻ لاءِ) اوهان جي پوئتان هوندا. (انهيءَ وچ ۾ ) فرعون (جا ڪيو جو سيني) شهرن ڏانهن پنهنجا قاصد موڪليائين (۽ بني اسرائيلن جي خلاف لشڪر گڏ ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳو) ۽ (چوڻ لڳو تہ) هي (بني اسرائيل) هڪ ننڍڙي (۽ هيٺي) ٽولي آهن.( تنهن هوندي بہ ايتري جرئت ڪئي اٿن جو) اسان جي خلاف غصي جو اظهار ڪرڻ لڳا آهن (يا اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن جيڪي اسان کي غصو ۽ ڪاوڙ ڏياريندڙ آهن). ۽ (هو ڏسن ئي نٿا تہ) اسان بيشڪ وڏو لشڪر آهيون ۽ (هنن جي مقابلي لاءِ اڳ ئي) خبردار (۽ تيار) آهيون. ۽ پوءِ خزانن ۽ چڱين جاين (يا چڱن عهدن ۽ ڏنڌن) کان اسان کين محروم ڪيو. (برابر فرعون ۽ سندس ماڻهن بني اسرائيلن سان) اهڙي هلت ورتي هئي (۽ کين غلام بنائي رکيو هو) پر اسان (يعني الله تعاليٰ پوءِ) بني اسرائيلن کي (شام ملڪ ۾) اهڙين شين (يعني باغن وغيره ) جو وارث ڪيو. حضرت موسيٰ بني اسرائيلن سان رات جي وقت روانو ٿي ويو) پوءِ صبح جو سج ايرڻ بعد فرعون ۽ سندس ماڻهو(انهيءَ خبر پوڻ تي) سندن پٺيان پيا. پوءِ جڏهن ٻنهي ٽولين هڪٻئي کي ڏٺو تڏهن (حضرت) موسيٰ جي ساٿين ڊڄي چيو تہ پڪ آهي تہ اسان کي پڪڙي وٺندا. "

انهن حالتن ۾ جڏهن بني اسرائيل سمجهيو تہ هو پڪڙجي پيا ۽ فرعونين سمجهو تہ هو هينئر بني اسرائيل جي پڪڙ ڪندا تہ حضرت موسيٰ عليه السلام، الله تعاليٰ جي مدد ۽ نصرت تي يقين رکندي فرمايو:

قَالَ كَلَّا ۚ إِنَّ مَعِيَ رَبِّي سَيَهْدِينِ **(سورة الشعراء:62 )**

"(حضرت) موسيٰ عليه السلام فرمايو تہ هر گز ڪونہ پڪڙي سگهندا. بيشڪ منهنجو پروردگار مون سان (مدد گار) آهي. اهو ئي اجهو تو مون کي(حفاظت جي) واٽ ڏيکاري"

انهيءَ وقت الله پاڪ سمنڊ کي چيرندي حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيل کي بچائي ورتو. جڏهن بني اسرائيل لنگهي ويا تہ فرعون ۽ ان جي قوم تي سمنڊ جو رستو بند ٿي ويو ۽ اهي ٻڏي ويا.

فَأَوْحَيْنَا إِلَىٰ مُوسَىٰ أَنِ اضْرِب بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ۖ فَانفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



الْعَظِيمِ ﴿٦٣﴾ وَأَزْلَفْنَا ثَمَّ الْآخَرِينَ ﴿٦٤﴾ وَأَنجَيْنَا مُوسَىٰ وَمَن مَّعَهُ أَجْمَعِينَ ﴿٦٥﴾ ثُمَّ أَغْرَقْنَا الْآخَرِينَ ﴿٦٦﴾ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً ۖ وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿٦٧﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿٦٨﴾ **(سورة الشعراء:68_63 )**

"پوءِ اسان موسيٰ عليه السلام کي وحي رستي حڪم ڪيو تہ سمنڊ تي پنهنجي لٺ هڻ. (هن لٺ هنئي تہ) سمنڊ ڇڃي(بہ ڀاڱا ٿي) پيو ۽ هر هڪ ڀاڱو هڪ وڏي جبل جهڙو ڏسڻ ۾ آيو. ۽ ٻين کي (يعني فرعون ۽ سندس ماڻهن کي) اسان اجان بہ وڌيڪ ويجهو آندو. ۽ (حضرت ) موسيٰ کي ۽ سندس سيني ساٿين کي تہ (دشمن جي لشڪر توڙي سمنڊ کان) بچائي ورتو سين. پر ٻين کي (يعني فرعون ۽ سندس ماڻهن کي) ٻوڙي ڇڏيوسين. بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي نشاني آهي (مڪي جي ماڻهن جي عبرت وٺڻ لاءِ) مگر انهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين. ۽ تنهنجو رب بيشڪ غالب ۽ مهربان آهي (يعني منڪر مغلوب ٿيندا ۽ مؤمنن تي الله تعاليٰ جي مهرباني ٿيندي.)"

حضرت موسيٰ عليه السلام جي عصا (لٺ) ۾ بہ ڪيترين ئي معجزي جون خصوصيتون هيون. پهرين وحيءَ دوران الله تعاليٰ انهيءَ عصا کي نانگ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو ۽ پوءِ اهو نانگ فرعون جي جادوگرن جي مڙني جادوءَ جي تماشن کي ڳهي ويو. هاڻي وري انهيءَ عصا سان حضرت موسيٰ عليه السلام نيل درياهہ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. عصا، حضرت موسيٰ عليه السلام کي عطا ٿيندڙ هڪ عظيم معجزو هئي.

## چا اهو واقعو بحيره روم جي ڪناري يا ڳاڙهي سمنڊ ۾ پيش آيو؟

حضرت موسيٰ عليه السلام ڪهڙي هنڌ درياهہ کي ٻن حصن ۾ ڪيو انهيءَ تي ڪو واضح نقط نظر موجود ناهي. جيئن تہ قرآن حڪيم ۾ انهيءَ جو ڪو تفصيل موجود ناهي.ان ڪري ان بابت صحيح راءِ قائم نٿي ڪري سگهجي . ڪجهہ شاهدين جي آڌار تي اهو واقعو مصر جي بحيره روم (Mediterranean sea)جي ڪنارن تي پيش آيو. انسائيڪلو پيڊيا جوڊيشا (Encyclopedia Judaica) جي مطابق:

"اڪثر محققن جي خيال ۾ بني اسرائيل جي شهر بدر ٿيڻ جو واقعو بحيره روم جي ساحلن تي واقع ڳاڙهي سمنڊ (Red sea) جي هڪ ساحلي

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڏنڊ تي پيش آيو.[37]

ڊيوڊ بن گوريان (David Ben Gurion) جي مطابق: اهو واقعو راميسس_II جي دورِ حڪمرانيءَ ۾ قاديش (Kadesh) جي شڪست کانپوءِ پيش آيو. قديم عهد نامي جي ڪتاب ”اخراج“ جي مطابق اهو واقعو واديءَ جي اتر ميگڊول (Migdol) ۽ بال زيفون (Beal_Zephon) جي علائقي ۾ پيش آيو.“[38]

انهيءَ نقطئہ نظر جو دارو مدار قديم عهد نامي تي آهي. قديم عهدنامي جي ڪتاب ”خراج“ جي تشريحن مطابق فرعون ڳاڙهي سمنڊ ۾ ٻڏو هو. انهيءَ نقط نظر وارن ماڻهن مطابق لفظ Red_Sea اصل ۾ Sea of Reeds يعني ٻُوڙن, سُرن ۽ ڊڀن وارو سمنڊ آهي.

جيئن تہ ان جي Red Sea سان مماثلت آهي, تنهن ڪري گهڻن هنڌن تي ان مان مراد بحيره احمر (ڳاڙهو سمنڊ) ورتي ويئي آهي. پر Sea of Reeds مان مراد بحيره روم جي مصري ساحل آهي . قديم عهدنامي ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي سفر دوران اختيار ڪيل رستن جي ذڪر ۾ ميگ ڊول ۽ بال زيفون جا لفظ بہ استعمال ٿيا آهن ۽ اهي علائقا مصري ساحلن ۾ واديءِ نيل جي اتر ۾ واقع آهن. Sea of Reeds جي تذڪري سان انهيءَ ڳالهہ کي تقويت ملي ٿي تہ شايد اهو واقعو مصر جي ساحلن تي پيش آيو هجي. چو تہ انهيءَ علائقي ۾ساحل تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي سبب ڪثرت سان ڊڀ ۽ ٻوڙا پيدا ٿيندا آهن.

## فرعون ۽ سندس لشڪر جو ٻڏڻ

قرآن حڪيم اسان کي بحيره احمر (ڳاڙهي سمنڊ) جي ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃڻ جي خبر ڏيئي ٿو. قرآن پاڪ جي تفصيل مطابق حضرت موسيٰ عليه السلام, مصر کان, بني اسرائيل سان گڏ روانو ٿيو. فرعون لاءِ اها ڳالهہ ناگوار هئي تہ بني اسرائيل سندس اجازت کانسواءِ, حضرت موسيٰ عليه السلام سان گڏجي روانا ٿي وڃن. هو پنهنجي لشڪر سان گڏجي تعاقب لاءِ نڪري پيو:

وَجٰوَزۡنَا بِبَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ الۡبَحۡرَ فَاَتۡبَعَهُمۡ فِرۡعَوۡنُ وَجُنُوۡدُهٗ بَغۡیًا وَّعَدۡوًا **(سوره: يونس:90)**

”۽ پوءِ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ جي پار اڪاريو . هي ڏسي فرعون ۽ سندس لشڪر سندن پٺيان پيو...“

جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيل سمنڊ تي پهتا, ويجهو هيو جو فرعون ۽ سندس لشڪر انهن کي اچي پڪڙي ها, انهيءَ منظر کي



ڏسندي ئي بني اسرائيل, حضرت موسيٰ عليه السلام سان شڪايت ڪرڻ لڳا. قديم عهد نامي مطابق هو حضرت موسيٰ عليه السلام کي چوڻ لڳا تہ, هو ڪين پنهنجي گهرن مان ڪيڏي ڪري موت ڏانهن چو وٺي آيو. جيتوڻيڪ هو گهرن ۾ فرعون جا غلام هئا, پر هئا تہ زنده. انهيءَ منظر کي قرآن مجيد هيئن بيان ڪيو:

فَلَمَّا تَرَآءَ الۡجَمۡعٰنِ قَالَ اَصۡحٰبُ مُوۡسٰۤی اِنَّا لَمُدۡرَكُوۡنَ **(سورة الشعراء: 61)**

”۽ پوءِ جڏهن ٻنهي ٽولين هڪٻئي کي ڏٺو تڏهن (حضرت) موسيٰ جي ساٿين (ڊڄي) چيو تہ پڪ آهي تہ اسان کي پڪڙي وٺندا.“

حقيقت اها آهي تہ بني اسرائيل جي شڪايت جو اهو ڪو پهريون واقعو نہ هو بلڪ ان کان اڳ ۾ بہ هو ڪيترائي ڀيرا اهڙيءَ طرح جي گستاخيءَ واري رويي جو اظهار ڪري چڪا هئا :

قَالُوۡۤا اُوۡذِیۡنَا مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَاۡتِیَنَا وَمِنۡۢ بَعۡدِ مَا جِئۡتَنَا ؕ قَالَ عَسٰی رَبُّكُمۡ اَنۡ یُّهۡلِكَ عَدُوَّكُمۡ وَیَسۡتَخۡلِفَكُمۡ فِی الۡاَرۡضِ فَیَنۡظُرَ كَیۡفَ تَعۡمَلُوۡنَ **(سورة الاعراف:129)**

”بني اسرائيلن ۾ اهڙو صبر ۽ يقين ڪونہ هو تنهن ڪري مايوسي ۽ رنجيدگيءَ ۾) هنن چيو تہ اسان جي نصيب ۾ تہ اڳ بہ ايذاءَ ۽ مصيبتون هيون ۽ تنهنجي اسان ڏي (رسول ٿي) اچڻ کانپوءِ بہ (ساڳيون ئي مصيبتون آهن) تنهن تي (حضرت) موسيٰ فرمايو تہ (نا اميد نہ ٿيو) ممڪن آهي تہ اوهان جو پروردگار اوهانجي دشمن کي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ اوهان کي ملڪ ۾ (سندن) جانشين ڪري (يعني اوهان کي غلبو ۽ حڪومت ڏيئي) ۽ پوءِ الله تعاليٰ توهان کي آزمائي تہ (غلبي جي حالت ۾) توهان ڪهڙا ٿا عمل ڪيو.“

پر بني اسرائيل جي انهيءَ رويي جي باوجود, حضرت موسيٰ عليه السلام کي پنهنجي جدوجهد جي شروعات کان ئي الله جي مدد ۽ نصرت تي پورو پروسو هيو. الله تعاليٰ جو حضرت موسيٰ عليه السلام سان وعدو هيو تہ انجي هر حال ۾ مدد ڪئي ويندي:

قَالَ لَا تَخَافَاۤ اِنَّنِیۡ مَعَكُمَاۤ اَسۡمَعُ وَاَرٰی **(سورة: طه:46)**

” ارشاد ٿيو تہ خوف نہ ڪيو. مان توهان سان آهيان. مان سڀ ڪجهہ ٻڌان ٿو ۽ سڀ ڪجهہ ڏسان ٿو.“

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻ پائيوار



جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام، فرعون جي جادوگرن سان پهريون ڀيرو منهن مقابل ٿيو ته کيس ڪجهه خوف محسوس ٿيو. يعني حق ۽ باطل جي جنگ جي انهن مرحلن مان خير ۽ خوبيءَ سان گذرڻ لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام جي بارگاهه خداونديءَ مان تربيت ڪئي ويئي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم جي ڪجهه ماڻهن خوف محسوس ڪيو ته پاڻ فرمايائون:

قَالَ كَلَّا ۚ إِنَّ مَعِيَ رَبِّي سَيَهْدِينِ *(سورة الشعراء: 62)*

”(حضرت موسيٰ عليه السلام) فرمايو ته هرگز ڪونه پڪڙي سگهندا. بيشڪ منهنجو پروردگار مون سان (مدد گار) آهي. اهو ئي اجهو ٿو مون کي (حفاظت جي) واٽ ڏيکاري.“

تنهن تي الله تعاليٰ، حضرت موسيٰ عليه السلام کي وحي ڪئي ته پنهنجي عصا پاڻيءَ تي هڻ. تنهن تي سمنڊ ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي ويو ۽ پاڻيءَ جو هر حصو ٻن عظيم پهاڙن ۾ بدلجي ويو. *(سورة الشعراء: 63).*

جنهن وقت اهو عظيم واقعو پيش آيو ته ان کي ڏسندي ئي فرعون کي سمجهڻ گهربو هو ته، اهو معجزو ڪنهن عام انسان جي وس جي ڳالهه ناهي ۽ انهيءَ ۾ خدائي قدرت ڪا رفرما آهي. اهي ئي ماڻهو جن کي مارڻ لاءِ فرعون ڪڍ لڳو هو، انهن کي پاڻي واٽ ڏيئي رهيو هو. جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهه جي ڪا ضمانت نه هئي، ته بني اسرائيل جي لنگهي وڃڻ بعد سمنڊ جو پاڻي وري روان دوان ٿي ويندو... فرعون ۽ سندس چاڙتا بني اسرائيل جي تعاقب ۾ پاڻيءَ ۾ لهي پيا. شايد اهو انهيءَ غير معمولي صورتحال جو اثر هو جو فرعون ۽ سندس ٽولي جي سوچ ۽ سمجهه کسجي ويئي ۽ هو پنهنجي گمراهيءَ ۾ ايترو غرق ٿي ويا جوان مان ڪو به سبق ڪونه ورتائون:

وَجَاوَزْنَا بِبَنِي إِسْرَائِيلَ الْبَحْرَ فَأَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَجُنُودُهُ بَغْيًا وَعَدْوًا ۖ *(سورة يونس: 90)*

”پوءِ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ جي پار اڪاريو. هي ڏسي فرعون ۽ سندس لشڪر سندن پٺيان پيو، انهيءَ لاءِ ته (بني اسرائيلن سان) ظلم ۽ شرارت ڪن.“

فرعون جي آخري لمحن کي قرآن حڪيم هن طرح بيان ڪري ٿو:

حَتَّىٰ إِذَا أَدْرَكَهُ الْغَرَقُ قَالَ آمَنتُ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا الَّذِي آمَنَتْ بِهِ بَنُو إِسْرَائِيلَ وَأَنَا مِنَ الْمُسْلِمِينَ *(سورة يونس: 90)*

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



”پر جڏهن حالت هيءَ ٿي جو فرعون سمنڊ ۾ ٻڏڻ لڳو، تڏهن (عاجز ٿي) پڪاريائين ته مان هاڻي يقين ٿو ڪريان ته انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي، جنهن تي بني اسرائيل ايمان آندو آهي، ۽ مان به انهيءَ ئي جي فرمانبردارن ۾ آهيان.“

هتي حضرت موسيٰ عليه السلام جو هڪ ٻيو معجزو به موجود آهي، جنهن جي يادگيري قرآن پاڪ جي هيٺئين آيت ۾ ڏياري ٿي وڃي:

وَقَالَ مُوسَىٰ رَبَّنَا إِنَّكَ آتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَأَهُ زِينَةً وَأَمْوَالًا فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا رَبَّنَا لِيُضِلُّوا عَن سَبِيلِكَ ۖ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلَىٰ أَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوا حَتَّىٰ يَرَوُا الْعَذَابَ الْأَلِيمَ ﴿٨٨﴾ قَالَ قَدْ أُجِيبَت دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيمَا وَلَا تَتَّبِعَانِّ سَبِيلَ الَّذِينَ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٨٩﴾ *(سورة يونس: 89_88)*

”۽ (حضرت) موسيٰ دعا گهري ته اي خدا! تو فرعون ۽ سندس سردارن کي هن دنيا جي زندگيءَ ۾ زيب ۽ زينت جو سامان ۽ مال ۽ دولت جون شوڪتون ڏنيون آهن. پوءِ اهو (سڀ ڪجهه) هن لاءِ آهي ڇا ته هو ماڻهن کي تنهنجي راهه کان روڪي گمراهه ڪن؟ اي خدا! سندن دولت ناس ڪري ڇڏ ۽ سندن دلين تي مهر لڳائي ڇڏ انهيءَ لاءِ ته هو ايمان نه آڻين، تان جو دردناڪ عذاب پنهنجي سامهون ڏسن. الله تعاليٰ فرمايو ته: ”اوهان ٻنهي جي دعا قبول ڪئي ويئي. سو هاڻي اوهان (پنهنجي راهه ۾) مستقيم ۽ محڪم ٿي وڪ وڌايو ۽ انهن ماڻهن جي تابعداري نه ڪيو جيڪي (منهنجي ڏسيل واٽ کي) نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.“

انهن آيتن مان بلڪل پڌرو آهي ته حضرت موسيٰ عليه السلام کي سندس دعا جي جواب ۾ اهو ٻڌايو ويو هو ته فرعون ان وقت ئي ايمان آڻيندو، جڏهن هو عذاب کي ڏسي وٺندو . جڏهن فرعون پاڻيءَ ۾ غرق ٿيڻ لڳو ته، هن الله تي ايمان جو اقرار ڪيو. پر سندس اهو رويو غير مخلصاڻو ۽ ڪوڙ تي آڌاريل هو. اهو ممڪن هو ته، هو پاڻ کي ٻڏڻ کان بچائڻ واسطي، اهو اقرار ڪري رهيو هجي. انهيءَ ڪري آخري لمحي تي ايمان آڻڻ کي الله پاڪ قبول ڪونه ڪيو. هاڻي فرعون ۽ سندس لشڪر عذاب کان نه ٻيو بچي سگهي:

آلْآنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنتَ مِنَ الْمُفْسِدِينَ ﴿٩١﴾ فَالْيَوْمَ نُنَجِّيكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُونَ لِمَنْ خَلْفَكَ آيَةً ۚ وَإِنَّ كَثِيرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ آيَاتِنَا لَغَافِلُونَ ﴿٩٢﴾ *(سورة يونس: 92_91)*

”(الله فرمايو ته) ها! هاڻي تو ايمان آندو! (هاڻي ڇا ٿيندو) اڳي تون

هميشہ نافرماني ڪندو هئين ۽ تون بگاڙو ڪندڙ انسانن ۾ هڪ (وڏو) بگاڙو ڪندڙ هئين. پوءِ اڄ اسان تنهنجي جسم کي (سمنڊ جي لهرن مان) بچائي ٻاهر ڪيندا سين. انهيءَ لاءِ تہ انهن ماڻهن جي واسطي جيڪي تو کان پوءِ اچڻا آهن (حق جي قدرت جي) هڪ نشاني ٿئي. (مگر افسوس) اڪثر انسان اهڙا آهن جيڪي اسان جي نشانين کان بلڪل غافل آهن.“

قرآن مجيد اسان کي ٻڌائي ٿو تہ فرعون ۽ سندس لشڪر پنهنجي انت ۽ انجام کي پهتو. جيئن تہ فرعون ۽ سندس لشڪر ڪفر ۽ عناد (سورة يونس: 90)، گناهہ (سورة القصص: 8)، سرڪشي (سورة القصص: 40) جا ڏوهي ۽ الله جي حضور ۾ حاضريءَ کان انڪار ڪندڙ (سورة القصص_ آيت: 39)هئا، تنهنڪري انهن کي سخت عذاب ڏنو ويو. تنهن ڪري اسان کيس ۽ سندس لشڪرن جي پڪڙ ڪئي ۽ انهن کي سمنڊ ۾ اڇلائي وڌو. سو ڏسو! تہ ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي. (سورة القصص: 40) انهن جو اهو انجام حقيقت ۾ انهيءَ ڳالهہ جو نتيجو هو تہ انهن الله جي نشانين جو انڪار ڪيو ۽ ڊيڄارڻ تي ڪو بہ ڌيان ڪونہ ڏنو (سورة الاعراف: 136). فرعون جي قوم جي هلاڪت ڪانپوءِ ڇا ٿيو؟ قرآن پاڪ ان کي هيئن ٿو بيان ڪري:

وَ اَوۡرَثۡنَا الۡقَوۡمَ الَّذِيۡنَ كَانُوۡا يُسۡتَضۡعَفُوۡنَ مَشَارِقَ الۡاَرۡضِ وَ مَغَارِبَهَا الَّتِىۡ بٰرَكۡنَا فِيۡهَا ؕ وَتَمَّتۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ الۡحُسۡنٰى عَلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۙ بِمَا صَبَرُوۡا ؕ وَ دَمَّرۡنَا مَا كَانَ يَصۡنَعُ فِرۡعَوۡنُ وَ قَوۡمُهٗ وَ مَا كَانُوۡا يَعۡرِشُوۡنَ **(سورة: الاعراف: 137 )**

”۽ (پوءِ) اسان انهن ماڻهن (بني اسرائيلن) کي جي (مصر ۾) ڪمزور سمجهيا ويندا هئا، انهيءَ ملڪ ۾ مشرق ۽ مغرب جو وارث ڪيو (يعني بادشاهي ڏني) جنهن ملڪ تي اسان نعمتون ۽ برڪتون ڪيون (يعني فلسطين جو ملڪ) ۽ تنهنجي پروردگار جو نيڪ واعدو بني اسرائيلن جي حق ۾ پورو ٿي ويو. هن ڪري هنن (ان زماني ۾ مصيبتن تي) صبر ڪيو ۽ (حق جي راهہ تي) ثابت قدم رهيا.(مگر جن ظالمن مٿن ظلم ڪيو هو تن جو حال هي ٿيو جو) جيڪي وڏا ڪاريگريءَ جا ڪم ۽ محلاتون فرعون ۽ سندس ماڻهن ٺاهيون هيون، تن کي اسان برباد ڪري ڇڏيو.“

## باب ستون

# اهل سبا ۽ عرم واري ٻوڏ

لَقَدۡ كَانَ لِسَبَاٍ فِىۡ مَسۡكَنِهِمۡ اٰيَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنۡ يَّمِيۡنٍ وَّ شِمَالٍ ۙ كُلُوۡا مِنۡ رِّزۡقِ رَبِّكُمۡ وَ اشۡكُرُوۡا لَهٗ ؕ بَلۡدَةٌ طَيِّبَةٌ وَّ رَبٌّ غَفُوۡرٌ ﴿۱۵﴾ فَاَعۡرَضُوۡا فَاَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ سَيۡلَ الۡعَرِمِ وَ بَدَّلۡنٰهُمۡ بِجَنَّتَيۡهِمۡ جَنَّتَيۡنِ ذَوَاتَىۡ اُكُلٍ خَمۡطٍ وَّ اَثۡلٍ وَّ شَىۡءٍ مِّنۡ سِدۡرٍ قَلِيۡلٍ ﴿۱۶﴾

*(سورة: سبا: 16_15 )*

”سبا جي ماڻهن لاءِ خود سندن گهرن يا ڳوٺن ۾ وڏي نشاني هئي. (سندن رستن يا واهن جي ٻنهي پاسن تي هر هنڌ) ٻہ باغ هئا. هڪڙو ساڄي پاسي ۽ ٻيو کاٻي پاسي، (هنن کي الله وٽان ارشاد مليل هو تہ) پنهنجي پروردگار جي رزق مان کائو پيئو ۽ سندس شڪر گذاري ڪيو. (يعني سندس نعمتون ورهائڻ ۾ ٻين ماڻهن سان عدل ۽ احسان ڪيو) اهو ڏاڍو سهڻو ۽ آباد ۽ آسودو ملڪ هو ۽ (سندن) پروردگار (هنن جو خطائون) باربار بخشيندڙ هو. پر پوءِ هنن (خدا جي حڪمن کان) منهن موڙيو تنهنڪري اسان هنن جي مٿان وڏي ٻوڏ عرم واري موڪلي ۽ سندن ڳوڙها ڦل، ليون ۽ ننڍڙيون ٻيڪار ٻيريون وڃي رهيون.“

سبا قوم جو شمار ڏکڻ عرب جي چئن وڏين تهذيبن ۾ ٿيندو هو. انهن ماڻهن جو دور 1000_ 750 ق_م کان 550 عيسويءَ تائين آهي. انهيءَ دوران تقريباً ٻن صدين تائين ايران ۽ عرب مٿن حملو ڪندا رهيا. اهل سبا جي تهذيب جو تاريخي عرصو هڪ متنازع (اختلافي) معاملو آهي. هنن پنهنجي حڪومتي دستاويزن جو رڪارڊ 600 ق_م کان رکڻ شروع ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو ان کان اڳ، انهن بابت ڪا ڄاڻ ڪونہ ٿي ملي.

قومِ سبا بابت تمام گهڻو پراڻو حوالو آشوري بادشاهہ سارگن II (722_ 705ق_م) جي سالانہ جنگي حالتن جي تاريخ آهي. سارگن ٽيڪس ڏيندڙن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



جو رڪارڊ تيار ڪرائيندو هو. ان ۾ سبا ملڪ جي بادشاهه يت اماره (Yithi_amara) جو به ذڪر مليو ٿو.

سبائي تهذيب بابت اسان وٽ اهو تمام اوائلي حوالو آهي. تنهن هوندي به انهيءَ ماخذ تي ٿي پاڙيندي به اهو چئي سگهجي ٿو ته تاريخي رڪارڊ جي ابتدا تمام گهڻو اڳ، يعني لڳ ڀڳ 700 ق-م جي دوران به اهلِ سبا موجود هئا. اهڙيءَ طرح سبا جي تاريخ وڌيڪ پراڻي ۽ قديم ليکجي ٿي.

رياست اُر (Ur) جي آخري بادشاهن مان ارد ننار (Arad_Nannar) جي ڪتبن مان به "سبهم" جو تذڪرو مليو ٿو جنهن مان سبا ملڪ ئي مراد ورتو ويو آهي.[39] جيڪڏهن واقعي ئي ان مان مراد سبا ملڪ ئي هجي ته ان جي تاريخ 5200 ق- م جي قريب ليکبي.

سبا بابت تاريخي حوالا ٻڌائن ٿا ته اها به فونيقي (Phonenician) قبيلن وانگر ئي تهذيب هئي. خاص ڪري تجارتي سرگرمين ۾ هڪ جهڙي هئي. انهيءَ ڪري انهن ماڻهن شمالي (اتر)عرب کان لنگهندڙ اڪثر شاهراهن جي تعمير ڪئي هئي. جيئن ته سبائين کي واپار جي مال جي نقل و حمل لاءِ اتر عرب، بحيره روم ۽ غزه وغيره کان گذرڻو پوندو هو ان ڪري هو علائقي جي بادشاهه سارگن II کان اجازت وٺڻ ۽ ان کي ڪجهه ٽيڪس ڏيڻ جا پابند هئا. جڏهن سبائين آشوري حڪومت کي ٽيڪس ادا ڪرڻ شروع ڪئي ته ان جو نالو به سرڪاري رڪارڊ ۾ شامل ڪيو ويو.

تاريخ ۾ اهل سبا کي مهذب قوم طور سڃاتو وڃي ٿو. سبا جي حڪمرانن جي ڪتبن ۾ "بحالي"، "وقف" ۽ "تعمير" جا لفظ ڪثرت سان استعمال ٿيا آهن. انهن ماڻهن جي فنِ تعمير جو هڪ نمونو مآرب ڊيم (Ma'rib Dam) فني مهارت جو کليل ثبوت آهي. انهن جي عسڪري قوت به ايتري ئي گهڻي عمده هئي. هڪ ڊگهي عرصي تائين سندن تهذيب جي بقا جو هڪ سبب سندن مضبوط فوج به هئي.

اهلِ سبا جي فوج، علائقي جي مضبوط ترين فوج هئي. انهيءَ فوج جي ڪري اها رياست پنهنجا وڏا وڏا ارادا ۽ ڪم پورا ڪندي هئي. سبا جي حڪومت قديم قطبائي رياست (Qataban State) جا اڪثر علائقا فتح ڪري ورتا هئا. آفريڪا کنڊ جا ڪيئي علائقا به انهن جي قبضي هيٺ هئا. هن 24 ق. م ۾ مغربي مهمات جي دوران پنهنجي دور جي مضبوط ترين رياست "سلطنتِ روم" جي مصري گورنر مرڪس ايليس گيلس (Marcus

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



Aelius Gallus) کي شڪست ڏني. سبا ملڪ جديد پاليسين کي رائج ڪرڻ واري مملڪت هئي ۽ جتي اڻ ٽيٽي هوندي هئي. اُتي طاقت جو استعمال ڪندي هئي. پنهنجي ترقي يا فته تهذيب ۽ فوجي طاقت جي ٻل تي سبا ملڪ پنهنجي علائقي جو هڪ سپر پاور هيو.

سبا ملڪ جي غير معمولي طاقتور فوج جو تذڪرو قرآن حڪيم ۾ به بيان ڪيو ويو. سبائي فوج جي ڪمانڊر جا لفظ جيڪي هن پنهنجي ملڪ سان گفتگوءَ دوران استعمال ڪيا، انجي اعتماد ۽ فوجي طاقت کي ظاهر ڪن ٿا:

قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّ اُولُوْا بَاْسٍ شَدِيْدٍ ۙ وَّ الْاَمْرُ اِلَيْكِ فَانْظُرِيْ مَاذَا تَاْمُرِيْنَ

*(سورة: النمل: 33)*

"سردارن ورندي ڏني ته اسان وڏي طاقت وارا ۽ سخت لڙاڪو آهيون (تنهن ڪري سليمان سان به لڙڻ لاءِ تيار آهيون پر اسان کي تنهنجي راءِ تي ڀروسو آهي.) معاملو تنهنجي هٿ ۾ آهي.(اسان چاهيون ٿا ته تون پاڻ فيصلو ڪرين) خيال ڪري ڏس ته ڪهڙو حڪم ٿي ڏئين."

مملڪت سبا جي گاديءَ جو هنڌ مآرب، پنهنجي جاگرافيائي اهميت جي سبب ڪري نهايت آسودو علائقو هو. گاديءَ جو هنڌ "درياهه اجنانه" جي تمام ويجهو هو.

جبلِ برق، جتان کان درياهه لنگهندو هو ڊيم جي تعمير لاءِ نهايت ئي موزون مقام هو. پنهنجي تهذيب جي قيام جي ابتدائي دور ۾ اهلِ سبا، هتي هڪ اهم ڊيم تعمير ڪيو ۽ ان مان آبپاشيءَ جو ڪم وٺڻ شروع ڪيائون. اهڙيءَ طرح هو ڏاڍا خوشحال ٿي ويا. مارب جو انهيءَ دور جي نهايت ئي ترقي يا فته شهرن ۾ شمار ٿيندو هو. انهيءَ علائقي جو دورو ڪندڙ يوناني مؤرخ پلائني (Pillny)هن شهر جي زرخيزيءَ ۽ ساوڪ جي ڏاڍي تعريف ڪري ٿو.[40]

مآرب جي ڊيم جي بلندي 16 ميٽر، ويڪر 60 ميٽر ۽ ڊيگهه 220 ميٽر هئي. انگن اکرن مطابق هن ڊيم مان سيراب ٿيندڙ ڪل ايراضي 9600 ايڪڙ هئي، جنهن مان 5300 ايڪڙ ايراضي ڏاڪڻين ميدانن ۽ بقايا اترين ميدانن مان هئي. سبا جي اڪثر ڪتابن مان ان جو تذڪرو "مآرب ۽ ٻه ميدان" چئي ڪري ڪيو ويو آهي.[41] قرآن حڪيم "ساڄي ۽ کاٻي به باغ" چئي ڪري انهن کي ٻن ميدانن ۽ انهن ۾ موجود انگورن جي باغن ڏانهن

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻ ۾ پائيوار



اشارو ٿو ڪري. انهيءَ ڊيم ۽ آبپاشيءَ جي نظام جي ڪري ئي هيءُ علائقو پنهنجي زرخيزي ۽ ڦل ڏيڻ جي ڪري پوري يمن ۾ مشهور ٿي ويو. فرانسيسي محقق جي هالوي (J. Holevy) ۽ آسٽريا جي محقق گلازر (Glaser) تاريخي شاهدين مان ثابت ڪيو آهي ته مآرب جو ڊيم اوائلي دور کان موجود هو. حميري ٻوليءَ ۾ لکيل اڪثر دستاويزن ۾ انهيءَ ڳالهه جو ذڪر موجود آهي، انهيءَ ڊيم سان پورو علائقو زرخيز ٿي ويو هو.

پنجين ۽ ڇهين صدي عيسويءَ ۾ هن ڊيم جي ڪيئي ڀيرا مرمت ڪئي ويئي، پر ان جي باوجود 245ع ۾ هي ڊيم تباهه ٿي ويو. اها تباهي عرم جي انهيءَ عظيم سيلاب جي نتيجي ۾ هئي جنهن جو تذڪرو قرآن مجيد ۾ به ڪيو ويو. انگورن جا باغ، زرخيز ميدان، جن کي اهل سبا سوين سالن کان پوکيندا پيا اچن، مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا. ڊيم جي تباهيءَ کان پوءِ اهل سبا زوال جي اٿاهه گهرائين ۾ ڪري پيا. سبا مملڪت ڊيم جي تباهيءَ سان گڏ ئي ختم ٿي وئي.

## سبا ملڪ تي ايندڙ عرم جي ٻوڏ

جيڪڏهن اسان مٿي ذڪر ڪيل تاريخي مواد جي روشنيءَ ۾ قرآن حڪيم جو مطالعو ڪريون ته اسان کي انهن ٻنهي ۾ حيرت انگيز هڪجهڙائي ملي ٿي. قديم آثارن جي دريافتن ۽ تاريخي مواد، ٻئي قرآني بيان جي تصديق ڪن ٿا . هيٺ ڏنل آيت مطابق سبا ملڪ جا اهي ماڻهو جن نبين سڳورن جي دعوت تي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجي سرڪشيءَ تي ڄميا رهيا ۽ خوفناڪ ٻوڏ جي ور چڙهي ويا. انهيءَ سيلاب جو تذڪرو قرآن شريف هيئن ڪيو:

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِیْ مَسْكَنِهِمْ اٰیَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنْ یَّمِیْنٍ وَّ شِمَالٍ ۬ؕ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَ اشْكُرُوْا لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ طَیِّبَةٌ وَّ رَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿۱۵﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَیْهِمْ سَیْلَ الْعَرِمِ وَ بَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَیْهِمْ جَنَّتَیْنِ ذَوَاتَیْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّ اَثْلٍ وَّ شَیْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِیْلٍ ﴿۱۶﴾ ذٰلِكَ جَزَیْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ؕ وَ هَلْ نُجٰزِیْۤ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿۱۷﴾ **(سورة: سبا:17_15 )**

”سبا جي ماڻهن لاءِ خود سندن گهرن يا ڳوٺن ۾ وڏي نشاني هئي. (سندن رستن يا واهن جي ٻنهي پاسن تي هر هنڌ) ٻه باغ هئا. هڪڙو ساڄي پاسي ۽ ٻيو کابي پاسي. (هنن کي الله تعاليٰ وٽان

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



ارشاد مليل هو ته) پنهنجي پروردگار جي رزق مان کائو پيئو ۽ سندس شڪر گذاري ڪيو (يعني سندس نعمتون ورهائڻ ۾ ٻين ماڻهن سان عدل ۽ احسان ڪيو) اهو ڏاڍو سهڻو ۽ آباد ۽ آسودو ملڪ هو ۽ (سندن) پروردگار (هنن جون خطائون) بار بار بخشيندڙ هو. پر پوءِ هنن (خدا جي حڪمن کان) منهن موڙيو تنهن ڪري اسان هنن جي مٿان وڏي ٻوڏ عرم واري موڪلي ۽ سندن ٻن (قطارن وارن) باغن کي ڦيرائي اهڙا ٻه باغ ڪياسين جن ۾ ڪوڙا ڦل، لَيون ۽ ننڍڙيون ٻيريون ٻيريون وڃي رهيون. اهو هو عيوضو جو اسان کين سندن بي شڪريءَ جي ڪري ڏنو ۽ اهڙي سزا اسان فقط انهن کي ڏيندا آهيون جيڪي بي شڪر ٿيندا آهن (۽ اسان جون نعمتون خراب طرح ڪم آڻي ظلم ڪندا آهن.)“

جيئن ته انهن آيتن مان ظاهر آهي ته سبا ملڪ پنهنجي غير معمولي حسن، ڦلن ۽ ميون سان ڀريل باغن ۽ زرخيزيءَ جي حوالي سان پوري علائقي ۾ بينظير هو .تجارتي شاهراه تي واقع هئڻ ڪري اهل سبا جي زندگيءَ جو معيار نهايت بلند هو ۽ هي پنهنجي دور جو خوبصورت ترين شهر هو.

مملڪت سبا، جتان جا حالات ايترا ڀلا هئا جو هن شهر جي رهاڪن کي ”الله جو رزق کائڻ ۽ انجي اطاعت ڪرڻ“ جو درس ڏنو ويو هو پر اهي ائين نه ڪري سگهيا. هنن اها واٽ ورتي، جنهن مان سندن خوشحالي، محروميءَ ۾ متجي ويئي. هنن اهو سمجهيو هو ته هي سموري زرخيزي ۽ خوشحالي سندن پنهنجي فن ۽ هنر جو نتيجو آهي. هو شڪر گذاريءَ جي بدران سرڪشي ڪرڻ لڳا ۽ الله کان پري ٿي ويا. جيئن ته سموري خوشحاليءَ جا هو پاڻ دعويدار بڻجي ويا، تنهن ڪري ڪائنن اهو سڀ ڪجهه کسجي ويو ۽ مها ٻوڏ سندن زندگيءَ جي هر آسائش کي وهائي ڪٽي وئي.

قرآن حڪيم، اهل سبا کي ڏنل سزا کي ”سيل العرم“ قرار ڏنو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”عرم جي ٻوڏ“ قرآن حڪيم جا اهي لفظ سبا قوم جي تباهيءَ جي انداز کي بيان ڪن ٿا. عرم ڊيم يا بند کي چوندا آهن. يعني ”سيل العرم“ مان مراد اها ٻوڏ جيڪا ڊيم يا بند جي ٽٽڻ سان آئي هئي. مسلم مفسرين ”سيل العرم“ جي انهيءَ قرآني اصطلاح ۽ ان جي وقت ۽ هنڌ جي تشريح ڪئي آهي. مولانا مودودي ﷬ پنهنجي تفسير ۾ لکي ٿو:

”سيل العرم“ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ”عرم“ جنوبي عرب جي ٻوليءَ جي

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي، شعوري ترقيءَ ۾ پاڪي پائيوار



لفظ ”عارمين“ مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ ڊيم يا بند آهي. يمن ۾ ٿيندڙ کوٽائين مان آڏو ايندڙ آثارن مان هي لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيندي ڏٺو ويو. مثلاً: يمن جي حبشي بادشاهه ابره جي احڪامي ڪتبن ۾ جيڪي 543_542ع ۾ مآرب جي وڏي ديوار ڇجڻ بعد لکيل هي لفظ ڊيم (بند) جي مضمون ۾ بار بار استعمال ڪيو ويو. تنهن ڪري ”سيل العرم“ مان مراد اهو سيلاب آهي جيڪو ڊيم جي تباهيءَ جي ڪري اچي ٿو.

قرآن حڪيم جو ارشاد: ”سندن ٻن باغن کي ڦيرائي ٻه باغ ڪياسين، جن ۾ ڳوڙها ڦل، ليون ۽ ننڍڙيون بيڪار ٻيريون وڃي رهيون.“ ***(سورة: سبا:16)*** انهيءَ منظر کي نمايان ڪري ٿي. يعني ٻوڏ ڪانپوءِ سڄو ملڪ ٻڏي وڃڻ ڪري ويران ٿي ويو. اهي نهرون ۽ پهاڙن جي وچ ۾ آبپاشيءَ جي نظام جون ديوارون جيڪي سبائين تعمير ڪيون هيون، سڀ ٻوڏ جي ڪري تباهه ٿي ويون. نتيجي ۾ اهو ئي علائقو جيڪو ٻوڏ کان اڳ ۾ خوبصورت باغن تي مشتمل هو، هيئنئر جهنگ ۾ بدلجي ويو. هاڻي اُتي لاڻين ۽ ڪجهه ٻيرين جي وڻن، ڪانسواءِ باقي ٻيو ڪجهه ڪو نه بچيو.(42)

آثار قديمه جو عيسائي ماهر ورنر ڪيلر ( Werner Keller) پنهنجي ڪتاب ”ڪتاب مقدس حق آهي“ ۾ انهيءَ ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي، ته ”سيل العرم“ جو واقعو اهڙيءَ طرح ئي پيش آيو جهڙيءَ طرح قرآن مجيد بيان ڪيو آهي ۽ اهو ته قديم آثارن ۾ ڊيم ۽ انجي ٽٽڻ جي آثارن جي قرآن مجيد جي بيان ڪيل واقعن تصديق ڪئي آهي.(43)

سيلابِ عرم جي تباهي ڪانپوءِ اهو سمورو علائقو ريگستان ۾ تبديل ٿي ويو. زرعي زمينن جي خاتمي سان اِهل سبا پنهنجي آمدنيءَ جي ذريعن کان محروم ٿي ويا. اهي ماڻهو جن الله جي دين کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ گمراهيءَ تي جميا بيٺا رهيا، نيٺ سندن انجام عذاب جي صورت ۾ ٿيو. انهيءَ تباهيءَ ڪانپوءِ سبا قوم وکرجي ويئي، سندن اتر عرب، مڪي ۽ شام ڏانهن لڏپلاڻ جي ڪري شهر جا سمورا گهر ويران ٿي ويا.(44)

جيئن ته هيءُ واقعو قديم عهدنامي ۽ جديد عهدنامي جي ترتيب کان پوءِ پيش آيو انهيءَ ڪري، ان ۾ هن جو ڪو به ذڪر موجود ناهي. مآرب شهر جيڪو ڪڏهن هڪ طاقتور مملڪت جي گاديءَ جو هنڌ هو، هاڻي رڳو هڪ ويران رڻ پٽ آهي. هيءُ شهر انهيءَ دعوت کي رد ڪرڻ وارن لاءِ عبرت جو ماڳ آهي. سورة الڪهف ۾ باغ جي ٻن مالڪن جو واقعو بيان ڪيو ويو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



آهي. انهن مان هڪڙو ته اهلِ سبا وانگر نهايت ئي زرخيز باغ جو مالڪ آهي، مگر اهو به ان وانگر الله کان دوريءَ جو ڏوهي ٿئي ٿو. هو اهو سمجهي ٿو ته حالات جو ساز گار هئڻ ۽ خوشحالي سندس پنهنجي سوچ، سمجهه، علم ۽ هنر جو ثمر آهي ۽ ان ۾ قدرت جي عطا کي ڪو عمل دخل ناهي:

وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيْنِ مِنْ اَعْنَابٍ وَّ حَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ وَّ
جَعَلْنَا بَيْنَهُمَا زَرْعًا ﴿٣٢﴾ كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَ لَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْئًا ۙ وَّ فَجَّرْنَا
خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿٣٣﴾ وَّ كَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَ هُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّ اَعَزُّ
نَفَرًا ﴿٣٤﴾ وَ دَخَلَ جَنَّتَهٗ وَ هُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَاۤ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ﴿٣٥﴾ وَّ مَاۤ
اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّ لَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿٣٦﴾ قَالَ لَهٗ
صَاحِبُهٗ وَ هُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿٣٧﴾
لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَ لَاۤ اُشْرِكُ بِرَبِّيْۤ اَحَدًا ﴿٣٨﴾ وَ لَوْ لَاۤ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ
لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿٣٩﴾ فَعَسٰى رَبِّيْۤ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ
جَنَّتِكَ وَ يُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ﴿٤٠﴾ اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا
غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَ اُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَاۤ اَنْفَقَ
فِيْهَا وَ هِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْۤ اَحَدًا ﴿٤٢﴾ وَ لَمْ تَكُنْ لَّهٗ
فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ مَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿٤٣﴾ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ
ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا ﴿٤٤﴾ ***(سورة: الڪهف:44_32 )***

”۽ (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن(يعني مڪي جي ڪافرن) کي هڪڙو مثال ٻڌاءِ. ٻه ماڻهو هئا. انهن مان هڪ جي لاءِ اسان انگورن جا ٻه باغ مهيا ڪري ڇڏيا. انهن جي چوڌاري کجور جي وڻن جو حاطو هو. انهن جي وچ واري زمين ۾ پوکن جو ٻنيون هيون. پوءِ ٻئي باغ ميون سان ٽمٽار ٿي ويا. پيدائش ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي ڪا نه ٿي. اسان انهن جي وچ ۾ (ريج لاءِ) هڪڙي نهر جاري ڪري ڇڏي هئي. هن جي پيدائش (يا دولت) گهڻي ٿي ويئي. پوءِ هڪ ڏينهن (هٺ ۽ وڏائيءَ ۾ پئجي) پنهنجي (مسڪين) دوست سان (جنهن کي باغ يا ٻي دولت ڪانه هئي) ڳالهيون ٻولهيون ڪندي ڪيس چئي ڏنو ته مان توکان وڌيڪ مالدار آهيان ۽ منهنجي هٿ ۾ ماڻهو به طاقتور آهن. پوءِ هو (اهڙيون ڳالهيون ڪندي) پنهنجي باغ ۾ گهڙيو ۽ هو (هٺ ۽

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڪ پائيوار



وڏائي ڪرڻ سان حقيقت ۾) پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيو هو. هن (وڏائيءَ ۾ پرجي) چيو ته مان نٿو ڀانيان ته اهڙو (عاليشان باغ) ڪڏهن به ويران ٿي سگهي ٿو. ۽ مان نٿو ڀانيان ته (قيامت جي) گهڙي قائم ٿيندي. ۽ جيڪڏهن ڪٿي هيئن ٿئي به ته مان پنهنجي پروردگار وٽ (قيامت جي ڏينهن) رجوع ڪيو ويجان. ته به (مون کي ڪهڙو ڪٽڪو هئڻ گهرجي) مون کي ضرور (اُتي به) هن کان ئي بهتر مڪان ملندو. هي ٻڌي سندس دوست چيو. (هڪ ٻئي سان گفتگو جو سلسلو جاري هو ته) ڇا تون انهيءَ هستيءَ کان انڪار ٿو ڪرين جنهن توکي پهريائين مٽيءَ مان ۽ پوءِ نطفي (يعني منيءَ) مان پيدا ڪيو (جنهن ڪري توکي وڏائي ڪرڻ ۽ خدا کي وسارڻ نه گهرجي. ڏس ته مٽي ۽ مني ظاهري طور ڪهڙيون نه حقير شيون آهن) ۽ پوءِ توکي انسان بنائي نمودار ڪيو. پر مون کي ته يقين آهي ته اهو ئي الله منهنجو پروردگار آهي، ۽ مان پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي به شريڪ نٿو ڪريان. ۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ آئين (۽ ان جي رونق ۽ ميوا ڏٺا) تڏهن تو هيئن ڇو نه چيو ته اهو ئي ٿئي ٿو جيڪو الله چاهي ٿو. سندس مدد ڪانسواءِ ڪو به ماڻهو ڪجهه به ڪري نٿو سگهي. ۽ هي جو تون ڏسين ٿو (۽ سمجهين ٿو) ته مان تو کان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ آهيان. يعني مون کي دولت به ڪانهي ۽ ماڻهو به هٿ ۾ ڪونه آهن. سو (انهيءَ تي هٺ ۽ وڏائي نه ڪر) عجب ناهي ته منهنجو پروردگار تنهنجي هن باغ کان به بهتر (باغ هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾) مون کي ڏيئي ڇڏي، ۽ تنهنجي باغ تي آسمان مان ڪا اهڙي حساب ڪيل آفت موڪلي جو واريءَ وارو ميدان ٿي وڃي. يا ان جي نهر جو پاڻي بلڪل هيٺ هليو وڃي، ايتري قدر جو تون ان تائين پهچي نه سگهين. ۽ پوءِ (ڏسو!) ائين ئي ٿيو جو سندس دولت (بربادي جي) گهيري ۾ اچي ويئي. هو هٿ مهٽيندي افسوس ڪرڻ لڳو ته هاءِ هاءِ!! هنن باغن تي ڪيڏا نه خرچ (۽ تڪليفون) ڪيون ويون هيون! (اهي سڀ برباد ٿي ويون) ۽ باغن جو هي حال ٿيو جو ٽاريون ڪري زمين جي برابر ٿي ويون. هاڻي هو چوي ٿو ته هاءِ هاءِ!! جيڪڏهن مان

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪيان ها ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها. نڪي هئس ڪي ماڻهو (يا اولاد) جيڪي الله ڪانسواءِ هن جي مدد ڪن ها. نڪي پاڻ ڪي ئي ڪا طاقت هيس جو پاڻ کي بربادي کان بچائي ها. هن مان ثابت ٿي ويو ته في الحقيقت سڄو اختيار الله جي هٿ ۾ آهي. اهو ئي آهي جو بهتر ثواب (يعني نعمتون) ڏيڻ وارو آهي، ۽ انهيءَ ئي جي هٿ ۾ چڱي (۽ بهتر) عاقبت (يعني پڇاڙي) آهي.

جيئن ته انهن آيتن مان ظاهر آهي ته، باغ جي مالڪ جي غلطي الله تعاليٰ جي وجود جو انڪار ڪرڻ نه هو بلڪ هو انهيءَ مغالطي جو شڪار هو ته جيڪڏهن بالفرض قيامت آئي ۽ هن کي الله جي آڏو پيش ٿيڻو پيو ته هو ان کان وڌيڪ بهتر باغن سان نوازيو ويندو. يعني دنياوي راحت ۽ خوشحالي رڳو هن جي ذاتي ڪاوشن جو نتيجو هئي.

في الحقيقت شرڪ في التوحيد (توحيد ۾ شرڪ) اهو ئي آهي ته انسان هر اها شيءِ جيڪا الله جي آهي، تنهن کي غير الله سان جوڙي ۽ منسوب ڪري ڇڏي ۽ خدائي عذاب کان ايترو بي ڊپو ٿي وڃي جو هو اهو سمجهڻ لڳي، ته اها بلندي ۽ ذاتي مقام جيڪو ڪيس حاصل آهي، سو ان لاءِ هر حال ۾ ڪيس قدرت جي حمايت حاصل رهندي.

انهيءَ مغالطي ۽ لغزش جو شڪار اهلِ سبا ٿيو. تنهن ڪري ڪين اها سزا ملي يعني انجو سمورو مال ملڪيت برباد ٿي ويو ته جيئن اهي ۽ دنيا وارا، اهو ڄاڻي سگهن ته هو پاڻ ڪنهن به طاقت يا اختيار جا في نفسه مالڪ ناهن، بلڪ قدرت پاران اهو ڪين عطا ڪيو ويو آهي.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار


**باب اٺون**

# حضرت سليمان عليه السلام ۽ راڻي سبا

قِيۡلَ لَهَا ادۡخُلِى الصَّرۡحَ‌ ۚ فَلَمَّا رَاَتۡهُ حَسِبَتۡهُ لُجَّةً وَّكَشَفَتۡ عَنۡ سَاقَيۡهَا‌ ؕ قَالَ اِنَّهٗ صَرۡحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنۡ قَوَارِيۡرَ ؕ‌ قَالَتۡ رَبِّ اِنِّىۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِىۡ وَاَسۡلَمۡتُ مَعَ سُلَيۡمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ***(سورة النمل: 44)***

”پوءِ راڻيءَ کي چيو ويو تہ (هاڻي) وڏي محلات ۾ هل. پوءِ جيڪي (اڳڻ ۾) ڏٺائين تنهن کي پاڻيءَ جو ڍُبو سمجهيائين ۽ (ڪپڙن کي پُسڻ کان بچائڻ لاءِ ڪپڙا مٿي کنيائين ۽) پنيون ظاهر ڪري وڌائين. (تنهن تي) (حضرت) سليمان کيس چيو تہ هڪ محلات آهي جا شيشي جي وڏين سرن يا ٽڪرن سان بنايل آهي (ڪپڙن مٿي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. راڻي غور ڪري) چيو تہ اي منهنجا پروردگار! (مان پليل هيس) مان پاڻ تي ظلم ڪندي رهيس.هاڻي مان(حضرت) سليمان سان شامل ٿي، انهيءَ ئي الله جي ٻانهپ قبول ٿي ڪيان جو سڀني جهان جو پروردگار آهي.“

ذڪڻ يمن ۾ موجود مُلڪَ سبا جي تاريخي رڪارڊ جي مطالعي مان، حضرت سليمان ۽ ملڪهٔ سبا جي ملاقات 950 ق-م جي درميان انهيءَ علائقي ۾ هڪ ملڪ (راڻي) جي رهڻ ۽ ان جي اتر ڏانهن يروشلم ڏانهن سفر ڪرڻ جون شاهديو مليون آهن. سورة نمل ۾ انهن ٻنهي حڪمرانن جي وچ ۾ رابطن، انهن جي حڪومت ۽ مملڪت جي اقتصادي ۽ سياسي حالتن جو تفصيل سان بيان ٿيو آهي. ملڪ سبا بابت اهو واقعو جيڪو سوره نمل ۾ بيان ڪيو ويو آهي، هد هد جي انهيءَ تفصيل سان شروع ٿئي ٿو جيڪو حضرت سليمان عليه السلام جي فوج جي رڪن طور سندن آڏو بيان ڪري ٿو:

فَمَكَثَ غَيۡرَ بَعِيۡدٍ فَقَالَ اَحَطتُّ بِمَا لَمۡ تُحِطۡ بِهٖ وَ جِئۡتُكَ مِنۡ سَبَاٍۢ بِنَبَاٍ يَّقِيۡنٍ ﴿۲۲﴾ اِنِّىۡ

Sindhica سنڌيڪا
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ وَ اُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ وَّ لَهَا عَرْشٌ عَظِیْمٌ ﴿٢٣﴾ وَجَدْتُّهَا وَ قَوْمَهَا يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّیْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِیْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَۙ ﴿٢٤﴾ اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِیْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ يَعْلَمُ مَا تُخْفُوْنَ وَ مَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِیْمِ ﴿٢٦﴾ قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِیْنَ ﴿٢٧﴾ **(سورة النمل: 27-22)**

”پر هد هد کو گهڻو وقت پري ڪو نہ رهيو (هو انهيءَ ئي وقت پهچي ويو ۽ (چيائين تہ اي حضرت سليمان!) مان اهو (ملڪ ڏسي ۽ گهمي آيو آهيان جو تو نہ ڏٺو ۽ نہ گهميو آهي، ۽ مان سبا (شهر) مان سچو حال احوال لهي تو وٽ ڪٽي آهيان. مان ڏٺو تہ اُتي هڪ عورت ماڻهن تي حڪومت هلائي رهي آهي، ۽ هن کي هر چيز موجود ڪري ڏنل آهي، ۽ ڪيس هڪڙو وڏو شاندار تخت آهي. مون هي بہ ڏٺو تہ پاڻ ۽ سندس ماڻهو خدا کي ڇڏي سج کي سجدو ڪري رهيا آهن، ۽ شيطان سندن نظر ۾ (اهڙن) عملن کي سهڻو ۽ چٽو ڪري ڏيکاريو آهي. سو هن انهن ماڻهن کي (سڌيءَ) راهہ کان روڪي رکيو آهي. تنهن ڪري هنن کي سچي هدايت نہ ملي آهي.ايتري حد تائين (شيطان هنن کي ڀلايو آهي.) جو انهيءَ الله کي سجدو نٿا ڪن جو آسمان ۽ زمين جي لڪل شين کي ظاهر ڪري ٿو ۽ جيڪي بہ توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪي بہ توهان ظاهر ڪيو ٿا سڀ ڄاڻي ٿو. پر فقط الله ئي اها ذات آهي جنهن کان سواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي، ۽ اهو ئي وڏي تخت جو رب آهي. (يعني حقيقي بادشاهہ هڪ الله آهي). (حضرت) سليمان (راڻي بلقيس بابت احوال ٻڌي هد هد کي) چيو تہ چڱو اسان ڏسنداسين تہ تو سچ چيو آهي يا ڪوڙ ڳالهايو اٿئي.

هد هد کان اها خبر چار ٻڌي حضرت سليمانؑ هن کي هيءُ حڪم ڏنو:

اِذْهَبْ بِّكِتٰبِیْ هٰذَا فَاَلْقِهْ اِلَیْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَا ذَا يَرْجِعُوْنَ

**(سورة النمل: 28)**

”منهنجو هي خط کڻي وڃ ۽ انهن (سبا شهر جي ماڻهن) جي اڳيان وڃي اڇلاءِ. پوءِ انهن کان هٽي بيهہ ۽ ترسي ڏس تہ ڪهڙو ٿا جواب ڏين.“



راڻي سبا جڏهن خط و صول ڪيو تہ ان کانپوءِ ڪهڙا ڪهڙا واقعا پيش آيا؟ قرآن مجيد انهن کي هيئن بيان ڪري ٿو:

قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّیْۤ اُلْقِیَ اِلَیَّ كِتٰبٌ كَرِیْمٌ ﴿٢٩﴾ اِنَّهٗ مِنْ سُلَیْمٰنَ وَ اِنَّهٗ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِۙ ﴿٣٠﴾ اَلَّا تَعْلُوْا عَلَیَّ وَ اْتُوْنِیْ مُسْلِمِیْنَ۠ ﴿٣١﴾ قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَفْتُوْنِیْ فِیْۤ اَمْرِیْ مَا كُنْتُ قَاطِعَةً اَمْرًا حَتّٰى تَشْهَدُوْنِ ﴿٣٢﴾ قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّ اُولُوْا بَاْسٍ شَدِیْدٍ وَّ الْاَمْرُ اِلَیْكِ فَانْظُرِیْ مَا ذَا تَاْمُرِیْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَتْ اِنَّ الْمُلُوْكَ اِذَا دَخَلُوْا قَرْیَةً اَفْسَدُوْهَا وَ جَعَلُوْۤا اَعِزَّةَ اَهْلِهَاۤ اَذِلَّةً وَ كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَ اِنِّیْ مُرْسِلَةٌ اِلَیْهِمْ بِهَدِیَّةٍ فَنٰظِرَةٌۢ بِمَ يَرْجِعُ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا جَآءَ سُلَیْمٰنَ قَالَ اَتُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ فَمَاۤ اٰتٰىنَِ اللّٰهُ خَیْرٌ مِّمَّاۤ اٰتٰىكُمْ بَلْ اَنْتُمْ بِهَدِیَّتِكُمْ تَفْرَحُوْنَ ﴿٣٦﴾ اِرْجِعْ اِلَیْهِمْ فَلَنَاْتِیَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَ لَنُخْرِجَنَّهُمْ مِّنْهَاۤ اَذِلَّةً وَّ هُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ قَالَ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِیْنِیْ بِعَرْشِهَا قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِیْ مُسْلِمِیْنَ ﴿٣٨﴾ قَالَ عِفْرِیْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِیْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ وَ اِنِّیْ عَلَیْهِ لَقَوِیٌّ اَمِیْنٌ ﴿٣٩﴾ قَالَ الَّذِیْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِیْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَیْكَ طَرْفُكَ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّیْ لِیَبْلُوَنِیْۤ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ وَ مَنْ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّیْ غَنِیٌّ كَرِیْمٌ ﴿٤٠﴾ قَالَ نَكِّرُوْا لَهَا عَرْشَهَا نَنْظُرْ اَتَهْتَدِیْۤ اَمْ تَكُوْنُ مِنَ الَّذِیْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٤١﴾ فَلَمَّا جَآءَتْ قِیْلَ اَهٰكَذَا عَرْشُكِ قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ وَ اُوْتِیْنَا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَ كُنَّا مُسْلِمِیْنَ ﴿٤٢﴾ وَ صَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنَّهَا كَانَتْ مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِیْنَ ﴿٤٣﴾ قِیْلَ لَهَا ادْخُلِی الصَّرْحَ فَلَمَّا رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّ كَشَفَتْ عَنْ سَاقَیْهَا قَالَ اِنَّهٗ صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِیْرَ قَالَتْ رَبِّ اِنِّیْ ظَلَمْتُ نَفْسِیْ وَ اَسْلَمْتُ مَعَ سُلَیْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ۠ ﴿٤٤﴾ **(سورة النمل: 44-29)**

(هد هد ويو ۽ خط پهچائين تنهن تي) راڻي بلقيس چيو تہ اي اميرؤ! مون کي هڪڙو وڏي شان وارو خط مليو آهي. اهو خط (حضرت) سليمانؑ وٽان آيو آهي ۽ هن طرح لکيل آهي ”الله جي نالي سان شروع ٿا ڪيون جو ڏاڍو مهربان ۽ وڏي رحم وارو آهي. توهان (سبا جي راڻي ۽ ٻيا ماڻهو) منهنجي مقابلي ۾ هٺ، وڏائي ۽ سرڪشي نہ ڪجو بلڪ فرمانبردار ٿي مون ڏي هليا اچو. (جڏهن راڻي بلقيس کي حضرت سليمانؑ جو خط پهتو تڏهن) چيائين تہ اي (منهنجا) اميرؤ! مون کي پنهنجي راءِ ٻڌايو (تہ ڇا ڪجي)؟ جيستائين توهان راءِ نہ ڏيندا آهيو. تيستائين مان

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪنهن به (وڏي قومي) ڪم جو قطعي فيصلو ڪو نه ڪندي آهيان. سردارن ورندي ڏني ته اسان وڏي طاقت وارا ۽ سخت لڙاڪو آهيون (تنهن ڪري سليمان سان لڙڻ لاءِ به تيار آهيون پر اسان کي تنهنجي راءِ تي ڀروسو آهي) معاملو تنهنجي هٿ ۾ آهي (اسان چاهيون ٿا ته تون پاڻ فيصلو ڪرين) خيال ڪري ڏس ته ڪهڙو حڪم ٿي ڏيئن. راڻيءَ (تنهن تي) چيو ته (توهان کي خبر هوندي ته) بادشاهه جڏهن ڪنهن (پرائي) ملڪ ۾ گهڙن ٿا. تڏهن ان کي تباهه ڪري ٿا ڇڏين، ۽ ان ملڪ جي عزت وارن ماڻهن جي بي عزتي ٿا ڪن.(جڏهن اهي بادشاهه فتح ڪندا اڳتي وڌندا ويندا آهن تڏهن) ائين ئي ڪندا آهن. سو مان هيئن ٿي ڪيان جو (ڀريائين) هنن ڏانهن (يعني حضرت سليمان ۽ سندس اميرن ڏانهن ) ڪو تحفوتي موڪليان. پو ڏسنديس ته ايلچي ڪهڙو جواب وٺي ٿا موٽن. پوءِ جڏهن (راڻيءَ جا ايلچي) سليمان وٽ آيا (۽ سوغات پيش ڪيائون) تڏهن حضرت سليمان فرمايو ته ڇا توهان مون کي دنيا ئي دولت ڏيڻ ٿا چاهيو. (ٻڌو!) الله تعاليٰ جيڪي (يعني جيڪا روحاني دولت) مون کي عطاڪئي آهي سا ان کان گهڻو بهتر آهي جا اوهان کي ڏني اٿس. (مان دنيا ئي دولت ۽ اوهان جي سوغات تي راضي ڪو نه ٿو ٿيان.) بلڪ اوهان ئي آهيو جو پنهنجي (دولت ۽) سوغات تي خوش ٿا ٿيو. (حضرت سليمان وڏي ايلچيءَ کي پوءِ هي به چيو ته) موٽي وڃ هنن ڏانهن (يعني پنهنجي راڻي ۽ اميرن ڏانهن ) اسان پنهنجي اهڙن لشڪرن سان مٿن حملو ڪنداسين جن جو مقابلو هو ڪري نه سگهندا. ۽ اسان کين خوار خراب ڪري ان (ملڪ) مان ڪڍي ڇڏينداسين، ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪرڻ جهڙا ٿيندا. (ايلچي هليا ويا حضرت سليمانؑ پوءِ) فرمايو ته، اي منهنجا سرداڙا اوهان مان ڪير راڻيءَ جو تخت کڻي مون وٽ پهچي ويندو انهيءَ کان به اڳي جو هو ماڻهو فرمانبردار ٿي مون وٽ پهچي وڃن. (تنهن تي ) جنن مان هڪڙي وڏي طاقت واري جن چيو ته توهان پنهنجي دربار مان اٿندا, تنهن کان به اڳي اهو تخت اوهان جي خدمت ۾ اچي پيش ڪندس.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



يقيناً مون کي ان ڪم لاءِ وڏي ڪافي طاقت آهي ۽ مان ڀروسي جي لائق آهيان. (پر) هڪڙي شخص جنهن کي (خدائي) ڪتاب جو ڪجهه علم هو چيو ته مان ان تخت کي اک ڇنڀڻ کان به اڳي آڻي سگهندس. (ان شخص کي حڪم مليو ته هو جهٽ پٽ تخت کڻي آيو) پوءِ جڏهن (حضرت) سليمان اهو تخت پنهنجي اڳيان ڏٺو تڏهن چيائين ته هي منهنجي رب جي فضل جو نتيجو آهي (جو مون وٽ اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي اهڙا ڪم ڪري ٿا سگهن ايترو فضل هن لاءِ آهي ته) منهنجو رب مون کي آزمائي ته مان شڪر ٿو ڪيان (۽ سندس نعمتون سندس راهه ۾ ڪم ٿو آڻيان) يا ناشڪري ٿو ڪيان. ۽ حقيقت هيءَ آهي ته جيڪو به شڪر ٿو ڪري سو پنهنجي (فائدي) لاءِ ٿو ڪري، ۽ جيڪڏهن ڪو به ناشڪري ٿو ڪري (ته پنهنجو ئي نقصان ٿو ڪري نه الله تعاليٰ جو) الله تعاليٰ ته يقيناً بي نياز بي پرواهه آهي (ڪا به حاجت ڪانهيس) ۽ بيشڪ هو وڏي شان وارو ۽ سخا وارو آهي. حضرت سليمانؑ (پوءِ) فرمايو ته راڻيءَ جي تخت جي شڪل هن لاءِ (ايتري قدر) مٽائي ڇڏيو (جو جڏهن ڏسي ته مشڪل سڃاڻي سگهي) پوءِ ڏسنداسين ته هوءَ حق کي سڃاڻي ٿي سگهي يا انهن منجهان آهي جيڪي هدايت وٺڻ جيتري سمجهه نٿا رکن. (راڻيءَ کي سندس ايلچين حضرت سليمانؑ جو پيغام پهچايو ۽ هوءَ حضرت سليمان ڏي وڃڻ لاءِ رواني ٿي) پوءِ جڏهن (حضرت سليمانؑ وٽ) پهتي تڏهن کانئس پڇيو ويو ته هيءَ تخت تنهنجو آهي ڇا؟ راڻيءَ جواب ڏنو ته جڻ ته اهو ئي آهي (۽ وڌيڪ چيائين ته) اسان کي هن کان اڳ ئي خدا وٽان ڪجهه علم مليل هو (هاڻي توهان جي عقل، علم، سچائي ۽ پيغمبريءَ جي خبر به پئجي ويئي) سو هاڻي فرمانبرداري قبول ٿا ڪيون ۽ اسلام تي اچون ٿا. (راڻي بلقيس بيشڪ سمجهه واري هئي پر سندس وڏا توڙي سندس ماڻهو سج جي پوڄا ڪندڙ هئا) انهيءَ ئي ڳالهه ڪيس (سچي دين کان) روڪي رکيو هو. جو هوءَ (ٻين وانگر) خدا کي ڇڏي ٻين شين جي پوڄا ڪندڙ هئي ۽

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



بيشڪ هوءَ ڪافرن جي قوم منجهان هئي (۽ انهن ۾ ڄائي نپني هئي). پوءِ راڻيءَ کي چيو ويو ته (هاڻي) وڏي محلات ۾ هل. پوءِ جيڪي (اڱڻ ۾ ) ڏٺائين تنهن کي پاڻيءَ جو ڏُٻو سمجهائين ۽ (ڪپڙن کي پسڻ کان بچائڻ لاءِ ڪپڙا مٿي کنيائين ۽ ) پنيون ظاهر ڪري وڌائين . (تنهن تي) حضرت سليمان کيس چيو ته هڪ محلات آهي جا شيشي جي وڏين سرن يا ٽڪرن سان ٺهيل آهي. (ڪپڙن مٿي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. راڻي غور ڪري) چيو ته اي منهنجا پروردگار! (مان ڀليل هيس) مان پاڻ تي ظلم ڪندي رهي هيس. هاڻي مان حضرت سليمان سان شامل ٿي الله جي ٻانهپ قبول ٿي ڪيان جو سڄي جهان جو پروردگار آهي.

## حضرت سليمان عليه السلام جو محل

اهي سورتون ۽ آيتون جن ۾ سبا جي راڻيءَ جو ذڪر آهي، تن ۾ حضرت سليمان عليه السلام جو ذڪر به ڪيو ويو آهي. قرآن حڪيم ۾ حضرت سليمان عليه السلام بابت ٻين ڪيترن ئي تفصيلن مثلاً سندس عظيم مملڪت ۽ محل جو ذڪر به ڪيو ويو آهي. ان جي مطابق حضرت سليمان عليه السلام وٽ پنهنجي دور جي سڀ کان وڏي ترقي يافته ٽيڪنالاجي هئي. سندس محل ۾ عجيب و غريب فن پارا ۽ ڏسندڙن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندڙ قيمتي شيون به هيون. محل ۾ داخل ٿيڻ جو رستو شيشي سان ٺهيل هو. قرآن حڪيم، محل ۽ انجي عظمت جو اثر، ملڪ سبا تي ٿيڻ کي هيئن بيان ڪري ٿو:

قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي الصَّرْحَ ۚ فَلَمَّا رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّكَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ۗ قَالَ اِنَّهٗ صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِيْرَ ۗ قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ وَاَسْلَمْتُ مَعَ سُلَيْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ***(سورة النمل:44)***

”(پوءِ) راڻيءَ کي چيو ويو ته (هاڻي) وڏي محلات ۾ هل. پوءِ جيڪي (اڱڻ ۾) ڏٺائين تنهن کي پاڻيءَ جو ڏُٻو سمجهيائين ۽ (ڪپڙن کي پسڻ کان بچائڻ لاءِ ڪپڙا مٿي کنيائين ۽) پنيون ظاهر ڪري وڌائين. (تنهن تي ) حضرت سليمان کيس چيو ته هڪ محلات آهي جا شيشي جي وڏين سرن يا ٽڪرن سان ٺهيل آهي. (ڪپڙن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



مٿي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. راڻي غور ڪري) چيو ته اي منهنجا پروردگار! (مان ڀليل هيس) مان پاڻ تي ظلم ڪندي رهي هيس. هاڻي مان (حضرت) سليمان عليه السلام سان شامل ٿي انهيءَ ئي الله جي ٻانهپ قبول ٿي ڪيان جو سڄي جهان جو پروردگار آهي.

يهودي لکتن ۾ حضرت سليمان عليه السلام جي محل کي ”معبدِ سليمان“ چيو ويندو آهي. اڄ انهيءَ محل يا معبد جي اولهندي ديوار ئي سلامت آهي جنهن کي ”ديوار گريه“ به چيو ويندو آهي. انهيءَ محل ۽ يروشلم ۾ موجود ڪيترين ئي ٻين جڳهن کي ڊاهي پٽ ڪرڻ جو سبب يهودين جو گستاخاڻو ۽ سرڪش رويو هو. قرآن شريف ان کي هيئن بيان ڪري ٿو:

وَقَضَيْنَآ اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ فِي الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِي الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَلَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا
(٤) فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰىهُمَا بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ
الدِّيَارِ ۭ وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا (٥) ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ
بَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا (٦) اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ ۣ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ۭ
فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْۗءٗا وُجُوْهَكُمْ وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ
لِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا (٧) ***(سورة بني اسرائيل:7-4)***

”۽ اسان ڪتاب (تورات) ۾ بني اسرائيلن کي هن فيصلي جي خبر ڏيئي ڇڏي هئي ته توهان ضرور ملڪ ۾ ٻه ڀيرا خرابيون ڦهلائيندؤ ۽ تمام وڏي آڪڙ ۽ سرڪشي ڪندؤ پوءِ جڏهن انهن ٻن وقتن مان پهريون وقت اچي ويو، تڏهن (اي بني اسرائيلو!) اسان توهان جي مٿان اهڙا ٻندا(حملي ڪرڻ لاءِ) موڪليا جيڪي ڏاڍا خوفناڪ هئا . پوءِ اهي اوهان جي آبادين (ڳوٺن ۽ شهرن) جي اندر ڦڪڙجي ويا. ۽ الله جو وعدو ته انهيءَ ئي لاءِ هو ته پوريءَ طرح تعميل هيٺ اچي ۽ پورو ٿي وڃي. پوءِ (ڏسو!) اسان زماني جي گردش توهان (بني اسرائيلن) جي دشمن جي خلاف ۽ توهان جي موافق ڪري ڇڏي ۽ مال، دولت ۽ اولاد جي گهڻائيءَ سان اوهان جي مدد ڪئي سين ۽ اوهان کي (وري) وڏي تعداد ۽ جميعت وارو ڪري ڇڏيوسين. جيڪڏهن توهان نيڪيءَ جا ڪم ڪيا ته پنهنجي لاءِ ئي ڪيا، ۽ جيڪڏهن برائيون ڪيون ته به پنهنجي لاءِ ڪيون. پوءِ جڏهن ٻئي واعدي جو وقت آيو

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



(تڏهن اسان پنهنجي ٻين بندن رومين کي اوهان جي مٿان حملو ڪرڻ لاءِ موڪليو) انهيءَ لاءِ تہ توهان جي چهرن تي ذلت ۽ خواري ڦيرائي ڇڏين، ۽ اهڙيءَ ئي طرح ديول ۾ داخل ٿي وڃن جهڙيءَ طرح پهرئين ڀيري (بابل وارا) حملو ڪندڙ داخل ٿيا هئا. ۽ جيڪي بہ ڏسن ۽ هٿ ڪن تنهن کي ٽوڙي ڀڃي ناس ڪري ڇڏين.“

اهي مڙئي قومون جن جو ذڪر ڪيو ويو، پنهنجي گستاخاڻي رويي ۽ الله پاڪ سان سرڪشي جي ڪري عذاب جون مستحق ٿيون. يهودي صدين تائين هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سفر ڪندا رهيا، تہ جيئن حضرت سليمان عليه السلام جي زماني ۾ ارضِ مقدس ۾ ڪين پنهنجو وطن نصيب ٿئي. پر وري سندن بغاوت، الله جي حدن کي اورانگهڻ ۽ بد ديانتيءَ جي ڪري عذاب جو شڪار ٿيا.

اڄ جي دور جا جديد يهودي جيڪي ماضي قريب ۾ هن علائقي ۾ وري آباد ٿيا آهن، پنهنجي گمراهيءَ تي فرحان و شادان ٿي ڪري انهيءَ رويي جو مظاهرو ڪري رهيا آهي، جهڙو هنن پهرين تنبيهہ کان اڳ ڪيو هو.

## باب نائون

# اصحابِ ڪهف

اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَ الرَّقِيۡمِ ۙ كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ***(سوره الڪهف :9)***

”(اي پيغمبر) تو خيال ڪيو آهي تہ غار ۾ رقيم وارا (اصحابِ ڪهف) اسان جي نشانين مان عجيب نشاني هئا.“

قرآن حڪيم جي ارڙهين سورة الڪهف ۾ انهن ماڻهن جو تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، جن الله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ لاءِ ۽ وقت جي حاڪم جي ظلم ۽ ستم کان بچڻ لاءِ غار ۾ پناهہ ورتي هئي. قرآن حڪيم ۾ انهيءَ واقعي کي هيئن بيان ڪيو ويو:

اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَ الرَّقِيۡمِ ۙ كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿9﴾ اِذۡ اَوَى الۡفِتۡيَةُ اِلَى
الۡكَهۡفِ فَقَالُوۡا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً وَّ هَيِّئۡ لَنَا مِنۡ اَمۡرِنَا رَشَدًا ﴿10﴾ فَضَرَبۡنَا
عَلٰۤى اٰذَانِهِمۡ فِى الۡكَهۡفِ سِنِيۡنَ عَدَدًا ۙ ﴿11﴾ ثُمَّ بَعَثۡنٰهُمۡ لِنَعۡلَمَ اَىُّ الۡحِزۡبَيۡنِ اَحۡصٰى لِمَا
لَبِثُوۡۤا اَمَدًا ﴿12﴾ نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ نَبَاَهُمۡ بِالۡحَـقِّ ؕ اِنَّهُمۡ فِتۡيَةٌ اٰمَنُوۡا بِرَبِّهِمۡ وَزِدۡنٰهُمۡ
هُدًى ۖ ﴿13﴾ وَّرَبَطۡنَا عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ اِذۡ قَامُوۡا فَقَالُوۡا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ لَنۡ نَّدۡعُوَا۟
مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلٰهًا لَّقَدۡ قُلۡنَاۤ اِذًا شَطَطًا ﴿14﴾ هٰٓؤُلَاۤءِ قَوۡمُنَا اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ لَوۡلَا
يَاۡتُوۡنَ عَلَيۡهِمۡ بِسُلۡطٰنٍۢ بَيِّنٍ ؕ فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَـرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ؕ ﴿15﴾ وَاِذِ
اعۡتَزَلۡتُمُوۡهُمۡ وَمَا يَعۡبُدُوۡنَ اِلَّا اللّٰهَ فَاۡوٗۤا اِلَى الۡـكَهۡفِ يَنۡشُرۡ لَـكُمۡ رَبُّكُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِهٖ
وَيُهَيِّئۡ لَـكُمۡ مِّنۡ اَمۡرِكُمۡ مِّرۡفَقًا ﴿16﴾ وَتَرَى الشَّمۡسَ اِذَا طَلَعَتۡ تَّزٰوَرُ عَنۡ كَهۡفِهِمۡ ذَاتَ
الۡيَمِيۡنِ وَاِذَا غَرَبَتۡ تَّقۡرِضُهُمۡ ذَاتَ الشِّمَالِ وَهُمۡ فِىۡ فَجۡوَةٍ مِّنۡهُ ؕ ذٰلِكَ مِنۡ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ
مَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرۡشِدًا ﴿17﴾ وَتَحۡسَبُهُمۡ
اَيۡقَاظًا وَّهُمۡ رُقُوۡدٌ ۖ وَّنُقَلِّبُهُمۡ ذَاتَ الۡيَمِيۡنِ وَذَاتَ الشِّمَالِ ۖ وَكَلۡبُهُمۡ بَاسِطٌ ذِرَاعَيۡهِ
بِالۡوَصِيۡدِ ؕ لَوِ اطَّلَعۡتَ عَلَيۡهِمۡ لَوَلَّيۡتَ مِنۡهُمۡ فِرَارًا وَّلَمُلِئۡتَ مِنۡهُمۡ رُعۡبًا ﴿18﴾ وَكَذٰلِكَ
بَعَثۡنٰهُمۡ لِيَتَسَآءَلُوۡا بَيۡنَهُمۡ ؕ قَالَ قَآئِلٌ مِّنۡهُمۡ كَمۡ لَبِثۡتُمۡ ؕ قَالُوۡا لَبِثۡنَا يَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۽ م پاڪي پائيوار



يَوۡمٍ ؕ قَالُوۡا رَبُّكُمۡ اَعۡلَمُ بِمَا لَبِثۡتُمۡ ؕ فَابۡعَثُوۡۤا اَحَدَكُمۡ بِوَرِقِكُمۡ هٰذِهٖۤ اِلَى الۡمَدِيۡنَةِ
فَلۡيَنۡظُرۡ اَيُّهَاۤ اَزۡكٰى طَعَامًا فَلۡيَاۡتِكُمۡ بِرِزۡقٍ مِّنۡهُ وَلۡيَتَلَطَّفۡ وَلَا يُشۡعِرَنَّ بِكُمۡ اَحَدًا ﴿۱۹﴾
اِنَّهُمۡ اِنۡ يَّظۡهَرُوۡا عَلَيۡكُمۡ يَرۡجُمُوۡكُمۡ اَوۡ يُعِيۡدُوۡكُمۡ فِىۡ مِلَّتِهِمۡ وَلَنۡ تُفۡلِحُوۡۤا اِذًا اَبَدًا ﴿۲۰﴾ وَ
كَذٰلِكَ اَعۡثَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ لِيَعۡلَمُوۡۤا اَنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ اَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيۡبَ فِيۡهَا ۚ اِذۡ
يَتَنَازَعُوۡنَ بَيۡنَهُمۡ اَمۡرَهُمۡ فَقَالُوا ابۡنُوۡا عَلَيۡهِمۡ بُنۡيَانًا ؕ رَبُّهُمۡ اَعۡلَمُ بِهِمۡ ؕ قَالَ الَّذِيۡنَ
غَلَبُوۡا عَلٰٓى اَمۡرِهِمۡ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيۡهِمۡ مَّسۡجِدًا ﴿۲۱﴾ سَيَقُوۡلُوۡنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمۡ كَلۡبُهُمۡ ۚ وَ
يَقُوۡلُوۡنَ خَمۡسَةٌ سَادِسُهُمۡ كَلۡبُهُمۡ رَجۡمًۢا بِالۡغَيۡبِ ۚ وَيَقُوۡلُوۡنَ سَبۡعَةٌ وَّثَامِنُهُمۡ كَلۡبُهُمۡ ؕ
قُلۡ رَّبِّىۡۤ اَعۡلَمُ بِعِدَّتِهِمۡ مَّا يَعۡلَمُهُمۡ اِلَّا قَلِيۡلٌ ۙ فَلَا تُمَارِ فِيۡهِمۡ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۖ وَّلَا
تَسۡتَفۡتِ فِيۡهِمۡ مِّنۡهُمۡ اَحَدًا ﴿۲۲﴾ وَلَا تَقُوۡلَنَّ لِشَاىۡءٍ اِنِّىۡ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿۲۳﴾ اِلَّاۤ اَنۡ
يَّشَآءَ اللّٰهُ ۚ وَاذۡكُرۡ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيۡتَ وَقُلۡ عَسٰٓى اَنۡ يَّهۡدِيَنِ رَبِّىۡ لِاَقۡرَبَ مِنۡ هٰذَا
رَشَدًا ﴿۲۴﴾ وَلَبِثُوۡا فِىۡ كَهۡفِهِمۡ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيۡنَ وَازۡدَادُوۡا تِسۡعًا ﴿۲۵﴾ قُلِ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا
لَبِثُوۡا ۚ لَهٗ غَيۡبُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ اَبۡصِرۡ بِهٖ وَاَسۡمِعۡ ؕ مَا لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ
وَّلِىٍّ ۚ وَّلَا يُشۡرِكُ فِىۡ حُكۡمِهٖۤ اَحَدًا ﴿۲۶﴾ ***(سورة الكهف :9:26)***

”(اي پيغمبر!) تو خيال ڪيو آهي تہ غار ۽ رقيم وارا (اصحابِ ڪهف) اسان جي نشانين مان ڪا عجيب نشاني هئا. ڳالهہ هيئن آهي تہ ڪي جوان هڪ غار ۾ وڃي ويٺا هئا ۽ هنن دعا گهري هئي تہ اي اسان جا پروردگار! پنهنجي طرفان اسان تي رحمت موڪل ۽ تون اسان جي هن ڪم لاءِ ڪاميابيءَ جا اسباب پيدا ڪري ڇڏ. پوءِ غار ۾ ڪيترن ئي سالن تائين اسان هنن جا ڪن (دنيا جي طرف ڪان) بند ڪري ڇڏيا. پوءِ اسان هنن کي اٿاري ڪڙو ڪيو انهيءَ لاءِ تہ معلوم ٿي وڃي تہ ٻنهي جماعتن مان ڪهڙي آهي جا گذريل مدت جو اندازو بهتر طريقي سان لڳائي سگهي ٿي. (اي پيغمبر!) اسان توکي انهن ماڻهن جو سچو قصو بيان ڪري ٻڌايون ٿا. اهي ڪي نوجوان هئا جن پنهنجي پروردگار تي ايمان آندو هو. اسان ڪين هدايت جي واٽ تي زياده مضبوط ڪري ڇڏيو هو. ۽ هنن جي دلين کي صبر ۽ (استقامت تي) محڪم ڪري ڇڏيو هو. جڏهن هو (حق جي راهہ ۾ ) اُٿي ڪڙا ٿيا، تڏهن هنن (صاف صاف) چئي ڏنو تہ اسان جو پروردگار تہ اهو ئي آهي جو زمين ۽ آسمانن جو پروردگار آهي. اسان هن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ معبود (سمجهي) پڪارڻ



وارا ڪونہ آهيون جيڪڏهن اسان ائين ڪيون تہ اها سخت نامناسب ۽ خراب ڳالهہ ٿيندي. اهي اسان جي قوم جا ماڻهو آهن جن الله ڪانسواءِ ٻيا معبود ڪٺي ورتا آهن. جيڪڏهن اهي (سچ پچ) معبود آهن تہ پوءِ هو ڇو نٿا ان لاءِ ڪو چٽو دليل پيش ڪن (هنن وٽ تہ ڪو دليل ئي ڪونهي) پوءِ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو الله تي ڪوڙو ناهہ ٺاهي. (پوءِ هو پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ) جنهن صورت ۾ اسان انهن ماڻهن کان ۽ انهن (معبودن) کان جن کي هو الله ڪانسواءِ پوڄين ٿا پاسو ڪيو آهي (۽ ڇڏي ڏنو آهي) تنهن صورت ۾ هلو تہ هلي ڪنهن غار ۾ پناهہ وٺون. اسان جو پروردگار اسان تي پنهنجي رحمت جي ڇانو ڪندو ۽ اسان کي هن معاملي لاءِ ثمر ۽ سامان مهيا ڪري ڏيندو. ۽ (جنهن غار ۾ وڃي ويٺا سا اهڙيءَ طرح جي هئي جو) جڏهن سج اڀري ٿو تڏهن توهان ڏسندو تہ غار جي ساڄي طرف لڙيل رهي ٿو ۽ جڏهن لهڻ لڳي ٿو تڏهن وري کاٻي طرف لڙي لهي ٿو وڃي. (يعني ڪنهن بہ حالت ۾ اُس يا سج جا سڌا ڪرڻا اندر نٿا پهچن) ۽ هو ان غار جي اندر ڪشادي جاءِ ۾ ويٺا رهيا آهن. اها الله جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. (جو هنن حق جي لاءِ دنيا جا سڀ لاڳاپا لاهي ڇڏيا آهن) (حقيقت هيءَ آهي تہ) جنهن لاءِ الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راه کولي ٿو ڇڏي سو ئي (سچي) راهہ تي آهي، ۽ جنهن لاءِ (سندس ئي ضد ۽ هوس پرستيءَ سبب) راهہ گم ڪري ٿو ڇڏي، تنهن لاءِ ڪو بہ سندس ڪارساز ۽ راه ڏيکارڻ وارو ڪونہ لهندؤ ۽ ڏسندؤ. ۽ توهان انهن کي ڏسو تہ توهان سمجهندؤ تہ هو جاڳن ٿا، حالانڪ هو ننڊ ۾ آهن. اسان هنن کي ساڄي پاسي ۽ کاٻي پاسي موڙيون ٿا (يعني هو پاسو ورائين ٿا جيئن اسان سمهڻ ۾ جاڳندي توڙي ننڊ ۾ پاسو ورائيندا آهيون) ۽ هنن جو ڪتو چائٺ وٽ پنهنجون اڳيون ٽنگون ڊگهيون ڪيون ويٺو آهي. جيڪڏهن توهان ليئو پائي هنن کي ڏسو تہ جيڪر منهن ڦيرائي پنٺي پڇي هلياوڃو ۽ توهان تي (ان نظاري کان) دهشت ڇانئجي وڃي. ۽ (ڏسو) اهڙيءَ ئي طرح هيءَ ڳالهہ ٿي جو اسان هنن کي وري اٿاري ڪڙو ڪيو.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ جا پاڪي پانيوار



انهيءَ لاءِ ته پاڻ ۾ هڪٻئي کان پڇاڳاڇا ڪن. انهن مان هڪڙي چوندڙ پڇيو ته اسان هتي ڪيتري مدت رهيا هونداسين؟ سڀني چيو ته هڪڙو ڏينهن يا هڪڙي ڏينهن جو ڪجهه حصو. پوءِ(جڏهن پوري مدت معلوم ڪري نه سگهيا تڏهن) چيائون ته اسان جو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪيتري مدت تائين هتي رهي پيا هئاسين. (هاڻي) هڪڙي ماڻهوءَ کي هي چانديءَ جو سڪو ڏيئي شهر ۾ موڪليو. وڃي ڏسي ته ڪنهن وٽان چڱو طعام ٿو ملي، ۽ جتان ملي اُتان ڪجهه طعام وٺي آڻي، مگر چپ چاپ ۾ رهي جيئن ڪنهن کي به اسان جي خبر نه پوي. جيڪڏهن ماڻهن کي خبر پئجي ويندي ته (پوءِ هو ڇڏڻ وارا ناهن) يا ته اوهان کي سنگسار ڪري ماريندا يا ته مجبور ڪندا ته وري سندن دين ۾ موٽي داخل ٿيو. جيڪڏهن ائين ٿيندو(يعني وري سندن بت پرستيءَ جي دين ۾ داخل ٿيندؤ)ته پوءِ ڪڏهن به فلاح (يعني ڪاميابي ۽ دائمي سعادت) حاصل نه ڪندا.۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) اهڙيءَ طرح (يعني هڪ ماڻهوءَ طرفان سڪو کڻي وڃي بازار ۾ ڏيکارڻ سان) اسان ماڻهن کي سندن حال کان واقف ڪيو (هنن جي ڳالهه لڪي ڪين سگهي) ۽ هن لاءِ واقف ڪيوسين ته ماڻهن کي معلوم ٿئي ته الله جو واعدو سچو آهي، ۽ قيامت جي اچڻ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي، ان وقت جي ڳالهه آهي ته ماڻهو پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ته هنن (غار جي ساٿين) جي معاملي ۾ ڇا ڪجي؟ ماڻهن چيو ته هن غار تي هڪ عمارت ٺاهيو (ته يادگار ٿئي) جيڪي هنن تي ٿي گذريو، تنهن کي سند ن پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو پوءِ انهن ماڻهن، جي ان معاملي ۾ غالب پيا. چيو ته (ٺيڪ آهي) اسان ضرور هنن جي مٿان (يا پرسان) هڪ عبادت گاهه بنائينداسين. ڪي ماڻهو چوندا آهن ته غار وارا ماڻهو ٽي هئا، چوٿون هو سندن ڪتو. ڪي ماڻهو وري چون ٿا ته پنج هئا ۽ ڇهون سندن ڪتو هو. اهي سڀ (رڳو ڏڪا ٿا هڻن ۽) غيب جي انڌاري ۾ تير ٿا اڇلائين. ۽ ڪي چون ٿا ته ست هئا، اٺون هو سندن ڪتو.(اي پيغمبر!) تون چئه ته انهن جو سچو تعداد ته منهنجو پروردگار ئي بهتر ٿو ڄاڻي، ڇو ته هنن جو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



حال تمام ٿورا ماڻهو ٿا ڄاڻن. (۽ جڏهن ته صورتحال اها آهي) تون ماڻهن سان هن باري ۾ بحث ۽ جهڳڙو نه ڪر، مگر (بحث) فقط انهيءَ حد تائين ڪر جو صاف معلوم ڳالهه هجي. (يعني اونهين ۽ غير يقيني ڳالهين ۾ پوڻ نه گهرجي) نڪي انهن ماڻهن مان (جن ۾ اهي روايتون هلندڙ آهن) ڪن کان هن باري ۾ پڇا ڪر (ڇو ته سندن ڏنڊ ڪٿائون اعتبار جوڳيون ناهن). ۽ ڪا به ڳالهه هجي ته ائين ڪڏهن به نه چئو ته سڀاڻي مان اهو ڪم ڪري ڇڏيندس. سواءِ هن جي جو سمجهي ڇڏيو ته ٿيندو اهو ئي جو الله تعاليٰ چاهيندو ۽ جڏهن ويسر ٿئيوَ ته وري الله تعاليٰ جي يادگيري تازي ڪري ڇئو ته اميد آهي ته منهنجو پروردگار هن کان به زياده ڪاميابيءَ جي راه منهنجي لاءِ کولي ڇڏيندو ۽ (چون ٿا ته) هو (غار جا سنگتي) ٽي سؤ سالن تائين غار ۾ رهيا ۽ ماڻهن نو سال ٻيا به وڌايا آهن. (اي پيغمبر!) تون چئه ته الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته هو ڪيتري مدت رهيا. هو آسمان ۽ زمين جون سڀ لڪل ڳالهيون ڄاڻي ٿو. وڏو ئي ڏسندڙ ۽ وڏو ئي ٻڌندڙ آهي. هن کانسواءِ ماڻهن جو ڪوئي ڪارساز ڪونهي ۽ نه هو پنهنجي حڪم ۾ ڪنهن کي شريڪ ٿو ڪري.“

معروف عقيدي مطابق اصحاب ڪهف کي اسلامي ۽ عيسائي ٻنهي حوالن سان تقدس حاصل آهي. انهن تي رومي شهنشاهه دقيانوس (Decius) ظلم ۽ ستم ڪري رهيو هو، ان جي باوجود هنن پنهنجي قوم کي ڪفر ۽ شرڪ ترڪ ڪرڻ ۽ هڪ الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ جي تلقين ڪئي. جڏهن ماڻهن سندن دعوت ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ بادشاهه جو ظلم به هنن کي قتل ڪرڻ تائين پهتو، ته هنن پنهنجن گهرن کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ دور جو تاريخي رڪارڊ ان ڳالهه جو گواهه آهي، ته ڪيترائي حڪمران ان دور ۾ دهشت گردي، ظلم ۽ ڏاڍ جي پاليسي تي هلي رهيا هئا ۽ دينِ عيسويءَ تي ڪار بند رهڻ وارن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هئائون.

اتر اولهندي انا طوليه جي رومن گورنر پلينيس (pilinius) 113_19ع، شهنشاهه ٽرايانوس (Trayanus) کي هڪ خط لکيو، ته هن مسيح جي ڪجهه پوئلڳن کي سزائون ڏنيون، ڇو ته اهي بادشاه جي مجسمي (بت) جي عبادت نه ڪندا هئا. اهو خط ابتدا ئي دور جي عيسائين تي ظلم ۽ ستم جو هڪ

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ثبوت آهي. اهڙين حالتن ۾ جڏهن انهن نوجوانن تي دين حق کي ڇڏڻ ۽ باطل دين جي پيروي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويو ته هنن چيو:

فَقَالُوۡا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ لَنۡ نَّدۡعُوَا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلٰـهًا لَّقَدۡ قُلۡنَاۤ اِذًا شَطَطًا ﴿۱۴﴾ هٰۤؤُلَآءِ قَوۡمُنَا اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ لَوۡ لَا يَاۡتُوۡنَ عَلَيۡهِمۡ بِسُلۡطٰنٍۭ بَيِّنٍ ؕ فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿۱۵﴾ *(سورة الكهف : 15_14)*

”تڏهن هنن (صاف صاف) چئي ڏنو ته اسان جو پروردگار ته اهوئي آهي جو زمين ۽ آسمانن جو پروردگار آهي، اسان هن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي به معبود (سمجهي) پڪارڻ وارا ڪونه آهيون. جيڪڏهن اسان ائين ڪيون ته اها سخت نامناسب ۽ خراب ڳالهه ٿيندي اهي اسان جي قوم جا ماڻهو آهن جن الله کانسواءِ ٻيا معبود ڪٺي ورتا آهن. جيڪڏهن اهي (سچ پچ) معبود آهن ته پوءِ هو چونٿا ان لاءِ ڪو چٽو دليل پيش ڪن (هنن وٽ ته ڪو دليل ئي ڪونهي) پوءِ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو الله تي ڪوڙو ناهه ناهي.“

جيستائين اصحابِ ڪهف جي غار جو تعلق آهي ته ان بابت ڪيترائي خيال آهن. تنهن هوندي به گهڻو امڪان اهو ئي آهي ته اها غارا ايفيسس (Ephesus) ۽ طرسوس (Tarsus) ۾ موجود آهي.

تمام عيسائي حوالن جي مطابق اها غار ايفيسس (Ephesus) ۾ موجود آهي. ان ڳالهه سان ڪيئي مسلمان محقق ۽ مفسر به متفق آهن. جڏهن ته ڪن جي خيال ۾ اهو تصور غلط آهي ۽ غار جو اصل مقام طرسوس (Tarsus) آهي. هن باب ۾ اسان ٻنهي خيالن جو جائزو وٺنداسون. البته سيئي عيسائي ۽ مسلمان محقق ۽ مفسر انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته اهو واقعو رومي شنهشاه دقيانوس (250 عيسوي) جي زماني ۾ پيش آيو.

نِيرو ۽ دقيانوس عيسائين تي ظلم ڪندڙ مشهور رومي شهنشاهه آهن. پنهنجي مختصر دورِ حڪمرانيءَ ۾ هنن هڪ قانون لاڳو ڪيو جنهن تحت هر شخص تي، رومي ديوتائن کي قرباني پيش ڪرڻ ضروري هو. هر شخص تي اها قرباني ڪرڻ ۽ ان جو تصديقي ثبوت حاصل ڪرڻ ضرور هو. جيڪي هو حڪومتي ڪارندن کي پاڻ وٽان گهرائي ڏيکاريندو هو. جيڪو ائين نه ڪندو هو. کيس سزا ڏني ويندي هئي. عيسائي لکتن موجب



عيسائين جو گهڻو تعداد جيڪو بت پرستيءَ جو اهو عمل ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پناه جي ڳولا ۾ هجرت ڪندو رهندو هو ۽ اصحابِ ڪهف به انهن ٽن شروعاتي عيسائين منجهان هئا.

ٻي هيءَ ڳالهه به غور ۽ ويچار جي قابل آهي، ته اڪثر مسلم ۽ عيسائي مؤرخن واقعي کي هڪ داستان طور بيان ڪيو آهي ۽ ان ۾ وقت گذرڻ سان گڏو گڏ ڪيترين ئي غير ضروري روايتون به شامل ٿي ويون آهن. جڏهن ته حقيقت ۾ هي رڳو داستان نه بلڪ هڪ تاريخي واقعو آهي.

## ڇا اصحابِ ڪهف ايفيسس ۾ آهن؟

اصحابِ ڪهفِ جي پناهه جي جاءِ بابت مختلف خيال آهن. انهيءَ اختلاف جو وڏو سبب هر علائقي جي ماڻهن جي اها خواهش آهي ته انهن بهادر ماڻهن جو تعلق سندن وطن سان جڙيل هجي. اُتي اهڙيءَ طرح غارون موجود آهن ۽ وري انهن سيني هنڌن تي ان جو مثال، مختلف غارن وٽ عبادت گاهن جي اڏاوت آهي.

اهو مشهور آهي ته ايفيسس (Ephesus) عيسائيت جو مقدس ماڳ آهي. هتي حضرت بيبي مريم عليها السلام جو گهر آهي، جنهن کي بعد ۾ چرچ ۾ تبديل ڪيو ويو. تنهنڪري اهو بلڪل ممڪن آهي ته اصحابِ ڪهف هتان جي ئي غار ۾ رهيا هجن. اڪثر عيسائي ڪتابن ۾ به انهيءَ هنڌ کي اصحابِ ڪهف جو مقام قرار ڏنو ويو آهي.

ان جو تمام اوائلي تاريخي ثبوت، شامي پادري جيمز آف سارس (James of Saruc) (پيدائش 452ع) آهي. معروف مؤرخ گبن (Gibbon) ڪتاب ”سلطنتِ روما جي زوال جي تاريخ“ ۾ جيمز جي ڪتابن جا ڪيئي حوالا ڏنا آهن. انهيءَ مطابق ست عيسائين نوجوانن کي عيسائيت ترڪ ڪرڻ ۽ غار ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ڪندڙ بادشاهه جو نالو دقيانوس هو. دقيانوس جي حڪمرانيءَ جو دور 249ع کان 251ع تائين آهي ۽ اهو دور حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيروڪارن تي ظلم ۽ ستم جي حوالي سان مشهور آهي. مسلم مفسرن جي خيال ۾ اهو واقعو ايفي سس(Ephesus) يا ايفي ساس (Ephesos) ۾ پيش آيو. گبن جي مطابق انهيءَ هنڌ جو نالو ايفي سس (Ephesus) آهي. اناطوليه جي اولهندي ڪناري تي واقع هيءُ شهر سلطنت روما جو هڪ وڏو بندرگاهه ۽ وڏو شهر هيو. انهيءَ شهر جا ڪنڊر اڄ به

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



”ايفي سس جو پراڻو شهر“ جي نالي سان مشهور آهن.

اصحابِ ڪهف جي سجاڳيءَ وقت، رومي حڪمران جو نالو مسلم محققن جي مطابق تيزئيسس (Tezusius) ۽ گبن جي خيال ۾ ٿيو ڊوسيئس ٻيو (Theodosius_II) آهي. اهو حڪمران سلطنت روما جي عيسائي تي ويٺل ڪانپوءِ .450_408ع جي دوران اقتدار ۾ رهيو.

ڪجهه مفسرين جي خيال ۾ هيٺ ڏنل آيتن جي روشنيءَ ۾ غار ۾ داخل ٿيڻ جو رستو اتر ڪان هو ته جيئن روشني اندر نه اچي سگهي. اهڙيءَ طرح غار جي پرسان لنگهندڙ، اندر نه پيو ڏسي سگهي. قرآن حڪيم ان ڪي هيئن بيان ڪري ٿو:

وَتَرَى الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَاِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَهُمْ فِىْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ؕ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا **(سورة الكهف: 17)**

”۽ (جنهن غار ۾ ويجي ويٺا سا اهڙيءَ طرح هئي جو) جڏهن سج ابري ٿو تڏهن توهان ڏسندؤ ته غار جي ساڄي طرف لڙيل رهي ٿو ۽ جڏهن لهڻ لڳي ٿو تڏهن وري کابي طرف لڙي لهي ٿو وڃي. (يعني ڪنهن به حالت ۾ اُس يا سج جا سڌا ڪرڻا اندر نٿا پهچن) ۽ هو ان غار جي اندر ڪشادي جاءِ ۾ ويٺا رهيا آهن. اها الله جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. (جو هنن حقن جي لاءِ دنيا جا سڀ لاڳاپا لاهي ڇڏيا). (حقيقت هيءَ آهي ته) جنهن لاءِ الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهه کولي ٿو ڇڏي سو ئي (سچي) راهه تي آهي ۽ جنهن لاءِ راهه گم ڪري ٿو ڇڏي، تنهن لاءِ ڪو به سندن ڪارساز ۽ راهه ڏيکارڻ وارو ڪونه لهندؤ ۽ ڏسندؤ.“

قديم آثارن جو ماهر ڊاڪٽر موسيٰ باران پنهنجي ڪتاب ايفي سس (Ephesus) ۾ انهيءَ ڪي ٿي اصحابِ ڪهف جي پناهه جي جاءِ ڄاڻائيندي لکي ٿو:

” 250 ع ۾ ايفي سس (Ephesus) جي ستن نوجوانن بت پرستيءَ کي ڇڏي ڪري عيسائيت اختيار ڪئي. پناهه وٺڻ لاءِ اهي پي ان (Pion) ڀهاڙيءَ جي اوڀرندي هيناهينءَ جي غار ۾ هليا ويا. رومي سپاهين انهن کي ڏنوءِ سندس داخل ٿيڻ جي راهه تي هڪ ديوار اڏي ڇڏي.“[45]

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



اڄ اها حقيقت سامهون اچي چڪي آهي، ته انهن ڪنڌرن ۽ قبرن تي ڪيترين ئي مذهبي عمارتون تعمير ڪيون ويون. آسٽريا جي آرڪيالوجيڪل انسٽيٽيوٽ جي 1926ع جي کوٽائين دوران پي اَن (Pion) جبل جي مشرقي هيناهينءَ ۾ ستين صديءَ (ٿيوڊوسيئسII_ جو دور) جي تعمير ٿيل اصحابِ ڪهف متعلق عمارتون آڏو آيون آهن.“[46]

## ڇا اصحابِ ڪهف طرسوس (Tarsus) ۾ آهن؟

اصحابِ ڪهف جي قيام جي ٻي جڳهه طرسوس (Tarsus) بيان ڪئي وڃي ٿي. هن شهر جي اتر اولهه ۾ اين ڪي لس (Encilus) يا بين ڪي لس (Bencilus) نالي جبل ۾. قرآن حڪيم ۾ بيان ڪيل تفصيل مان، هڪجهڙائي رکندڙ اصحابِ ڪهف جي هڪ غار موجود آهي.

گهڻن مسلم محققن جي خيال مطابق اهو تصور درست آهي. معروف قرآن جي مشهور مفسر امام طبري رحمة الله اصحابِ ڪهف جي ڀهاڙيءَ جو نالو بين ڪي لس (Bencilus) بيان ڪيو آهي ۽ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ الامم المملوڪ“ ۾ شهر جو نالو طرسوس لکيو آهي[47]. جڏهن ته هڪ ٻيو مفسر محمد امين ڀهاڙيءَ جي نالو پين ڪي لس (Pencilus) ۽ شهر جو نالو طرسوس ئي لکيو آهي. اهو بلڪل ممڪن آهي ته پين ڪي لس (Pencilus) جو اُچار به بين اين ڪي لس تي ويو هجي. ان مطابق انهن لفظن ۾ فرق جو ڪارڻ اکر ”B“ جي مختلف ادائيگيءَ جو انداز يا وقت گذرڻ سان گڏو گڏ ”B“ اکر جو ختم ٿي وڃڻ آهي.[48]

امام فخرالدين رازي رحمة الله ، جيڪو قرآن جو مشهور عالم آهي، لکي ٿو ته: ”جيتوڻيڪ انهيءَ جڳهه کي ايفي سس (Ephesus) چيو وڃي ٿو پر ان مان مراد طرسوس ئي آهي، ڇو ته اهو به طرسوس جو ئي ٻيو نالو آهي.[49]

ان ڪانسواءِ قاضي بيضاويؒ، امام نسفيؒ، جلالين، التبيان، المالي (Elmali)، نصوحي بلمن (O. Nasuhi Bilmen) ۽ ٻين ڪيترين ئي محققن جي خيال مطابق اها جڳهه طرسوس ئي آهي. اهي سڀئي مفسرَ سورة ڪهف جي سترهين آيت ”تون ڪين غار ۾ ڏسين ها ته ائين لڳئي ها ته سج جڏهن ابري ٿو ته سندن غار کان هٽي ساڄي پاسي لهي مڙي وڃي ٿو.“ جي وضاحت ۾ لکن ٿا ته انهيءَ غار جو منهن اتر طرف واقع آهي.[50]

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڪ پائيوار



اصحابِ ڪهفِ جي قيام جي جڳهه سلطنت عثمانيه جي دور ۾ به تحقيق جو موضوع رهي. انهيءَ حوالي سان عثماني آرڪيوز جي ڪاتي ۽ وزارتِ عظميٰ ۾ خط و ڪتابت به ٿيندي رهي. طرسوس جي مقامي انتظاميه پاران عثماني وزارتِ خزانه کي خط لکيو ويو ته اصحابِ ڪهف جي غار ۾ سار سنڀال ڪرڻ جي پگهار جو انتظام ڪيو وڃي. جنهن جي جواب ۾ خزاني واري وزارت طرفان اهو لکيو ويو ته انهن ماڻهن کي سرڪاري خزاني مان پگهار ڏيڻ کان اڳ انهيءَ معاملي جي تصديق ضروري آهي، ته ڇا سچ پچ اها اصحاب ڪهف جي غار آهي. انهيءَ بابت ٿيندڙ تحقيق اصحابِ ڪهف جي مقام جي تعين ڪرڻ ۾ ڪافي معاون ۽ مدد گار ثابت ٿي سگهي ٿي.

نيشنل ڪائونسل جي طرفان ڪيل تحقيق ۾ لکيو ويو ته طرسوس جي اتر ۾، صوبي ادانه ۾، طرسوس کان ٻن ڪلاڪن جي پنڌ تي هڪ پهاڙيءَ تي هڪڙي غار آهي، جنهن جو منهن قرآن حڪيم جي تفصيل جي مطابق اتر ڏانهن ئي واقع آهي.(51)

اهو سوال ته اصحاب ڪهف ڪير هئا؟ سندن زمانو ۽ علائقو ڪهڙو هو؟ هر دور ۾ محققن جو موضوع رهيو آهي ۽ ان بابت وقت بوقت چڱي خاصي ڄاڻ به آڏو ايندي رهي ٿي. تنهن هوندي به هٿ آيل يا مليل ڄاڻ منجهان، ڪنهن کي به يقيني چئي نٿو سگهجي ۽ اصحاب ڪهف جنهن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ آيو آهي، جي زماني ۽ علائقي بابت ڪو تعين، هاڻي تائين ڪنهن پڪي ثبوت ۽ تاريخي شاهديءَ جو گهرجائو آهي.[1]

1- مٿي ڄاڻايل بحث ليکڪ جو پنهنجو خيال آهي. هاڻوڪن عالمن جو غالب رجحان عثمان (اردن) جي قريب واقع غار طرف آهي. حوالو جهان ديده (مولانا محمد تقي عثماني) نوٽ از: سعود عثماني.

# حاصل ڪلام

اَوَ لَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ‌ؕ كَانُوۡۤا اَشَدَّ مِنۡهُمۡ قُوَّةً وَّ اَثَارُوا الۡاَرۡضَ وَعَمَرُوۡهَاۤ اَكۡثَرَ مِمَّا عَمَرُوۡهَا وَجَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ‌ؕ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظۡلِمَهُمۡ وَلٰكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ **(سورة الروم:9)**

”(غور ۽ فڪر جي طاقت ڪانه اٿن ته ڪم از ڪم تاريخي واقعا هن ئي دنيا ۾ ڪامراني ۽ ناڪاميءَ جا ڏسن) ڇا هي ماڻهو ڌرتيءَ تي سير سفر ڪونه ٿا ڪن؟ ۽ (سير سفر ڪندي) نٿا ڏسن ته جيڪي (بدڪارنا فرمان) ماڻهو ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن، تن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي؟ اهي ماڻهو هئا به هنن کان طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ. هنن زمين کي ڪيڙيو ۽ آباد ڪيو ۽ جيتري قدر هنن ماڻهن ملڪ کي آباد ڪيو آهي، تنهن کان گهڻو وڌيڪ هُنن آباد ڪيو هو (۽ آدمشماري گهڻي وڌائي هئي) ۽ انهن ڏي به رسول چٽين نشانين سان آيا هئا (مگر هنن مٿن ويساهه نه ڪيو ۽ نافرماني ۽ ظلمن ۾ وڌندا ويا. تنهن ڪري خدا کين تباهه ڪري ڇڏيو. (ڏسو!) خدا اهڙو ناهي جو هنن سان بي انصافي ڪري، پر هنن پاڻ تي ظلم ڪيو (جو بد عمل ڪري پاڻ تي تباهي آندائون).“

اهي سيئي قومون جن جو اسان ذڪر ڪيو الله پاڪ جي حڪمن کان منهن موڙڻ، سرڪشي ۽ شرڪ جهڙين برائين ۾ هڪ جهڙيون هيون. اهي ڌرتيءَ تي فساد برپا ڪندڙ، ظلم ۽ ڏاڍ سان ٻين جو مال ملڪيت ڦٻائيندڙ ۽ جنسي گناهه ڪندڙ باغي ماڻهو هئا. انهن سيني ۾ ٻي هڪجهڙي ڳالهه سندن اوسي پاسي يا پرپاسي ۾ رهندڙ ايمان وارن سان دشمني ڪرڻ ۽ انهن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي، شعوري ترقي ۽ ڀاڱي ڀائيوار



ڪي هر طرح سان آزار پهچائڻ هيو. قرآني تعليمات جو مقصد رڳو تاريخ جو درس ڏيڻ هرگز ناهي، بلڪ نبين سڳورن جي تذڪرن ڪي، قرآن مجيد مثال جي طور بيان ڪري ٿو. اهي قومون جيڪي اڳ ۾ تباهه ڪيون ويون، اهي ايندڙ قومن لاءِ عبرت جو سبق آهن ته جيئن اهي حق جي واٽ تي رهن:

اَفَلَمۡ يَهۡدِ لَهُمۡ كَمۡ اَهۡلَكۡنَا قَبۡلَهُمۡ مِّنَ الۡقُرُوۡنِ يَمۡشُوۡنَ فِىۡ مَسٰكِنِهِمۡ‌ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰ لِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِى النُّهٰى *(سورة طه :128)*

”ڇا هنن ماڻهن کي هن ڳالهه مان به هدايت (۽ نصيحت) نه ٿي ملي ته ڪانئن اڳي آيل قومن جا ڪيترائي دورگذري چڪا آهن جن کي اسان (گناهن جي بدلي ۾) تباهه ڪري ڇڏيو. هي ماڻهو انهن جي (ڊٺل) شهرن ۽ آبادين ۾ گهمن ڦرن ٿا (انهن جا ڪنڊر هنن جي اکين اڳيان آهن. ته به افسوس! جو عبرت نٿا وٺن) جيڪي ماڻهو سمجهه وارا آهن تن جي لاءِ هن ئي ڳالهه ۾ (نصيحت ۽ عبرت جون) گهڻيون ئي نشانيون آهن.“

جيڪڏهن اسان انهن واقعن کي بطورِ مثال ۽ عبرت لاءِ پنهنجي آڏو رکون ته مجموعي طور اسان جا حال به گناهه ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي حڪمن کان پري رهڻ ۾ تباهه ٿيندڙ قومن کان ڪي گهٽ بهتر ناهن. مثال طور: اڄ اسان جي سماج ۾ موجود لواطت ۽ هم جنس پرستيءَ جو شڪار اڪثر ماڻهو اسان کي حضرت لوط عليه السلام جي قوم جي يادگيري ڏيارين ٿا. هم جنس پرست، معاشري جي اهم ۽ نمايان ماڻهن سان جنسي محفلن ۾ شرڪت ڪري، انهن سيني بدڪارين ۽ بڇڙائين جو مظاهرو ڪن ٿا، جيڪي سدوم ۽ گموراه ۾ ڪيون ويندويون هيون. خصوصًا دنيا جي وڏن شهرن ۾ ڪجهه اهڙا گروه به آهن جيڪي انهن سرگرمين ۾ پومپي شهر جي رهواسين کان به گوءِ کڻي ويا آهن.

سيني اڳوڻين قومن کي قدرتي آفتن جهڙوڪ: زلزلن، طوفان ۽ ٻوڏ وغيره جي ذريعي عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح جديد دور جا اهي معاشرا جيڪي انهن قومن وانگر گمراهيءَ جو شڪار ٿي چڪا آهن. اهڙيءَ طرح ئي عذاب ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا.

اسان کي اها ڳالهه ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي ته الله پاڪ جڏهن گهري ۽ جنهن کي گهري عذاب ڏيئي سگهي ٿو ۽ جنهن کي چاهي ان کي



دنيا ۾ عذاب نه ڏئي بلڪ آخرت ۾ عذاب ڏئي، قرآن حڪيم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَكُلًّا اَخَذۡنَا بِذَنۡۢبِهٖ‌ ۚ فَمِنۡهُمۡ مَّنۡ اَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِ حَاصِبًا‌ ۚ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ اَخَذَتۡهُ الصَّيۡحَةُ‌ ۚ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ خَسَفۡنَا بِهِ الۡاَرۡضَ‌ ۚ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ اَغۡرَقۡنَا‌ ۚ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَـظۡلِمَهُمۡ وَلٰـكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ *(سورة العنڪبوت:40)*

”سو اسان انهن سيني کي سندن گناهن (۽ ظلمن) سببان پڪڙ ڪئي. ڪن ڏي اسان سخت طوفان (پٿرن جي برسات سان) موڪليو ڪن کي دهشت ناڪ آواز گهيري فنا ڪري ڇڏيو ڪن کي اسان جي حڪم سان زمين ڳهي ويئي ۽ ڪن کي اسان ٻوڙي ماري ڇڏيو. ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ جو اهو وڙ نه هو (۽ نه آهي) ته هنن سان بي انصافي ڪري، حقيقت هيءَ آهي ته هنن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو آهي (۽ پاڻ کي پاڻ تباهه ڪيو جيئن هاڻي زبردست قومون پاڻ کي پاڻ تباهه ڪري رهيون آهن.)“

قرآن پاڪ ۾ فرعون جي خاندان جي هڪ (ايمان واري) فرد جو ذڪر موجود آهي، جنهن حضرت موسيٰ عليه السلام تي ايمان آندو هو پر پنهنجي ايما ن کي ڳجهو رکيو هئائين هن پنهنجي قوم کي چيو:

وَقَالَ الَّذِىۡۤ اٰمَنَ يٰقَوۡمِ اِنِّىۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ مِّثۡلَ يَوۡمِ الۡاَحۡزَابِ ۝ مِثۡلَ دَاۡبِ قَوۡمِ نُوۡحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوۡدَ وَالَّذِيۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ‌ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيۡدُ ظُلۡمًا لِّلۡعِبَادِ ۝ وَيٰقَوۡمِ اِنِّىۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ يَوۡمَ التَّنَادِ ۝ يَوۡمَ تُوَلُّوۡنَ مُدۡبِرِيۡنَ‌ۚ مَا لَـكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ عَاصِمٍ‌ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ هَادٍ ۝ *(سورة المؤمن:33-30)*

”(تنهن تي انهيءَ مرد مؤمن ) جنهن (حضرت موسيٰ عليه السلام تي لڪ ڇپ ۾) ايمان آندو هو چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! مون کي ڏاڍو خوف ٿو ٿئي ته متان توهان تي به اهڙو (تباهيءَ جو) ڏينهن اچي وڃي جهڙو (اڳوڻين) قومن تي اچي ويو هو.جهڙو حضرت نوح جي قوم تي، عاد ۽ ثمود جي قومن تي ۽ انهن کان بعد وارين قومن تي اچي ويو هو ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن سان بي انصافي ڪرڻ هرگز نٿو چاهي (تباهي تڏهن تي اچي جڏهن ڪا قوم ظلم ۾ چوٽ چڙهي ٿي وڃي.) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهؤ! مون کي ڏاڍو خوف آهي ته متان توهان تي اهو (واويلا جو)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڏينهن اڇي وڃي، جنهن ڏينهن هڪبئي کي (مدد لاءِ) سڏيو ويندو (۽ روڄ راڙو مچي ويندو) جنهن ڏينهن توهان پٺي ڏيئي ڀڄندؤ (۽) اوهان کي خدا (جي عذاب) کان بچائڻ وارو ڪو به ڪو نه هوندو. ۽ (ياد رکو ته) جن کي الله (سندن ئي بد عملن جي ڪري) گمراهه ڪري ٿو ڇڏي، تن جي لاءِ ٻيو ڪو به هادي يا واٽ ڏيکاريندڙ ڪونهي."

هر پيغمبر سڳوري پنهنجي قوم کي عذاب کان ڊيڄاريو، قيامت ۽ حشر جو ڏهاڙو ياد ڏياريو ۽ انهيءَ صاحبِ ايمان وانگر الله جي پڪڙ کان بچڻ جي تلقين ڪئي. نبين سڳورن جون حياتيون پنهنجي قوم تي، انهن حقيقتن کي واري واري پڌرو ڪرڻ ۾ گذري ويون پر اڪثر ماڻهن انهن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ ٺڏي ڇڏيو ۽ دنياوي عزت آبرو ۽ مال متاع جي حصول جو الزم مڙهيو. انهن نبين سڳورن جي دعوت ۽ سيرت تي غور ڪرڻ بدران، اهي پنهنجي طور طريقي تي هلندا رهيا. پر ڪجهه ته ان حد کي پهتا، جو هنن نبين سڳورن ۽ ايمان وارن کي قتل ڪري ڇڏيو. نبين سڳورن جي دعوت تي لبيڪ چوندڙ ڳاڻيٽي ۾ تمام ٿورڙا ئي ماڻهو هئا، پر جڏهن عذاب آيو ته الله تعاليٰ نبين سڳورن ۽ سندن پوئلڳ ايما ن وارن کي انهن کان نجات ڏياري، جيتوڻيڪ هزارين سال گذري چڪا آهن، ماڳن مڪانن، طور طريقن، تهذيبن ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ تبديليون آيو ن آهن ۽ ترقي ٿي ويئي آهي پر ڪفر وارن جو مٿي ڄاڻايل باطل سماجي نظام ساڳيو ئي آهي. اسان جي سماج جي ڪجهه حصن ۾ اهي سموريون خرابيون موجود آهن، جيڪي اڳين قومن ۾ هيون. ثمود وانگر تور ماپ ۾ جيڪي کوٽ ڪندا هئا، اسان جي معاشري ۾ ملاوت ۽ ماپ تور ۾ ڪمي عام آهي. هم جنس پرستي عام ٿي چڪي آهي. هم جنس پرست هر موقعي تي ان کي پنهنجو حق سمجهندي پنهنجو دفاع ڪن ٿا ۽ ڪنهن به لحاظ کان قوم لوط کان گهٽ ڪونهن. معاشري جا ڪيئي ماڻهو دنياوي نعمتن ۽ دولت جي موجودگيءَ جي باوجود، ناشڪرا ۽ باغياڻي طرزِ عمل ۾، سبا وارن ۽ عرم وارن کان به اڳتي وڌي ويا آهن ۽ اهل ايمان سان بدسلوڪيءَ ۾ قوم نوح ۽ سماجي انصاف جي لتاڙ ۾ قوم عاد جهڙا ٿي ويا آهن.

اهي اهڃاڻ ۽ آثار نهايت ئي خوفناڪ ۽ خطرناڪ آهن.

اسان کي ياد رکڻ گهرجي، ته سماج ڪيترين به تبديلين مان ڇو نه



لنگهي وڃي ۽ ٽيڪنالاجي ڪيڏي به ترقي ڇو نه ڪري، اخلاقي زوال جي هوندي ان جي ڪا به اهميت ناهي، اهو سڀ ڪجهه اسان کي الله تعاليٰ جي عذاب کان نٿو بچائي سگهي. قرآن پاڪ اسان کي ياد ڏياري ٿو ته:

أَوَلَمْ يَسِيرُوا فِي الْأَرْضِ فَيَنظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ ۚ كَانُوا أَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَأَثَارُوا الْأَرْضَ وَعَمَرُوهَا أَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوهَا وَجَاءَتْهُمْ رُسُلُهُم بِالْبَيِّنَاتِ ۖ فَمَا كَانَ اللَّهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلَٰكِن كَانُوا أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ **(سورة الروم:9)**

"غور (۽ فڪر جي طاقت ڪانه اٿن ته ڪم از ڪم تاريخي واقعا هن ئي دنيا ۾ ڪامراني ۽ ناڪاميءَ جا ڏسن) ڇا هي ماڻهو ڌرتيءَ تي سير سفر ڪونه ٿا ڪن؟ (سير سفر ڪندي) نٿا ڏسن ته جيڪي (بدڪار ۽ نافرمان) ماڻهو ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن، تن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي؟ اهي ماڻهو هئا به هنن کان طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ. هنن زمين کي کيڙيو ۽ آباد ڪيو ۽ جيتري قدر هنن ماڻهن ملڪ کي آباد ڪيو آهي تنهن کي گهڻو وڌيڪ هنن آباد ڪيو هو (۽ آدم شماري گهڻي وڌائي هئي) ۽ انهن ڏي به رسول چٽين نشانين سان آيا هئا (مگر هنن مٿن ويساهه نه ڪيو ۽ نافرماني ۽ ظلمن ۾ وڌندا ويا. تنهن ڪري خدا کين تباهه ڪري ڇڏيو.) ڏسو! خدا اهڙو ناهي جو هنن سان بي انصافي ڪري، پر هنن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو(جو بد عمل ڪري پاڻ تي تباهي آندائون)."

سُبْحَانَكَ لَا عِلْمَ لَنَا إِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا إِنَّكَ أَنتَ الْعَلِيمُ الْحَكِيمُ۔

"سڀ پاڪايون ۽ وڏايون تنهنجي لاءِ آهن. اسان ته فقط ايترو ڄاڻون ٿا ته جيترو تو اسان کي سيکاريو آهي. تون ئي آهين جو علم ۽ حڪمت ۾ ڪامل آهين."

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



# ڪتابيات، حاشيا ۽ حوالا

1. Max Mallowan, Nuh's Flood Reconsidered, Iraq XXVI-2, 1964, p.66.
2. Ibid.
3. Muazzez Ilmiya Cig, Kuran, Incil ve Tevrat'in Sumer'deki Kokleri (The Roots of Qura'an, Old Testament and New Testament in Sumer), 2.b., Istanbul: Kaynak, 1996.
4. Werner Keller, Und die Bibel Hat doch recht (The Bible as History; a Confirmation of the Book of Books), New York: William Morrow, 1964, pp. 24-29.
5. Max Mallowan, Nuh's Flood Reconsidered, Iraq; XXVI-2, 1964, p.70.
6. Werner Keller, Und dia Bibel hat doch rectt (The Bible as History; a confirmation of the Book of Books), New York: William Morrow, 1964, pp.23-32.
7. "Kish", Britannica Micropaedia, Volume 6, p. 893.
8. "Shuruppak", Britannica Micropaedia, volume 10, p. 772.
9. Max Mallowan, Early Dynastic Period in Mesapotamia, Cambridge Ancient History 1-2, Cambridge; 1971, p.238.
10. Joseph Campbell, Eastern Mythology, p. 129.
11. Bilim ve Utopya, July 1996, 176. Footnotep.19.
12. Everett C. Blake, Anna G. Edmonds, Biblical Sites in Trukey, Istanbul: Red-house Press, 1977, p.13.
13. Werner Keller, Und die Bibel hat doch recit (The Bible as History; a Confirmation of the Book of Books), New York: William Morrow, 1964, p. 75-76..
14. "Le Monde dela Bible", Archeologie et Histoire, Jul-Auggust 1993.
15. Werner Keller, Und die Bibel hat doch recht (The Bible as History; a Confirmation of the Book of Books), New York: William Morrow, 1964, p.76.
16. Ibid, pp.73-74.
17. Ibid, pp. 75-76.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



18. G. Ernest Wright, "Bringing Old Testament Times of Life", National Geographic, Vol. 112, December 1957, p. 833.
19. Thomas H. Maugh II, "Ubar, Fabled Lost City, Found By LA Team", The los Angeles Teimes, 5 February 1992.
20. Kamal Salibi, A History of Arbia, Caravan Books, 1980.
21. Bertram Thomas, Arabia Felix: Across the "Empty Quarter" of Arabia, New York: Schreiber's Sons 1932, p.161.
22. Charlene Crabb, "Frankinecense", Disocover, January 1993.
23. Nigel Groom Frankincense and Myrrh, Longman, 1981, p. 81.
24. Ibid., p. 72.
25. Joachim Chwaszcza, Yemen, 4PA Press, 1992.
26. Ibid.
27. Brain Doe, Southern Arabia, Thames and Hudson, 1971, p.21.
28. Ca M'Interesse, January 1993.
29. "Hier", Islam Ansiklopedisi: Islam Alemi, Tarihi, Cografya, Etnografya ve Bibliyografya Lugati, (Encyclopedia of Islam: Islamic World, History, Geography, Ethnography and Biblliography Dictionary) Vol. 5/1, p. 275.
30. Philip Hitti, A History of the Arabs, London: Macmillan, 1979, p.37.
31. "Thamuds", Britannica Micropedia, Vol. 11, p. 672.
32. Brain Doe, Southern Arabia, Thames and Hudson, 1971, pp.21-22.
33. Ernst H.Gombrich, Gencler icin Kisa Bir Dunya Tarihi, (Translated into Trukish by Ahmet Mumcu from the German Original Script, Eine Kurze Weltgeschichte Fur Junge leser, Dumont Buchverlage, Koln, 1985), Istanbul: Inkilap Publishing House, 1997, p. 25.
34. Ernst H. Gombrich, The Story of Art, London MCML, The Phaidon Press Ltd., p.42.
35. Eli Barnavi, Historical Atlas of The Jewish people, London: Hutchinson, 1992, p.4; "Egypt", Encyclopedia Judaica, Vol. 6, p. 481 and "The Exodus and Wanderings in Sinai", Vol. 8.p. 575; Le Monde de la bible, No: 83, July-August 1983, p. 50; Le Monde de Bible, No: 102, January-February 1997, pp.29-32; Edward F. Wente, The oriental Institute News and Notes, No.144, Winter 1995; Jacques Legrand, Chronicle of The World, Paris: Longman Chronicle, SA International Publishing , 1989, p.68; David Ben Gurion, A Historical Atlas Of the Jewish People, New York: Windfall Book, 1974, p. 32.
36. http://www2.plaguescape.com/a/plaguescape/
37. "Red Sea", Encyclopedia, Judacia, volume, 14, pp. 14-15.
38. David Ben-Gurion, The Jews in Their land, New York: A Windfall Book, 1974, pp. 32-33.
39. "Seba" Islam Ansiklopedisi: Islam Alemi, Tarihi, Cografya,

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ م ڀاڱي ڀائيوار



Etnografya ve Bibliyoggrafya Lugati, (Encyclopedia of Islam: Islamic World, History, Geography, Ethnography, and Bibliography Dictionary) Vol. 10, p. 268.

40. Hommel, Explorations in Bibel lands, Philadelphia: 1903, p. 739.
41. "Marib", Islam Ansiklopedisi: Isalm Alemi, Tarihi, Cografya, Etnografya ve Bibliyografya Lugati, Vol. 7,p. 323-339.
42. Mawdudi, Tefhimul Kurran, Cilt4, Istanbul: Insan Yayinlari, p.517.
43. Werner Keller, Und dia Bibel hat doch recht (The Bible as History; a Confirmation of the Book of Books), New York: William Morrow, 1956, p.207.
44. New Traveller's Guide to Yemen, p.43.
45. Musa Baran, Efes, pp.23-24.
46. L. Massignon, Opera Minora, v.III, pp. 104-108
47. At-Tabari, Tarikh-al Uman.
48. Muhammed Emin.
49. Fakhruddin ar-Razi.
50. From the commentaries of Qadi al-Baidawi, an-Nasafi, al-Jalalayn and at-Tibyan, also Elmalili, Nasuhi Bilmen.
51. Ahmet Akgunduz, Tarsus ve Tarihi ve Ashab-i-Kef. Ahmet Akgunduz,Tarsus ve tarihi ve Ashab-I kehf- (Ahmed and History and the Companions of the Cave).

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com